سک ۷ ی پیٹ
لائبر - بالعیدالله



شري مد ڀڳوت گيتا

عرف

علم لدني

(اهو علم جو آتما ڏانهن ڇڪي)



آر. ايم. هري

وينتي

رُسُ رهبر منا - عرض هيءَ آئيو،
پنهنجن پيارن تي - رکو رحم رابو.

۱- سدا ساه منهنجو - تو توکي سنڀاري،
دل ۾ آئم توڏانهن - نئنون نهاري،
ڪريو دستگيري - ڪون هستيءَ ڇڏايو.

۲- تون آهين ملڪ معنيٰ - سندو شاه سَرورُ،
مون سائين سچو تون - ۽ ساقي ڪوثر،
جذبي جوش جو جام - سڪ سان پياريو.

۳- تنهنجي آهي مُلڪن - ۾ نامداري،
تنهنجو حڪم مَلڪن - ۽ مَلائڪن ۾ جاري،
سندم روح مالڪ - جي رنگ ۾ رچايو.

۴- تون آهين پاڪ ڪامل - قدرت جو قادر،
توکان نت ٿين - سهسين ڪرامت صادر،
تون آهين وديه - مون ديهه ڪان متايو.

۵- منگي دان سب لاءِ - برهه جو بيکاري،
سدا جوش جذبي - ڪاڻ پيو تو پڪاري،
سائين لڳ پَلا پالُ - تنهن تي پَلايو.



پوڄيہ سري ڊاڪٽر روچلداس صاحب
(قطبشاهي)

آرپڻ پتر

هيءَ گيتا (علم لدني) جا خاص نموني
پوڄنيه شري ڊاڪٽر روچلداس
صاحب جنهن جي خاص
لطف سان مڪمل ٿي
شايع ٿي آهي سا
ڪين ٿي گهٽيءَ سڪ
سهت آرپڻ
ڪجي
ٿي.



پوڄنيہ سري ڊاڪٽر روچلداس صاحب
(قطبشاهي)

ارپڻ پتر

[illegible]

[illegible] ڊاڪٽر [illegible]

صاحب جن جي

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

مهاڳ

شري مد ڀڳوت گيتا

شري مد ڀڳوت گيتا، هر هڪ ٻوليءَ جي ترجمانن پنهنجي پنهنجي سمجهه ۽ ڄاڻ موجب ڇپي، وقت به وقت ظاهر ڪئي آهي. نه فقط ايترو، پر ڪيترن هن شاستر تي ٽيڪا ٽپڻ ڪئي آهي. انهيءَ ڪري شري مد ڀڳوت گيتا ساريءَ دنيا ۾ هڪ پرسڌ شاستر آهي ۽ ڪنهن به قوم کان ڳجهو نه آهي. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ به گهڻن ئي عالمن پنهنجن آزمودن موجب شري مد ڀڳوت گيتا جا ترجما ۽ ٽيڪائون وقت به وقت شايع ڪيون آهن. اميد ته هيءَ به هڪ ٽيڪا شري ڪرشن ڀڳوان جي آشيرواد سان هر هڪ پڙهندڙ جي دل ۾ ڪا نه ڪا جاءِ وٺي سمائجي ويندي. ٿوريءَ هوشياريءَ ۽ سمجهه سان پڙهڻ ڪري هر هڪ پرمارٿي، توڙي پدارٿي پار جي جيوَ لاءِ رهبر ثابت ٿي سگهي ٿي.

شري مد ڀڳوت گيتا هن طريقي ڇپائي تيار ڪرڻ جي فقط اها مراد آهي ته ثابت ڪري ڏيکارجي ته "سچ" (Truth) هر هنڌ، هر وقت ۽ هر قوم ۾ ساڳيو آهي؛ ڇو ته سچ يعني حق ڦير گهير رهت آهي. ٻوليءَ پٽاندر اکرن موجب ٻيائي ضرور ڀاسي ٿي، پر جن به فاضلن علم لدنيءَ ۾ گهڙو وڃي ڏٺو آهي، تن سڀني هيڪڙائيءَ جي ساک ڀري آهي. اسين فقط اگيانتا سبب تعصبي پائبندين ۾ ٻڌجي، هڪ ٻئي تي بي فائدي جلهه ڪري رهيا آهيون، جنهنڪري آتم آنند کي سچ پچ ته خير ڪي حاصل ڪري سگهيا آهيون ۽ ظاهري پدارٿن ۾ مبتلا رهي باطون جي علم (علم لدني- روحاني راحت- آتم آنند) کان بي خبر رهي وڃي ڏولاون ۾ پيا آهيون.

شري مد ڀڳوت گيتا کي وڌيڪ سليس ڪرڻ لاءِ هر هڪ اڌياءَ جي اڳيان نقشو پيش ڪيو ويو آهي. پڙهندڙ ڀائرين

جي سمجھ (ڄاڻ) رکڻ جو نالو يگتي (حقيقت) آھي.

ھيستائين جگياسوءَ تي ڪي نہ ڪي بنڌن منزل آھر رھندا.

۴- جڏھين خودي صفا ميٽجي وڃي ٿي، فقط برھم ٿي ثابت ٿي بيھي ٿو ۽ اندر جو آرام ۽ آنند پراپت ٿئي ٿو، تڏھين گيان حاصل ٿئي ٿو جنھنکي معرفت چئجي ٿو. ھن حد تي پھچڻ بعد گيانيءَ (عارف) تي ڪن بہ ظاھري بنڌن جي پابندي نٿي رھي. انھيءَ کي صوفي "واصل بقا" بہ چوندا آھن.

پاڻکن کي چٽيءَ طرح سمجھائڻ لاءِ ٻئي صفحي تي نقشو ڏجي ٿو، جنھن ۾ چارئي منزلون چڱيءَ طرح ڏيکاريل آھن.

نقشو مطالع ڪري پوءِ اڏياءُ پڙهڻ شروع ڪندو، ته چڱيءَ طرح اڏياءَ جو ڀاؤ هنڊائي سگهندو. نقشي ۾ صوفياني اصطلاح (برابر اکر- -Equivalent) ڏيئي ثابت ڪيو ويو آهي ته- ويدانتين ۽ صوفين ۾ ڪوبه فرق نه آهي، سواءِ ٻوليءَ جي. جو پاٺڪ آزاد خيال (Unprejudiced Mind) سان هيءُ شاستر پڙهندو، سو خوب آنند حاصل ڪري سگهندو. هت "صوفي" اکر جي سمجهاڻي ڏيڻ واجب سمجهيو ٿو وڃي، جنهن ڪري گهڻن جي دلين جو مونجهارو گم ٿي ويندو ۽ ماڻهو تعصبي خيال کان آزاد ٿي آتمڪ اُنتيءَ ۾ خوب چاهه وٺندا. "صوفي" اکر ڪنهن به ڌرم يا مذهب سان لاڳو نه آهي، جيئن عام طرح سمجهيو ويو آهي؛ پر صوفي پارسي اکر آهي ۽ صوف مان نڪتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي اوُن يا پشم. فقيراڻي يا جوڳياڻي اصطلاح جي ٻوليءَ ۾ صوفي انهيءَ کي چئجي ٿو، جو پنهنجي دل دائما نام ۾ محو رکي ٿو ۽ پنهنجيءَ مڪتيءَ لاءِ ڪنهن به دنيوي (ناسونت) پدارٿ ۾ لپٽائمان نٿو رهي. "صوفي" اکر جي ٻي معنيٰ مڪتي به آهي يعني آزادي يا رهائي. صوفي معنيٰ صاف به چوندا آهن. جيئن ڪهڙي به مذهب يا ڌرم جو هجي، پر جي منجهس مٿيان گڻ آهن ته هن کي صوفي چئي سگهجي ٿو. سيني ڪاملن الڪي پار جون، جڳياسوءَ لاءِ چار منزلون ڏيکاريون آهن.

١- ڌرم = شريعت ٢- ڪرم = طريقت ٣- يگني = حقيقت ٤- گيان = معرفت.

١- جيوُ ڀاوَ سان يعني جنهن جيو ۾ اهم ڀاؤ آهي، انهيءَ کي ڌرم (شريعت) جي پائبندين موجب ڪرم ڪرڻ لازمي آهي.

٢- پرشارٿ يعني محنت ذريعي ڪهڙي طريقي پنهنجو اهم ڀاؤ يعني خودي يا آپوڻو گم ڪري هردو (قلب) شد ڪجي، تنهنکي ڪرم (طريقت) چئجي ٿو.

٣- هردي شد (صاف قلب) سان آتما ۽ اناتما (حق ۽ باطل)

پرماتما (ذات حق) ظاهري انساني صورت اختيار ڪري، جڙ ۽ چيتن کي ظاهر ڪيو آهي ۽ پنهنجي ظاهري صورت (صفاتي) جو پاڻ ئي تماشو بڻايو آهي. اهڙيءَ لاثانيءَ شڪتيءَ کان انڄاڻ رهڻ ۽ بنا پراپت ڪرڻ جي مري وڃڻ کهڙي نه شهرت (شرم) جي ڳالهه آهي! جڏهن پرماتما اسان جيون کي عقل ۽ بدي صرف ڏني ئي ڪيس سڃاڻڻ لاءِ آهي، سو جيڪڏهين اسان پنهنجو فرض ادا نه ڪيو، يعني پنهنجي پرماتما کي نه سڃاتو ۽ اگيانتا سبب پاڻ کي فقط ديهه سمجهي اهم ڀاؤ رکيو، ته باقي اسان پنهنجي عقل ۽ بديءَ کان کهڙو ڪم ورتو؟ انهيءَ کان وڌيڪ کهڙي اگيانتا ٿي سگهي.

"جيئُ ته ڏجي جانيءَ کي - نه ته مؤت نيندو جيئُ،
عاشق تون انصاف ڪر - هؤ چڱو يا هيءُ."

جنهن صورت ۾ سڀني مذهبن ۽ شاسترن - سنتن ۽ فقيرن، آتما (ذات حق) کي لاثاني ثابت ڪيو آهي ۽ ناس رهت، سرو وياپڪ وغيره مڃيو آهي، ته پوءِ آتما جي اهڙي هجڻ ۾ اسان کي ڇو شڪ ۽ ويسارو ٿو رهي، يعني علم اَل يقين ڇو نٿو ٿئي؟ صوفين ۾ يقين ٽن نمونن جا آهن:-

١- علم اَل يقين ٢- عين اَل يقين ٣- حق اَل يقين. ويدانت ۾ انهن کي سرون، منن ۽ نديا سڻ چوندا آهن.

اسان آتما جي سڃاڻڻ کان ڇو ڀنڀي پئجي ويا آهيون ۽ آتم گيان (خود شناسي) اسان مان ڇو گم ٿي ويو آهي؟ اسان جيون کي دل وجان سان انهيءَ پار ڏانهن پرشارٿ ڪرڻ گهرجي، جيئن اسانجي اگيانتا دور ٿئي ۽ آتما جو پرڪاش اسان ۾ ظاهر ٿئي، يعني معرفت حاصل ڪريون. اهو تڏهين ٿيندو، جڏهين جگياسوءَ ۾ چاهنا (اُڪير - پريم)، ويساهه ۽ محڪم خيال پيدا ٿيندو. انهيءَ کانسواءِ گيان هٿ ڪرڻ ناممڪن آهي. "ڀڳتيءَ بن ڀڳوان - ڪڏهن ملي ڪيڏڪي."

عام طرح "ڀڳتي" اَکر جي معنيٰ گهٽ ڪري غلط سمجهي

يوڳ = منزلون

- ڌرم (شريعت)
  - برهمچاري = جگياسو (طالب حق)
- ڪرم (طريقت)
  - پرشارٿ = ڀڳتي - وسيلو (اختيار)
    - ڀڳتي -- پريم -- عشق (علم توحيد)
- ڀڳتي (حقيقت)
  - سنياسي = تياڳي تارڪ (جبر)
    - سنياس هر شيء جو ترڪ
- گيان (معرفت)
  - يوگي (واصل)
    - يوڳ (واصل بقا) تسليم مساوات.

- ستو اتم -- اوچو (اعليٰ)
  - بدي ءَ وس (پابند عقل)
    - ترپتي گياتا -- گيان -- گيير (علم ثلاث)
- رجو وچولو (اوسط)
  - من وس (پابند دل)
    - خوف ۽ اميد ڊپ ۽ آسرو (بيم وُ رجا)
- تمو گهٽ (آدني)
  - ڪرم وس (پابند حواس)
    - ڪرتويه (عمل)

۽ مون شمع ڏٺو آهي، پر جيسين شمع ۾ ويو نه آهي، تيسين ڪيئن ڪهڙي خبر ته شمع ڪهڙي وست آهي؟ آهڙا خيال آخر ۾ هدا ڪنهن حاصلات جي جيءَ کي ناس ۽ نابود ڪندا. تنهنڪري، سچي جگياسوءَ (طالب صادق) لاءِ لازمي آهي ته مڙس ٿي هن پار ڏانهن قدم کڻي ۽ هڪ وک به پٺتي نه هٽي.

"پتنگن پهه ڪيو - مڙيا متي مچ،
پسي لهس نه، لڇيا - سڙيا متي سچ،
سندا ڳچين ڳچ - ويچارن وڃائيا."

(شاهه صاحب)

هيءَ ترگڻي مايا جا انسان اکين دواران ڏسي پسي رهيو آهي يا جدا جدا شبد (آواز) ڪنن دواران ٻڌي رهيو آهي، اهو ڇا آهي يعني ڪهڙو طلسم آهي؟ ڪيئن تو ڏسجي ۽ ڪيئن تو شبد ٻڌجي، ڪير تو ڳالهائي ۽ ڪير تو ڏسي وغيره. پيد جاڻط وارا گياني ۽ عاشق حقيقي انهيءَ ڳجهه تان پردو متي ڪري راز کي سمجهن ٿا، ته هيءَ ترگڻي مايا آتما جو هڪ جزو آهي. جيئن سڀني مذهبن جي شاسترن جا وچن آستوليا ۽ سوکيمتا جي باري ۾ ساڳيائي آهن ۽ سڀ انهيءَ هڪ پرماتما جي ساراهه ڪندا، تيئن ٿي هر مذهب جا فقير انهيءَ هڪ آتما (ذات) جي ساراهه ڪن ٿا. ست پرشن جا وچن، پرماتما جا وچن آهن ۽ فقيرن جون هدايتون، الله جون هدايتون آهن ۽ سندن وچن ۽ شاسترن جي وچنن ۾ ڪو به فرق نه آهي؛ نه فقط ايترو، پر جڳط خود پرماتما آهڙن انسانن جي مک مان ڳالهائي رهيو آهي ۽ پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو آهي. انهيءَ راز کي سياڻا سمجهي سگهندا. اهنڪاري جيءَ پدهنجي مند ٻڌيءَ ڪري ٿوري عقل هئڻ سبب هن راز کي مور نه سمجهي سگهندا.

"زال دليل نه ليسين دلبر - عقل نه ليسين اوڏهين رهبر."

(بيدل)

ويندي آهي. شاستر پڙهي قابل ٿيڻ کا ڀڳتي نہ آهي، يا
وات سان ڀڳوان جو نالو جپڻ کا ڀڳتي نہ آهي، يا پاڻ پلڪ
پاسيرو ٿي ڀڳوان جو سمرڻ ڪرڻ کا ڀڳتي نہ چئي سگهجي.
ڀڳتي انهيءَ کي چئي سگهجي آهي جنهن ۾ ٽيئي ارڪان
يعني چاهنا -- اڪير -- پريم -- ويساهہ ۽ محڪم خيال هوندا،
جنهنکي صوفي عشق حقيقي چوندا. ڀڳتي مثل پتنگ جي آهي.
شمع جي جاڻ پيئي، نہ ڏون پاروڇا مچ ۾. ثابت مونڻ جن
جو مثال. عام طرح ڀڳتي مثل شتنگ جي سمجهي ويئي آهي،
جو پاڻ جلائڻ کانسواء شمع جي چوگرد پيو ڦيرا پائيندو ۽
پاڻ بچائيندو رهندو. اهڙن جگياسن کي سڌڙيءَ جي نالي
سان ٿي سڏي سگهبو. اهڙن کي ڀڳتيءَ (عشق حقيقي) جو
ڪهڙو قدر.

سڌڙيا شراب جـــون -- ڪوهہ پچارون ڪـن،
جڏهن ڪاس ڪلال ڪييا -- مونيا پــوء وڃن،
پڪون ســــي پيئن -- ســـر جنين جا ست ۾.
(شاه صاحب)

—○—

پتنگ چرائين پاڻ کي -- تـہ پسي مچ ۾ موت،
سهائـــي سپيريان جي -- گهر تـــہ ٿئين گهوٽ،
اچان لـــون اروٽ -- جو ڪوُڙي خبر نا لهين.
(شاه صاحب)

ڀڳتيءَ ۾ ڪوه سوچ ويچار، يا اميد ۽ خوف ڪونہ رهندو
۽ پنهنجي هستي گم ڪرڻ ۾ ويرم ٿي نہ لڳندي. جڏهين
جگياسو اهڙيءَ حد تي رسي ٿــو، تڏهين ڪيس آتما جو
ساڪياتڪار (وصال يار) ٿئي ٿو؛ پر جو جگياسو جگتر جي
لالچن ۾ ڦاسي پنهنجو آپو يعني هستي قائم رکندو ۽ چوندو
تہ آتما جو ساڪياتڪار ڪندس، سو مثل شتنگ جي آهي،
جو شمع (آتما) جي چوگرد پيو ڦيريون پائيندو ۽ شور ڪندو

مان ڦٽي نڪرن ٿا. آتم گيان ڪانسواءِ هن سنسار سمنڊ کان پار پوڻ مشڪل آهي، تنهنڪري انسان کي آتم گيان جي ٿِي کوج ڪرڻ لازمي آهي.

جگياسوءَ (طالب حق) کي پنهنجي دل ۾ سدائين اهو ويچار ڪرڻ کپي ته حياتي ڪهڙي چيز آهي، هيءَ منش ديهي ڪيئن پيدا ٿي ۽ ڇاڪاڻ ملي آهي، هن جسم جو آتما سان ڪهڙو سنبنڌ آهي ۽ هيءَ ديهه ڪيستائين رهي سگهي ٿي ۽ آخرت ڪهڙي اٿس.

”ڇڏ وسارو ياد رک - تون ذات پنهنجي دم ۽ دم،
سڀ آهين سلطان تون- ڪل شيءِ ٿي آهه تنهنجو قدم،
ڪير آهين ڪنهنکي تو ڳولين- ڇو تو پنهنجو پاڻکي رولين،
خبر لهه خاصي خيال جي-- هر حاج آهه تو ۾ هضم.“

هن دنيا ۾ منش ديهي انهيءَ لاءِ نه ملي آهي ته جانورن وانگر پنهنجي سرير جي گهرجن جي فقط پورائي ڪندا هلون، باقي آخرت جو ڪجهه به ويچار نه ڪريون ۽ ساري ڄمار اڪيارٿي وڃائي هيءُ پنج تتو سرير ڦٽو ڪري ڇڏيون. شاسترن ۽ مهاتمائن جا وچن هن ڳالهه بابت گهڻا ڪي چيل آهن ۽ وقت به وقت پيءِ دهرايو اٿن ته هيءُ منش جنم ڏاڍو دُرلڀ آهي، کي سڃايو ڪري وٺو؛ پر افسوس! انهيءَ ڳالهه ڏانهن ڪو به ڌيان ڪونه ٿو ڏئي. بنا شوق ۽ محڪم ارادت جي هي سوال حل ٿي نه سگهندو. چلولو خيال بدگماني ۽ ڪم عقلي انسان کي آتما جي پاسي وڃڻ نٿي ڏئي ۽ دنيوي چاهه ۽ چسڪا کيس سوگهو جهلي سچ جي راهه کان محروم رکن ٿا.

”پاڻ پنهنجو پاڻ ۾- جنهن پسيو نا پيهي،
پريان سندي پار جي- ڪل تنين ڪيهي،
وهامي ويئي- چپ چئيندي راتڙي.“

هن سمي جڳين ته ماڻهن جا خيال گهڻيءَ پڪيڙ ۾ اچي ويا

گيانين جي ٻڌي پرماتما تائين پهچي سگهي ٿي، ڇو ته هو اَهنڪار رهت آهن ۽ آتما ۾ مڪو رهن ٿا. خود شاستر ۽ ويد انهن جو اُنيٺي علم آهي. اَصل ته ويدن وارو گيان سمت پرش پنهنجن ششن (طالبن) کي زباني ٻڌائيندا هئا، جي پڻ پنهنجن پوين کي زباني ٻڌائيندا رهيا. جيئن وقت ويو گذرندو ۽ ماڻهن جي ٻڌي ملين ٿيندي ويئي، ته سمت پرشن کي سارو راز لکڻو پيو، جي هن وقت ويد ۽ شاستر تي مچيا وڃن ٿا؛ جن شاسترن کي پڻ اڄ ڪلهه جا لوڪ جنجي ٻڌي وڌيڪ ملين ٿي ويئي آهي، سمجهي نه سگهندا. اڳئين زماني جي ماڻهن ۽ هن زماني جي ماڻهن جي خيالات ۽ رهڻيءَ ۾ گهڻو فرق آهي. اڳئين زماني جي ماڻهن جا خيال گهٽ پکڙيل هوندا هئا ۽ ساديءَ رهڻيءَ وارا هئا. جيڪي کين محنت ۽ پرالبڌ انوسار ملندو هو تنهن ۾ راضي رهندڙ هئا؛ جنهنڪري کين جو وقت باقي بچندو هو، سو پنهنجي آتمڪ اُنتيءَ ۾ شوق سان وتيت ڪندا هئا. اُنهيءَ ڪري تيز فهم ۽ نرمل ٻڌيءَ وارا ۽ وڌيڪ سچيار هئا. اڄ ڪلهه جي زماني جي ماڻهن جا خيال گهڻيءَ پکيڙ ۾ اچي ويا آهن. سندن گهرجون حد کان وڌيڪ هئڻ سبب اُنهن جي پورائي ڪرڻ لاءِ کين وڌيڪ پاڻ پتوڙڻو ٿو پوي، جنهنڪري وقت گهٽ ملڻ ڪري کين علم لدني ذاتي مشڪلات سان نصيب ٿو ٿئي. هن وقت اصلوڪو قلم بند علم زماني جي گردش ڪري گهڻي ڀاڱي گم ٿي ويو آهي ۽ جو ڪجهه باقي آهي، سو به جڻ اَچي گم ٿيڻ تي بيٺو آهي. ويدن آتم گيان کي "پرا" چيو آهي، جنهنکي صوفي "علم ڪبير" چون ٿا ۽ ظاهري علم کي "اَپرا" چون ٿا، جنهنکي صوفي "علم صغير" جي نالي سان سڏين ٿا. ظاهري علم هميشه ڦرندڙ گهرندڙ ۽ سمي ڀائي ناس ٿي ويندڙ آهي. آتم گيان بي عيب ۽ هميشه سَت، ڦير گهير رهت ۽ اَبناسي آهي، ڇو ته سيم قائم آهي. پيا سڀ ظاهري علم آتم گيان

سوکيمتا جا ڳجهه سمجهڻ ناممڪن آهن. انهيءَ ڪري ئي چوندا آهن:-

"ڳالهين گهر ڪار يا - چشڪن پـڳـا هڏ،
سا ڪيئن سٽندي سڏ - اَديون آر يڻن جا."

شخصي اَنڀو (Practical Experience) ڪن خاص ڪي نو نصيب ٿئي، جي ئي سچو رهبر بڻجي سگهن ٿا؛ باقي نه عقل اَنوسار هرڪو پنهنجي معنيٰ ڪيندو وتي ۽ گمراهه ٿيو پيو ڦري.

(٣) اَج ڪالهه سڀ ماڻهو مايا ۽ روزگار جي پنيان بيحال ٿيو پيا ڦرن ۽ ڪنهنکي به آتم اُنتيءَ جو خير ڪي اونو آهي جو ڪٿي اَلک جي پار ڏانهن وک وڌائي. ڪنهن ڪان به ڪشت سهڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. هرڪو پيو دنيوي سک ۽ سهنج ڳولي، جنهن مان اَڳي پوءِ ڪي به هٿ حاصل ٿيڻو نه آهي.

(۴) اَڳئين سمي ۾ جڏهين به ڪي جڳياسو ڪٿي پاڻ ۾ گڏجندا هئا، ته پنهنجا مسئلا (Difficulties) هڪ ٻئي کي ٻڌائي حل (Solve) ڪرائيندا هئا؛ پر اَج ڪالهه سڀڪو پنهنجي ڳالهه مٿي ڪرڻ ۾ مشغول آهي. سکڻ لاءِ ڪو تيار ڪونه آهي، پر سيکارڻ لاءِ هرڪو تيار آهي. اَهڙن جيون جي صلاح ڪهڙي ڪارگر ٿي سگهندي!

"لطف مئه - تُو ڪيا جاني واعظ،
اَڙي صاحب - تُو ني تو پي هي نهي."

(٥) ڪلجڳي سمي ۾ نوان نوان طريقا جاري ٿي رهيا آهن، جنجي ڪري جڳياسو هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندا رهن ٿا ۽ ڪٿي ٺهر نٿا پائين، جو ڪٿي آتم گيان جي طرف واڌارو ڪن.

"مذهبن ملڪ ۾ - ماڻهو منجهايا،
شيخيءَ پيريءَ بزرگيءَ - بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نٿڙي پڙهن- ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا - عقل وارا عشق کي. (سچل)

آهن ۽ ويدن کي سمجهڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي ۽ انهيءَ سبب ڪري ماڻهن ۾ ويساھ جي ڪوتاهي وڌي ويئي آهي، تنهنڪري سندن نظر آخرت تي مشڪل ٿي پئجي سگهي؛ پر آتم گيان کي اها طاقت آهي، جو جگياسوءَ کي جلد به جلد غفلت کان ٻاهر ڪڍي، سچ جي ڄاڻ ڏيئي اگيانتا دور ڪريٿو.

هن زماني جا انسان اهڙيءَ ته اگيانتا جي ننڊ ۾ ستا پيا آهن، جو ڪڏهنڪي به پنهنجي آخرت جو خير ڪي اونو رهيٿو؛ ٻاقي پرائي تات ۾ وقت وڃائي پنهنجي ٻي بها دمن روپي جواهرات وثرت وڃائي رهيا آهن. ماڻهن اهو سمو ويجهو اچي رهيو آهي، جڏهين پنهنجي وڃايل ملڪيت جو ڏک محسوس ڪندا ۽ سڪڻا هٿ مهٽيندا؛ جنهن بعد منجهن سچ جي کوج جو شوق پيدا ٿيندو. افسوس اهو آهي جو آتم گيان، جو اسان جو موروثي حق آهي، تنهنڪي حاصل ڪرڻ ۾ ملڪ جي حالتن موجب ڪافي مشڪلاتون درپيش اينديون، جو اهڙا مهاتمائون اڄ ڪالھ جي زماني ۾ ڪي جزوي وڃي رهيا آهن، جي طالبن کي پنهنجي منزل مقصود تي رسائين، اهڙين حالتن هيٺ جگياسن کي گهڻن ئي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو. جهڙوڪ:-

(۱) اڄ ڪالھ جي زماني ۾ اصلوڪيون ٻوليون جن ۾ مهاتمائن ۽ فقيرن پنهنجا راز لکيا، سي سمجھ کان ٻاهر آهن.

(۲) اڄ ڪالھ جيڪي سمجهائڻ وارا بچيا آهن، سي خود سوکيمتا جون ڳالهيون خير ڪي سمجهن ٿا. اگين ته جهد ڪري، اندر ۾ انيڙ ڪري، پنهنجن طالبن کي سليس نموني وقت به وقت پئي، هدايتون ڪيون ۽ اڄ ڪالھ فقط ڪتابي علم تي ياڙيو پيو وڃي، پوءِ ڪو صحيح سمجهي ته ڪو غلط. آتم گيان جون سوکيم ڳالهيون سمجهڻ لاءِ تيزفهمي ۽ جهد جفائن، محنتن ۽ رهڻيءَ جي سخت ضرورت آهي؛ ٻيءَ صورت ۾

ٻرٿوي منڊل تي آيو، جنھن ويدن جي ڳجھن کي کولي، سھڻن ۽ سولن اکرن ۾ ظاھر ڪري، ارجن کي سمجھايو، جي راز مھا مني ويد وياس جن مھاڀارت شاستر ۾ پڌرا ڪيا، جنھن مان شري مد ڀڳوت گيتا ڇڻي تيار ڪئي، جنھنڪري جگياسن لاءِ آتم گيان جو طريقو آسان ٺھجي پيو آھي.

شري مد ڀڳوت گيتا سڀني ويدن ۽ ڌرمن جو سار (تت يا عطر) آھي، جنھن ويدن جي سڀني ڳجھن ۽ اڪل رازن (جنھنڪي اڄ ڪالھہ سمجھڻ مشڪل آھي) کي سھڻي ۽ سليس نموني پڌرو ڪيو آھي؛ فقط سمجھدار ۽ ھوشيار جگياسو سو ھجي ۽ شوق ۽ شردا سان گيتا گيان کي سمجھڻ جي ڪري.

شري ڪرشن ڀڳوان جيڪو ارجن کي گيان (گيتا ۾) ڏنو آھي تنھن ۾ ڪنھن بہ قسم جو خوف يا اميد (ڊپ يا آسرو) ڪونہ ڏنو اٿس. ڪيس فقط پاڻ سڃاڻڻ (خودشناسي) يعني آتم گيان (علم توحيد) جو ٻوڌ ڏنو اٿس، تنھن ۾ ڊپ يا آسري جو سوال ئي نٿو اٿي، جيئن ڪن صاحبن گيتا کي سمجھيو آھي.

"علم حق در علم صوفي گم شود،
اين سخن کہ باوري مردم شود."
"صوفي ڏوھہ نسورو - عبادت عامن،
خبر نہ خامن - پڄڻ جي پروڙ جي." (بدل)

دئيت ڀاءُ يعني ٻيائي ڌارڻ وارا گيتا گيان کي خبر ڪي سمجھي سگھندا، يعني جيسين انسان ھيڪڙائيءَ واري نظر نہ ڌاريندو، تيسين ڪيس گيتا گيان جو پراپت نہ ٿي سگھندو. ھن سمي گھڻو ڪري ڏٺو ويو آھي تہ انسان ڊپ ۽ آسري ۽ تعصبي خيالن ۾ جڪڙيا پيا آھن، تنھنڪري آتم گيان صحيح نموني نہ پاڻ حاصل ڪري سگھن ٿا ۽ نہ ٻين کي ڏيڻ جي سمرٿي رکن ٿا ۽ نہ وري ٻين جي شڪن (سنديھہ - گمان)

انھيءَ ڪري ميل ميلاپ ۽ سڪ سھڪار گھٽجندو وڃي ٿو ۽ اَگيانتا ملڪ ۾ وڌندي وڃي ٿي. اُھڙين حالتن کي مد نظر رکي سڀني جگياسن لاءِ ھيءُ ڪوبہ علاج خيال ۾ نٿو اچي، سواءِ شري مد ڀڳوت گيتا جو چڱيءَ طرح اڀياس. شري مد ڀڳوت گيتا ۾ ھر ڪا ڳالھہ چڱيءَ ريت سمجھائي ويئي آھي، جنھن موجب جيڪڏھين جگياسو رھڻي رکي اڀياس ۾ تتپر رھندو، تہ سمي پائي ڪيس آتم گيان (علم خود شناسي) پراپت ٿيندو.

شري مد ڀڳوت گيتا ۾ گھڻي ئي اڀياس ڪرڻ جا طريقا ڏيکاريل آھن، پر انھن سڀني ۾ شري ڪرشن ڀڳوان پراڻن کي روڪڻ واري اڀياس کي وڏيڪ شرف ڏنو آھي، جنھنکي صوفي دم حبس ڪري چون ٿا. دم حبس جو صوفين ۾ ڏاڍو ڪي قدر آھي. انھيءَ اڀياس جي طريقي جگياسو جلد ہ جلد من تي ضابطو رکي سڦلتا کي رسي ٿو ۽ اندر جو آنند ماڻي ٿو. انھيءَ طريقي کي ويدانت ۾ سرت سادنا ہ چوندا آھن. اِھو آنند جگياسوءَ کي تيسين ايندو رھيٿو، جيسين اڀياس ۾ لڳو رھيٿو. آتم گيان جا پند اُچا ۽ اَڳيرا آھن، جي سخت اڀياس بعد سينہ ہ سيني پنھنجي رھبر کان معلوم ٿيندا رھن ٿا. جيسين جيءُ ۾ اُھڙي اڀياس جي عادت قائم ٿئي، تيسين جگياسو آتما کي ست ۽ دنيا کي اَست سمجھندو رھي ۽ انھيءَ تي محڪم رھڻ جو دل وُ جان سان اڀياس ڪندو رھي.

سيني ڌرمن ۾ آتم گيان (علم توحيد) سڀ کان اوچو علم مڃيو ويو آھي ۽ جي جگياسو (طالب) آتم گيان جا ماھر ٿيا آھن، تن سيني جا لکيل ڪتاب ساڳي ساک ڏيئي رھيا آھن.

دنيا جي اُٿل پٿل ۽ ڦير گھير سبب اَگيانتا جو ڪڪر جڏھين گيان روپي سورج کي ڍڪي ڇڏيندو آھي، تڏھين ان وقت ڪنھن نہ ڪنھن قدرتي ڪارڻ ھٺجڻ ڪري گيان روپي سورج وري پرڪاشوان ٿي اِنسانن جي اَگيانتا روپي اونداھہ دور ڪندو آھي. اُھڙي سمي شري ڪرشن ڀڳوان

ڪن عالمن جو رايو آهي ته شري مد ڀڳوت گيتا جا ڪي اَڌياءَ ڪرم مارگ، ڪي اَڌياءَ ڀڳتيءَ يعني اُپاسنا ۽ ڪي اَڌياءَ گيان بابت چيل آهن. ائين هجي به، ڇو ته جگياسو جهڙي جهڙي پد جو هوندو، تنهن کي ان موجب گيتا ۾ هدايتون ڏسڻ ۾ اينديون ۽ پر جي ڌيان سان گيتا جو اڀياس ڪبو ته ٻئي اَڌياءَ (سانکيه يوگ) کان وٺي شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي پڇاڙيءَ تائين سوال جواب جي صورت ۾ گيان ئي گيان سلسلي وار سمجهايو آهي.

”اوم“ اکر اسانجي سڀني ويدن ۽ شاسترن، مهاواڪ (اسم اعظم) ۽ ٻيج منتر (پرميشور سروپ) ڪري مڃيو آهي ۽ شري مد ڀڳوت گيتا جي اٺين اَڌياءَ جي تيرهين شلوڪ ۾ شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي مختصر ٻڌائي ٿو، ته ”اوم“ جو ڪهڙي نموني جگياسو اڀياس ڪري آتم گيان پرائڻ ٿئي. پنڌرهين اَڌياءَ ۾ انهيءَ راز کي شري ڪرشن ڀڳوان چڱيءَ طرح کوليو آهي.

شري مد ڀڳوت گيتا ۾ شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي ٽي مکيه ڳالهيون چيون آهن:—

(١) ٻيج منتر يعني گرو منتر، جو جگياسوءَ کي اوندهيءَ مان ڪڍي روشنائيءَ (اگيانتا مان گيان) ۾ آڻي ٿو. يعني مٿيا سنسار کان آزاد ڪري ست آتما ڏانهن ڇڪي ٿو.

جهڙيءَ طرح ٻج ۾ سارو وڻ، پاڙ، ٽڙ، ٽاريون، پن ۽ ڦل ڦول سمايا پيا آهن ۽ پوکڻ بعد سمي پائي مٿيون سڀ شيون اُن ٻج مان ڦٽي ظاهر ٿين ٿيون، تهڙيءَ ريت منتر به آهي. ستگورو جڏهن منتر روپي ٻج جگياسوءَ ۾ وجهي ٿو ۽ جگياسو سچائيءَ ۽ صدق سان انهيءَ ٻج جي سنڀال ڪري وڌائي ٿو، ته کيس سڀ پراپت ٿئي ٿو ۽ موه ممتا کان آزاد ٿي آتما جو ساکياتڪار ڪري ترپت رهي ٿو.

دور ڪرڻ جي طاقت آهن. گيتا ۾ جو آتم گيان ورنن ڪيل آهي، تنهن جي سمجهڻ لاءِ ڪافي ڏيان ۽ سمجهه جي درڪار آهي. گيتا گيان يعني علم توحيد اهو سمجهڻ جي قابل آهي، جو جگياسو ابياس (محنت) جي طريقي کان چڱيءَ طرح واقف آهي. فقط ڳالهين (بحث - واد وواد) ڪرڻ سان آتم گيان پراپت مور نه ٿي سگهندو؛ جئن سامي صاحب فرمايو آهي!—

”ويدن جو وکيان - سروتن ڪيو سمجهه ري،
نيشٽن ويد وچاري ري - تاريو پنهنجو پاڻ،
ڪو سروتي نيشٽي سنتجن - سرو انگن ساڻ،
ڪوٽن جو ڪلياڻ - تنهن سامي ڪيو شڪت سان.“

هن راهه ۾ جيڪي جگياسو هلن ٿا، سي پنهنجي پنهنجي سمجهه ۽ استٿيءَ انوسار اظهار ڪن ٿا، پر ڪاملن جي بيان سان پيٽي ڏنو ويو آهي ته اهو سچ جي ورت آهي؛ ڇو ته ٻول پانڌيڙو يعني جگياسو بيائيءَ جي گهر ۾ بيٺل آهن ۽ هيڪڙائيءَ جي موج نه ماڻي اٿن.

”وحدت جا ويساهي، ماڻن موج الاهي.“ (بيدل)

جيسين جگياسو هيڪڙائيءَ ۾ نه آيو آهي، تيسين سندس آتما جي شاهدي بي اثرائتي آهي.

اسان جي ديس جا صوفي درويش جهڙوڪ شاهه ڀٽائي، سچل سرمست، سائين بيدل ۽ بيڪس (روهڙي)، سائين دلپترام، سائين قطب علي شاهه (حيدرآباد) شاهه عنايت (جهوڪ)، سوامي ڏرمداس (لاڙڪاڻو)، سامي صاحب ۽ ٻيا سنت سڀ ساڳئي وڻ (آتم گيان) جون شاخون، ٻور ۽ ميوو آهن، جو شري مد ڀڳوت گيتا ۾ پوکيل آهي؛ جن هيڪڙائي حاصل ڪري آتم گيان (علم توحيد) جي مهراڻ ۾ محو ٿي سچ جي ساک ڏني آهي.

”ڪري سينگار صورت جو - اچي سڀ ۾ سمايا سي،
صفت ۾ پنهنجي رائي - سوين نالا سڏايا سي.“
(بيدل)

اڀياس جي لوڙ آهي. شوق ۽ اڀياس ڪانسواءِ آتم (خودي) تتو وڃي. اڀياس به جگياسوءَ لاءِ هڪ وسيلو (طريقو) آهي جو پنهنجو سر تتو پراپت ٿئي. انهيءَ لاءِ پورن ستگوروءَ جي ضرورت آهي، جنهن کان آپي وچائڻ جو طريقو هٿ ڪري وڃي محنت ڪرڻي ٿي پوي؛ اُنهن طريقن مان هڪ طريقو پراڻن جو آهي جنهن تي سيني گهڻو زور ڏنو آهي. پراڻن کي پراڻايام جي قاعدي سان هلائي (Regulate) استر ڪرڻو آهي. ويدانت انهيءَ کي پران ۽ اپان چون ٿا؛ صوفي نفس بالا ۽ نفس پائين چون ٿا. پراڻن جي محنت کي سيني شاسترن ۽ ڌرمن ساراهيو آهي. جپ، تپ، ڪرم ۽ اپناسا (ڀڳتي يعني عشق حقيقي) ڌيان ۽ سانکيه يعني خيال جون محنتون، جگياسوءَ جي پراڻن (دم) جي استرتا تي مدار رکن ٿيون. پراڻن کي استر ڪرڻ سان حيرت انگيز ڳالهيون پراپت ٿين ٿيون، جي جگياسوءَ کي آنند (قرار) بخشين ٿيون. جڏهن جگياسو دل وجان (صدق ۽ ارادت) سان پاڻ ستگوروءَ جي حوالي ڪري ٿو، تڏهن هُو کيس بيون محنتون جهڙوڪ سرت سادنا، اجپا جاپ، ترڪٽي ڌيان، سرت سماڌي وغيره ڏسين ٿا؛ جن محنتن جي ذريعي جگياسو ڪماليت کي رسي ٿو. اهي ڳالهيون بلڪل سوکيم آهن، جنهن ڪري ديهه ڌاري پورن ستگوروءَ ڪانسواءِ جگياسو ڪتابن ذريعي حاصل ڪري نه سگهندو.

(٣) تتو گيان (معرفت)- جڏهن جگياسو گورو منتر (بيج منتر- اِسم اَعظم) جو هدايتن موجب اڀياس ڪري پنهنجي اَندر مان اَگيانتا دور ڪري ٿو، تڏهن منجهس شڪتيون پيدا ٿين ٿيون انهيءَ وقت جگياسو وهمن ۽ وسوسن کان آزاد ٿئي ٿو يعني عين اَل يقين بر اچي ٿو ۽ آتما (ذات حق) بر مخمور هيٺو.

اڀياس يعني مشقون

سرگڻي = صفاتي   نرگڻي = ذاتي   ڌيان = تصور

جاپ = ذڪر   سمرڻ = فڪر

”وجود ٿيون تــي ۽ وسارو - تڏهن ٿيئي سير سلطاني،
اوڪي عثمان هيءَ بازي - ڪٽڻ تا گــوءِ ڪي غازي،
رضا ۾ جي رهن راضي - هٽڻ ٿــا نينهن جو نعرو -
تني کي آهه آساني.“

(٢) شرناگتي - مٿي چيل آهي تہ گرو منتر ۾ سارو گيان سمايو پيو آهي؛ جگياسو جڏهن پنهنجي ستگوروءَ کي دل وجان سان پاڻ ارپي ٿو، يعني پنهنجو آپو (هستي) گم ڪري ٿو، تڏهن شيوا، نمرتا ۽ گيان وغيره منجهس پيدا ٿين ٿا. آپي ۽ خوديءَ ڪري جڏهن ارجن پنهنجي اسمرٿي ڏيکاري تہ سري ڪرشن ڀڳوان کيس چيو، هي ارجن! تون سڀ ڪجهہ ڇڏي منهنجي شرڻ ۾ اچ، يعني سڀ سنسا ڇڏي (سنسا وغيره چت جي ڪري پيدا ٿين ٿيندا آهن) نس ڦرني ۽ اچت ٿي؛ مون ۾ پورن وشواس رکي منهنجي ڇانئيءَ ۾ اچ ۽ جيڪي توکي چوان، سو بنا گمان (سنديہ) انگيڪار ڪري صدق ۽ فرمانبرداريءَ ۾ رهہ، تہ ڪلياڻ کي پراپت ٿين. جيسين انسان حيات آهي، تيسين سندس من ۽ اندريون پنهنجو پنهنجو ڪم ڪنديون رهنديون. اها قدرت جي نيت (قانون) آهي ۽ ڪرم تڏهن ٿيندو، جڏهن اهمڀاو قائم آهي. هي ارجن، جيسين اهمڀاو گم نہ ٿيو آهي، تيسين پنهنجو ڪلياڻ نہ پائيندين. آپو ۽ خودي وڃائڻ ئي شرڻ ۾ اچڻ آهي. هي ارجن، جڏهن اهنڪار (خودي، هستي) مٽجي وڃي ٿو، تڏهن باقي جو ڪجهہ رهي ٿو، سو آتما (ست) آهي.

”برهہ بيداري ڪئي -- آواز انا الحق ٿيو اظهار
سي شيءِ ڏٺاسون پاڻ ۾ -- جيڪي الاهي اطوار،
عشق آڻيو آر ۾ -- بيخود ڪري ٿو بيخبر،
ڪوڙين منجهارون ڪو اچي - گوءِ ڪٽي غازي غبار.“

اهنڪار جي دور ڪرڻ لاءِ هي ارجن، ڏاڍي جاکوڙ يعني

نِرنتر سُمري اُهيس خالق - آپ گنواءِ رهي بي تعلق.
گهٽ گهٽ جاني ايڪو مالڪ - دلپت سو صوفي سچا سالڪ.
صوفي صاف ڪهجي سوءِ - مت مذهب ڏري نه ڪوءِ.
سڀ گهٽ ديکي ايڪو برهم - درشٽان ڪؤن جاڻي ڀرم.
برهما آد چيٽي پرينت - سڀهين ڀيکي ايڪو ڀڳونت.
شترو متر اِڪ سم جاني - سڀڪي ڀيتر آپ پڇاني.
انتر باهر صاف رهي - اهم برهم اسمي ڪهي.
ويد وڌ سنياسي صوفي - سڪي نه جاڻ تسڪون ڪو ڪوفي.
مرگه جل جيون جڳ ڪون جاني - درشٽان مايا منهه جاني.
آس نراس لي رهي نِر آسا - نظر تسڪي سڀ آڪاشا.
راؤ رنڪ تس ايڪ سمان - اوچ نيچ ڪا تس ناهين گيان.
نندي وندي ڪسهون ناهين - ايڪو ديکي سڀ گهٽ ماهين.
باپ پنج لي رهي پري - اڪرم تس ڪٿا ڪري.
تين لوڪ لي هوءِ بي تعلق - آپ نه ديکي ڀن اِڪ خالق.
سڀ گهٽ ايڪو آتم جاني - ڀکيه پاکنڊ ڪون مور نه ماني.
نا ڪوئي ويري نا ڪوئي ميت - جيت لِٿا هيءِ جن اپنا چيت.
سک ڏک ٻه رهي سمان - جئسا مان تئسا اپمان.
ڀلا ڪهي ڪو ٻرا ڪهي - سختي سستي سر لي سهي.
ڪبهون جاڳي ڪبهون سووي - ڪبهون هسي ڪبهون رووي.
ڪرم ڪرت هين هوءِ نهڪرم - سڪي نه جاڻ مورک تس مرم.
مايا موه لي سدا فرق - تين لوڪ ڪون ڪيا هيءِ ترڪ.
الت جڳت لي هوءِ اداس - پنرو غفا ٻه ڪيا نواس.
هولي اڻ هولي هووي راضي - تين لوڪ ڪون جانت بازي.

ويدانت ۽ صوفين ٻنهي ۾ ابياس جا ٻه طريقا آهن: هڪ سرگڻي يعني صفاتي ۽ ٻيو نرگڻي يعني ذاتي. جگياسوءَ جي خيالي استتي يعني ٻيهڪ جاچي ڪيس ستگورو ابياس جو طريقو ڏسيندا آهن. جاپ جنهن کي ذڪر چون ٿا، سو پڻ جگياسوءَ جي خيالي استتيءَ تي مدار رکي ٿو. جاپ (ذڪر)، سرت يعني فڪر سان گڏ ڪمائڻ تي ويدانتي چاهي صوفي ٻئي زور ڏين ٿا. ڪاملن جو اهو آزمودو رهيو آهي ته جاپ، سرت ٻنا نشقل آهي؛ يعني ذڪر، ٻنا فڪر جي ڪا به معنيٰ نٿو رکي. ڪن جگياسن کي ڌيان سرگڻي (تصور صفاتي) ۽ ڪن کي نرگڻي يعني ذاتي ڏسيو ويندو آهي. سري ڪرشن ڀگوان گيتا ۾ ٻنهي طريقن جو چڱيءَ پر بيان ڪيو آهي ۽ ارجن کي هدايت ڪئي آهي ته جيڪو طريقو توکي انڪول لڳي سو انگيڪار ڪر. اهڙيءَ طرح صوفي به فراخدليءَ سان ڀهڄن طالبن کي هدايت ڪندا آهن.

جهڙيءَ طرح سري ڪرشن مهراج ارجن کي جگياسوءَ جي رهڻيءَ ۽ ڪهڻيءَ بابت سمجهايو آهي، تهڙيءَ طرح هيٺ ڏنل بيت ۾ صوفين جا گڻ چٽيءَ ريت ڏيکاريل آهن.

صوفين جا گڻ ۽ رهڻي.

صوفي سو جـو ساچُ پڇاني-آپُ گنواءِ گورُ ڪون مانيِ.
مَتَ مذهب مَنَ نَهين آٽــي-سب گهتِ ايڪو آتم جاني.
برهه اگـن ڪا مَچُ مَچاوي-ديهه ايمان جـاءِ جلاوي.
سُرت شبد لي گگن سَماوي-تين تياگ چوٿي گهر جاوي.
رَنجي رَنجاوي ڪِسون نانهين-اپنا آپ پيکي سب مانهِين.
نِــرآڪار ۾ الت سَماهـــِين-جسم جهانَ دوئُو ڀُل جانهين.
اَندر باهر صافــي رَهــي-دُک سُک ڪوُن سَم ڪَر سهي.
اَپـنا آپ ۾ لَـهـي-اَگمَ نگمَ کي ٻاتيان ڪهي.

صفحه	سطر	غلط	صحیح
۳۲۷	۱	؟	بر
۳۳۴	٦	کانپوء	کانپوء
۳۴۴	۲۱	ترپتیء	ترپتیء
۳۵۰	۱۸	تي	تي
۳٦۸	۱۹	قیراتیندي	قیراتیندي
۳۷۰	۸	سلوک	شلوک
۳۷۳	۱۰	ارک	لوک
۳۷۵	۲۱	هام	هام

پلناهو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٥	١	پناج	پنج
١١	٢٠	ان	مان
٢٢	١٥	تي	ٽي
٢٩	١٤	ر	پر
٤٤	٨	ڄي	جي
٦٥	١٢	آنما	آتما
٨٣	٥	عملي	علمي
٩٦	٥	ڏ تي	ڏ ٺي
١٠١	٧	تا	ٿا
١٠٦	٦	ڪو ۾	ڪو ۽
١٠٦	١٣	تا	ٿا
١٣٣	١٠	سدائين	سدائين
١٥٥	٣	آنم	آتم
١٦٥	٦	ڏدي ۽	ٻڌي ۽
١٧٤	٢٢	ٿو	ٿو
١٧٥	١٥	پل	پل سان
١٧٧	١٢	سُمر تي	سَمر ٿي
١٩١	٩	ڪڙي	ڪري
١٩٢	٦	نمولي	نموني
٢٧١	٦	جُمينت	جَميعت
٢٧١	٩	ڪج	ڪڇ
٢٧٨	١٣	سمائي رهي	سمائي
٢٨٩	١٩	ٻيدا	پيدا
٣٠٨	٢	تٿو	ٿو
٣٢٦	٢٤	ڪن	رکن

نقشو آڌياءَ پهريون

نمبر آڌياءَ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءَ	صوفياڻي سمجهاڻي — منزل	صوفياڻي سمجهاڻي — بيان
١	٤٧	اَرجن وشاد يوگ يعني نيتي يا ڪرم ڪانڊ	شريعت يعني نيتي يا ڪرم ڪانڊ	خيال جي مڪمتائي يعني شردا ۽ وشواس جي پڪائي

تاتپرج آڌياءَ جو

اِنسان اَگيان جي ڪري ئي ڪرم ڦاسيءَ ۾ ٻڌجي ٿو.

مختصر سمجهاڻي آڌياءَ جي

(باطوني معنيٰ)

جڏهين جيوُ خوف ۽ اُميد ۾ اَٽڪي ٿو ۽ سندس ٻڌي اَگيان جي ڪڪر سان ڍڪجي وڃي ٿي، تڏهين آتما جي ڄاڻ کان پلجي وڃي ٿو. انهيءَ سبب اَگيان کي دور ڪرڻ ۽ دل کي شانتي ۽ طاقت ڏيڻ لاءِ آتما جو بوڌ تمام ضروري آهي.

Printed by Mansing Chuhermal at the Navrashtra Press, 23, Hamam Street, Fort, Bombay-1 and Published by Dr. R. M. Hari, Shanti Nagar, Camp No. 3, Kalyan.

ॐ

شري مد ڀڳوت گيتا

اَڌياءُ پهريون - شلوڪ ٤٧

اَرجن وشاد يوگ

شلوڪ ١

ڌرتراشٽر جو سنجيه کان احوال وٺڻ:-

هي سنجيه! اسان ڪورون ۽ پانڊون جا لشڪر،
جي ڌرم ڀومي ڪروڪيٽر ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ
ڪٺا ٿيا آهن، تن ڇا ڪيو؟

* * * *

راجا ڌرتراشٽر ۽ راجا پانڊو ڀائر هئا. ڌرتراشٽر وڏو ڀاءُ هو پر اکين کان سورداس ڄائو هو. شاسترن انوسار سورداس راڄ نٿو ڪري سگهي، تنهنڪري راجا پانڊو راڄ ڪندو رهيو. راجا پانڊوءَ جي مرڻ وقت سندس پٽ اڃا ننڍا هئا، تنهنڪري راڄ جا سنڀاليندڙ ڌرتراشٽر ۽ سندس پٽ بڻيا.

جڏهين راجا پانڊوءَ جا پٽ وڏا ٿيا، تڏهين ڌرتراشٽر جي پٽ دريوڌن پنهنجن سوٽن يعني ارجن، ڀيم، يڌشٽر، نڪل ۽ سهديو، جن جو راڄ تي حق هو، تن سان دغا ڪري، راڄ ڪسي پنهنجي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش

انهن اوچا سوپدر ۽ دروپديءَ جا پنج پٽ جي
مهارٿي آهن شامل ٿيا بيٺا آهن.

شلوڪ ٧

دريوڌن چيو:-

هي دويه درشي برهمڻ! جيڪي اسانجي لشڪر
۾ وڏا وڏا جوڌا ۽ مهندار شامل آهن، تن ڏانهن
به نهاريو جن جا نالا اوهانکي ٻڌايان ٿو.

شلوڪ ٨-٩-١٠

(٨) توهان، ڀيشم، ڪرن، ڪرپاچاريه، ستنجي،
اشوٿامان، وڪرڻ وغيره وغيره.
(٩) ۽ ٻيا به ڪيترا بهادر آهن جي منهنجي لاءِ
جنگ ۾ لڙي، پنهنجي جان ڏيڻ لاءِ تيار آهن
۽ سڀ قسم جا هٿيار هلائي ڄاڻن ٿا ۽ جنگي
فن جا بلڪل ماهر آهن.
(١٠) اسانجو لشڪر ڀيشم جهڙي بهادر جي
مهنداريءَ هيٺ آهي ۽ پانڊون جو لشڪر جو
اسان کان گهٽ آهي، سو ڀيم جي سرداريءَ
هيٺ آهي.

شلوڪ ١١

گورو دروڻاچاريه دريوڌن کي چيو:-

جيڪي جوڌا جتي بيٺا آهن، اُتي ٺيڪ آهن ۽
توهين ڀيشم کي مدد ڪرڻ لاءِ ساڻس گڏ رهو.

شلوڪ ١٢-١٣-١٤-١٥

(١٢) ڪورون جي مهندار ويررس (مهاپلوان-

ڪئي ۽ پانڊون کي ڏاڍا ڏک ڏنا. پانڊون پنھنجو حق گھريو، جنھن لئي مھاڀارت شروع ٿيو. انھيءَ موقعي لئي ڌرتراشٽر پنھنجي رٿوان سنجيہ کان جنگ جو احوال پڇندو رھيو.

شلوڪ ٢

سنجيہ جو جواب ڏيڻ:-

جنگ جي ميدان ۾ ٻنھي طرفن جي فوج چڱيءَ طرح جاچي دريوڌن پنھنجي گوروءَ دروڻاچاريہ کي ھيئنيءَ طرح چيو.

شلوڪ ٣

دريوڌن جو دروڻاچاريہ کي احوال ڏيڻ:-

ھي گوروجي! پانڊون جي وڏي لشڪر ڏانھن نھاريو، جنھنجو مھندار دروپد جو پٽ اوھانجو پيارو شاگرد آھي.

شلوڪ ٤-٥-٦

دريوڌن جو وڏيڪ بيان:-

(٤) ھن پانڊون جي لشڪر ۾ وڏا وڏا بھادر ۽ جوڌا، وڏا وڏا تير ڪمان ڪڍڻ وارا، ڀيم ۽ اَرجن جھڙا سوروير ۽ دروپد جھڙا تيز فھم ڪرچران،

(٥) ۽ ٻيا بہ ڪيترا جوڌا جھڙوڪ- ڌرشٽ ڪيتو، راجا چيڪتان ۽ ڪاشيءَ جو راجا پُروُجيت، راجا ڪنتي ڀوج ۽ راجا شبيہ ھن جنگ ۾ ھمشريڪ ٿيڻ لاءِ گڏ ٿيا آھن.

(٦) انھيءَ ڪانسواءِ بھادر يد امنيو، مھا بلوان

(٢٠) ان وقت، هي راجن! ارجن پنهنجو ڌنش
کڻي شري ڪرشن کي هيٺينءَ ريت چيو.

شلوڪ ٢١-٢٢-٢٣

ارجن سري ڪرشن ڀڳوان کي چيو:-

(٢١) هي ڪرشن! منهنجو رٿ ٻنهي لشڪرن
جي وچ ۾ هلي بيهار،

(٢٢) جٿين سوالئيءَ سان ٻنهي لشڪرن کي
ڏسي سگهان، جيڪي هڪ ٻئي جي سامهون
وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا آهن ۽ ڏسان ته مونکي
ڪهڙن سان مقابلو ڪرڻو آهي.

(٢٣) ۽ انهن بهادرن کي پڻ ڏسان جي مُدِمت
دريوڌن جا حمايتي بڻجي، پنهنجيءَ حياتيءَ
جو ڪو به خيال نه ڪري هت جنگ جوٽڻ لاءِ
ڪٺا ٿيا آهن.

شلوڪ ٢٤-٢٥-٢٦-٢٧

سنجيه راجا ڌرتراسٽر کي وڌيڪ ٻڌايو:-

(٢٤-٢٥) هي پارٿ (راجا پرٿ جي ڪل ۾ پيدا
ٿيل)! جڏهين سري ڪرشن کي ارجن انهيءَ
ريت چيو، تڏهين سري ڪرشن پنهنجو مها سندر
رٿ ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾، سڀني راجائن ۽
ڀيشم پتامه ۽ دروڻاچاريه جي سامهون بيهاري
چيو ته اي پارٿ (ارجن)! تون هاڻي ڪورون
جي لشڪر ڏانهن نظر ڦيرائي ڏس.

(٢٦) جنهن تي ارجن ٻنهي لشڪرن ڏانهن نظر

ڀرتاپي) پيشم، جنهنجو شينهن جهڙو آواز هو، تنهن ڏريوڌن ۾ جوش ۽ همت پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجو شنک (ناد) وڄايو.

(١٣) جنهنجي پٺيان ٻين ٻہ شنک ۽ نغارا وغيره وڄايا، جنجي آواز سورويرن جي دل ۾ جنگ لاءِ اُتساه ۽ جوش پيدا ڪيو.

(١٤) انهيءَ کانپوءِ سري ڪرشن ۽ ارجن هڪ رٿ تي سوار ٿيل، جنهن ۾ اڇا گهوڙا جوٽيل هئا، پنهنجا شنک زور سان وڄايا.

(١٥) سري ڪرشن پنهنجو پانچ جنيہ شنک وڄايو ۽ ارجن پنهنجو ديودتُ شنک وڄايو.

شلوڪ ١٦-١٧-١٨-١٩-٢٠

سنجيہ جو ڌرتراشٽر کي وڌيڪ احوال:-

(١٦) راجا يدشٽر ۽ ڪنتي پٽن پنهنجا پنهنجا شنک وڄايا. نڪل ۽ سهديو پنهنجو سگهوش شنک ۽ مڻي پشپڪ شنک وڄايو.

(١٧) بهادر ڪاشيءَ جي راجا، سرد بار شکنډي ڪوچوان، ڌرشٽ ديومن، وراٽ اجيت ساتڪيءَ پڻ پنهنجا پنهنجا ناد وڄايا.

(١٨) هي راجن! راجا دروپد ۽ دروپتيءَ جي پٽن ۽ ڊگهين ٻانهن واري مها ٻاهو سيڀدرا جي پٽ ايمنيو چئني طرفن کان پنهنجا پنهنجا ناد وڄايا.

(١٩) انهن نادن سان نڪرندڙ خوفناڪ (دل ڏاريندڙ) آواز زمين آسمان کي لوڏي دريوڌن جي لشڪر جو هردو ڏڪائي ڇڏيو.

ماري راڄ هٿ ڪريان، انهيءَ مان مونکي ڪهڙو فائدو حاصل ٿيندو؟ اهڙو سک آرام مان نٿو چاهيان. سارو راڄ ۽ راڄ جا عيش آرام ۽ اهڙي حياتي منهنجي لاءِ تڇ سمان آهي.

(٣٣) جن سنبنڌين جي سک لاءِ مون راڄ گهريو ٿي سي ته جيئڻ ۽ سک آرام جو آسرو ڇڏي هت ميدان ۾ لڙڻ لاءِ تيار ٿي آيا آهن.

(٣٤-٣٥) هتي ته گرو، چاچا، ماما، پٽ، پوٽا، سهرا، سالا وغيره سڀ بيٺا آهن. هي ڪرشن! جي هي سڀ مونکي ماري ڇڏين، تڏهين به ڪداچت هنن کي مارڻ جي مان خواهش نٿو رکان، چاهي مونکي ٽنهي لوڪن جو راڄ ملي.

(٣٦-٣٧) هي جناردن (دشمن کي ناس ڪرڻ وارا سري ڪرشن)! ڌرتراشٽر جو اولاد دريوڌن منهنجو ڀاءُ ٿئي ۽ سندس همشريڪ منهنجا عزيز ۽ گرو ٿين. ڀلا تن کي مارڻ مان مونکي ڇا هٿ ايندو؟ هنن کي مارڻ سان مان پاڻ نرڪ جو ڀاڳي بڻجندس. انهيءَ ڪري پنهنجي مٽن کي مارڻ واجب نٿو سمجهان. پنهنجن ڀائين بندن کي مارڻ مان حياتيءَ جو ڪهڙو سک ماڻي سگهندس؟

(٣٨-٣٩) هي ته لوڀ ۾ ڦاسي پنهنجا چت خراب ڪري رهيا آهن ۽ انڌ جي پردي هيٺ اچي پنهنجي پروار کي پوري ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي تيار ٿي بيٺا آهن ۽ پنهنجن خويشن کي ناس ڪرڻ جي ڏوهه کي ڪوبه پاپ نٿا سمجهن. اي ڪرشن! مان پنهنجي پروار کي ناس ڪرڻ

ڪندي پنهنجن مائٽن، دوستن ۽ گروءَ کي
جنگ ڪرڻ لاءِ تيار بيٺل ڏٺو جنهن ۾ پنهنجن
ڪاڪن ڀورشروا، ڏاڏن ڀيشم ۽ سومدت،
ٻاڻ وديا گورو (دروڻاچاريه)، ڪل گورو
(ڪرپاچاريه) کي ڏٺو،

(٢٧) ۽ مامن شليه ۽ شڪنيءَ، پٽن لڪشمڻ ۽
ايمنيو، دوستن اشوٿاما، ڄئدرٿ، ڪرتورما
ڀڳوت وغيره کي ڏٺو: تڏهين گهڻي قياس وچان
سري ڪرشن کي دلگير آواز سان چوڻ لڳو،

شلوڪ ٢٨-٤٦

ارجن جو ڪرشن سان ڏک ظاهر ڪرڻ:-

(٢٨-٢٩) هي ڪرشن! هنن پيارن مٽرن ۽ بزرگن
(جي جنگ جي ميدان ۾ لڙڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا
آهن) کي ڏسي مونکي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي.
وات سڪي ويو اٿم، وار ڪانڊارجي ويا آهن ۽
منهنجو سرير ساڪو ٿي پيو آهي.

(٣٠) ايترو ته پاڻکي بي همت ٿو سمجهان جو
گانڊيو ڌنش جڻ منهنجي هٿن مان ڪري
ٿو، چمڙي سڙي ٿي ۽ منهنجو من ڏاڍو چلائمان
ٿي پيو آهي. نستائيءَ سبب ٽنگون ڏڪن ٿيون،
جنهنڪري بيهڻ مشڪل ٿي پيو آهي.

(٣١) هي ڪرشن! مونکي سڀ اپسوڻ ڏسڻ ۾
اچن ٿا؛ پنهنجي مٽن مائٽن، دوستن ۽ گورن
کي مارڻ مان ڇا هٿ ايندو؟

(٣٢) هي گووند! مان پنهنجن سنبنڌين کي

آهيون. انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو پاپ ٿي سگهي ٿو. انهيءَ کان ته ڀل دريوڌن مون ٻي هٿيار کي پنهنجن هٿيارن سان ماري ڇڏي، جو مون لاءِ هر طرح ڪلياڻ ڪاري ٿيندو.

شلوڪ ٤٧

سنجيہ ڌرتراشٽر کي چيو:-

هي راجن! جنگ ڀومي ۾ ارجن ڏاڍو وياڪل ٿي، ڪٽنبين جي ناس ٿيڻ جو نه سهي سگهيو ۽ شري ڪرشن کي پنهنجي من جو احوال ٻڌائي، تير ڪمان رکي رٿ ۾ ماٺ ڪري ويهي رهيو.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان، ڪرم جي پائبندين يعني ٻڌنن (طريقت عشق) جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ ”وشاد يوگ“ يعني ڏک ڀريو سوال جواب جو پهريون اڌياءُ پورو ٿيو.

هن اڌياءَ ۾ ڪو خاص برهم گيان (علم حقيقت) ڪونه ڏيکاريل آهي. رڳو ٻڌايو ويو آهي ته اسانجي پراڻي مهاڀارت واري زماني ۾ هڪ وڏي جنگ لڳي، جڏهين ارجن کي برهم گيان علم ذات جي ڪا ٻُجهه ڪانه هئي. هن پهرئين اڌياءَ مان اهو به ظاهر آهي ته اڳئين ۽ هاڻوڪي زماني جي ماڻهن جي ريت ۽ رهت ۾ ڪيڏو نه فرق آهي. اڳئين زماني ۾ ماڻهو ڏينهن جو جنگ ڪندا هئا ۽ شام جو جنگ بند ڪري رات جو ٻئي ڌريون پاڻ ۾ گڏجي ڪائيندڙيون پيئنديون هيون ۽ وري ٻئي ڏينهن سج

جي ڏوھ کي سمجھي سگھان ٿو، پوءِ ڇو ڪين
انهيءَ گناھ کان پاڻ بچايان؟

(٤٠-٤١) هي ڪرشن! جي هي بزرگ ڪل جي
مريادا (نيتي - شريعت) رکڻ وارا ناس ٿي ويندا،
ته اسان جي خاندان جي وڏائي ۽ شان مٽجي
ويندو. خانداني، وڏائي ۽ شان مٽجڻ بعد سڄي
ڪل جي ذالن ۽ ٻارن ۾ ادرم ۽ پاپ زور پڪڙي
ويندو. ادرم ۽ پاپ جي ڪري ادرمي اولاد
پيدا ٿيندو.

(٤٢-٤٣-٤٤) اهڙو ڪل هيڻ ادرمي اولاد پنهنجي
۽ ٻين جي ڪل کي نرڪ ۾ ڪيرائڻ جو ڪارڻ
بڻجي ٿو. ڌرم هيڻ ٿيڻ ڪري ۽ پنڊ وغيره ڌرم
(شريعت) موجب نه ڪرڻ ڪري، پتر گھڻو وقت
نرڪ ۾ رهندا.

اهڙن ڪل هيڻ اولاد جي پيدا ڪرڻ وارن جي
پاپن ڪري، ذات پات ۽ ورڻ آشرم جو ناس
ٿي ويندو.

هي ڪرشڻ! جنجا ورڻ، آشرم، سنبندي ۽
ڌرم ناس ٿي ويا آهن، سي نرڪ جا پاڇي بڻجن
ٿا. انهيءَ طرح منهنجو شاسترن، مهاتمائن ۽
گروءَ کان ٻڌل آهي.

(٤٥-٤٦) ارجن ڏاڍو دکي ٿي چوڻ لڳو، ته
وڏو ارمان آهي جو اسين سڀ سمجھندي به راڄ جي
عيش آرام جي لالچ ۾ ڦاسي پنهنجن مترن جي
مارڻ لاءِ تيار ٿي جنگ جي ميدان ۾ اچي بيٺا

نقشو آڌياءُ ٻيو

نمبر آڌياءَ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءَ	صوفيائي سمجهاڻي — منزل	صوفيائي سمجهاڻي — بيان
٢	٧٢	سانکيہ يوگ يعني ٻڌي يوگ	طريقت علمي يعني علمي وات يعني علم اَلِ يقين	آتما ۽ اناتما يعني ست ۽ اَست جي ڄاڻ

تاتپرج آڌياءَ جو

آتما اناتما يعني ست ۽ اَست جي ڄاڻ رکڻ سان، ٻڌيءَ جي اگيانتا دور ٿئي ٿي ۽ اندر ۾ شانتي پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ کي ئي سچ جي ڄاڻ چئجي ٿي جا آخر ۾ گيان پراپت ڪرائي ٿي.

مختصر سمجهاڻي آڌياءَ جي

(باطني معنيٰ)

آتما جا اجر ۽ امر آهي سا نہ ڪاٽڻ سان ڪٽجي سگهي ٿي، نہ ساڙڻ سان سڙي سگهي ٿي، نہ پاڻيءَ ۾ پسائڻ سان ڳري سگهي ٿي ۽ نہ وري سڪائڻ سان سڪي سگهي ٿي. آتما جا سدائين ابناسي، وياپڪ، نرآڌار، آدي قائم آهي سا هر شيءِ ۾ جيئن جو تيئن سمايل آهي. جڏهين جيو کي اها سچي ڄاڻ ٿوي ٿي،

اُيرڻ بعد هر ڪا ڌر پنهنجي هوشياري جنگ ۾ ظاهر ڪندي هئي. رات جي وقت ڪوبہ ڪنهن سان دوکو ۽ فريب نہ ڪندو هو. هرڪو سک جو آرام ڪندو هو. ڪنهن سان دوکو ۽ فريب ڪرڻ اڌرم سمجهيو ويندو هو، ڇو جو جنگ هميشہ ڌرم پٽيان ڪئي ويندي هئي. اڄ ڪالهہ دوکو ۽ فريب ڪرڻ هوشياري ۽ قابليت سمجهي وڃي ٿي.

اَڌيائ ٻيو ـ شلوڪ ٧٢
سانکيه يوگ.

يڌ جي ميدان ۾ شوڪ سبٻان وياڪل من وارو ارجن، جنگ کان ناٻري واري، ڌنش کي هيٺ رکي، چپ ڪري رٿ ۾ ويهي رهيو؛ انهيءَ وقت سنجيه ڌرتراشٽر کي هيٺينءَ طرح احوال ڏنو.

شلوڪ ١

سنجيه چيو:-

هي راجن! ان وقت سخت موهه ۾ ڦاٿل، دل ۾ دياءَ اکين ۾ پاڻي آيل ۽ دک ۾ ٻڏل ارجن کي شري ڪرشن مهراج هيٺينءَ طرح سمجهايو.

شلوڪ ٢

شري ڪرشن چيو:-

هي ارجن! تو جهڙي سورويرکي هيڏي بي همتي ۽ موهه، جنگ جي ميدان ۾ ڇو ٿيو آهي؟ اهڙي حالت ته مندمت (اگياني ۽ بي سمجهه) جيون جي ٿيندي آهي. تون پنهنجن وڏن جو شان وڃائي رهيو آهين، جنهنجو آخرين نتيجو ڏاڍو اُگرو نڪرندو.

شلوڪ ٣

هي ارجن! ڪانئرپڻي ۽ موهه کي اندر مان ڪڍي ڌيرج ۽ جس اختيار ڪر. بي همتي ۽ موهه تو

تڏهين سندس دل مان موت ۽ حياتي، ماضي ۽ مستقبل جو ڪوڙو وهم مٽجي وڃي ٿو ۽ هو باقي حال ئي حال ۾ رهيٿو. آتما جا ھڪڙي آهي تنهنکي گهڻن جسمن ۽ جدا جدا روپن ۾ ڏسي دوکو نہ کائڻ گهرجي. جيون ۾ جا چرپر ڏسڻ ۾ اچيٿي، جا جدا جدا صورتن جي ظاهر ٿيڻ جو سبب آهي سا جسم ۽ آتما جي عجيب ميلاپ ڪري آهي؛ يعني جڏهين جڙ ۽ چيتن ٻئي گڏجي ظهور ڪن ٿا، تڏهين هل چل ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ٿئي ٿو. انهيءَ ڪارڻ ڪري سرير کي گرميءَ ۽ سرديءَ جي ڄاڻ ٿئي ٿي. اگيان جي بندنن کان ڀاڄڪي آجي ڪرڻ لاءِ آتما جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي، ڇو تہ جيوُ، آتما ۽ اناتما، فنا ۽ بقا کي سمجهي، جي حياتيءَ جو سفر پورو ڪندو تہ آزاد رهي آنند ۾ مڪو تي سگهندو؛ جنهن ڪري سريرڪ ۽ اگيانتا جي بندنن کان ڇٽي، نام سان ملي ايڪميڪ ٿي ويندو. ايڏي اوچي منزل تي پهچڻ لاءِ ڪلپل دماغ ۽ شڌ هردي جو هئڻ ضروري آهي.

(٨) مونکي اها ٻه اميد ڪانهي ته جو ڏک منهنجين اِندرين کي نستو ڪري رهيو آهي، سو راڄ ملڻ يا ديوتائن جهڙي ڪيرتي حاصل ٿيڻ تي دور ٿي ويندو.

شلوڪ ٩ـ١٠

سنجيه ڌرتراشٽر کي چيو:-

(٩) هي راجا ڌرتراشٽر! اهڙي طرح ڪرشن کي چئي وير ارجن جنگ ڪرڻ کان نابري واري، ماٺ ڪري ويهي رهيو.

(١٠) هي راجن! ٻنهي سينائن جي وچ ۾ شري ڪرشن مشڪندي، وياڪل ٿيل ارجن کي چيو:-

*　　*　　*　　*

نوٽ:-

هن وقت تائين ارجن پنهنجي دل جو سمورو حال ڪرشن اڳيان پيش ڪري چڪو آهي. هنکان پوءِ جيڪي ويهه شلوڪ اچن ٿا تن ۾ سانکيه يوگ يعني گيان مارگ جو رستو جنهنکي صوفي علم حقيقت چون ٿا، شروع ٿئي ٿو. انهيءَ وقت ارجن جي منورتي بلڪل اگيانتا ۾ پيل هئي ۽ نه ته پنهنجيءَ ڪمزوريءَ ڪري جنگ ڪرڻ کان انڪاري ٿيو هو؛ ڇو ته هن جهڙو سورويه ٻيو ڪونه هو ۽ پنهنجيءَ ويرتا جي ڪيس چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي. پر اگيانتا سبب موهه ۾ ڦاسي پنهنجي حق تان به هٿ ڪڻڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو ۽ جنگ ڪرڻ کان انڪار ڪيائين. شري ڪرشن ڀڳوان ڇوي ٿو ته سچ لاءِ جيڪڏهن پنهنجي ويجهي مٽن سان مقابلو ڪرڻو پوي ته دير نه ڪجي؛ اگر ائين نه ڪبو ته اها بي سمجهي چئبي.

جهڙي بهادر کي نٿو سونهين. هي دشمن کي ناس ڪندڙ! همت ڌاري اُٿي کڙو ٿيءُ ۽ جنگ ڪر.

شلوڪ ٤ کان ٨ تائين

ارجن چيو:-

(٤) هي ڪرشن! مان هن رڻ ڀوميءَ ۾ ڀيشم ۽ درونا چاريه جهڙن سورويرن کي ڪيئن ماريان جي هر عزت جا لائق آهن ۽ دشمن جا ناس ڪندڙ آهن.

(٥) پوڄنيه يوگ گورديون کي مارڻ کان، هي ڪرشن! منهنجي لاءِ بيک ڪري (پني) پيٽ پالڻ وڌيڪ بهتر آهي. جيتوڻيڪ هو ڌن سوارٿ پنيان آهن، تڏهن به پنهنجن گورن کي ماري، جيڪي ڀوگ ڀوڳيندس سي رت رڱيا ٿيندا.

(٦) اها به خاطري نه اٿم ته جنگ اسان کٽنداسين يا هو اسان سڀني کي نگهوسار ڪري ڇڏيندا؛ نه وري ڌرتراشٽر جي پٽن کي جيڪي منهنجي سامهون بيٺا آهن، ماري مان راڄ ۽ حياتي ماڻڻ گهران ٿو.

(٧) هي ڪرشن! جوش ۽ موهه جي ڪري منهنجي مت ماري ويئي آهي. ڇا ڪرڻ گهرجي يعني جنگ ڪجي يا نه ڪجي، سو پڻ سمجهي نٿو سگهان. انهيءَ ڪري مان توکي وينتي ٿو ڪريان ته مونکي سچو رستو بڌاءِ جنهن مان منهنجو ڪلياڻ ٿئي. مان تنهنجي شرن ۾ آيو آهيان.

آهن. گيانوانن آتما کي پيدا ۽ ناس ٿيڻ کان رهت مڃيو آهي. سياڻا جيو سڀ ۾ آتما ۽ هر وقت ۽ هر هنڌ آتما کي ئي پسن ٿا. مرڻ ۽ جيئڻ کي ڀرم سمجهي اُنجو ڪڏهن ويچار نٿا ڪن يعني گذريل ۽ ايندڙ وقت (ماضي ۽ مستقبل) جو خيال نه ڪري، هميشه هلندڙ (حال) وقت کي نظر ۾ رکندا رهن ٿا. انهيءَ جو اهو مطلب آهي ته جو ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو سڀ مٿيا آهي؛ تنهنڪري دنيا ۾ ڪنهنجو به ڏک ڪرڻ لازمي نه آهي. چنتا فقط هڪ نام (آتما-ذات حق) جي ڪرڻ جڳائي، جو دائما قائم آهي ۽ ڦيرگهير رهت آهي. بنا محسوسات (انڀؤ) جي زباني گيان عقل سان ڪرڻ حقيقت ڪري نسُورو اگيان آهي، ڇو ته سو ڪيم اَهنڪار سهت تتو گيان ڪٿن ڪري نه سگهبو.

”ڪوڙ ڪپٽ تي دنيا جي بازي،
اِتون ڀُل ڳئي ڪئين ملي بانڀڻ قاضي،
سر ڏيئي شه پايوني-ٿي ڳئي دنيا وچ غازي،
قطب گهن حال-ڇوڙ ٻي سڀ هٿي ماضي.“

(سائين قطب علي شاهه)

هن ٻارهين شلوڪ جو تاتپرج آهي برهم جي هستي سمجهڻ، آتما ۽ اناتما (حق ۽ باطل) جي ڄاڻ رکڻ ۽ اگيانتا کي دور ڪرڻ. تتو گيان اُهو اعليٰ علم آهي جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. اهو علم لدني صرف گياني جيو (عارف) سمجهي سگهن ٿا، جن کي نه گذريل سمي جو ڏک ۽ نه ايندڙ سمي جي چنتا رهي ٿي؛ جي فقط هلندڙ وقت (حال) تي باخبر آهن. اهڙي حالت فقط

شلوڪ ١١

شري ڪرشن جو ارجن کي اگيانتا
مان گيان ۾ آڻڻ جا وچن ٻڌائڻ.

شري ڪرشن ڀڳوان ارجن کي چيو ته هي ارجن! تون ناسونت جيون جو خيال ڪري رهيو آهين. ودوان (سياڻا) گذريل ۽ ايندڙ جو ويچار ڪون ڪندا آهن. جا سوچڻ يوگ وست نه آهي تنهن کي خيال ۾ رکي تون گيان جون ڳالهيون ٻڌائي رهيو آهين. جيڪي اڳي مري چڪا آهن يا جي هن ڪانپوء مرڻ وارا آهن تنهجو گياني ويچار نه ڪندا آهن.

* * * *

"رانجهي يار سواء جڳ سور سڀو،
آهـي ماضي ڀيـو مذڪور سڀو.
١- خاڪي ڪوٺي سمجهه سياڻا-اندر آهن دوست جا ٺاٺا،
تر ترديان تـو ۾ آهـ حضور سڀو.
٢- تو ۾ يار اندر لنؤ لاتي-تون پاء دروني جهاتي،
ڪر جڳ جـو ترڪ منظور سڀو.
٣- قطب ڪوڙ دنيا جي بازي-ڇڏ موهه مڪر لباسي،
سک دوست ملڻ جو دستور سڀو."
(سائين قطب علي شاهه)

اهو خيال ڪرڻ ته آتما کي دک ٿئي ٿو سا غلطي آهي. آتما ته اجر امر، سروويا پڪ (محيط) ۽ ڦير گهير رهت آهي. مرڻ جيئڻ فقط هن سرير سان لاڳو آهي، جو نهي ٻ ٿو ۽ ٻڌهي ٻ ٿو، جنهنکي گيانوان مٿيا سمجهندا

جدا ھئڻ ڪري ٿون، مان ۽ ھي سڀ راڄائون وغيره
پاسن ٿا. نام ۽ روپ واري ھر چيز ناسونت (فاني) آھي،
سواءِ آتما جي جيڪا نام ۽ روپ رھت ۽ دائما قائم آھي.

"ذات صفات ھڪائي آھي - ٻُل ڪھين نہ ٻولي،
سوئي اندر سوئي ٻاھر - سوئي تنھنجي چولي،
تو ۾ مون ۾، ھن ۾ ھر جا - سچ سچو تو ٻولي"
(سچل)

شلوڪ ١٣

جڙ چيتن شين کي جدا جدا نام روپن ۾
ڏسي آتما کي حصن ۾ ورھايل نہ سمجھڻ گھرجي.

آتما جھڙيءَ طرح ھن جسم ۾ ٻالپڻي، جواني ۽
ٻڍاپي ۾ ھڪ جھڙي رھي ٿي، تھڙيءَ طرح ٻين
شين ۾ بہ سمائي رھي ٿي. گيانوان ڪڏھن بہ اِنءَ
طرح سمجھي دوکو نہ کائيندا آھن.

* * * *

جھڙيءَ طرح جيو جي ھر اوستا ۾ آتما ھڪ سريکي سمائي رھي ٿي، توڙي جيوَ جو عضوو ڪنھي بہ ويو ھجي، تھڙيءَ طرح چيتن آتما پراڻي سرير کي تياڳي (ڇڏي) نئين نئين سرير ۾ پنھنجو پرڪاش ظاھر ڪري ٿي. جدا جدا نام روپ ڏسندي بہ گيانوان آتما جي ھيڪڙائيءَ ۾ گمان نٿا آڻين، پر ھر شيءِ ۾ اھا ھڪ ئي آتم ستا ڏسندا آھن؛ يعني سڀ ۾ سو، انيڪتا ۾ ايڪ، جنھنکي صوفي ڪثرت ۾ وحدت مڃين ٿا.

"حجاب نہ رھسي ڪوئي -
جي تون صدقون ڪرين يقينا،

انپيؤ ٿي سگهي ٿي، جا سچن جگياسن پنهنجي اندر ۾ حاصل ڪئي آهي.

انسان، آتما ڪُل جو جزو آهي، جنهنڪري انسان کي جز عقل ۽ برهم کي ڪل عقل ليکيو ويو آهي. جڏهين انسان تي سوکيم اهنڪار جو پردو اچي وڃي ٿو، تڏهين پنهنجي آتمڪ سچي حقيقت پلجي وڃي ٿو. پر گيانوان پرش جي پاڙڪي آتما کان الڳ نٿا سمجهن، سي سچ کي چڱيءَ طرح پروڙي سگهن ٿا ته آتما (حق) جا سرو ويا پڪ (محيط) ۽ هر هند دائما قائم (بسيط) آهي تنهنجي پيت ۾ اسان جيون جي کهڙي هستي رهي سگهي ٿي؟

شلوڪ ١٢

آتما قائم ۽ آزاد آهي.

اها هڪ ٿي آتما جا تو ۾، مون ۾ ۽ هنن سڀني راجائن ۾ وياپي رهي آهي، سا نه ڪڏهين پيدا ٿي آهي ۽ نه ڪڏهين پيدا ٿيندي؛ يعني اسان سڀئي هن کان اڳ ۾ هئاسين، هينئر به آهيون ۽ پوءِ به (شرير ڇڏڻ کانپوءِ) هونداسين.

* * * *

انهيءَ جو مطلب ته آتما ازادي ۽ جڙ چيتن ۾ سمائي پيئي آهي، جنهنڪري ئي هر شيءِ نام ۽ روپ ۾ استت ڏسڻ ۾ اچيٿي. پر سچ ته اهو آهي ته آتما کانسواءِ باقي سڀ مٿيا آهي (لا اله الا اللّٰه). جيڪي به پاسڻ ۾ اچيٿو سو سڀ آتما سروپ ئي آهي. نالي ۽ روپ جي جدا

شلوڪ ١٥

آتما تي اندرين وغيره جــو اثر نٿو ٿئي. پنج تتو سرير (جيو)، جو سوکيم اهنڪار سهت آهي، تنهن تي اثر ٿئي ٿو.

هي نيڪ مرد (ارجن)! جنهن جيو تي اندرين جو اثر نٿو ٿئي ۽ جو جيو سک دک ۽ سرديءَ گرميءَ ۾ سم يعني هڪجهڙو رهيٿو سو موکش (حيات ابدي) جو اڌڪاري ٿئي ٿو.

* * * *

گيانوان جسم ۽ جان يعني سريو ۽ آتما کي جدا جدا سمجهي ٿو ۽ پنهنجي ست سروپ يعني آتما کي ناس رهت ۽ نربندن ڄاڻي ٿو، جنهنڪري کيس سک دک ۽ سردي گرمي نٿي ڀاسي. اها اوستا گيان ۽ آنند واري مڃي ويئي آهي جنهن کي موکش (حيات ابدي) چيو وڃي ٿو.

جو نَــرُ دُکَ مِيءَ دُکُ نَهِي مانيءَ

سُکَ سَنيهُ اُرَ ڀيءَ نَهِي جاڪيءَ-

کَنڪَنَ مــاٽي مــانيءَ،

نَهَ نِندِيا نَهَ اُستَتِ جــاڪيءَ-

لــوڀُ مــوهُ اَڀِمانا،

هَرَکَ سوگَ تــي رَهيءَ نِيارَءُ-

نِاهِ مــانَ اَڀِــمــانا،

ذات صفات هڪ ڪري ڄاڻين -
ڇوڙين خيال ڪمينا،
جي صِدقون سِرُ صَدقي ڪيجي -
نہ ملدا دوست شَبِينا،
وحدت مون ڪثرت ٿي -
آهي وحدت ڪثرت ڪُل،
اندر ٻرين، ٻاهر ٻرين -
ڀول نہ ٻئي ڪنهن ڀُل،
هي هَنگامو هُل -
مڙيوئي محبوب جو"

شلوڪ ١۴

سک ۽ ڏک پاسڻ اندرين جو ڪرم آهي.

هي ارجن! اندرين جي ميلاپ ڪري سردي گرمي ۽ سک ڏک پاسڻ ۾ اچيتو، پر آهن مٿيا؛ تنهنڪري تون انهن کان ڏچ نہ، مڙس ٿي منهن ڏي.

*   *   *   *

آتما ۽ اناتما (ذات ۽ صفات) جي وچ ۾ اندرين جو قدرتي ميلاپ آهي، جنهنڪري گيان ڦري اگيان ٿي پوي ٿو. انهن اندرين جي ڪري پنج تن ماترائون (شبد، سپرش، روپ، رس، گند) پيدا ٿيل آهن. اِهي تن ماترائون يا گيان اندريون وغيره اهم پاوَ هئڻ سبب ٿي ڪم ڪندڙ مڃيون وڃن ٿيون. انهن ماترائن کي صوفي عناصري خاصيتون ڪري چوندا آهن.

کن ودوانن جو چوڻ آهي ته ظاهر باطن آتما ئـي آتما آهي. جي آتما کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي تڏهين متيا ڇا کي چئجي؟ جيءُ آتما جي ڪري ئي پيدا ٿيو آهي؛ پر ساڳئي وقت جيءُ ناسونت آهي ۽ آتما امر آهي جنهن ڪري جيءُ کي آتما جو پرتبنب چئي سگهبو؛ صوفين آتما يعني حق کي معڪوس ۽ جيو کي عڪس ليکيو آهي.

آتما هميشه هڪ رس رهيتي ۽ جيو (سرير) ڦرندڙ گهرندڙ يعني پيدا ٿئي ٿو ۽ ناس ٿئي ٿو، تنهنڪري جيو ۾ ممتا ۽ موهه رکڻ لازمي نه آهي. آتما جا دائما قائم آهي تنهن سان دل لڳائڻ واجبي آهي.

شلوڪ ١٧-١٨

آتما ابناسي ۽ سروياپڪ آهي.

(١٧) آتما جا هر وستوءَ ۾ سمايل ۽ سروويا پڪ آهي تنهنکي ابناسي (ناس رهت) ۽ لاثاني ڄاڻ.

* * * *

جا چيتن آتما انسان ۾ سمايل آهي، سا ئي ساري جڳت ۾ وياپڪ آهي. صوفين الله محيط ڪري ڪٺيو آهـي. آتما جمڻ مرڻ جي چڪر کان ڇٽل آهي؛ انهيءَ کي ڪو به ناس نٿو ڪري سگهي ۽ انکانسواءِ ٻيو ڪو به انجي مت ڪونهي.

(١٨) اهڙي آتما جا ابناسي آهي تنهنجا هـي نام روپ وارا سرير سڀ ناسونت آهن ۽ ڦير گهير ۾ اچن ٿا. تنهنڪري هي ارجن! سر ير تان نظر

آسا مَنسا سَگل تِياگئي -
جَگ تي رهئي نِراسا ،
ڪامُ ڪِروڌ جهِ پَرسئي ناهَن -
تِهَ گهٽ بِرَهمُ نِواسا .
گُرَ ڪِرپا جهِ نَرَ ڪَءُ ڪيني -
تِهَ اِهَ جُگتِ پڇاني ،
نانڪ لِين ڀَئو گوبندَ سِءُ -
جِءُ پاني سَنگ پاني .
(گرو نانڪ صاحب)

شلوڪ ١٦

آتما امر ۽ جسم ناسونت يعني بي بقا آهي.

آتما (ذات حق) ست آهي، تنهنڪري انجو اَڀاءُ نٿو ٿئي. آتما کان سواءِ جي به پدارٿ نام روپ وارا آهن، سي سڀ مٿيا روپ آهن. ست است جو ڀيد فقط گياني ڄاڻن ٿا .

* * * *

نام روپ وارا پدارٿ جيتوڻيڪ ظاهري ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر منجهن ڪا سَتتا ڪانه آهي. آتما جيتوڻيڪ لڪل رهيٿي، پر ناس رهت ۽ سرو وِياپڪ رهيٿي. جيو ۾ آتما سمائي رهيٿي، تنهن هوندي به آزاد آهي ۽ جيو سان ڪوبه سنبنڌ نٿي رکي. آتما ڪڏهن به ناس نٿي ٿئي. نام ۽ روپ مٿيا آهن ۽ ڪين ڪا به پنهنجي هستي ڪانهي. جيڪڏهن ڪين ڪا به هستي آهي، ته آتما جي آهي.

مرڻ رهت ۽ قائم جانو آهي، اهو انسان نہ ڪنهن
کي ماري ٿو ۽ نہ ڪنهنکي رنجائي ٿو.

* * * *

جنهن پرش آتما کي جئين جو تئين سڃاتو آهي،
سو چڱيءَ طرح محسوس ڪريٿو تہ منهنجي آتما سڀ
۾ موجود آهي ۽ ناس رهت آهي. اهڙي جا آتما آهي،
سا ترپتيءَ (ڪرتا - ڪرم - ڪارڻ) کان آزاد آهي.

شلوڪ ٢٢-٢٣

آتما، مثل اٿاھ سمنڊ جي آهي ۽ سرير
مثل ڦونهڙن جي آهن جي پيدا ٿي
وري لئي ٿي وڃن ٿا ۽ سمنڊ اهڙي
جو اهڙو رهيٿو.

(٢٢) جهڙيءَ طرح انسان پراڻا ڪپڙا لاهي نوان
ڪپڙا پائي ٿو، (تہ سندس سرير ۾ انهيءَ ڪري
ڪابہ ڦير گهير نٿي اچي،) تهڙيءَ طرح آتما پراڻن
سريرن کي ڇڏي نوان سرير ڌارڻ ڪريٿي.
(٢٣) آتما ڪنهن بہ هٿيار سان ڪٽجي نٿي
سگهي، باھ ڪيس جلائي نٿي سگهي، پاڻي ڪيس
ڳاري نٿو سگهي ۽ نہ هوا ڪيس سڪائي سگهيٿي.

* * * *

سري مد ڀڳوت گيتا جي سانکيہ يوگ جي مٿي
موجب آتما سڀني ۾ هڪ ئي ليکي ويئي آهي، جا اکنڊ
(حصن رهت)، ناس رهت ۽ سرووياپڪ مڃي ويئي آهي
يعني هڪ ئي چيتن سڀني سريرن ۾ پوري پورن وياپڪ

ڪڻ ۽ آتما ۾ نظر لڳائي تون جنگ ڪرڻ لاء تيار ٿي۔

*　　*　　*　　*

هي سرير ته اڳي پوء ناس ٿيڻ وارا آهن، تنهنڪري جيو کي ناسونت شين تان خيال ڪڍي ابناسي آتما ۾ ڌيان انڪائي پرشارٿ ڪرڻ گهرجي۔

شلوڪ ١٩-٢٠

آتما ڪڏهن ناس نٿي ٿئي۔

(١٩) جي جيو آتما کي ناسونت سمجهي ٿا ڪي آتما جو ناس ڪندڙ ڄاڻن ٿا، سي آتما کي نٿا ڄاڻن۔ آتما نه مرڻ واري آهي ۽ نه ڪنهن ڪو ماري سگهي ٿو۔

*　　*　　*　　*

آتما ڪرتا ۽ ڪاريه کان نياري آهي۔ آتما ستي، رجي ۽ تمي گڻن کان نياري آهي، انهيءَ ڪري ناس ٿي نه ٿي سگهي۔

(٢٠) آتما نه ڪڏهين پيدا ٿيندڙ ۽ نه ناس ٿيندڙ آهي۔ آتما گهٽائي ٻاڻ تي نام ۽ روپ ڌاري، وري ڇڏي وڃي ٿي۔ آتما آدي، هرجاء ۽ هروقت قائم ۽ هڪ جهڙي آهي۔ سرير جي مرڻ سان آتما ڪڏهين به نٿي مري۔

شلوڪ ٢١

جنهن هيءَ ڳجهه سمجهيو، سو سرو ڳيه
يعني سڀ جو ڄاڻندڙ ٿئي ٿو۔

هي ارجن! جنهن آتما کي ناس رهت، جنم

جڳائي؛ ڇو ته جي ٽون هنن (ماڻهن) کي ماريندين
ته هي وري پيدا ٿيندا.

شلوڪ ٢٧

پيدا ۽ ناس ارس پرس آهن.

جو پيدا ٿيو آهي سو ضرور ناس ٿيندو ۽ جو ناس ٿيو آهي سو پيدا ضرور ٿيندو. جو قدرت جو پرمپرا (آدي نيت) کان قاعدو ٿيندو آيو آهي تنهن موجب اوس بڻجندو رهندو، تنهنڪري توکي ڏک نه ٿيڻ کپي.

* * * *

جيڪڏهن آتما کي پيدا ٿيندڙ مڃيو وڃي ته ان جو ناس ٿيڻ به سڀاويڪ مڃبو. جي آتما کي ناس ٿيندڙ ڄاڻبو ته ان جو پيدا ٿيڻ به لازمي ٿيندو. ڇو ته جو پيدا ٿيو آهي سو ضرور ناس ٿئي؛ اها قدرت جي نيت (نيم-قاعدو) آهي. پر حقيقت ڪري آتما نه نه پيدا ٿيندڙ آهي ۽ نه ناس ٿيندڙ آهي.

شلوڪ ٢٨-٢٩

جسم آد ۽ انت ۾ ڪونهي، فقط وچ ۾
ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

(٢٨) هي ارجن! آد ۾ سرير (نام ۽ روپ) ڪونه هو ۽ انت ۾ به نه رهندو؛ باقي وچين عرصو جو سنڪلپ سان ملايل آهي تنهن ۾ سرير ڀاسي ٿو جو مٿيا آهي. مٿيا سرير جو ڏک ڪهڙو ڪبو؟

* * * *

هي جيڪي به نام روپ واريون شيون ڏسڻ ۾ اچن

آهي. جيئن انسان پراڻا ڪپڙا لاهي نوان پائيندو آهي ۽ سندس سرير ۾ ڪا به بدل سدل ڪانه ايندي آهي، تهڙيءَ طرح آتما پراڻا سرير ڇڏي نون سريرن ۾ پرگهٽ ٿئي ٿي. جي سرير مري ويا آهن سي آتما جي پراڻيءَ پوشاڪ مثل آهن ۽ جي هن ڪانپوءِ سرير پيدا ٿيندا سي آتما جي نئين پوشاڪ مثل آهن، پر آتما نه جيئن جو تيئن رهي ٿي. آتما هڪ ئي آهي، سرير گهڻا آهن. انساني سرير هيڪڙائيءَ جي سمنڌ ۾ بدبدن جي مثل پيدا ٿي وري ليءِ ٿي وڃن ٿا ۽ سمنڊ يعني آتما جيئن جو تيئن رهي ٿو. اهو آدي قدرتي قانون (نيم) آهي، جو جڳان جڳ هلندو آيو آهي ۽ هلندو رهندو.

شلوڪ ۲۴-۲۵-۲۶

آتما سوڪيم، اوچي، سڀ ڪان نياري ۽
سڀ ۾ هڪ رس، سدائين سمائي رهي ٿي.

(۲۴) آتما نه ڪٽجي سگهي ٿي، نه جلي سگهي ٿي، نه ڳري سگهي ٿي ۽ نه سڪي سگهي ٿي. آتما ناس رهت، پري پورن وياپڪ، پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ ڪان استٿت ۽ آدي آهي.

(۲۵) آتما اندرين جي جاڻ کان پري، سوچ ويچار کان ٻاهر ۽ ڦير گهير کان رهت مڃي وئي آهي. هي ارجن! آتما کي اهڙو ئي ڄاڻي توکي ڪو به سنديه ڪرڻ نٿو سونهين.

(۲۶) پر جيڪڏهين تون آتما کي پيدا ۽ ناس ٿيندڙ مڃين ٿو، ته به توکي شوڪ ڪرڻ نه

اگيانتا سبب آتما جدا جدا ڀِن ڀِن (گھڻن نمونن ۾) ڏسڻ ۾ اچيٿي ۽ جيون کان نياري ڀاسي ٿي، پر سچ پچ ساري پرڪرتيءَ ۾ آتما هڪ ئي آهي. آتما (ذات حق) ڀاڳن يعني حصن ۾ ٿي نه ٿي سگھي تنهنڪري سرشٽيءَ ۾ ڪنهنجو به دک ڪرڻ نه جڳائي. هن شلوڪ ۾ ”ديهه“ اکر ڪم آيو آهي، جنهنجي معنيٰ گھڻو ڪري آتما سمجھي ويئي آهي، پر ائين نه آهي. آتما ته هڪ ئي آهي ۽ سڀ ۾، سڀ وقت هڪ جهڙي بري پورن سمائي رهيٿي، پر ڀاسي جدا جدا ٿي، جا مايا آهي.

نوٽ:- سانکيه يوگ جا ويهه شلوڪ هت پورا ٿيا. هينئين اٺن شلوڪن ۾ سري ڪرشن مهراج ارجن کي واجب ڪرمن (لازمي ڪرم) ڪرڻ بابت سمجھائي ڏئي ٿو.

شلوڪ ٣٢-٣٣-٣٤-٣٥-٣٦

جيوَ کي لازمي ڪرمن ڪرڻ سان سرڳ
ملي ٿو ۽ نه ڪرڻ سان نرڪ جو ڀاڳي
بڻجي ٿو ۽ ڏوهاري ليکجي ٿو.

(٣٢) هي ارجن! تون ڀاڳن وارو آهين جو بنا ڪوشش تنهنجي لاءِ سرڳ، جا دروازا کليا آهن. هڙيءَ جنگ جو موقع ڀاڳن سان ڪنهن ڪتريءَ کي ملي ٿو.

(٣٣) جيڪڏهين تون هيءَ جنگ نه ڪئي جا واجبي (ڌرم يڌ) آهي، ته چئبو ته تو پنهنجو فرض (ڪتري پڻي جو) پورو نه ڪيو، انهيءَ ڪري تون پاپ جو ڀاڳي ٿيندين.

ٽيون سي سڀ آتما مان پرگهٽ ٿيون آهن ۽ انت ۾ آتما ۾ ئي وڃي لئي ٿينديون، تنهنڪري سڀ آتما روپ ٿيون. انهن جو ياسڻ مٿيا ڪري ڄاڻجي. جا شيءِ آهي ئي ڪانه تنهنجو دک ڪرڻ ڪهڙي سياڻپ آهي؟

(٢٩) هي ارجن! آتما کي ڪيترا عجب روپ سان ڏسن ٿا، ڪي عجب سان ورنن ڪن ٿا، ڪي عجب سان ٻڌن ٿا ۽ ڪي وري گورو ۽ شاسترن کان ٻڌي به نٿا ڄاڻن.

* * * *

نوٽ:- آتما کي جدا جدا نموني محسوس ڪرڻ، جگياسوءَ جي محنت تي مدار رکي ٿو. جهڙي جهڙي محنت ڪندڙ هوندو، تهڙي تهڙي طريقي آتما جو درشن پائيندو رهندو.

شلوڪ ٣٠-٣١

آتما سرو وياپڪ، انادي ۽ دائم قائم آهي.
آتما جي هئڻ سبب سرير ياسن ٿا ۽ ديهه
سان لاڳو ڪرم ڪرڻ واجب آهن.

(٣٠) هي ارجن! آتما هر چيز ۾ وياپڪ ۽ ناس رهت آهي تنهنڪري توکي ڪنهنجو به دک ڪرڻ نه گهرجي ۽ لازمي ڪرمن (ڪرتويه) جو خيال رکي اُهي ڪندو ره.

(٣١) پنهنجي ڌرم کي چڱيءَ ريت سمجهندي به، گمراهيءَ ۾ ٻوڙڻ توکي ڪين ٿو سونهين. ڪتريءَ جو ڪرتويه آهي جنگ ڪرڻ. ڪتريءَ لاءِ جنگ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به اتم ڪرم ڪونه آهي.

* * * *

کي ڌارڻ ڪري جي تو سريرِ ڇڏيو (مري وئين)
ته اوس سرڳ کي پراپت ٿيندين.

* * * *

هن شلوڪ ۾ سري ڪرشن مهراج ارجن کي سانکيه يوگ جو سبق ڏنو آهي ته سميڪ درشٽي ڌاري جنگ ڪر. سمتا اها من جي ورتي آهي يعني اها استٿي يا بيهڪ آهي، جنهنجي سمجهاڻي هن اڌياءَ جي يارهين شلوڪ ۾ سمجهائي ويئي آهي، جنهن ۾ سک دک ۽ هار جيت ۾ ڪوبه هرک شوڪ نه پاسي. جڏهن جگياسو سک ۾ سک ۽ دک ۾ دک معلوم نه ڪري ۽ تن من ڪري هڪ جهڙو آنند ۾ رهي ته انکي سانکيه يوگ چئجي ٿو.

شلوڪ ٣٩

سانکيه يوگ جي محنت جو طريقو.

هي ارجن! هن کان اڳ توکي سانکيه يوگ جي چڱيءَ طرح سمجهاڻي ڏني آهي ۽ انتي عمل ڪرڻ جو طريقو (Practice) هينئر توکي ٻڌايان ٿو، جنهن موجب تون پيروي ڪري، جنم مرڻ ۽ ڪرمن جي بندنن کان پاڻکي آزاد ڪر.

* * * *

هن اڌياءَ جي يارهين شلوڪ کان ٽيهين شلوڪ تائين سانکيه يوگ جا اصول ڄاڻايل آهن، جن ۾ آتما ۽ جيو جي سنبنڌ جو احوال ڏنل آهي. ٣١ شلوڪ کان ٣٧ شلوڪ تائين فرض ادائي پڻ ثابت ڪئي ويئي آهي ته جنگ ڪرڻ ڪتريءَ لاءِ لازمي آهي، خاص ڪري جڏهين حقي

(٣٤) تنهنکانسواءِ ڏڍا ديوتائون ۽ منش سڀ تنهنجي اَڪيرتي ڪندا. تو جهڙي گڻوان لاءِ بدناموسي موت کان وڌيڪ خراب آهي.

(٣٥) مهارٿي ڀيشم ۽ دروڻاچاريه، توکي ڀؤ سبب جنگ مان ڀڄندڙ سمجهندا ۽ نه ديالو سمجهندا. جنهن جي نگاهه ۾ تون هن وقت گڻوان ۽ بهادر ليکيو وڃين ٿو، انهن جي نظر ۾ (جي جنگ نه ڪندين) ته تون ڪانئر ۽ نيچ ليکجڻ ۾ ايندين.

(٣٦) هي ارجن! جي جنگ ڪرڻ کان ڀڄندين ته دشمن تنهنجي گلا ڪندا ۽ اڻ سهائيندڙ حرف توکي چوندا. انهيءَ کان وڌيڪ سنسار ۾ ٻيو ڪهڙو ڏک آهي؟

شلوڪ ٣٧-٣٨

هار يا جيت ٻنهي ۾ تنهنجي بهتري
آهي. سياڻپ کان ڪم وٺ ۽ جنگ ڪر.

(٣٧) هي ارجن! اگر جنگ جي ميدان ۾ مارجي وئين ته سڌو سرڳ ۾ ويندين ۽ جي جنگ ۾ جيت حاصل ڪيئه ته راڄ ملندءِ. ٻنهي ڳالهين ۾ فائدو اٿيئي، تنهنڪري همت رکي جنگ شروع ڪر.

(٣٨) توکي ڪو به پاپ نه لڳندو، جيڪڏهن سک ۽ ڏک، لاڀ ۽ ڇيهو، هار ۽ جيت هڪ سمان سمجهي لڙائي ڪندين. همت ۽ مڙسي انسان جو آتمڪ گڻ آهي؛ تنهنڪري انهن گڻن

وارو طريقو ئي نيڪ آهي. ٻيا سڀ
علم ٻي ٻقا ۽ گمراهه ڪندڙ آهن.

هي ارجن! ايمان واري جگياسوءَ ۾ هڪ ئي نسچو
رهي ٿو. جنهنڪري پنهنجيءَ ٻڌيءَ کي هڪ
آتما ۾ ئي لڳائي ٿو، جنهن مان ڪيس آنند اچيٿو؛
پر ويساهه جي گهٽتائيءَ واري جيو ۾ گهڻائي
اپتا شڪ رهن ٿا، جنهنڪري آنند رهت رهيٿو.

* * * *

آتما پرم آنند ڏيڻ واري ۽ هڪ ئي آهي، انهيءَ
ڪري سڀني آتم گيانين (عارفن) جي سمبڪ درشتي
رهي ٿي ۽ سڀ سان ميل ميلاپ ۽ پريم رهيٿو (چاهي
ڪهڙيءَ به قوم جو هجي).

شلوڪ ٤٢-٤٣-٤٤

اناتمڪ پاسي جي ترشنا محتاج ڪريٿي
۽ ڪرمن جي ڦاسيءَ ۾ ٻڌي ٿي.

(٤٢-٤٣) هي ارجن! مت هيڻ، اگياني پرش، جي
پنهنجي حواسي خواهشين (Sensual desires)
۾ ڦاٿا پيا آهن ۽ ڪين فقط سرڳ، آدڪ جي دل
۾ آشا ترشنائي رهيٿي ۽ پنهنجي عقل ۽ علم
دواران سوال جواب ڪري چئن ٿا،

(٤٤) جن لاءِ عيش عشرت ئي حياتيءَ جو مقصد
آهي، اهي ويدن جا اهڙائي وچن ٻين کي چئي
ٻڌائين ٿا جهڙيءَ طرح تون چئي رهيو آهين.
هي ارجن! اهڙا وچن برابر وڻندڙ لڳن ٿا، پر

واجبي آهي (ڌرم انوسار). ٣٨ شلوڪ ۾ سانکيہ مت موجب رهڻي رکڻ جي هدايت ڪئي ويئي آهي. هيٺين شلوڪن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ ڪهڙي نموني جگياسو پنهنجي رهڻي رکي ڪرمن کان آزاد ٿئي يعني موکش پراپت ڪري.

شلوڪ ٤٠

مان ڇا آهيان يعني ٻاڻ سڃاڻڻ (خود شناسي).

هن پار ڏانهن جيڪو ٿوري ڇاهي گهڻي جيڪا بہ ڪوشش (ڪرم-پرشارٿ) ڪريٿو، سا ڪڏهن بہ اجائي نٿي وڃي ۽ انهيءَ پرشارٿ ۾ ڪابہ رڪاوٽ نہ پوڻ کپي.

* * * *

آتما جي پرکڻ لاءِ جيڪو ٿورو ئي پرشارٿ ڪندو تہ گهڻن ئي وگهنن کان بچي پوندو. پرشارٿ ڪري، جيڪو جيتري بہ آتما جي ڄاڻ حاصل ڪندو تہ اها وري ڪڏهين بہ وئرٿ نہ ويندي. آتما جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ جسماني ڪشٽن وغيره جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، فقط من ۽ بدّيءَ کان ڪم وٺڻو آهي. ڌيان ۽ محسوسات تکي Sense of und rstanding) هئڻ تمام ضروري آهي. (and perception جنهن جگياسوءَ کي هن پار جي ٿوري بہ ڪا ڄاڻ آهي، تنهنجا سڀ وهم ۽ شڪ (Doubts) ناس ٿي ويندا.

شلوڪ ٤١

ٻاڻ سڃاڻڻ يعني علم خود شناسيءَ

جاڻين تہ بہ نہ ڄاڻ - ايءَ ڊر ابوجهن جو،
اُن ڊر سي اگهيا - جن نہ ڄاتو پاڻ،
رِبجهاڻو راڄاڻ - آهي ابوجهن لئي.

ساري سرشٽي ٽن گڻن ۾ ٻڌل آهي (ستو - رجو - تمو؛ گياتا - گيان - گيي؛ عالم - علم - معلوم؛ فاعل - فعل - مفعول؛ عابد - عبد - معبود؛ عاشق - عشق - معشوق؛ حال - ماضي - مستقبل). انهيءَ ترگڻي مايا کان تون بيخبر رهہ. زمان حال ترگڻي مايا کان اُتم آهي. زمان حال جو دائما خيال رکڻ ڪري جگياسو آتما سان ايڪ ميڪ ٿي وڃيٿو يعني طالب ۽ مطلوب يا عاشق ۽ معشوق ملي هڪ ٿي وڃن ٿا؛ خود عشق بہ نٿو رهي. سک دک، نيڪي بدي وغيره سڀ جيو کي هڪ سمان ڀاسن ٿا ۽ ڏاڍو اندر ۾ آنند حاصل ڪري ٿو. جو جگياسو زمان حال ۾ مگهن يعني مڳو رهيٿو، سو ڏاڍو بيپرواهہ ۽ نربندن رهي، هردم آتما جو ديدار ڪندو رهيٿو. انهيءَ کي صوفي واصل بقا چوندا آهن.

شلوڪ ٤٦

گيان سمنب آهي؛ ويد مثل کوهہ، تلاءَ
کسي ۽ درياهہ وغيره آهن.

برهم گيانين جو ويدن سان ايترو ئي پريوجن رهي ٿو، جيترو اڻ اُڇايل (جنهنکي اُڃ نہ هجي) جيوَ جو، کوهہ، تلاءَ يا درياهہ وغيره سان.

* * * *

جهڙيءَ طرح جيو کڏهين ڪسيءَ مان کڏهين کوهہ،

انهن مان آتما جي پراپتي کاڻ ٿيندي.

* * * *

جي جيو سرڳ، آدڪ جي سکن جا کانڪي رهن ٿا سي ظاهري سکن حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻائي جتن ڪن ٿا جنکي پائي پاڻکي سکي سمجهن ٿا؛ پر اهڙن جيون کي آتم آنند (قرار حق) پراپت نٿو ٿئي. جيڪي جيو ٻاهرين سکن ۾ ظاهري مانَ عزت جي چاه ۾ ڦاٿا رهن ٿا، انهن کي آتما ۾ گهِرائپ (وحدت) حاصل ٿي نہ سگهندي ۽ سمپڪ درشنيءَ جي موج ماڻي نہ سگهندا؛ يعني، جن جيون جو خيال ٻاهر مک رهيٿو سي انترمک نہ بڻجي سگهندا. اهڙا جيو، آتما (معشوق حقيقي) کي نہ ڏسي سگهندا ۽ آتم گيان (علم خودشناسي) رهت رهندا.

شلوڪ ٤٥

آتما ترگڻي مايا کان اُتم ۽ نياري آهي.

هي ارجن! ويدن ۾ ترگڻي يعني ٽن گڻن واري مايا (گياتا - گيان - گييہ = ڄاڻندڙ - ڄاڻ - ڄاڻڻ يوڳ شيءِ) چٽي ويئي آهي. تون انهن ٽنهي گڻن کان آزاد ٿي، نيارو ٿي ٻيهہ ۽ دک سک جي پيڊ جو ترڪ ڪري نربندن ٿيءُ. ستي گڻ ۾ استت رهي هيڪڙائيءَ واري وات وٺ. ٻيائي (دوئي) اندر مان ڪڍي سدي آتما ۾ نظر يعني ڌيان رک ۽ آتم پرايڻ ٿيءُ. هي پارٿ! تون خبر کان بيخبر رهہ. ڄاڻ گمراهہ ڪندڙ آهي.

* * * *

نسنگ ٿي پنهنجو ڪرم ويدن انوسار ڪندو
رھ. ھي ارجن! خود ڪرم ڪرڻ جي ٻه تون
خواهش نه رک يعني جو ٻه ڪرم سهج سڀاء
اڳيان ٻڌجي اچيٿي تنهنجي ڪرڻ ڪان منهن
موڙ نه ڪر.

* * * *

جيو لاء جسماني ڪرم ڪرڻ لازمي آهي، ڇو ته جيو پرڪرتيءَ کان ٻاهر نه آهي ۽ پرڪرتيءَ جي خاصيت ڪرم آهي. ڪرم ڪرڻ ۾ ڪو ٻه اهم ڪونهي (اهي ويدن جا واڪ آهن)، پر ڪرمن جي ڦل يعني نتيجي جو خيال رکڻو نه آهي. سڦلتا يا نسڦلتا قدرت جي وس آهي ۽ ڪرم ڪرڻ پنهنجي وس آهي. قدرتي قانون موجب جيسين جيوُ آهي تيسين ڪرم ڪرڻ کان رهي نه سگهندو. اها نيت ويدن مڃي آهي.

شلوڪ ۴۸

گيان ۾ استٿت ٿيڻ يوگ آهي.

ھي ارجن! يوگ ۾ قائم رهي نسنگ ٿيءُ. هار ۽
جيت ۾ هڪ سمان رهي ڪرم (پرشارٿ) ڪر.
هر حال ۾ هڪ جهڙو (دک ۽ سک ۾ دک سک
محسوس نه ڪرڻ) ٿي رهڻ کي يوگ چئجي ٿو.

* * * *

گياني ظاهري ڪرم ڪرڻ کان انڪاري نه ٿيندا آهن، پر دل ڪري (خيال کي) ڪرم ڪرڻ کان آزاد رهندا آهن يعني آتما کي ڪرم کان نيارو سمجهندا آهن

تلاءَ ۽ درياهه وغيره مان ڪم وٺندا آهن (جهڙو جهڙو ڪم ۽ جهڙو جهڙو وقت) جي سڀ اچي پوءِ وڃي سمنڊ ۾ سمائجن ٿا، جنهن هڪ (سمنڊ) مان سڀ ڪم سڌ ٿي سگهن ٿا يعني جنهن ۾ ڪنڊ يا ڪناري ڪان ٻڪ پوڻدا ته اهوئي پاڻي ملندو جو ڪسي - ڪوهه - تلاءَ ۽ درياهه وغيره ۾ آهي. تهڙيءَ طرح گيان، سمنڊ مثل آهي جنهن ۾ سڀ ڪرم ڪانڊ ۽ اُپاسنا وغيره سمايا رهن ٿا. تنهن ڪري گياني سيئي ظاهري بندنن (ڪرم ڪانڊ اُپاسنا) ڪان آزاد رهن ٿا ۽ ڪرمن ڪي ڪسي - ڪوهه - تلاءَ ۽ درياهه وغيره جي نظر سان ڏسن ٿا؛ لازمي ڪرم جو ضروري سمجهن ٿا سو ٻه ڪن ٿا ۽ پنهنجي آتم گيان ۾ ٻه مڱو رهن ٿا. گيانوان اَڻ اُڇايل جيوَ مثل آهن. ويراڳي ۽ اگياني پياسيءَ مثل آهن ۽ ڪرم ڪانڊ ۽ اُپاسنا انهن لاءِ ضروري آهي. جو پياسو نه آهي يعني گيان پراپت ڪيو اٿس يعني سمنڊ ۾ رهي ٿو، سو ڪسي- ڪوهه - تلاءَ ۽ درياهه جي هستيءَ (ضرورت) ڪي ڄاڻي ٿو ۽ اُن موجب موقعي تي ان ڪان ٻه ڪم وٺندو رهيٿو؛ پر جو پياسو يعني اگياني آهي تنهن لاءِ ويدن موجب رهڻي تمام ضروري آهي، جنهن دوارا، گيان پراپت ڪري سگهندو يعني پنهنجي پياس مٽائي سگهندو.

شلوڪ ٤٧

گيان يوگ يعني علم سليم جو طريقو.

ڪرم ڪرڻ ارجن تنهنجي لاءِ ضروري آهي، پر
ڪرم جي نتيجي جو تون خيال نه ڪر يعني

شلوڪ ٥٠

گيان يوڳ ۾ پاپ پُن ٻئي نشٽ ٿين.

گياتوان جو خيال چڱيءَ ۽ مٺيءَ تان کڄي ويندو. دنيا ۾ هن لاءِ پاپ ۽ پُن نه رهي، تنهنڪري هي ارجن! تون گيان ۾ استٿت ٿيءُ، گيان سهت يعني نسنگ ٿي ڪرم ڪرڻ اُتم آهي.

* * * *

ٿيءُ غيب ۾ تون غيب - لنگهي عيب ثوابن،
١- طالب نه ٿي تقوا سندو - پي شوق شرابن،
چڏ هستي گهڻ مستي - سڻ رمز ربابن.
٢- نوريءَ نڪو ٻيو آهه - هلي ٿيءُ حجابن،
آهين نور ڪر ظهور - ٿي نروار نقابن.
٣- بيزار خود خيال کون - بيدار ٿي خوابن،
پيهي پس حقيقت پانهنجي - منهن موڙ ڪتابن.
٤- ڪج نقطو توحيد جو - حاصل هر بابن،
بيدل! وٺ پاڻيءَ کي - ٻهر لهر حبابن.

گيان جي وسيلي پاپ ۽ پُن ٻئي نشٽ ٿين ۽ هڪ ئي آنند واري حالت باقي جگياسوءَ لاءِ رهي ٿي. انهيءَ ڪري گيان پرائڻ سڀ کان اعليٰ ليکيو ويو آهي. گيان، ڪرم کان اوچو آهي. گيان حاصل ڪرڻ واسطي اُدم يعني پرشارٿ ڪرڻ تمام ضروري آهي. پرشارٿ ۽ ڪرم ۾ هيءُ فرق آهي: ڪرم سان ڪرم وڌي ٿو ۽ پرشارٿ سان ڪرم مٽجي ٿو. ڪرم سوڪيم اهنڪار وڌائي ٿو، جنهنڪري ڪرم وڌندو ويندو ۽ پرشارٿ هميشه آتما جي

۽ ڪرم جو آتما سان ڪو به لاڳاپو نه سمجهي، ڪرم جي نتيجي جي ڪا به اون اندر ۾ نه رکندا آهن. هو هر حال ۾ پنهنجي آتم گيان ۾ مست رهندا آهن ۽ سهج سڀاء پرڪرتيءَ جو ڪرم سمجهي (نيت) نسنگ ٿي ڪرم ڪندا رهندا آهن. گياني ڪڏهين به آتما ۽ پرڪرتيءَ جي ڳجهه کي نه وساريندا آهن جنهنڪري هڪ سمان رهي آتم آنند ۾ مڳو رهندا آهن ۽ ڪرم به ڪندا رهندا آهن.

”هٿ هاج ڏي - دل يار ڏي.“

شلوڪ ۴۹

گيان يوگ اتم آهي، ڦل جي اڇا رکڻ
نيچپڻو آهي.

هي ارجن! نسنگ ٿي ڪرم ڪرڻ گهڻو اتم آهي، تنهن ڪان جو سڪرم، موهه ۽ ممت سهت ڪجي. تنهنڪري تون گيان يوگ ۾ استٿت ٿيءُ ۽ ڪرم جي نتيجي جو خيال نه ڪر. اهو نيچ خيال آهي.

* * * *

مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته ڪرم يوگي سو ڪيم اهنڪار ۽ موهه جي وس ٿي پنهنجي سرير کي ڪم ڪندڙ ڄاڻي ٿو ۽ نتيجي جي اميد رکي ٿو، تنهنڪري انهيءَ کي گهٽ منزل چئي ويئي آهي. نسنگ (موهه رهت) رهي ڪرم ڪرڻ ۽ ڦل جي اڇا ۽ اميد ڪا به نه رکڻ، گيانين جو طريقو آهي جو سڀ کان اوچو طريقو آهي.

تي، جنهن ۾ پنهنجيءَ سوکم درشٽيءَ سان آتما جو درشن ڪري ٿو ۽ ڪيس شانتي ۽ آنند حاصل ٿئي ٿو. اڳي جو ڪجهه آتما جي باري ۾ فقط ٻڌل ۽ پڙهيل هوس، سو هاڻي خود ڏسي پسي سگهي ٿو. کانئس ڪوبه ڳجهه لڪل نٿو رهي. انهيءَ ڪري وڌيڪ ڪابه اندر ۾ خواهش نٿي رهيس. جيوُ اندرين ۽ اهنڪار جي وس رهي آتما کي ڀلائي ڀٽڪندو رهي ٿو. جڏهين ڪيس آتما جي ڄاڻ ٿئي ٿي ته سندس اهنڪار مٽجي وڃي ٿو ۽ پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ٿو.

شلوڪ ۵۳

چنچل من کي ايڪاگر ڪرڻ جو نالو
يوگ آهي.

هي ارجن! جڏهين تنهنجي من جي چنچلتا گم ٿيندي ۽ ايڪاگرتا کي پراپت ٿيندين ۽ ان ۾ استرتا حاصل ڪندين تڏهين تون يوگ پرائڻ ليکيو ويندين.

* * * *

من جي چنچلتا کي دور ڪرڻ ۽ ايڪاگرتا ۽ استرتا حاصل ڪرڻ جي محنت کي سُرتي سادنا چئجي ٿو. سرتي يعني سرت جنهنجي معنيٰ آهي پنهنجي خيال کي ايڪاگر ڪرڻ (محڪم خيال يا ڌيان لڳائڻ). سادنا معنيٰ جيوَ جي اها محنت جنهن وسيلي من کي هر خيال کان الڳ ڪري آتما ۾ ٽڪائي جتان وري ٿڙڪي نه سگهي؛ اهو سانکيه يوگ جو طريقو آهي جنهن کي صوفي

نمت ٿئي ٿو، جنهن مان گيان حاصل ٿيئڻو جنهنڪري
جيو ڪرمن جي ڦاسيءَ کان ڇوٽڪارو (موکش) پائي ٿو.

شلوڪ ٥١

گياني سدا آنند ۾ رهيئڻو.

جو جيو گيان ۾ استٿت رهيئڻو، سو ڪڏهين به
ڪرم جي ڦل يعني نتيجي کي خيال ۾ نٿو رکي
جنهنڪري جمڻ ۽ مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو
پائي موکش کي پراپت ٿئي ٿو ۽ پرم آنند اندر
۾ ماڻي ٿو.

* * * *

اهڙن جيون جي دل ۾ نه ڪڏهين ڪا اميد رهيئي
۽ نه ڪنهنجو خوف رکن ٿا. گياني سدائين نراسا ۽
نامراديءَ جي حياتي گذاري ٿو يعني آزاد رهيئڻو.

شلوڪ ٥٢

جيو جڏهين گيان حاصل ڪريئڻو،
تڏهين ڪيس آتما جي جاڻ پوي ٿي.

هي ارجن! جڏهين تون اگيانتا جي مونجهاري
کان ٻاهر نڪرندين تڏهين تو جيڪي ٻڌو هن کان
اڳي ٻڌو آهي يا هن کان پوءِ جيڪي ٻڌندين
تنهن جي پرواهه نه ڪندين يعني ويراڳ پيدا
ٿيندءِ.

* * * *

جڏهين جيو موهه جار (اهمپڻي-خودي) کان آزاد
ٿي شڌ ٿيئڻو تڏهين ڪيس آتم گيان جي خماري چڙهي

شري ڪرشن جو ارجن کي جواب:-
هي ارجن! جيئن جڏهين سڀني آشائن ۽ ترشنائن کان پنهنجي خيال کي آزاد ڪري آتما ۾ مڳن رهيئو، تڏهين ڪيس ثيبر بڌيءَ وارو يعني تيزفهم چئبي سگهبو.

* * * *

جاڳ سمجهه هيءَ ساعت ري-
نـــ نه وڃيئي وهاميو راتري،
۱- ساز سرت جا سڀ گـــڏائين-
دم دوستن ريءَ ڌار نه چائين،
تان اچيئي هت باتـري.
۲- چت ۾ چِٽڪي نـــام نيـــارو-
لِنوَ لِنوَ انـــدر تنهنجو نعرو،
ڪر تنهين جي ڪا تاتري.
۳- جا تـنِ هاديءَ جوت جڳائي-
گـــڏِ تنهين سان سرت سپائي،
تـــي لڳنج اها لاتـــري.
۴- قطب مهل اهـــائـــي آهـــي-
مهر هاديءَ جي تان غم ناهي،
پاء دروني جهاتـــري.

جنهن جيئو پنهنجي اندر مان پنهي جهانن جو ترڪ ڪيو آهي يعني نِرآشا ۽ نرِاچت بڻيو آهي ۽ پنهنجي آتما کي سڃاڻي انهيءَ ۾ دائما گم رهيئو ۽ پنهنجي من تي پورن ضابطو اٿس تنهن کي يوگي چئبو. باقي يوگي ۽ عام جيون جي ورتاءُ ۾ ظاهري ٻيو ڪو به تفاوت ڪونهي.

شغل ٿا ڇون. سانکيہ يوگ جي اڀياس (Pratice) ڪرڻ سان جگياسوءَ ۾ خيال جي ايڪاگرتا پيدا ٿي ٿئي ۽ ترگڻي مايا جي چنچلتا کان آزاد ٿو ٿئي. هن سانکيہ يوگ ڪرڻ ۾ صرف خيال کان ڪم ورتو ويندو آهي ۽ آتم پرائڻ جو اهوئي طريقو آهي. جيسين جيؤ پنهنجي تيبر بدي ۽ (تيز فهمي) کان ڪم نہ وٺندو تيسين منجهس گيان جائگير نہ ٿي سگهندو، ڇو تہ هي ڳالهيون ڏاڍيون سوکيم آهن جي بنا جهدن ۽ محنتن جي هٿ نہ اينديون.

شلوڪ ٥٤

يوگيءَ جي سڀاءُ.

ارجن جو شري ڪرشن کي سوال:-

هي ڪرشن! جو جيوَ استر من ٿئي ٿو ۽ سندس خيال آتما ۾ محو رهي ٿو، تنهنجي سڀاءُ ڪهڙي آهي يعني اهڙي جيوَ کي ڪيئن سڃاڻجي ۽ اهڙو جيو وهنوار وغيره ڪيئن ٿو ڪري؟

*　　*　　*　　*

نوٽ:- هاڻي ارجن شري ڪرشن کان پڇي ٿو تہ هي ڀڳوان! يوگي جن ۽ عام جيو جي ورتڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ارجن اگيانتا کان شري ڀڳوان کان هي سوال پڇي رهيو آهي.

شلوڪ ٥٥

يوگي خيال کي سڀني طرفن کان روڪي آتما ۾ محو رهي ٿو.

(ٻاهرين محسوسات) کي روڪي، سڀني اثرن کان آزاد رهيٺو.

شلوڪ ٥٩

اندري جيت کي وشيه ڀوڳ ڇڏڻ
ڪري ڏايو آنند پراپت ٿيندو آهي.

اندرين کي ڪاڌي نه ڏيڻ وارن جيوَن (سنياسي-تارڪ) جون وشيه ڀوڳن واريون خواهشون دور ٿي وڃن ٿيون ۽ آتما جي ساڪياتڪار ٿيڻ سان وشيه ڀوڳن جو شوق متجي ويٺو.

*　　　*　　　*　　　*

”بُک وڌائون بُکڙين - جوڳي ڪندا جُڳ،
طلب نه رکن طعام جي - اوتيو پِين اُڃ،
لاهوتين لطيف چئي - من ماري ڪيو مُڃ،
سامي جهاڳي سُڃَ - وَسَنءُ کي ويجها ٿيا.“
(شاه صاحب)

وشيه ڀوڳ، اندرين جو کاڌو آهي. جڏهن جگياسو سرت ساڌنا ڪندي اندرين تي جيت پائي ٿو (پران روڪڻ سان سرت ساڌنا سولائيءَ سان ٿي سگهي ٿي، جنهنکي صوفي دم حَبسُ چوندا آهن)، تڏهين اندرين جا ڪرم متجي وڃن ٿا، جنهنڪري اندرين جي وشيه ڀوڳ پدارٿن ڏانهن ڇڪ گم ٿي وڃيٿي. جگياسو يعني طالب ذات جڏهين آتما ۾ محو ٿي وڃيٿو ۽ سو ڪيم درشنيءَ سان درشن ڪريٿو، ته ڪيس ڏايو آنند اچيٿو جنهنجي ڀيٽ ۾ نفساني ڀوڳ، تڇ ڀاسن ٿا.

شلوڪ ٥٦-٥٧-٥٨

ڀوڳي خوف ۽ اميد کان آزاد رهيتو ۽
هر حالت ۾ سمان (هڪ جهڙو) رهيتو
۽ سندس من ورتي ڪمي ۽ مثل آهي.

(٥٦) جو جيوُ دک کان نتو ڊڄي ۽ سک جي چاهنا نتو رکي، جنهنجي اندر ۾ نه موهه (پيار) آهي ۽ نه ڌڪار آهي ۽ ڪروڌ رهت آهي، اهو تيبر ٻڌيءَ وارو گياني پرش آهي.

(٥٧) جو جيوُ نرموهه ۽ نربنڌن آهي، مانَ اپمانَ کان نيارو آهي، رنج ۽ راحت ۾ هڪ سمان ورتي رکيتو، انهيءَ جي ٻڌي تيبر آهي.

(٥٨) جئن ڪُمي (ڪَڇُئون) پنهنجن سڀني انگن کي اندر ڇڪي وٺندي آهي ته جيئن ٻاهرين اٿون کان بچي رهي، تيئن گياني پاڻکي اندرمک ڪري رکي ٿو.

*　　　*　　　*　　　*

جيوَ جي حياتيءَ ۾ سک دک، سردي گرمي، نفعو نقصان ته ٿيندوئي رهيتو؛ پر گياني اهو آهي جو انهن جي اثرن کان آزاد آهي ۽ هر حال ۾ آتما ۾ استر آهي ۽ سم ورتي رکيتو. جو جيوُ دنيوي اثر کان آتما کي نيارو سمجهي ٿو، اهو جيوُ گياني آهي. جگياسوءَ جي من ورتي، (سرتي سادنا) سانکيہ يوگ، ڪمائڻ وقت ڪميءَ جهڙي رهيتي يعني اهڙو جگياسو پنهنجي اندرين

وشيہ ڀوڳن سان موھ (سنيھ - پريم) ٿي وڃي ٿو
جنھنڪري اڇا پيدا ٿئي ٿي، اڇا پيدا ٿيڻ
سان ترشنا پيدا ٿئي ٿي. اڇا پوري نہ ٿيڻ ڪري
ڪروڌ پيدا ٿئي ٿو.

(٦٣) ڪروڌ تڏھين ٿئي ٿو جڏھين موھ آھي.
موھ جي ڪري آتما جو ڀولائو ٿي وڃي ٿو جنھن
ڪري ٻڌي ناس ٿي وڃي ٿي. ٻڌي ناس ٿي
ڄڻ جيو پاڻ ناس ٿي ويو.

شلوڪ ٦٤

پنھنجي خيال ڪري ڪرمن ڪان
آزاد رکڻ، موکش آھي.

جو جيوُ ڏک سک، رنج ۽ راحت ۾ سم ڀاؤ رھي
پنھنجين اندرين کي وس ۾ رکي سڀ ڪرم
ڪري ٿو، سو پرسن چت، برھم آنند کي پراپت
ٿئي ٿو.

* * * *

اھو قدرتي قانون (نيم) آھي تہ انسان جيسين جيئرو
آھي تيسين سندس اندريون اوس پنھنجو پنھنجو ڪم
ڪنديون رھنديون. پر گياني انھن سان ڪوبہ واسطو نہ
رکي، آتما ۾ مڳو رھي ٿو ۽ سھج سڀاءُ جو ٻڌجي اچيس
تہ سو ڪندو رھي ٿو ۽ پنھنجي ورتڻ ۾ اھم ڀاؤ (خودي)
نٿو رکي. سڀ ڪرم نرموھ (سھج) ٿي ڪري ٿو جنھن
ڪري ڪنھن بہ بندن ۾ نٿو ڦاسي. گياني اھڙي نموني
ورتڻ ڪري ٿو جھڙي نموني ڪو مزور ڪم ڪري،
جنھنجو ڪنھن بہ نفع ۽ نقصان سان واسطو نہ آھي.

شلوڪ ٦٠-٦١

وشيہ ڀوڳ، اندري جيت ڪي ۽
گمراهہ ڪندا پر يوگي جن آتم آنند ۾
محو رهي اندرين کي وس رکن ٿا.

(٦٠) هي ارجن! حواسن جي ڀوڳن کي وس ڪندڙ جگياسو ۽ ڪنهن وقت گمراهہ ٿي وڃنٿا.

(٦١) پر جو جگياسو اندرين کي قابو ڪري منهنجي اوٽ وٺي ٿو يعني آتما ۾ محو رهيٿو، سو ڪڏهين ۽ گمراهہ نٿو ٿئي ۽ سدائين شانت ۾ رهيٿو.

*　　*　　*　　*

جيڪڏهين جگياسو پنهنجين اندرين کي چڱيءَ طرح پنهنجي وس ۾ نہ رکيو تہ وشيہ ڀوڳ، هن تي غالب پئجي ويندا ۽ سندس ڀڳتي ڀنگ ٿي ويندي يعني اپياس ٽٽي پوندس ۽ اندر جو آنند گم ٿي ويندس. اندرين تي ضابطي جي اها معنيٰ نہ آهي تہ جيئو اکيون- ڪن- نڪ وغيره بند ڪري ڇڏي ۽ نڪا اهڙي ڪا ضرورت ئي آهي؛ پر پنهنجو من، جنهنڪري سڀ ڪرم ٿين ٿا، تنهنکي پنهنجي وس ۾ رکي، جيئن وشيہ ڀوڳن ۾ نہ ڦاسي.

شلوڪ ٦٢-٦٣

سوکيم چاهي استول پدارٿ
ٻئي بندنن جو ڪارڻ آهن.

(٦٢) وشيہ ڀوڳن ڏانهن ڌيان ڏيڻ سان جيون جو

دل اندرين ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿي، تڏهين
اندريون ماڻهوءَ جي ٻڌيءَ کي اهڙيءَ طرح
بيحال ڪن ٿيون جهڙيءَ طرح طوفان ٻيڙي کي.

* * * *

جيڪڏهين دل دنيوي پدارٿن ڏانهن مائل آهي ته اندريون ڪيس ذائقي جي پاسي ڇڪي وينديون ۽ ٻڌيءَ جي اهڙي حالت ٿائينديون جهڙي طوفان وقت ٻيڙيءَ جي حالت سمنڊ ۾ ٿيندي آهي يعني ڪڏهين هيڏانهن ڪڏهين هوڏانهن (ان استر). هوشيار جگياسوءَ کي کپي ته پنهنجي ٻيڙي چڱيءَ طرح پنهنجي وس ۾ رکي، يعني پنهنجي من کي استر ڪري، جو اندرين جي ڪرمن ڪندي به ان ۾ موهه نه رکي؛ ڇو ته ڪرم ڪرڻ اندرين جو قدرتي قانون (نيم) آهي.

شلوڪ ٦٨

اندرين کي وس ۾ رکڻ
جگياسوءَ لاءِ لازمي آهي.

هي ارجن! جنهن جون اندريون قبضي ۾ آهن،
تنهن جي ٻڌي استر آهي.

* * * *

وشين ڏانهن ڊوڙڻ ڪري من استر نٿو رهي تنهن ڪري جگياسوءَ جو فرض آهي ته من کي استر ڪرڻ لاءِ اندرين تي ضابطو رکي.

شلوڪ ٦٩

استر ٻڌيءَ واري جي رهڻي.
جا سڀني جيون لاءِ رات آهي، گياني اتي سجاڳ

شلوڪ ٦٥

مهو تيڻ سان دک سک نٿو رهي
۽ ٻڌي استر ٿئي ٿي.

آنند جي حالت ۾ سڀ دک منجهي وڃن ٿا.
مهويت جي حالت ۾ ٻڌي جلد استر ٿي وڃي ٿي.

*　　*　　*　　*

مهويت ۾ هڪ قسم جي عجيب خماري (نشو) آهي جا سخت محنت بعد حاصل ٿئي ٿي. زبان سان انجو بيان ڪري نٿو سگهجي.

شلوڪ ٦٦

ويساهه کانسواءِ آنند ۽ آرام
حاصل ٿي نٿو سگهي.

جو ماڻهو جڳياسا ۾ استر نہ آهي، تنهنجي نہ ٻڌي قائم رهي ٿي ۽ نہ کيس آتما جو درشن نصيب ٿئي ٿو. جنهن آتما جو درشن حاصل نہ ڪيو آهي تنهنکي آرام ۽ آنند نٿو ملي. جنهنکي آنند نٿو ملي تنهنکي شانتي پراپت نٿي ٿئي. جو جڳياسو ڌيان نٿو ڪري، تنهنجي ٻڌي استر نٿي رهي.

شلوڪ ٦٧

جوڳ کانسواءِ اندريون ٻڌيءَ
کي استر ٿيڻ نٿيون ڏين.

ورتڻ ڪندي يعني ڪرم ڪندي انسان جي

آتم گيان جي خماريءَ ۾ جگياسو سمنڊ مثل آهي ۽ وشه ڀوڳ مثل ڦوڪيل درياهه جي آهن. جهڙيءَ طرح درياهه وڃي سمنڊ ۾ سمائجي ٿو ته آرام ۽ شانت کي حاصل ڪريٿو، تهڙيءَ طرح من جي استٿي انسان جي آخرين منزل آهي. جي انسان وشه ڀوڳن ۽ سرگ جي اڇا رکن ٿا سي آتم آنند کان وانجها رهن ٿا.

شلوڪ ٧١

نراڇت يعني لاطمع ڀٽڪرڻ سان
هيءَ اوستا پراپت ٿئي ٿي

جو پرش خواهشون مٽائي، نرموهه ٿي ڪرم ڪريٿو ۽ نتيجي ۾ ڪابه ممتا ۽ جيو ڀاؤ (اهنڪار) نٿو رکي، سو شانت پد کي پراپت ڪري ٿو.

*　*　*　*

جو پرش انهيءَ طرح رهڻي رکي ڪرم ڪريٿو سوئي آتم پد حاصل ڪريٿو؛ پر جو انسان ڪرم بندن ۾ رهيٿو، تنهنجو ڌيان ڪڏهين به آتم پد ۾ نه لڳي سگهندو.

شلوڪ ٧٢

من جي اُها استٿي جنهن ۾ جگياسو
سدائين باخبر ۽ هوشيار رهيٿو.

هي ارجن! هيءَ برهم استٿيءَ جي اوستا آهي جتي پرش ڪڏهين به اگيانتا ۾ نٿو ڦاسي ۽ انت ڪال وقت به انهيءَ ۾ استٿر رهي آتما ۾ لين ٿي وڃيٿو.

*　*　*　*

رهن ٿا ۽ جتي انسان سجاڳ رهن ٿا، اتي سچاڻ
پرش ستا رهن ٿا.

* * * *

عام ماڻهو جي اندرين جي وشين ڀوڳن ۾ ڦاٿا پيا آهن،
سي ظاهري ان استر ٻڌيءَ وارا آهن. اهڙن جيون لاءِ
آتم گيان (علم لدني) هڪ ڪاري رات مثل آهي،
جنهن جي طرف کان بي خبر (سمهيل) آهن؛ پر گيانوان
لاءِ اهو ڏينهن آهي يعني آتم گيان ۾ با خبر رهن ٿا ۽
جنهن ظاهرات کي عام ماڻهو ڏينهن چون ٿا، سا گيانيءَ
(عارف) لاءِ انڌيري رات آهي. اگياني پرڪرتيءَ جي
ورتڻ ۾ با خبر آهن ۽ آتما کان بي خبر. گياني آتما ۾
با خبر (هوشيار) ۽ پرڪرتيءَ ۾ بي خبر آهن. سرت (ڌيان)
جو اندرين ۾ مهو رهڻ گيانين لاءِ رات آهي ۽ سرت جو
آتما ۾ مهو رهڻ گيانوان لاءِ ڏينهن آهي.

شلوڪ ٧٠

گياني مثل سمنڊ جي آهي
۽ سدائين شانت ۾ رهيٿو

جهڙيءَ طرح ڦوڪيل درياهه وچي سانتيڪي ۽
گنڀير سمنڊ ۾ سمائجي ٿو، تنهن هوندي ٻه سمنڊ
پنهنجي حد اندر رهيٿو، تهڙيءَ طرح جنهن انسان
جي دل مان سڀ وشيه ڀوڳ ناس ٿي وڃن ٿا
سو آنند ميءِ ۽ شانت سروپ رهيٿو. وشيه ڀوڳن
جي چاهنا رکڻ وارو اهڙيءَ اسٿتيءَ کي پراپت
نه ٿي سگهندو.

* * * *

نقشو آڌياءُ ٽئين

نمبر آڌياءُ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءُ	صوفيائي سمجهاڻي: منزل	صوفيائي سمجهاڻي: بيان
٣	٤٣	ڪرم يوگ	طريقت علمي يعني ويدن يا شريعت موجب رهڻي رکڻي	ترڪ خوف ۽ اميد جو يعني ترڪ ڪرم ۽ اميد ڦل جي

تاتپرج آڌياءَ جو

ڪرم ڪان آجو ٿي رهڻ (نه ڪرڻ) ضروري نه آهي ۽ نه ٿي سگهندو. باقي ڪرم ڪندي به ان ۾ موهه نه رکڻ ۽ ڦل جي اڇا نه رکڻ ئي ڪرم ڪان آزاد ٿيڻ آهي.

مختصر سمجهاڻي آڌياءَ جي

(باطني معنيٰ)

ڪرتويه ڇڏڻ ضروري نه آهي، باقي ڪرم کي سمجهڻ ۽ ان جي ڦل جي لاڳاپن کي ڄاڻڻ ئي ڪرم ڪان آجو ٿيڻ آهي. سڀ ڪرم قدرت جي حڪم سان ئي ٿين ٿا. جيو هڪ اوزار آهي؛ جيئن ڪيس قدرت وٽان سندس سڀاءُ يعني ستي-رجي ۽ تمي گڻ موجب حڪم ٿيندو رهندو، تيئن ڪرم ڪرڻ کان رهي نه سگهندو. تنهن

مٿين شلوڪ ۾ جيوَ جي ورتيءَ جو بيان ڪيو ويو آهي جنهن جي حاصل ڪرڻ سان جيوُ مڪتي پائي ٿو ۽ حياتيءَ ۾ پرڪرتيءَ مان ڦري پرش يعني جز مان ڦري ڪل بڻجي ٿو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين آتما ۾ لين رهيٿو يعني آتما ۾ هڪ ٿي وڃي ٿو.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان
سانکيه يوگ جي رهڻيءَ جي باري ۾
شري ڪرشن ڀڳوان ۽ ارجن جي وچ ۾
سوال جواب وارو ٻيو اڌياءُ پورو ٿيو.

ٻئي اڌياءَ ۾ سانکيه يوگ (آتم گيان جنهنکي صوفي علم حقيقت چون ٿا) ڀرپور سمايو پيو آهي، جنهن جي مد نظر تي ٻيا اڌياءَ رچيا ويا آهن ۽ سمجهاڻي ڏني ويئي آهي.

هن اڌياءَ جا مت (Principles) چئن ويدن ۽ ڇهن شاسترن جو سار آهن. اڄ ڪالهه جي سمي انوسار ماڻهن لاءِ ويد شاستر وغيره وچورڻ پڙهڻ ۽ سمجهڻ مشڪل آهن؛ تنهنڪري شري مد ڀڳوت گيتا، جا شري ڪرشن مهراج ارجن کي سمجهائي آهي، سا جيڪڏهين جگياسو حوصلي سان پڙهندو تہ ڪيس سڀني ويدن ۽ شاسترن جو گيان پراپت ٿيندو.

اَڌيائ ٽيون- شلوڪ ٤٣
ڪرم يوگ.
شلوڪ ١-٢

ارجن جو شري ڪرشن مهراج
جي ڀيد ڪــي نـــ سمجهڻ.

ارجن سوال ڪيو:-

(١) هـي ڪرشن! دشمن جـا ناس ڪندڙ، جيڪڏهين اوهانجي نظر ۾ ڪرم کان گيان اتم آهي تہ پوءِ اوهان مونکي نيچ ڪرم يعني جنگ ڪرڻ لاءِ ڇو مجبور ڪري رهيا آهيو؟

* * * *

ارجن، گيان کي ۽ ڪرم کي علحدو سمجهيو، پـر حقيقت ڪري گيان ۽ ڪرم ۾ ڪوبہ تفاوت ڪونهي. ٻئي هڪ آهن. هن کان پوءِ ظاهر ٿيندو تہ ڪرم قدرت کان ئي ٿئي ٿو ۽ آتما ڪرم کان نياري ۽ آزاد آهي.

(٢) اوهانجي وچن مان ٻہ معنائون نڪرن ٿيون، تنهنڪري مان منجهي پيو آهيان. مهرباني ڪري مونکي هڪ ڳالهہ ڪري سمجهايو جنهن مان منهنجو ڪلياڻ ٿئي.

ارجن ڪرم جي ڦل (نتيجي) ۽ ڪرم ڪرڻ جي ڀيد کي نہ سمجهي سگهيو؛ تنهنڪري شري ڪرشن مهراج کي مٿيون سوال ڪيائين.

ڪري ڪرم ڪرڻ کان جيئُ هڪ پل ٻہ ٻاڃ ڀلي نہ سگهندو ۽ ڪرم ضروري ڪندو ئي رهندو. جو جيو رنج ۽ راحت کانسواءِ ڪرم ڪريٿو، يعني موهہ رهت ٿي ڪرم ڪريٿو ۽ ڦل جي ٻہ اڇا نٿو رکي، سو ڪرم جي ٻنڌنن کان آزاد رهي ٿو. ضروري ڪرم جيوَ کان ٿيندا ئي رهندا، پر جيوُ ان ۾ پنهنجو اهم ڀاؤ (آپو) ۽ مراد رکندو، يا رنج ۽ خوشيءَ سان ڪندو، تہ اگيانتا ۽ ٻنڌنن ۾ ڦاسندو ويندو. پر جو جيوُ سڀ ڪرم قدرت جي طرف کان ٿيندڙ سمجهندو ۽ ڪندو رهندو تہ آزادي ۽ اندر جو آنند ماڻيندو رهندو. اهڙو پرش سڀ ڪرم قدرت کان ٿيندڙ سمجهي ٿو ۽ نہ ڀاڻ کان. ڪرتويہ ڪندي زندگي گذارڻ جا ٻہ طريقا آهن. هڪ ڪرم يوگ جنهن ۾ اهنڪار سڀبان دلي سنبنڌ (موهہ) قائم رهيٿو ۽ ٻيو گيان يوگ جنهن ۾ اهنڪار کان آجو ٿي ڪرم جي ٻنڌنن کان آزاد ٿجي ٿو. ڪرم يوگ جو ڦل ڪرمن سان ٻڌجڻ آهي ۽ گيان يوگ جو ڦل آزادي ۽ شانتي آهي. ڪرم يوگ جو ڦل ناسونت آهي. گيان يوگ مان جو گيان (ڄاڻ- سمجهہ) ۽ شانتي حاصل ٿئي ٿي سا ناس نٿي ٿئي. انهيءَ ڪري ڪرم يوگ کان گيان يوگ جو طريقو زندگي بسر ڪرڻ لاءِ اُتم ڄڻيو ويو آهي.

شلوڪ ۵

انسان هڪ کن ٻ ڪرمن
کان ڇٽي نٿو سگهي.

جيوُ هڪ پل ٻ ڪرمن کان ڇٽي نٿو سگهي، ڇو ت ٻرڪرتي پنهنجي مايا ٻل (ستي-رجي-تمي گڻن) سان سڀ ڪرم ڪرائيندي رهي ٿي.

* * * *

حياتيءَ ۾ هڪ کن ٻ بنا ڪم جي نٿي گذري سگهي جنهن ڪري ت ڪي اندريون ڪم ڪنديون رهن ٿيون. اهي سڀ ڪم قدرت کان اندرين جي معرفت ٿيندا رهن ٿا. انهن کي روڪڻ قدرتي قانون جي اُبتر آهي.

شلوڪ ٦

ڪرم جو طريقو گهٽ ليکيو ويو آهي ڇو ت موهه ۾ آپي ڪانسواءِ ڪرم ٿي نٿو سگهي.

جو منش ڪرم اندرين کي ظاهري روڪي ٿو، پر من ۾ اندرين جي وشيہ ڀوڳن جو ويچار ڪري ٿو. اهڙي مورک کي پاکنڊي ۽ ڪپٽي ڪونجي ٿو.

* * * *

کنن، اکين، هٿن ۽ پيرن وغيره اندرين جي لازمي ڪرمن جي ڇڏڻ ڪري ڀوڳن جي چاهنا مٽجي نٿي سگهي چاڪاڻ ت، خيالات سدائين ڀوڳ ترشنا ڏانهن ڊوڙندي رهي ٿي، تنهنڪري ڪرمن جو تياڳ ڪرڻ مورکتا آهي.

شلوڪ ٣

آتما جي ساڪياتڪار لاءِ گيان
۽ ڪرم ٻہ قديمي طريقا آهن.

شري ڪرشن ڀڳوان جو جواب:-

هي انگهہ پرش! مون مٿي چيو آهي تہ هن لوڪ
۾ ٻہ طريقا آهن. هڪ گيان ۽ ٻيو ڪرم يوگ.

* * * *

اهو مدار جگياسوءَ تي آهي تہ ڪهڙو طريقو اختيار
تو ڪري.

شلوڪ ٤

ڪرم ڪان آجو تيڻ ڏکيو
آهي ۽ نہ تي سگهبو.

انسان ڪرم نہ ڪندي ٻہ ڪو ڪرم ڪان آجو نہ
ٿي سگهندو ۽ نہ ڪرم ڇڏڻ ڪري ڪيس ڪجهہ
پراپت ٿي سگهندو.

* * * *

ڪو ٻہ پرش اندرين جي ڪرمن کي روڪي نٿو
سگهي (اکيون ڏسڻ جو ڪم ڪنديون رهنديون، ڪن
ٻڌڻ جو ڪم ڪندا رهندا، زبان چکڻ يعني سواد وٺڻ
جو ڪم ڪندي رهندي وغيره) ۽ نہ انهيءَ ڪان ڇٽي سگهي
ٿو ۽ نہ ظاهري تياڳ يعني سنياس اختيار ڪرڻ سان
موکش حاصل ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري ڪرمن جو
تياڳ ڪرڻ فضول آهي.

شلوڪ ٩

نشڪام ڪرم نه بنڌن ڪري ٿو،
ڪامنا سهت ڪرم بنڌن ۾ وجهي ٿو.

سواءِ ايشور ارپت ڪرم ڪرڻ جي ٻيا سڀ ڪرم منش لاءِ بنڌن جو ڪارڻ آهن. هي ارجن! تنهنڪري جي ڪرم تون ڪرين سي ايشور ارپڻ ڪري، نرموهه ٿي ڪر، يعني ڦل (نتيجي) جو خيال نه رکي آتما جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪرم ڪر.

* * * *

جو ڪجهه هن دنيا ۾ ڏسڻ ٻڌڻ ۾ اچيٿو يا ٿيندو رهيو آهي، سو سڀ قدرت کان ٿي رهيو آهي. گيانوان انهيءَ ڳالهه کي چڱيءَ طرح سمجهن ٿا، تنهنڪري هو پنهنجي آتما کي انهيءَ جو ڪارڻ نٿا سمجهن ۽ سڀني ڪرمن جو ٿيڻ يا ٿيڻ قدرت کان ڄاڻي نرموهي (خوديءَ کانسواءِ) ٿي ڪندا رهن ٿا. اگياني پرش ابتڙ سمجهي سڀ ڪرم آتما کان ڄاڻي ٿو. پهرئين طريقي سمجهڻ وارو ڪرمن کان آجو ٿي موکش پائي ٿو ۽ ٻئين طريقي سمجهڻ وارو ڪرم بنڌنن ۾ ڦاسي ٿو. هن ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ قدرت جي نيت (قانون) کي ڄاڻڻ تمام ضروري آهي.

شلوڪ ١٠

ڪرم قدرت جي ڪشش آهي.

شروع ۾ جڏهين برهما سرشٽي پيدا ڪئي نه انهيءَ سان گڏ ڪرم (يگيه وغيره) به پيدا ڪيائين

شلوڪ ٧

گيان يوگ اُتم آهي، ڇو ته ٻنا موه ۽ آپي
جي ڪرم ڪرڻ گيان يوگ جو اصول آهي.

هي ارجن! جو پرش پنهنجين اندرين کي وس ۾
رکي شاسترن جي نيت انوسار نرموه ٿي اندرين
کي ڪرم يوگ ۾ لڳائي ٿو، اهڙو پرش
سريشٽ آهي.

* * * *

ڪرم اندرين کي ضابطي ۾ رکي نيمن سان ڪم وٺڻ
گهڻو بهتر آهي، تنهن کان جو ڪرم جو تياڳ ڪرڻ.
نرموه (خودي رهت - نراهنڪار) ٿي ڪرم ڪرڻ سان
منش موکش کي پراپت ٿئي ٿو. اهڙي جيوَ جو ڪرم
ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جي برابر آهي. هي طريقو گيانوانن
جو آهي.

شلوڪ ٨

نرموه (خودي رهت)
ٿي ڪرم ڪرڻ گهرجي.

تون نيم انوسار لازمي ڪرم ڪر. انهن جو ڪرڻ،
نه ڪرڻ کان بهتر آهي. انهن کان تون پاڻکي
آجو رکي سرير جي پالنا نه ڪري سگهندين.

* * * *

لازمي ڪرم ضرور ڪرڻ کپن. انهن جي ڪرڻ سان
گيانوانن کي ڪو نقصان نٿو پهچي ڇو ته انهن جي نه
ڪرڻ ڪري گيانوانن جي حياتيءَ جي پالنا ئي نه سگهندي.

يگيه (جهد جفا) وغيره ڪرڻ سان ديوتائون توتي
پرسن ٿي توکي نعمتون بخشيندا. موت ۾ جي
تون ديوتائن سان ونڊي ورهائي ڪين راضي نه
ڪندين ته تون چور ليکيو ويندين.

* * * *

سڀ ڪم ۽ آشائون ديوتائون ئي پوريون ڪرڻ وارا
آهن. جي منش اهنڪار وچان چون ٿا ته سڀ اسين
ڪرڻ وارا آهيون سي احسان فراموش (گڻ چور) آهن.
سڀ ڪرم جي اِنسان پاڻ (اهنڪار سهت ڏانهن سمجهي
رهيو آهي سي حقيقت ڪري پرڪرتيءَ کان ٻڌجي رهيا
آهن ۽ آتما سڀني ڪرمن کان نياري ۽ آزاد آهي.

شلوڪ ١٣

گيانوان نربندن رهيٿو، اگياني خودي
يعني اهنڪار جي بندن ۾ ڦاٿو رهيٿو.

اتم پرش جي يگيه (خيرات-دان) ڪرڻ بعد جو
ڪجهه بچين ٿو سو کائين ٿا، سي پاپ رهت
آهن. جي منش آپ سوارٿي آهن ۽ فقط پنهنجي
لاءِ پچائين ۽ کائين ٿا سي پاپ جا ڀاڳي آهن.

* * * *

گيانوان سڀ ڪرم قدرت کان ٿيندڙ مڃين ٿا يعني
پنهنجو آپوان ۾ نٿا رکن ۽ آتم آنند (علم توحيد- علم ذات)
ماڻين ٿا. انهيءَ ڪري پاپ ۽ پنج کان چٽل رهنٿا. اگياني
اهم ڀاؤ (خودي) ۾ ڦاسي سڀ ڪرم پاڻ کان ٿيل سمجهي
۽ پاڻ‌کي شرف ڏيئي خوش ٿين ٿا ۽ ڦل جي اِڇا رکي
اميد ۽ نااميديءَ جي سزا پائين ٿا.

۽ منشن کي چيائين ته هنن ڪرمن وسيلي وڃي پنهنجو اُڌار ڪريو.

*　*　*　*

جڏهين ٻار پيدا ٿئي ٿو تڏهين سندس اِندرين ۽ جسم ڪمزور ٿين ٿا. تنهن ڪانپوءِ جيئن ٻار اِندرين ۽ سرير کان ڪم وٺندو هلي ٿو تئين طاقت وار ۽ وڌندو رهي ٿو. جو ڀريائين ٻار هو سو پوءِ جوان ڪوٺجي ٿو. ان اوستا موجب ڪرم ڪري من جا مطلب پورا ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح جيوَ ڪرم ڪري پنهنجو ۽ ٻين جو واڌارو ڪندا رهن ٿا. جي منش آپ سوارٿي ٿئي قدرت جي سامهون ٿين ٿا، يعني قدرتي قانون جي اُبتڙ هلن ٿا، سي سزا جا ڀاڳي ٿين ٿا ۽ عيش عشرت جي غفلت ۾ ڦاسي جلدي مري وڃن ٿا. سمجهه سان اِندرين کان ڪم وٺڻ سياڻپ جو ڪم آهي ۽ نيت پوُروَڪ آهي.

شلوڪ ١١

اندرين کي قدرت جي نيمن تي
هلائڻ اِنسان جو فرض آهي.

تون اهڙيءَ طرح يڳيه (جهد) وغيره سان ديوتائن جي خدمت ڪري کين راضي ڪر ته ديوتائُون موٽ ۾ تنهنجا سڀ ڪارج پورا ڪندا. انهيءَ نموني هڪ ٻئي کي پرسن ڪري ٻئي اُتم پد حاصل ڪندا.

شلوڪ ١٢

اِندرين جو ڪرم قدرت کان
ٿئي ٿو ۽ آتما نرليپ آهي.

شلوڪ ١٦

جو قدرت جي ڦير گهير جو زور نٿو
سمجهي، سو ڪم عقل (اگياني) آهي.

قدرت جو چرخو جهڙي نموني رٿيو ويو آهي، انهيءَ نموني، جو منش پنهنجي جيوت نٿو ڪاٽي، يعني قدرت سان سات ڏيئي انهي نيمن انوسار نٿو هلي ۽ اندرين جي ڀوڳن ۾ ڦاٿو پيو آهي، سو پنهنجي حياتي وئرٿ (اجائي) وڃائي ٿو.

* * * *

جو به انسان انهيءَ ڳجهه (قدرتي نيمن) جي ڄاڻ نٿو رکي اهو حيوان آهي ۽ انجو پيدا ٿيڻ اجايو آهي.

شلوڪ ١٧

آتما سان جڙيل پرش ڪسي اندر
جو آرام ۽ خوشي ملي ٿي.

جنهنکي پنهنجي آتما (ذات) سان پريم (عشق) آهي ۽ پنهنجي آتما سان ئي ڳنڍيو رهيٿو ۽ پنهنجي آتما مان آنند (راحت) حاصل ڪريٿو، اهڙي منش کي نيڪ ڪرمي چئجي ٿو.

* * * *

سياڻو جيوُ سچو پريم (عشق حقيقي) دل ۾ رکيٿو، جنهنڪري اندر ۾ آتم آنند پائي ٿو. اهڙي منش کي ساري دنيا مٿيا (فاني) نظر ۾ اچيٿي ۽ ڪنهنجي به چاهنا اندر ۾ نٿي رهيس. فقط دل ۾ آتم درشن جي دائما خوشي رهيس ٿي ۽ جو به ڪم ڪريٿو تنهن ۾ سندس

شلوڪ ١٤-١٥

انسان جي جيوت قدرت جي
ڦيرگهير تي منحصر آهي.

(١٤) انسان اناج مان پيدا ٿئي ٿو. اناج برسات جي ڪري پيدا ٿئي ٿو. برسات گرميءَ جي ڪري پوي ٿي ۽ گرمي ڪرم (يگيه وغيره) جي ڪري پيدا ٿئي ٿو.

(١٥) ڪرم جو ٻڌڻ قدرت کان سمجهڻ کپي ۽ قدرت آتما (ذات حق) جي زور تي هستيءَ ۾ اچي ٿي. قدرت سروويا پڪ آهي ۽ پنهنجا ڪم پاڻ ڪندي رهي ٿي.

* * * *

انسان جي حياتي اناج تي ٻڌي ٿي ۽ اناج جو پيدا ٿيڻ برسات تي مدار رکي ٿو. برسات تڏهين پوي ٿي جڏهين سورج جي گرمي ساريءَ زمين کي گرم ڪري انجي پاڻي (بخار) مٿي کڻي وڃي ٿي، جي بادل ٿي وري پاڻيءَ جي صورت ۾ زمين تي وسن ٿا. گرمي جنبش (يگيه وغيره) جي ڪري ٿئي ٿي.

گرمي قدرت جي پيدائش آهي جنهنکي پرڪرتي چئجي ٿو. پرڪرتي پاڇي مثل آهي ۽ پرش (آتما) جي ڪري ظاهر ٿي انسان جي هرقسم جي پالنا ڪري رهي آهي. پرڪرتيءَ ئي جنبش-گرمي-برسات ۽ اناج جي صورت اختيار ڪئي آهي؛ يعني آڪاس-هوا-باهه-پاڻي ۽ مٽيءَ جا جدا جدا روپ ڌاري سڀ ڪرم ڪري رهي آهي.

تي ڪري، نرموھ، ٿي ڪرم ڪرڻ سان منش کي
آتما جو ساڪياتڪار ٿئي ٿو.

* * * *

اِنسان نرموھ تڏهين بڻجي سگهندو، جڏهين پنهنجي خودي وڃائيندو. هر ڪاريہ مان پنهنجو آپو ڪڍي سڀ ڪرم قدرت جي طرفان ٿيندڙ ڄاڻندو. جڏهين اِنسان انهيءَ اَڀياس ۾ پڪو ٿيندو، تڏهين کيس آتما جو ساڪياتڪار ٿيندو.

شلوڪ ٢٠

نيتيءَ اَنوسار ڪرم ڪرڻ لازمي
آهي. ان ۾ ڪوبہ نقصان ڪونهي.

راجا جنڪ وغيره جهڙا بہ نشڪام ڪرم ڪري
وڃي ڪماليت کي پهتا. تون پڻ لوڪ جي
ڀلائيءَ تي نظر رکي ڪرم ڪر ۽ پڻ ٻين ماڻهن
کي مثال بڻجي ڏيکار.

* * * *

اَسانجي رشين منين ۽ سنتن فقيرن ڪرم ڪندي بہ آتما جو ساڪياتڪار ڪيو، ڇو تہ پنهنجو اَهم ڀاؤ ڪڍي سڀ ڪرم قدرت کان ٿيندڙ ٿي مڃيا ۽ آتما کي سدائين نيارو ۽ ڪرمن کان آزاد ٿي مڃيو. آتما جي ساڪياتڪار (گيان - معرفت) ڪرڻ لاءِ مٿو ڪوڙائڻ يا گيڙو پوش بڻجڻ ڪو ضروري نہ آهي.

اِنسان ڪنهن بہ نموني ڪرمن کان آزاد ٿي نہ سگهندو، گرهستي هجي چاهي سنياسي. سنياسيءَ کي خود ڪرم ڪرڻو پوي ٿو، تنهنڪري بهتر آهي تہ

ڪو ٻه اَهم ڀاؤ يعني اَهنڪار نٿو رهي، ڇو ته هو ڄاڻي ٿو ته سڀ ڪم قدرت ڪري رهي آهي ۽ آتما نهڪرمي ۽ نياري آهي.

شلوڪ ١٨

گياني ڪرم ڪندي به نهڪرمي آهي.

گيانيءَ جو هن دنيا ۾ نڪو ڪرم ڪرڻ سان واسطو رهيٿو، ۽ نڪو نه ڪرڻ سان ئـي ڪو چاهه رهيٿو. هن جو ساريءَ دنيا ۾ آتما ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن سان سنبنڌ نٿو رهي ۽ نه ڪنهنجو آسرو رکيٿو.

*   *   *   *

گياني جو ڪجهه ڪريٿو يا آئينده ڪرڻو اَٿس، تن ٻنهي ۾ موهـ نٿو رکي يعني سڀ ڪجهه ڪريٿو، تنهن هوندي به ڪجهه نٿو ڪري. انهيءَ جي معنيٰ ته گيانيءَ جو ڪنهن بـ ڪرم ڪرڻ ۾ نـ چاهه آهي ۽ نه اَچاهه. هو سدائين اُميد ۽ آسري يا اُميد ۽ خوف کي، گذريل ۽ ايندڙ کي ڀرم يا مٿيا سمجهي ٿو، جنهنڪري ان ۾ ٻڌائمان نٿو رهي. هو سدائين آتما کـي نيارو سمجهي قدرت جي ڪمن کي ساکي ٿي ڏسي پسي ٿو.

شلوڪ ١٩

منش کي نرموهي ۽ نراهنڪاري
ٿـــي ڪـــرم ڪرڻ گهرجـــن.

هي اَرجن! تون جو به ڪرم ڪرين سو نرموهه

هي ارجن! جيتوڻيڪ ٽنهي لوڪن ۾ مونکي ڪجهه ڪرڻو نه آهي ۽ نڪا اهڙي وست آهي جنهن لاءِ يتن ڪرڻو پوي، تنهن هوندي به ڪرم ڪري رهيو آهيان.

* * * *

جنهن صورت ۾ شري ڪرشن ڀڳوان جهڙي به ڪرم ڪرڻ کان منهن نه موڙيو ته رواجي ماڻهو ڪرم کان ڪيئن آزاد ٿي سگهندا.

نوٽ:- هن شلوڪ ۾ شري ڪرشن ڀڳوان جي سمرٿيءَ جو شَبَ (ڳجهيءَ طرح) ۾ بيان ڪيل آهي.

شلوڪ ٢٣

جي مان ڪم نه ڪندس ته مونکي
ڏسي ٻيا ماڻهو به سست ٿي پوندا.

جيڪڏهن مان اورچ ٿي سمجهه سان ڪرم نه ڪندس ته هي ارجن! ٻيا سڀ لوڪ مونکي ڪم نه ڪندو ڏسي اهڙي نموني هلندا.

* * * *

واجبي آهي ته جهڙي نموني اسانجا وڏا ۽ ست پرش جيون ڪاٽي اسان لاءِ مثال ڇڏي ويا آهن، تهڙي نموني اسان به رهت رهي آتم گيان پرائي جنم سڦلو ڪريون ۽ پڻ پوين لاءِ مثال ٿيون.

شلوڪ ٢٤

منهنجي ڪرم نه ڪرڻ ڪري ماڻهو
ڪُڪرمي ۽ گمراهه ٿي ناس ٿي ويندا.

اِنسان جڏهن ٻه حالت ۾ ٻيٺل هجي ته نشڪام ڪرم ڪندو رهي. پرڪرتيءَ کان ڪوبه آجو نه ٿيو آهي ۽ نه ٿي سگهندو، ڇو ته پرڪرتي خود ڪرم آهي. پنجن تتن جو پتلو پرڪرتيءَ جو هڪ حصو آهي ۽ پرڪرتي هر جاءِ موجود آهي. منش کان زبردستيءَ ڪرم ڪرائيندي رهيٿي. پر جو اِنسان گيان ذريعي پنهنجو اَهم ڀاوُ دور ڪندو هلندو ۽ سري ۽ ڪرمن ڏانهن نرموهه ٿيندو ويندو، سوئي سچو سنياسي يعني تارڪ آهي؛ ڇو ته گيان اَگني اَهڙي آهي جو جسم هوندي به جسم ڪي نابود (اياس) ڪري ڇڏي ٿي.

شلوڪ ٢١

ٻين کي هدايت ڏيڻ خاطر گيانوان
لاءِ ڪرم ڪرڻ تمام ضروري آهي.

جيڪو جيڪو ڪرم آتم پرش ڪندا، سو ڪرم ٻيا آدمي به ڪندا. جيڪو مثال آتم پرش ڪري ٿا ڏيکارين، انهن جي پيروي ٻيا لوڪ به ڪندا.

* * * *

مها پرش کي ضروري آهي ته سٺا ڪرم ڪري جيئن ٻيا ماڻهو هن کي ڏسي اهڙي نموني هلت هلن. ٻيءَ صورت ۾ ماڻهو ٻرا لڇڻ پرائي گم راهه ٿي ويندا.

شلوڪ ٢٢

شري ڪرشن ڀڳوان جو ارجن کي
سمجهائڻ ته مان برهم سروپ
هوندي به ڪرم ڪريان پيو.

شلوڪ ٢٦

گيان-وان کي گهرجي تہ مانهن
کـي نيتيءَ انـوسار ڪرمن
ڪرڻ کان منع نـہ ڪري.

ودوان پرش کي گهرجي تہ اگيانين کي، ڦل جي
بندنن ۾ ڦاٿل آهن، گمراهہ نہ ڪري پر ساوڌان
ٿـي انهن کان سـڀ ڪرم چڱيءَ طرح سان
ڪرائيندو رهي.

* * * *

جيسين جگياسوءَ ۾ آتم پرائڻ جي چڱيءَ طرح اڪير پيدا نہ ٿي آهي، تيسين ودوانن کي کپي تہ اهڙن منشن کي ڪرم ڪرڻ کان نہ روڪين، پاڻ ڪين نيڪ ڪرم ڪرڻ ۾ همٿائين؛ ڇو تہ جيسين جيڪ پنهنجين اندرين جا فرضي ڪم پورا نہ ڪيا آهن ۽ ظاهري علم پڙهي پورو نہ ڪيو آهي، تيسين آتم گيان پرائڻ جي لائق نہ آهي. سچ تہ اهو آهي تہ سنياس اختيار ڪرڻ ڪو پنهنجي عقل جي وس نہ آهـي. سچو سنياس تہ جگياسوءَ کي نڌهين ٿو پراپت ٿئي، جڌهين کيس گيان ٿو حاصل ٿئي، يعني جڏهين ستت ۽ استت جي ڄاڻ ٿي پويس، جنهن ڪانپوءِ جگياسو سـڀ ڪرم قدرت کان ٿيندڙ سمجهي ٿو ۽ پنهنجيءَ آتما کي سڀني ڪرمن کان آزاد سمجهي ٿو. اهو آهي سچو سنياس!

شلوڪ ٢٧

سـڀ ڪرم قدرت کان ٿيڻ ٿا.
پرڪرتيءَ جي ٻل سان سـڀ ڪرم ٿيندا رهن ٿا.

هي ارجن! جي مان ڪرم ڪرڻ ڇڏي ڏيان ته دنيا جا ماڻهو ڪڪرمي بڻجي پوندا، جن مان اڌرمي سنتان پيدا ٿيندي، جنهن لاءِ مان ذميوار ٺهرايو ويندس.

* * * *

ڪيترا ماڻهو بي سمجهي ڪري چوندا آهن ته ويدانتي ۽ صوفي خراب عادتون ٿا سيکارين؛ پر ائين نه آهي. ويدانتن ۽ صوفين کان ڪڏهين به ڪڪرم نه ٿي سگهندا؛ ڇاڪاڻ ته ڪرم جي حقيقت کي هو چڱيءَ طرح سان سمجهن ٿا ته شڌتا- شڀ ڪرم- ايوجهائي ۽ اورڇائي، آتم گيان (علم توحيد) جا خاص گڻ آهن.

شلوڪ ٢٥

گيانوان ڪرمن جي ڦل کان آزاد رهن
ٿا ۽ اگياني ان ۾ ٻنڌائمان رهن ٿا.

اگياني سڀ ڪرم موهه سهت ڪن ٿا ۽ گياني،
لوڪ جي ڀلي لاءِ نرموهه ٿي ڪرم ڪن ٿا.

* * * *

گياني توڙي اگياني، ڪرم ٻئي ڪن ٿا؛ فقط تفاوت اهو آهي ته گياني (عارف)، جو ڪرم ڪري ٿو، تنهن ۾ عام لوڪن جو ڀلو ويچاري، نرموهه (آزاد) ٿي، سڀ ڪرم قدرت (پرڪرتي) جي طرفان ٿيل ڄاڻي ڪندو رهي ٿو. اگياني اهم ڀاوَ سان، پاڻکي ڪم ڪندڙ ڄاڻي، موهه سهت (ڦل جي اڇا رکي) ڪرم ڪري ٻنڌن ۾ ڦاسي ٿو.

بندن ۾ ڦاٿل سمجهي ٿو.

منڌمت اگياني جيوَ پرڪرتيءَ جي گڻن سان موهه رکن ٿا ۽ اِندرين جي ڪرمن سان پريت رکندا. اهڙن جيوَن کي ڪامل پنهنجي رستي کان نٿا ڦيرائين.

* * * *

اگياني جيوَ، آتما ۽ پرڪرتيءَ (اناتما) جي ڀيد کي نٿا ڄاڻن، انهيءَ ڪري پرڪرتيءَ کان پيدا ٿيندڙ ڪم آتما کان ٿيندڙ سمجهن ٿا ۽ اَڻ ڄاڻائيءَ ڪري ڪرمن جو لاڳاپو آتما سان مڃين ٿا. پر حقيقت ڪري ستو - رجو - تمو ٽيئي گڻ پرڪرتيءَ جا آهن، جنهنڪري سڀ ڪم ٿيندا رهن ٿا. گيانيءَ جو ڪم آهي تہ ڏسي تہ جو جيوُ هن ڀيد کي نٿو سمجهي تہ ان کي پنهنجن ڪرمن کان هٽائڻ جي نہ ڪري، يعني گيان ٻوڌ نہ ڏئي، پر اُتم ڪرمن ڪرڻ جي هدايت ڪري.

شلوڪ ٣٠

نرموهہ ۽ نراهنڪار ٿي
ڪرم ڪرڻ گهرجن.

هي اَرجن! تون پنهنجا سڀ ڪرم دل و جان سان مونکي اَرپڻ ڪر ۽ منهنجو ڌيان ڪر ۽ ڪرمن جي ڦل (نتيجي) کي تياڳ ڪري، موهه ممت کي ڪڍي، تون جنگ شروع ڪر.

* * * *

آتم گيان (علم ذات) ۾ ليِن ٿيڻ ڪري جيوَ جا ڪرم بہ ليِن ٿي وڃن ٿا. سنبنڌ ۽ ترشنا ٻئي گم ٿي وڃن ٿا،

اگياني اھم ڀاؤ (سوکيم اھنڪار-خودي) رکي
ڀاڻ کي ڪرم جو ڪندڙ ڄاڻي ٿو.

* * * *

سڀ ڪرم حقيقت ڪري پرڪرتيءَ جي ٻل سان ئي ٿيندڙ آھن، پر مايا ڀرم ۾ ڦاٿل (اھنڪاري-اگياني) انسان پاڻ کي ڪرم جو ڪندڙ ڄاڻي ٿو. جڏھين من ئي پرڪرتيءَ جو جزو آھي ۽ پنھنجي ليکي (پرڪرتيءَ جي ٻل کانسواءِ) ڪجھ بہ نہ ڪري سگھي، تڏھين کھڙيءَ ھستيءَ جي زور تي پاڻ کي ڪرم ڪندڙ ڄاڻي ٿو يعني اھنڪار ٿو ڪري. پرڪرتي جھڙو جھڙو وايو منڊل بڻائي ٿي، انھن گڻن موجب ئي ڪرم بڻجندا رھن ٿا.

شلوڪ ٢٨

گياني ڪرم کي قدرت کان ٿيندڙ ڄاڻي
ٿو ۽ آتما کي ڪرم کان نيارو مڃي ٿو.

گياني گڻن ۽ ڪرمن کان آتما کي نيارو سمجھي
ٿو ۽ وشيہ ڀوڳ فقط اندرين جي ورتڻ سمجھي
موھہ ۾ نہ ڦاسي ۽ سدائين نربنڌن رھي ٿو.

* * * *

جو جگياسو سانکيہ يوگ (علم حقيقت) جو اڀياسي آھي، سو ڄاڻي ٿو تہ اندريون ۽ انھن جا وشيہ ڀوڳ سڀ پرڪرتيءَ جي گڻن کان ٿيندا رھن ٿا ۽ انھن ڪرمن سان اندرين جو ئي سنبنڌ آھي ۽ آتما (ذات حق) سڀني کان نياري ۽ اوچي آھي.

شلوڪ ٢٩

اگياني پنھنجيءَ آتما کي ڪرم

جي حسد وچون منهنجي چوائيءَ ۾ نٿا رهن،
انهن کي اياڻو ۽ اگياني سمجھ. اهڙا جيوَ آتم
گيان کان وانجها رهن ٿا.

* * * *

هن اڌ ياءُ جي ٣٠ شلوڪ موجب جو انسان رهڻي
نٿو رکي سو ناداني‌ءَ جو شڪار سمجھڻ کپي.

شلوڪ ٣٣

گياني ۽ اگياني ٻئي
سڀاءَ جي وس آهن.

گيانوان به پنهنجي سڀاءَ موجب ڪرم ڪن ٿا ۽
اگياني جيوَ به پنهنجي سڀاءَ جي وس رهي
ڪرم ڪن ٿا: پوءِ وري ڪرمن جي روڪڻ
سان ڇا بڻجي سگهندو؟

* * * *

سڀاءَ جي وس نه فقط اگياني رهيٿو، پر خود گياني
به سڀاءَ پٺاندر هلي ٿو؛ ڇو ته گيانيءَ کي به قدرت
جي طرفان کي فرض پورا ڪرڻا پون ٿا، تنهنڪري
ڪو به پنهنجي سڀاءَ کان ڀڄي نٿو سگهي.

شلوڪ ٣٤

گيانوان پيار ۽ ڌڪار
رهت ٿي ڪرم ڪريٿو.

اندريون وشيه يوڳن ۾ پيار ۽ ڌڪار رکن ٿيون.
گيانوان انهن ٻنهي (پيار ۽ ڌڪار) جي اڌين
نٿو رهي، ڇاڪاڻ ته گيانوان ڄاڻي ٿو ته اهي

جنهن ڪانپوءِ جيوُ ڪرم ڪندي بہ نهڪرمي بڻجي ٿو؛ ڇو تہ آتما ۾ لين ٿيڻ ڪان پوءِ موهہ ممت سڀ مٽجي وڃنس ٿا ۽ سڀ ڪرم قدرت جي طرفان ٿيندڙ ڄاڻي ڪندو رهيٿو ۽ پنهنجو آپو نٿو اَٽڪائي. هن اَڌياءَ جي ١٩ شلوڪ ۾ موهہ ممت رهت ٿي ڪرم ڪرڻ جي هدايت ڪئي ويئي آهي ۽ ٢٧ شلوڪ ۾ ڪرمن جو ٿيڻ (بڻجڻ) قدرت ڪان ڄاڻايل آهي. هن شلوڪ ۾ جگياسوءَ اَرجن ڪي شري ڪرشن ڀڳوان هدايت ڪئي آهي تہ نر اَهنڪار ٿيءُ ۽ جي سهج سڀاءُ ڪرم ڪرڻا پون سي نرموهہ ٿي ڪندو رهہ. هيءُ شلوڪ جگياسوءَ ڪي شرڌاڳتيءَ جو سبق سيکاري رهيو آهي.

شلوڪ ٣١

هدايت ٿي هلڻ سان ڪرمن
ڪان ڇوٽڪارو ملي ٿو.

شرڌاوان پرش ۽ حسد رهت اِنسان منهنجي چوائيءَ
۾ اَچي هدايت اَنوسار هميشہ رهڻي رهي ٿو.
اَهڙو جيوُ ڪرمن ڪان آجو ٿي موڪش حاصل
ڪريٿو.

* * * *

جو اِنسان ڪرم قدرت ڪان ٿيندڙ ڄاڻي، ان جي نتيجي جو خيال نہ ڪري ڪرم ڪندو رهيٿو، سو موڪش روپ آهي.

شلوڪ ٣٢

موڪ گيان رهت رهن ٿا.

شري ڪرشن ڀڳوان جو وياکياڻ ٻڌي اَرجن سوال ڪيو ته هي مهراج! ٻيءَ مرضيءَ نه هوندي به اِنسان گناهه ڇو ٿو ڪري؟ ڄڻڪ ڪيس ڪو زبردستي گهلي ڪڪرم ڪرائي ٿو. ويچارو لاچار ٿيو پوي.

*　　*　　*　　*

شلوڪ ٣٣ ۾ چيل آهي ته هرڪو اِنسان پنهنجي سڀاءَ پٽاندر ڪرم ڪري ٿو. هن شلوڪ ۾ اَرجن شري ڪرشن کان پڇي ٿو ته دل نه هوندي به ڪڪرمن ڪرڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

شلوڪ ٣٧

رجي گڻ مان ترشنا پيدا
ٿي گناهه ڪرائي ٿي.

شري ڪرشن ڀڳوان جواب ڏيندي چيو:-
هي اَرجن! انهيءَ جو ڪارڻ ترشنا آهي يا ڪروڌ ڇنجي جو رجي گڻ مان پيدا ٿئي ٿو. جو گهڻو کائيندڙ ۽ ڪڪرمي آهي، انهيءَ کي گيان مارگ جو دشمن سمجهه.

*　　*　　*　　*

سرير ۾ جڏهين رجو گڻ وڌي ٿو، تڏهين ترشنا پيدا ٿئي ٿي، جنهن بعد جيُو ڪامنا پوري ڪرڻ جي ڪرشش ڪري ٿو. ڪوشش ڪرڻ سان اَگيانتا کي پراپت ٿئي ٿو يعني تمو گڻ وڌي وڃي ٿو. جڏهين جيو جي اهڙي حالت بڻجي ٿي تڏهن آتم گيان کان محروم ٿي

ٻئي موڪش جي مارگ ۾ اڳتي وڌڻ ۾ دشمن آهن.

* * * *

گياني کي گهرجي ته پنهنجا فرض بنا ڪنهن موهه ممت يعني پيار ۽ تڪرار جي پورا ڪندو رهي.

شلوڪ ٣٥

پنهنجن ۽ پراون جي فرض
جو ويچار ڪرڻ گهرجي.

پنهنجا فرض (ورن ۽ آشرم جا) اڌوگابرا ڪرڻ بهتر آهن تنهن کان جو ٻين جا فرض پوريءَ طرح ادا ڪجن، يا پنهنجو ڌرم جيڪڏهين گڻ رهت هجي تڏهين به، ٻئي جي ڌرم کان اتم آهي. پنهنجي ڌرم تي هلڻ ڪري جي موت به اچي وڃي ته بهتر آهي. پرائو ڌرم اختيار ڪرڻ ڀوائتو ۽ نقصانڪار آهي.

* * * *

گيانوان جو فرض آهي ته پيار ۽ تڪرار کان نيارو رهي پرائي ڌرم جا فرض انگيڪار نه ڪري ۽ پنهنجن فرض پوري ڪرڻ ۾ مشغول رهي. پرائو ڌرم جنهن سان ڪا واسطيداري ڪانه آهي، اهو ڪهڙو به سٺو هجي، ته به ان جو نتيجو چڱو نه نڪرندو.

شلوڪ ٣٦

جيو مرضيءَ جي ابتڙ
گناهه ڇو ٿو ڪري؟

اوترو خواهشون وڌنديون وينديون. باهه بہ ڪڏهين ڪاٺين وجهڻ سان اُجهامندي آهي؟

شلوڪ ۴٠

مــن، اِندرين ۽ عقل جي
ڪري ترشنا پيدا ٿئي ٿي.

اِندريون، من ۽ بُڌي، اهي ترشنا جي رهڻ جا هنڌ آهن. انهن دوارا ترشنا گيان کي ڍڪي ڇڏي ٿي ۽ اِنسان کي موهہ جار ۾ ڦاسائي ٿي.

* * * *

ترشنا رجي گڻ مان پيدا ٿي اِندرين، من ۽ بُڌيءَ ۾ استٿت رهيتي ۽ پنهنجي بل سان اِنسان کي آتما کان پري ڪري موهہ ۽ ممت جي پردي ۾ ڦاهو رکي ٿي. آتما ۾ ڪابہ خواهش ڪانہ آهي، ڇو تہ آتما سدائين نرليپ ۽ آزاد آهي.

شلوڪ ۴١

سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ
ترشنا کي پيدا ٿيڻ ئي نہ ڏئي.

تنهنڪري هي ارجن! تون پهريائين اِندرين کي پنهنجي ضابطي ۾ رکي نيم انوسار هلاءِ، پوءِ گيان ۽ وگيان جي ناس ڪندڙ ترشنا کي پاڙ مان ڪڍ.

* * * *

جڏهين اِندريون وشين کي ڀوڳڻ لاءِ ڊوڙن ٿيون تڏهين ترشنا پيدا ٿئي ٿي. تنهن ڪانپوءِ خواهش اِندرين

وچيٺو ۽ ڪڪرم ڪرڻ لڳي ٿو. پر جو جڳياسو هوشيار آهي ۽ پاڻ کي انهيءَ حد تائين نٿو پهچائي يعني آپو نٿو رکي سو ترشنا ۽ ڪروڌ کان آزاد رهي ٿو. رجو گڻ من جي شروعاتي حالت آهي جنهن کان پوءِ جيوُ وچي تمي گڻ ۾ پوي ٿو ۽ ڪڪرم ڪري ٿو.

شلوڪ ٣٨

ترشنا ۽ اَگيانتا جي ڪري
گيان تي پردو اچي وچيٺو.

جهڙيءَ طرح دونهون باهه کي، مٽي آرسيءَ کي ۽ پردو گرڀ (ٻار) کي ڍڪي ڇڏي ٿو، تهڙيءَ طرح ترشنا ۽ اَگيانتا آتم گيان کي ڍڪي ڇڏي ٿي.

شلوڪ ٣٩

ترشنا اِنسان جي جاني دشمن آهي.

هي ڪنتيءَ جا پٽ اُرجن! ترشنا يعني خواهش گيانوان جي جاني دشمن آهي جا باهه وانگر ڪڏهين ڍاپجي نٿي ۽ آتما کي پردو ڏيئي ڍڪي ڇڏي ٿي.

*　　*　　*　　*

وشيه يوگ ۽ آتم گيان قدرت ۾ هڪ ٻئي جي اُبتر آهن يعني جو وشيه يوڳن ۾ قائل آهي، تنهنکي آتم گيان مور نه حاصل ٿيندو. خواهشن جو پورو ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهي، ڇو ته جيترو خواهشن جي پوري ڪرڻ جي ڪبي،

سيئي کان اتم آهي. ٻڌيءَ جي ڪريئي اِندريون ۽ من ڪم ڪنثا. ٻڌيءَ ڪريئي جيوُ سڀ علم حاصل ڪري سگهي ٿو. پر هيءَ ٻڌي ٻه صرف استول پدارٿن جي حد تائين ڪم ڪري ٿي. آتما، جا بلڪل سوکيم آهي، سا ٻڌيءَ جي جاڻڻ کان گهڻو مٿي آهي. جي جيو آتما کي ٻڌيءَ ذريعي جاڻڻ گهرن ٿا، سي پاڻکي ٺڳي رهيا آهن. اها ٻڌي ئي آهي جا آتما تي پردو آهي، سو جيسين ٻڌيءَ جو پردو قائم آهي، تيسين آتما جو ساکياتڪار ڪين ٿيندو! آتما جا سوکيم آهي سا سوکيمتا سان ئي جاڻي سگهجي يعني پنهنجي اندر ۾ خيال (انڀؤ-علم اشراق) ذريعي ئي انڀؤ ڪري سگهجي.

شلوڪ ٤٣

آتما جي درشن جي اڇا
رکڻ هر انسان جو فرض آهي.

اهڙيءَ طرح هي ارجن! ٻڌيءَ کان مٿي جا آتما آهي، انهيءَ جو هميشه ڌيان رکي، پنهنجي من کي قابو رک ۽ هن زبردست دشمن کي توڙ ناس ڪر جو ترشنائن ۾ پرپور آهي.

* * * *

آتما جا سرووياپڪ آهي يعني هر هنڌ ۽ هر شيءِ ۾ قائم (موجود) آهي ۽ اندرين، من ۽ ٻڌيءَ کان مٿي آهي، سا جيو کي مخموري (سماڌي) واريءَ حالت ۾ پاسي ٿي. انسان آتم گيان ۾ محو رهي، اندرين جي بندڻن کان آزاد ٿي، ترشنا کي پيدا ٿيڻ نه ڏئي. ترشنا

۾ داخل ڪري اگيانتا جو پردو وجهي ٿي. جيڪڏهين شروع ۾ ئي پرشارت ڪري انهو مقابلو يعني خواهش دور ڪرڻ جي نه ڪبي، ته بيماريءَ وانگر وڌي ويندي ۽ پوءِ ان جو علاج ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو.

شلوڪ ٤٢

اِندرين، من ۽ بُڌيءَ کان آتما اتم آهي.

اِندريون ديهه کان اُتم محبون ويبون آهن، من اِندرين کان اُتم آهي؛ من کان بُڌي اُتم آهي ۽ بُڌيءَ کان اتم آهي آتما.

* * * *

اِندرين من ۽ بُڌيءَ ۾ ڪو خاص ظاهري فرق ڪونه آهي، پر ويچار ڪرڻ سان پيد ضرور ڀاسڻ ۾ ايندو. جيئن ته، جي ديهه سان گڏ اِندريون نه هجن، ته ديهه پنهنجي سر ڪجهه به ڪري نٿي سگهي ۽ نه ڪجهه معلوم ڪري سگهي ٿي. اِندريون ئي ديهه کان ڪرم ڪرائين ٿيون ۽ سڀ ڪجهه محسوس ڪرائين ٿيون. انهيءَ ڪري اِندريون اتم محبون ويبون آهن. وري من اِندرين کان اتم آهي؛ ڇو ته جي من اِندرين سان گڏ نه آهي (مليل نه آهي) ته اندريون ڪي به معلوم ڪري نه سگهنديون؛ يعني جنهن وقت انسان جو من ٻئي ڪنهن هنڌ وسي ٿو، تنهن وقت انسان جي اکيان ڪجهه به پيو ڏسي ته هنکي ڪابه خبر نه پئجي سگهندي. اندريون من جون محتاج آهن، تنهنڪري من اندرين کان اتم آهي. وري اندريون ۽ من ٻئي بُڌيءَ جي اڌين آهن تنهنڪري بُڌي

نقشو آڌياءَ چوٿون

نمبر آڌياءُ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءُ	صوفيانې سمجهاڻي - منزل	صوفيانې سمجهاڻي - بيان
۴	۴۲	ڪرم سنياس يوگ يعني ڪرم ڪندي ۽ ڪرم ۾ ممتا نہ رکڻ	طريقت عملي يعني علم ال - يقين	اهنڪار جو وڃائڻ يعني هستيءَ - خوديءَ کي دور ڪرڻ

تاتپرج آڌياءَ جو

ڪرم ۽ گڻ ٻئي پرڪرتيءَ جي پيدائش آهن. آتما انهن کان نياري، گيان ۽ آنند جي کاڻ آهي. انسان جي پيدائش پرڪرتيءَ کان ٿي آهي. انساني ٻڌيءَ جي خيال کان آتم گيان حاصل ڪرڻ جا ٻہ طريقا آهن. هڪ علمي ٻيو عملي. سچاڻ پرش (تيز ٻڌيءَ وارو) لاءِ علمي وات (سمجهڻ) ڪافي آهي ۽ وڌيڪ اٿرائتي آهي. اڻ ڄاڻ لاءِ عملي وات (ڪرم ڪانڊ) ضروري آهي. ڪرم ڪرڻ سان هردو شڌ ٿئي ٿو ۽ هردي شڌ ٿيڻ سان سچ جي ڄاڻ پوي ٿي ۽ اهنڪار ناس ٿئي ٿو. علمي طريقي (آتما يعني سچ کي ڄاڻڻ) سان خودي يعني هستي ناس ٿئي ٿي.

صرف خيالي آهي ۽ خيال کي روڪڻ سان ڦرڻو (ترشنا-خواهش) روڪجي ويندو.

شريمد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان "ڪرم يوگ" (علم طريقي) جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو ٽيون اڌياءُ پورو ٿيو.

ٽئين اڌياءَ جي سمالوچنا (سمجهاڻي)

ٽئين اڌياءَ ۾ شري ڪرشن ڀڳوان جگياسوءَ لاءِ ٽي هدايتون ڏنيون آهن، جن جي هلائڻ سان جيوُ پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ٿو.

١- جيسين انسان حيات آهي تيسين شاسترن انوسار ڪرم ڪرڻ مناسب آهن. ڪوبه انسان بنا ڪرم ڪرڻ جي رهي نٿو سگهي.

٢- ڪرم جو بڻجڻ قدرت (پرڪرتي) کان ٿئي ٿو. انسان جو ڪوبه وس نٿو هلي. اِنسان فقط قدرت جو اوزار بڻجي اهوئي ڪري ٿو، جو ڪم قدرت کانئس ڪرائي ٿي. باقي آتما ڪرم کان نياري ۽ آزاد آهي.

٣- موهه ممت ۽ خودي يعني اهنڪار کان آزاد ٿيڻ ئي ڪرم بندن کان ڇوٽڪارو آهي؛ يعني اِندرين کي پنهنجي ۽ پرائي يا پيار ۽ ڌڪار ۾ نه ڦاسائڻ ۽ سڀني ڪرمن جو ڪندڙ قدرت کي ڄاڻڻ ئي موکش آهي.

اَڌياءُ چوٿون - شلوڪَ ۴۲
ڪرم سنياس يوگ.

شلوڪ ١-٢-٣

شري ڪرشن ڀڳوان جو ارجن
کي آتم گيان بابت ٻڌائڻ.

شري ڪرشن ڀڳوان چيو:-

١- هي ارجن! مون اِـي ڀريائين هيءُ ناس رهت آتم گيان سورج کي ٻڌايو هو. سورج منوءَ کي ٻڌايو هو ۽ منوءَ اڪشواڪوءَ کي ٻڌايو هو.

٢- اهڙيءَ طرح هيءُ آتم گيان پرم پرا کان هليو آيو آهي. هن گيان کي راج رشي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا. هن زماني ۾ گهڻي وقت گذرڻ سبب هيءُ گيان الوپ (گم) ٿي ويو آهي.

٣- اهو ساڳيو جهونو (پراچين- پراڻو) گيان يوگ مان هاڻي توکي ٻڌايان ٿو ڇو ته تون مون ۾ شردا رکين ٿو ۽ منهنجو ڀڳت ۽ مٽر آهين. هيءُ گيان يوگ هڪ اوچو راز (ڳجهه) آهي.

* * * *

هيءُ آتم گيان ڀريائين سورج ڀڳوان کي مليو هو، جنهن پنهنجي پٽ منو مهراج کي ڏنو، جنهن وري پنهنجي پٽ اڪشواڪوءَ (سري رامچندر جي ڏاڏي) کي ڏنو، جنهن ڪانپوءِ رشين منين کي پراپت ٿيو. هنن

مختصر سمجهاڻي آڌياءَ جي

(باطوني معنيٰ)

پرش (آتما - ذات) آزاد، نيارو ۽ ابناسي (ناس نه ٿيندڙ - قائم - لافاني - بقا) آهي. پرڪرتي (صفات) گڻن ۽ ڪرمن جي ڪارڻ آهي ۽ ڦرندڙ گهرندڙ آهي. آتم گيان ناس نٿو ٿئي، پر پرڪرتيءَ جو پردو ان (آتم گيان) تي ايندو ويندو رهيٿو. جڏهين جڏهين اگيانتا انسانن تي غالب پوي ٿي ته آتم گيان ڍڪجي وڃيٿو. انهيءَ ڀُلائي کي دور ڪرڻ لاءِ حيرت انگيز انسان (اوتار - پيغمبر) پيدا ٿئي ٿو. آتما جو گيان قديم (انادي) ۽ قائم آهي. پرڪرتي گيان، ڦير گهير وارو ۽ پوءِ جو بڻايل آهي. انهيءَ ڪري منش جي گڻن ۽ ڪرمن موجب سندن ڀڳتيءَ جا درجا (Stages) مهيا ويا آهن ۽ انهن درجن جي مدنظر کان روحاني طرقيءَ لاءِ اوچو ۽ نيچو ٻه طريقا آهن. جي شڌ هردي وارا آهن، تن لاءِ گيان يوگ آهي يعني علم حقيقت آسان آهي ۽ سڀ کان سٺو رستو آهي؛ پر جو هردو اگيان سبب خوف ۽ اميد سان ڀريل آهي، انهيءَ لاءِ ڪرم يوگ يعني عملي طريقو هردي جي صفائيءَ لاءِ ضروري آهي. هردي صفا ٿيڻ تي آتم گيان لاءِ قابليت يعني لائقي پيدا ٿئي ٿي؛ يعني جگياسو آتما ۽ پرماتما سمجهي سگهي ٿو ۽ ڪرم ۾ اڪرم ۽ اڪرم ۾ ڪرم ڏسي ٿو. جيتوڻيڪ گيان يوگ ۽ ڪرم يوگ جگياسوءَ جي ڄاڻ موجب جدا جدا معلوم ٿئي ٿو، پر سڄاڻ پرش (گيانوان) جي نظر ۾ ڳالهه ساڳي آهي. باقي فرق اهو آهي ته ڪرم يوگي "پاڻ" کڙو ڪري (اهم ڀاوَ سان) ڪرم ڪري ٿو ۽ گيان يوگي "پاڻ" کيڏي ڇڏي ٿو. "پاڻ" کڙي ڪرڻ سان جيوُ بندنن ۾ (محدود) پوي ٿو ۽ "پاڻ" کيڏي ڇڏڻ سان آزاد (غير محدود) ٿئي ٿو.

ٿيندي ۽ سدائين سيم قائم آهي. اهڙي گيان ۾ سورج پڳوان، رشي مني ۽ گياني سدائين اسٿت رهن ٿا.

شلوڪ ۵

شري ڪرشن مهراج جو آتما جي
سرو وياپڪتا بابت سمجهاڻي.

شري ڪرشن ڀڳوان چيو:-
هي ارجن! منهنجا ۽ تنهنجا انيڪ جنم ٿي
چڪا آهن؛ انهن سڀني کي مان ڄاڻان ٿو.

نوٽ:- جڏهين شري ڪرشن ڀڳوان "منهنجا ۽ تنهنجا جنم" ارجن کي چيا ته ان جي معنيٰ سرير نه آهن. سري ڪرشن مهراج جو خيال هميشه پنهنجيءَ سوکيم آتما تي آهي ۽ ارجن کي چوي ٿو ته اها جا سرو وياپڪ آتما آهي سا تو ۾، مون ۾، بلڪ هر شيءِ ۾ ساڳي موجود آهي ۽ ڪوبه فرق نه آهي؛ باقي سندس جدا جدا نام ۽ روپ يعني سرير آهن، انهن سڀني ۾ اها آتما هڪ آهي جا تو ۾ آهي ۽ مون ۾ به آهي. انهيءَ آتما انيڪ سرير پنهنجي اختيار ڪيا آهن. هي ارجن، ڇاڪاڻ ته مونکي آتما جو چڱيءَ طرح گيان (ڄاڻ) آهي، تنهن ڪري انهيءَ آتما کي مان پاڻ ۾، تو ۾ ۽ سڀني ۾ وياپڪ ڏسان ٿو. تون آپو پڻو رکين ٿو يعني اهنڪار ڌارين ٿو، تنهن ڪري آتما کي نٿو ڄاڻين.

شلوڪ ٦

آتما ڪڏهين پيدا نٿي ٿئي. سريرن
۾ ظاهر ٿيڻ سندس سڀاءُ آهي.

سيئني کـي چگيءَ طرح ڄاڻ ھئي ته آتما (ذات) سيم قائم ۽ جنئين جو نئين، ڦير گهير رهت، سرو وياپڪ (محيط) آهي. جڏهين انسان جـي دل اگيانتا ۽ ناداني ءَ کان صاف (شد) ٿئي ٿي، تڏهين منجهس آتم گيان پرڪاش ڪرڻ ۽ ٻيائيءَ جو پردو دور ٿئي ٿو.

آتم گيان يا آتما (ذات) هڪ ئي آهي ۽ ڪڏهين ناس نٿي ٿئي. اهڙي آتم گيان کي شري ڪرشن ڀڳوان پرٿويءَ تي جنم وٺي نئين سر ظاهر ڪيو، جو سمي انوسار ڍڪجي ويو هو.

شلوڪ ۴

ارجن جو شري ڪرشن ڀـڳـوان
جي وچنن ۾ سنديھ (شڪ).

انهيءَ تي ارجن چيو:-

هـي ڪرشن! تون ته هينئر پيدا ٿيو آهين ۽ سورج آد کان وٺـي آهي، سو تو سورج کـي ڪهڙيءَ طرح گيان يوگ سمجهايو؟ اهو ته منهنجي سمجهه ۾ ئي نٿو اچي.

*　*　*　*

نوٽ:- هتي ارجن جي نگاهه ڪرشن جي سرير ۾ اٽڪيل آهي، جو ته ارجن کي شري ڪرشن مهراج سرير ۾ ڏسڻ ۾ ٿو اچي، جو برابر هاڻي (ويجهڙائيءَ) جو پيدا ٿيل هو ۽ سورج اڳ جو هو. پـر سري ڪرشن ڀڳـوان پاڻکي سرير نه، پر هميشه اکنڊ آتما ڄاڻي ڳالهائي رهيو هو؛ اها آتما جا نه ڪڏهين پيدا ٿي ۽ نـه هن کانپوءِ

تنهن ۾ ٻيو ڪرم انسانن ۾ گهٽجي وڃن ٿا ۽ اهنڪاري جيو زور وٺن ٿا، تڏهين مان اوتار ڌاريان ٿو.

* * * *

پرڪرتيءَ جي نيم انوسار سمي پائي جڏهين دنيا ۾ پاپ ڪرم وڌن ٿا، ان سمي ڪوئي جسم ڌاري پرگهٽ ٿي، ڇهي ويل آتم گيان کي وري اچي لوڪن ۾ ظاهر ڪريٿو، جنهن کي اوتار چئجي ٿو.

شلوڪ ٨

ڌرم ڪرم قائم رکڻ واسطي
آتم گيان ظاهر ٿئي ٿو.

مان نيڪ پرشن جي رکيا ڪرڻ لاءِ پاپين جي ناس ڪرڻ لاءِ ڌرم کي قائم ڪرڻ لاءِ جگ جگ ۾ پرگهٽ ٿيان ٿو.

شلوڪ ٩

ست ۽ است (جان ۽ جسم)
جاڻڻ وارا آتما ۾ محو رهن ٿا.

هي ارجن! منهنجي ظاهر ٿيڻ ۽ منهنجن ڪرمن کي جو جيوُ چڱيءَ طرح سمجهي ٿو، سو پنهنجي سرير ۾ موهه نه رکي آتما ۾ گم رهي ٿو.

* * * *

آتما جو سرير ۾ ظاهر ٿيڻ سندس سڀاءُ آهي، پر آتما جو ڪنهن سان سنبنڌ نٿو رهي يعني سڀ ڪان

هي اَرجن! مان جمڻ مرڻ کان آجو آهيان، يعني نه پيدا ٿيان ٿو ۽ نه ناس ٿيان ٿو ۽ ساريءَ سرشٽيءَ جو مالڪ آهيان. مان پنهنجي رائي (خوشيءَ) سان پرڪرتيءَ ۾ پاڻ ظاهر ڪريان ٿو.

* * * *

اَد يـــون آدم ناهيــان - فلڪ نه آ فلڪن،
خيالون اَچـــي اوچتي - خلل وڌم خلقن،
ناهي ميسر ملڪن - سچل اها اَمانت عشق جي.
(سچل)

نوٽ:- شري ڪرشن مهراج اَرجن کي سچ کان ٿي واقف ڪيو، پر اَرجن انهيءَ ڳجهه کي اَگيانتا سبب نه ڄاڻندڙ هو ته ڪا آتما ناس رهت ۽ سرو وياپڪ آهي. نام ۽ روپ وارييون سڀ شيون پرڪرتيءَ (قدرت) کان پيدا ٿيل آهن ۽ ناس ٿيندڙ آهن پر آتما نه ڪڏهين پيدا ٿئي ٿي ۽ نه ناس ٿئي ٿي. نام روپ وارن شين جي پيدا ۽ ناس ٿيڻ ڪري ڪو آتما ۾ ڦيرگهير نٿي اَچي. جڏهين اِنسان اَهنڪار سبب آتما کي ڀُلائي ڇڏي ٿو، تڏهين ستگورو ئـي پنهنجي شش (طالب) جي اَگيانتا دور ڪرڻ جي سمرٿ ٿئي ٿو، جهڙيءَ طرح شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن جي اَگيانتا دور ڪئي.

شلوڪ ٧

اڌرم وڌي وڃڻ ڪري
مان اوتار وٺان ٿو.

هي ارجن! جڏهين ڌرم جي هاڃي ٿئي

سان منهنجو سمرڻ ڪن ٿا، تهڙو تهڙو ڦل مان تنکي ڏيان ٿو. ٻڌوان پُرش هر حال ۾ منهنجوئي رستو وٺن ٿا.

* * * *

هڪ ئي آتما سڀني ۾ پرڪاش ڪري ٿي. قسمين قسمين انسان ۽ ڌرم پنهنجي پنهنجيءَ ٻڌيءَ انوسار آتما کي مڃي رهيا آهن ۽ جهڙي جهڙي ڀاونا اهي اندر ۾ رکن ٿا، اهڙوئي سندن من رهيٿو.

شلوڪ ۱۲

دنيوي لوڪ دنيا جون
ڳالهيون پسند ٿا ڪن.

ڪرمن جي ڦل جي اِڇا رکندڙ ديوتائن کي پوڄين ٿا، ڇو ته هن لوڪ ۾ ڪرمن جو ڦل منشن کي جلد ملي ٿو.

* * * *

ديوتائن جي راضي رکندڙن کي آتما جو ساکياتڪار نٿو ٿئي، ڇو ته هو پنهنجي سوارٿ (ڪرمن جي ڦل حاصل ڪرڻ) ۾ خوش ٿا رهن.

شلوڪ ۱۳

اِنسان ۾ گڻن ۽ ڪرمن ڪري ڀيد ڏسڻ
۾ اَچيٿو، پر آتما سڀني ۾ هڪ آهي.

سنسار ۾ گڻن ۽ ڪرمن جي ورڇ اَنوسار مون چار ورن پيدا ڪيا آهن. مان ئي انهن جو ڪرتا ۽

نياري آهي. اهو عجيب قسم جو ميل حيرت ۾ وجهندڙ آهي. آتم گيان جي ذريعي انسان اهو ڳجهه سمجهي سگهي ٿو. اهڙو گيانوان آتما کي هميشه نيارو ۽ آزاد ڄاڻي ٿو، تنهنڪري جو ڪرم ڪري ٿو، سو بندڻ رهت ٿي ڪري ٿو ۽ موکش حاصل ڪري ٿو.

شلوڪ ١٠

خوف ۽ اميد کان آزاد ۽ آتم گيان ۾
چاهه رکڻ سان، جيو آتم گياني ٿئي ٿو.

لڳ ۽ آسري ۽ سورن جي خيال کان آزاد ٿئي، جو انسان منهنجو ڌيان ۽ آسرو رکي ٿو، سو ڀڳتي ۽ گيان جي ٻل سان مون ۾ لين ٿي وڃي ٿو.

* * * *

هاري رکـ حق - سانيارا ساهڙ جو،
خواب خيال خطرا - تنين ڏيج ترڪ،
ڪرين غير غرق - ته مشاهدو ماڻئين.

جيسين انسان ترشنا ۽ ترآشا نه ڇڏيو آهي، تيسين گيان پراپت نه ڪري سگهندو. سياڻا ماڻهو ٻهريائين لڳ ۽ آسري کان فارغ ٿي، ڪرم جي حقيقت کي ڄاڻن ٿا ۽ پوءِ گيان حاصل ڪري آنند ۾ رهن ٿا.

شلوڪ ١١

هرڪو آتما کي پنهنجيءَ ٻڌيءَ
۽ ڀاونا انوسار مڃي رهيو آهي.

هي ارجن! جي جي انسان جهڙيءَ جهڙيءَ ڀاونا

جو منش آتما کي ڪرمن کان نيارو (آزاد يا نهڪرمي) سمجهي ٿو، سو خود ڪرم بندن ۾ نٿو ڦاسي.

شلوڪ 15

گيانوانن وانگر ڪرم ڪرڻ واجبي آهي.

اهڙي نموني سمجهي، اڳئين زماني جي موکش چاهيندڙن ماڻهن ڪرم ڪيا آهن؛ تنهنڪري تون به انهن وڏن وانگر ڪرم ڪر.

*　　*　　*　　*

اوديا جو اپاءُ - ڪونهي آتم گيان ري،
پڇي ڪر پرتيت سان - سامي ست سماءُ،
اهڙو دلبر داءُ - موٽي ايندءِ ڪين ڪي.
(سامي صاحب)

گذريل زماني ۾ موکش چاهيندڙ جيو آتما کي نهڪرمي ڄاڻي ڪرم ڪندا هئا ۽ اهوئي اُتم طريقو آهي. توکي به انهن وانگر هلڻ واجب آهي.

شلوڪ 16

ڪرم ۽ ڪرم کان آزاد ٿيڻ.

ڪرم ڇا آهي ۽ ڪرم کان آزاد ٿيڻ ڪنهنکي ٿو چئجي، انهيءَ سوال ۾ خود سياڻا به منجهيل ٿا رهن. مان توکي اهي ڪرم سمجهايان ٿو، جنکي سمجهي تون پنهنجي اندر جي مونجهاري کان آزاد ٿيندين.

*　　*　　*　　*

آزادي ۽ بندن ڪرم سان لاڳو آهي، اَهڙيءَ طرح

ڪارڻ آهيان، تڏهين بہ مونکي اَڪرتا ۽ اَبناسي
جاڻ.

* * * *

دنيا ۾ اِنسان چئن ورنن جا آهن: ١- برهمڻ جن ۾ علم وڌيڪ ٿئي ٿو جنهن ڪري پيٽ جي پالنا بہ ڪندا ۽ ٻين کي بہ سراهہ لڳائيندا. اهي سياڻا ۽ عزت جوڳ مڃيا ويندا. ٢- کتري جي ڏاڍا همت ۽ طاقت وارا ٿيندا ۽ ماڻهن ۽ ملڪ جو بچاءُ ڪندا. ٣- وئش جي ملڪ جي بهتريءَ لاءِ ڌنڌو ڌاري ۽ پئسي ڏوڪر جو واپار ڪندا، جنهنڪري ملڪ هريو ڀريو رهندو. ٤- شودر جي مٿين گڻن کان رهت آهن ۽ مٿين ٽن ورنن جي سيوا ڪري پنهنجي پالنا ڪندا. سڀني اِنسانن ۾ اها هڪ ئي آتما وسي ٿي. آتما ڪانسواءِ گڻ ۽ ڪرم ظاهر نٿا ٿين، سرير پيدا ۽ ناس ٿيندا. گڻ ۽ ڪرم ورن اَنوسار ورهايل آهن.

شلوڪ ١٤

آتما ڪرم ۽ ڪرم جي ڦل
(نتيجي) کان نياري آهي.

نہ مان ڪرمن ۾ ٻنڌائمان رهان ٿو ۽ نہ ڪرمن جي
ڦل جي اِڇا رکان ٿو. جيڪو مونکي اهڙوئي
آزاد سمجهي ٿو، اهو خود بہ آزاد ٿيندو پوي ٿو.

* * * *

هرجنسار ۾ آتما ڪرمن ڪري ظاهر پيٽ ۾ اچي ٿي؛ تنهن هوندي بہ آتما ڪرمن جي ڦل کان نياري رهي ٿي.

گيانوان آتما ۾ مڳو رهيتو، چاهي سڀ ڪرم ۽ ڪندو رهيتو.

* * * *

ڦل يعني نتيجي جي اُميد رکي ترشنا سهت جو ڪرم ڪيو وڃيتو، اهو ڪرم مڳيو وڃي ٿو ۽ ٻنڌن جو ڪارڻ بڻجي ٿو؛ پر جو ڪرم ڦل جي اِڇا نہ رکي سهج سڀاءُ يعني بنا ترشنا (موهہ ممت) جي ڪيو وڃيتو، سو اَڪرم مڳيو وڃي ٿو ۽ موڪش جو ڪارڻ ليکيو وڃي ٿو. ڪرم ٻنهي حالتن ۾ ڪيو وڃيتو، فقط فرق اهو آهي تہ ڪرم ۾ موهہ ۽ ممت رهيتو ۽ اَڪرم ۾ موهہ ۽ ممت نٿو رهي. ڪرمن کان آجي ٿيڻ جي معنيٰ ڪرم نہ ڪرڻ نہ سمجهڻ کپي، پر ڪرم ڪندي ۽ ان ۾ موهہ ۽ ممت ۽ نتيجي جي خواهش نہ رکي. انهيءَ کي اَڪرم مڳيو ويو آهي. اهڙي قسم جي سُڀاهہ منش کي ڏاڍيءَ محنت کان پوءِ همٿ اَچي ٿي. هن شلوڪ جي ڏاڍي ڳوڙهي (اُونهي) معنيٰ آهي ۽ تيزفهمي کپي جو چڱيءَ طرح خيال ۾ جائگير ٿئي. پران ۽ اَپان کان دنيا جا سڀ ڪرم ٿين ٿا. سمان وايو (آتما) سرو وياپڪ آهي، جنهنڪري سڀ ڪرم ٿيندا رهن ٿا ۽ آتما جي ڪريئي هيءُ سڀ پسارو بڻيو بيٺو آهي. سمان ۽ پران وايوءَ جي وڌيڪ سمجهاڻي شري ڪرشن ڀڳوان سٺين اَڌياءَ ۾ ڏني ٿي.

شلوڪ ١٩

ڪرم ٻنڌن کان ڇٽڻ جو
طريقو گيان ئي آهي.

جو منش سڀ ڪرم ڪندي ۽ نرآشا رهيتو ۽

سمجهي سياڻا ٻه منجهي پون ٿا. ڪرمن جي ڳجهه کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. انهيءَ ڳجهه کي شري ڪرشن ڀڳوان اڳي هلي ١٨ شلوڪ ۾ سمجهائي ڏني آهي.

شلوڪ ١٧

ڪرم ٽن قسمن جا آهن؛ هڪ نيڪ ٻيو
بد (اُمرُ ۽ نيهي). ٽراڪرمي ٿي رهڻ
سڀ کان اُتم آهي.

سٺا ڪرم ۽ خراب ڪرم ۽ ٻنهي کان آزاد يعني اڪرمي ٿي رهڻ، انهيءَ ڀيد کي سمجهڻ تمام ضروري آهي. ڪرم جي تياڳ کي سمجهڻ تمام ڪٺن آهي.

* * * *

طمع کي ترڪ ڏنائون - تيا علتن کان آجا،
مدامي محبت تيـن - سامي تـيـا ساجا،
وڃايائون واجا - قلب اندر ڪرم علي چوي.

دنيا ۾ سٺا ۽ خراب ٽن قسمن جا ڪرم ٿين ٿا. انهن جو تفاوت سمجهڻ تمام سولو آهي. آتما ڪرمن جو ڪندڙ نه آهي. انهيءَ راز کي سمجهڻ لاءِ آتما جي گيان جي سخت ضرورت آهي، جنهنکي صرفي علم عرفان چون ٿا.

شلوڪ ١٨

ڪرم ۽ اڪرم جي سمجهاڻي.

جو منش ڪرم ۾ اڪرم جو هجڻ ۽ اڪرم ۾ ڪرم جو هجڻ چڱيءَ ريت سمجهي ٿو، سو

گيانوان دنيا جا مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا بہ ڪوشش نہ ڪندا آهن. هو سدائين آتما ۾ مگن رهي نرموھ ٿي ڪرم ڪندا رهن ٿا، پر انهن ۾ بندائمان نٿا ٿين. بندن جي ڦاسي تڏهن ٿي پوي جڏهن جيو پنهنجو اهم ڀاوَ (خودي) قائم رکي پاڻ کي ڪرم جو ڪندڙ ڄاڻي ٿو. آل اولاد مت مائٽ يا ڌن دولت ڇڏي ڀڄڻ سان ڪو جيو جو بندن نٿو لهي. ڪرم تہ گياني بہ ڪن ٿا؛ فقط فرق اهو آهي تہ، اگياني خوديءَ وچان ڪرمن جو ڪندڙ پاڻ کي سمجهي ٿو ۽ گياني اهي ڪرم قدرت کان ٿيندڙ ڄاڻي ٿو ۽ آتما کي ڪرمن کان نيارو ۽ آزاد سمجهي ٿو. اهوئي سچو گيان آهي.

شلوڪ ۲۲-۲۳-۲۴

جو جيو آتما ۾ مگن رهي ٿو ۽ ويراڳ
ورتي ڌاري ٿو، سو ڪرم بندن ۾ نٿو
ڦاسي. گيانوان سڀ ڪرم قدرت کان
ٿيندڙ ڄاڻي ٿو ۽ پنهنجي آتما کي
سدائين نرليپ ۽ نربندن مڃي ٿو.
گيانيءَ جو نسچو سڀ برهم آهي.

(۲۲) جو جيو، بنا اڇا حاصل ٿيل پدارٿ تي راضي رهي ٿو ۽ ٻيائيءَ (دُئي) جو خيال دل ۾ نٿو رکي يعني سڀ ۾ اهو هڪ برهم ڏسي ٿو ۽ انهن خيالن کي پاڻ ۾ جائگير ٿيڻ نٿو ڏئي ۽ هار ۽ جيت کي هڪجهڙو ڄاڻي چلائمان نٿو ٿئي، سو ڪرم بندن ۾ نٿو ڦاسي.

(۲۳) جو جيو نربندن (آزاد-اڇا رهت) ٿي رهي ٿو

پنهنجا سڀ ڪرم گيان اگنيءَ ۾ ڀسم ڪري
ڇڏي ٿو، تنهنکي ٻڌوان پرش گيانوان چون ٿا.

* * * *

گيانوان انا اڇا (سهج سڀاءُ) ۽ نتيجي جي اميد کان آزاد رهي ڪرم ڪندو رهي ٿو ۽ آتم انڀو جي خيال کان ڪرم کي ڪا به اهميت نٿو ڏئي. ڪرمن کي آتم اگنيءَ ۾ ڀسم ڪرڻ جي اهائي معنيٰ آهي.

شلوڪ ٢٠

گيانوان جو ڪرم ڪرڻ
نه ڪرڻ جي برابر آهي.

جو منش ڪرمن جي ڦل کي تياڳي آزاد ۽ آنند
۾ رهي ٿو، سو ڪرم ڪندي به ڪجهه نٿو ڪري.

* * * *

ڪرم جي ڦل جي ڪا به اميد نه رکي، جو ڪرم بنا موهه ۽ ممت جي ڪيو وڃي ٿو، سو ڪرم نه ڪرڻ جي برابر آهي.

شلوڪ ٢١

ڪرم جسم سان لاڳو آهي،
آتما ڪرم کان نياري آهي.

جو آشا کان نرآشا ٿي رهيٿو ۽ پنهنجي خيال کي
آنند ۾ رکي ٿو، سو سڀني بندنن کان آزاد رهيٿو.
اهڙو جيو فقط پنهنجي سرير سان ڪرم ڪندو
ڏسڻ ۾ اچيٿو، پر حقيقت ۾ ڪجهه به نٿو ڪري.

* * * *

سن سماڌيءَ دان - تپ -
يڳنتي ۽ ويد سمرڻ وغيره.

(٢٥) جي آپ سوارٿي پرش آهن ۽ ڪرم ٻنڌن ۾ ڦاٿل آهن سي ديوتائن جا يڳيه ڪري کين پرسن ڪندا. ٻيا برهم اگنيءَ ۾ ڪرمن کي ڪرم سان جلائيندا.

(٢٦) ڪي وري ڪنن وغيره اندرين کي سنجم (هٺ يوگ) روپي اگنيءَ ۾ هوَن ڪندا يعني وشيه ڀوڳن کان اندرين کي روڪيندا ۽ ڪي شبد وغيره جهڙوڪ اکين جو ڏسڻ، ڪنن جو ٻڌڻ وغيره اندرين جي گڻن ۾ اُي سمائي ڇڏيندا يعني سڀني اندرين کي انترمک ڪري ڇڏيندا جنهن بعد نه ڪن ٻڌندا، نه اکيون ڏسنديون، نه نڪ سنگهيندو وغيره. هر حال ۾ سم رهندا.

(٢٧) ڪي وري اندرين ۽ من کي ڪرمن کان روڪي آتما ۾ استٿت ٿيندا ۽ سڀني ڪرمن کي آتما جي پرڪاش ۾ جلائيندا.

(٢٨) ٻيا وري ڌن سي جو يڳيه (تياڳ) ڪندا يعني تيرٿ ياترا، پراپڪار ۽ دان پُن ڪندا. ڪي تپسيا جو يڳيه - ڪي يوگ روپي يڳيه ڪندا ۽ ڪي وري پاٺ پوڄا ۽ ورت رکندا.

شلوڪ ٢٩

پراڻايام (پاس انفاس) جو طريقو

ڪي منش پراڻن کي گهٽڻ جي محنت ڪندا. اهي

۽ جنهنجو من آتما ۾ استٿت رهيٿو ۽ سڀ ڪرم قدرت ڪان ڄاڻي ڪندو رهيٿو، تنهنجا سڀ ڪرم لين ٿي (گم ٿي) وڃن ٿا ۽ ڪرم ٻنڌن ۾ نٿو ڦاسي.

(٢٤) اهڙي قسم جو جيو جو ڪجهه ارپڻ ڪريٿو سو به برهم آهي، جنهن سان (ٻاسڻ وغيره) ارپڻ ڪريٿو سو به برهم آهي، جنهنکي ارپڻ ڪريٿو سو به برهم آهي ۽ جو ارپڻ ڪريٿو (پاڻ) سو به برهم آهي؛ اهوئي برهم آتما ۾ سمائجي وڃيٿو.

* * * *

”ياري يار يقيني رکجانء- نوڙي شڪ سيوئي،
جو ڪجهه هيرين سوئي ٿيندين- تنهنجو غم نه ڪوئي،
ڪل شيء يرجع إلى اصله- مون نه هڪ مٽيوئي،
سچل سچو ٿي رهندو- عشقون عين اهوئي.“
(سچل)

قدرتي سهج سڀاءُ جو ڪجهه ٻڻجي اچي ٿو تنهن ۾ گياني سمدرشتي ٿي آنند ۾ رهيٿو. نيڪي بدي يا هار جيت يا رنج ۽ راحت ۾ هڪجهڙو رهيٿو ۽ سندس دل ۾ آندماند نٿي ٿئي. گياني ڪنهن سان به لڳ لاڳاپو يا ڌڪار نٿو رکي. گياني جي به ڪرم ڪريٿو تنهن ۾ نه خودي رکيٿو ۽ نه موهه، تنهنڪري ڪنهن به ڪرم ۾ ٻنڌائمان نٿو رهي ۽ سدائين آزاد رهي ٿو.

شلوڪ ٢٥-٢٦-٢٧-٢٨

پرڪرتي ۽ اچاڇاپ؛ سرف ساڌنا
۽ اِندرين ڪسي وس ڪرڻ؛

شلوڪ ٣٠

نيم انوسار ۽ سا تـوڪي ڪـاڏي
ڪائڻ سان پرانن کي وس ڪرڻ.

ٻيا ماڻهو انڪول (ساتوڪي) کاڌو نيم انوسار کائين ٿا ۽ پرانن کي پرانـن ۾ لين ڪنثا. اهي سڀ جيو يگيه وديا کي ڄاڻندڙ آهن ۽ انهن يگين جي وسيلي گناهن کان ٻوتر ٿين ٿا. (يگيه معنيٰ محنت يا وسيلو).

شلوڪ ٣١

محنت جو ڦل آتـم گيان ۽
آتما جو ساکياتڪار آهي.

هي ارجن! جي منش محنتون ۽ جهد ڪري آتم امبرت هٿ ڪري پيئن ٿا، سي ڪڏهين ناس نٿا ٿين ۽ جي لوڪ محنتون نٿا ڪن، انهن کان هيءَ دنيا ويئي، سي ٻيءَ دنيا جو ڪهڙو ويچار ڪري سگهندا؟

* * * *

جن محنتن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تنجو ابياس ڪندڙن کي ڦل "آتم گيان" جو ملي ٿو. جو ماڻهو اهڙي ڦل حاصل ڪرڻ لاءِ محنت يعني ابياس نٿو ڪري سو آتما کان وانجهو رهيٿو، تنهنڪري جگياسوءَ کي لازمي آهي ته آتم گيان هٿ ڪرڻ جي هرڪا ڪوشش ڪري، يعني انهن ڏاهن کي هٿ ڪري، جن مان اهو علم پرائي سگهي. جو جيوُ انهيءَ فرض پالڻ ۾ ڍنتي ٻيل آهي، سو اسٿول چاهي سوکيم آنند کان محروم ٿيل آهي.

پران ۽ اپان جي هل چل يعني اچ وڃ کي روڪي هڪ ٻئي ۾ گم ڪن ٿا يعني پران کي اپان ۽ اپان کي پران ۾ لين ڪن ٿا.

پراڻن کي گهٽڻ جي محنت کي صوفي دم حبس چون ٿا. پران ۽ اپان کي نفس بالا ۽ نفس پائين چون ٿا. (پرانن جي وڌيڪ سمجهاڻي پنجين اڌياءَ ۾ ڏنل آهي)

*　　　*　　　*　　　*

تون صورت منجهه سمائي ڏس-
پوءِ دم دم جهاتي پائي ڏس،
١- پس نقش نگار کي راس ڪري-
پوءِ پاس انفاس کي پاس ڪري،
۽ نفس ندوري کي ناس ڪري-
پوءِ عشق جو انگ اڪائي ڏس.
٢- ڪڙ ناپ ڪنول ڪان نام پري-
هل ڪنت ۾ ڪوپا ڪوڙ ڪري،
۽ ترت تکو ئي ڌيان ڌري-
پوءِ سن ۾ سرت پچائي ڏس.
٣- ڪر سر مان جلد نقاس سڌو-
چڪ عاشق پوءِ آڪاس سڌو،
وڃي ڀيچ پرينءَ جي پاس سڌو-
ايهو قرب اندر ۾ ڪمائي ڏس.
٤- اهو روشن راز الاهيءَ جو-
ڪم ڪوشش ڪرڻ سپاهيءَ جو،
ڏيندو ڀيرل پاند پناهيءَ جو-
خود دامن کي هٿ لائي ڏس.

آتم ڄاڻايو آهي، بلڪ اَهڙي گيان کي حاصل ڪرڻ هرهڪ اِنسان جو فرض ثابت ڪيو آهي. جنهن اِنسان آتم آنند حاصل ڪيو آهي، تنهن لاءِ ٻين لوڪن ۾ ٻيو ڪو به پدارٿ وڌيڪ وڻندڙ ڪونهي.

شلوڪ ۳۴-۳۵

اَهڙي ٻوجهه گيانين کان ملي سگهي
ٿي جنهنڪري اَگيانتا دور ٿئي ٿي
۽ آتم آنند پراپت ٿئي ٿو.

(۳۴) اهو نسچيه ڪري سمجهه ته برهم جي ڄاڻ توکي برهم گيانين کان ئي ملي سگهندي، جا انهن جي شيوا، نمرتا ۽ فرمانبرداريءَ ۾ رهڻ سان هٿ اچي سگهي ٿي.

(۳۵) جنهنکي ڄاڻي ڪري هي اَرجن! تون ڪڏهين به وري اَگيانتا ۾ نه ڦاسنديئن، جنهن ڪانپوءِ سڀ ۾، پهريائين پاڻ ۾، پوءِ مون ۾ اها هڪ آتما ئي ڏسنديئن.

* * * *

ست پرشن جو اَدب ۽ سندن شيوا ٽهل انهيءَ ڪري ڪرڻ لازمي آهي، جو اَهڙن مهاتمائن وٽان ئي آتم آنند حاصل ٿي سگهي ٿو. اِنسان اَگيانتا جي ڪري پاڻکي آتما کان جدا ٿو سمجهي. جڏهين ڪيس آتم گيان پراپت ٿو ٿئي ۽ آتما جي ڄاڻ پويس ٿي ۽ اَگيانتا مٽجي ويس ٿي، تڏهين سڀ ۾ آتما ئي آتما ڏسي ٿو يعني سڀ ۾ سو پسي ٿو.

شلوڪ ٣٢

ويدن ۾ جي يگيه (ممنتون) ورنن
ڪيل آهن، سي اُپياس جا طريقا آهن.

اُهڙيءَ طرح ويدن ۾ جي يگيه (اُپياس) جا نمونا ڏنل آهن، اهي سڀ ممنتن جا طريقا آهن. انهن کي ڄاڻي اُپياس ڪرڻ سان تون موڪش کي پراپت ڪندين.

*　　*　　*　　*

آتما کي هٿ ڪرڻ جا جيترا به ويدن ۾ طريقا ڏنل آهن، انهن مان ڪو به ممنتن کان خالي نه آهي؛ يعني هر هڪ ممنت ۾ اِندرين يا دل يا دماغ جي ممنت ضروري آهي ۽ جاکوڙ ضرور ڪرڻي پوندي. اهو طريقو جنهن ۾ ڪا به ممنت ڪرڻي نٿي پوي، سو آهي گيان يوگ. انهيءَ جي سمجهاڻي پنجين اَڌياءَ جي ٢٧ شلوڪ ۾ ڏنل آهي.

شلوڪ ٣٣

هٿ يوگ کان سهج يوگ
(دماغي - خيالي) وڌيڪ سريشٽ آهي.

هي اَرجن! هٺ يوگ کان سهج يوگ يعني گيان يوگ گهڻو اُتم آهي، ڇو ته سڀ ڪرم ڦل سميت گيان ۾ سمايل آهن.

*　　*　　*　　*

شري مد ڀڳوت گيتا، ٻين سڀني يوگن کان گيان يوگ کي وڌيڪ اَهميت ڏني آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ

(٣٨) آتم گيان جي برابر هن سنسار ۾ ٻي ڪا بہ پوتر وستو ڪانهي. اهڙي برهم گيان کي جنهن ماڻهوءَ محنت ڪري هٿ ڪرڻ جي ڪئي آهي، سو سمي پائي پنهنجو پاڻ مان ئي حاصل ڪريندو.

(٣٩) جو اِنسان هوشيار، چُست ۽ محڪم خيال آهي ۽ پنهنجي اِندرين تي پورن ضابطو اَٿس سو جلد آتم گيان حاصل ڪري آنند پراپت ڪريندو.

* * * *

آتم گيان سيم قائم آهي ۽ باقي سڀ علم (ڄاڻ) ناسونت آهن.

شلوڪ ۴٠

اَگياني آتم گيان کان محروم رهندا.

جو اِنسان اَگياني ۽ ڪمزور خيال جو آهي ۽ پنهنجي اِندرين جي وس ۾ آهي سو ناس ٿي ويندو. جنهن اِنسان جي دل پنهنجي وس ۾ نہ آهي، ان کي نہ هن دنيا ۾ ۽ نہ پرلوڪ ۾ سک آرام ملي ٿو ۽ نہ سندس دل کي آنند اَچي ٿو.

* * * *

جو جيو اَگيانتا ۽ اَوشواسيءَ سبب آتم گيان نٿو پرائي سگهي ۽ سدائين پنهنجي دل ۾ شڪ گمان سانديندو رهيندو ۽ پنهنجيءَ نادانيءَ کي دور ڪري نٿو سگهي، سو حيوان آهي.

شلوڪ ٣٦-٣٧

گنهگار به آتم گيان پائي موکش حاصل ڪندا. آتم گيان مثل ٻاھه جي آهي، جنهن ۾ ڏوهه ۽ ثواب ٻئي ڀسم ٿي وڃن ٿا.

چاهي تون سڀني گنهگارن کان به وڏيڪ گنهگار هجين، ته به آتم گيان روپي ٻيڙيءَ جي وسيلي پاپن روپي درياهه تري پار پوندين.

* * * *

"مسجد ڇوڙ لڳس ميخانه -
ميءِ دي جام پيتوسي،
مين تو ڏونهين وسر ڳيوسي -
بيخود ڪيف ڪتوسي،
ڏوهه ثواب ڪنون ڇٽ پيوسي -
سچو سارا ڏن ڏتوسي."
(سچل)

(٣٧) جهڙيءَ طرح تيز ٻرندڙ ٻاھه ڪاٺين کي جلائي رک ڪري ڇڏي ٿي، تهڙيءَ طرح برهم گيان جي اگني سڀني ڪرمن کي ناس ڪري ڇڏي ٿي.

شلوڪ ٣٨-٣٩

آتم گيان، پرڪرتي گيان يعني ظاهري علم کان اُتم آهي. شوق ۽ شرڌا سان آتم گيان جلد پراپت ٿئي ٿو.

ڪرمن کان آجو (آزاد-نيارو) بڻجي، نرموهه ٿي
جنگ ۾ جنبي وڃ.

*　*　*　*

"جنهن چوراسيءَ پنڌ ڪون-جي آئم ڏسين هڪ،
آڏ يسي اندر مـــون-ڪڍ دوئيءَ ڪي ڏڪ،
ڳـــولـــي لهه پـــاڻڪي-سچي رکـــي سڪ،
ٻـــاري آگ عشق جي-سار سڀيئي شڪ."

شڪ اگيانتا جي اونڌاهيءَ ڪري پيدا ٿين ٿا ۽ گيان روپي روشني جا اندر مان ئي پيدا ٿئي ٿي، تنهن جي سامهون اگيان روپي اونڌهه نٿي رهي. گيان ۾ تتپر يعني اسٿت ٿيڻ کي يوگ چئجي ٿو.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان، "ڪرم سنياس" (رهڻي) جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جـواب وارو چـوٿون آڌياءَ پورو ٿيو.

چوٿين آڌياءَ جي سمالوچنا.
(سمجهاڻي)

آتما (ذات) ناس رهت، سرووياپڪ ۽ آدي آهي ۽ گيان جي ڪارڻ آهي ۽ آنند مئي آهي. آتم گيان ڪڏهين ناس نٿو ٿئي، پر ڪنهن ڪنهن وقت يڪجي وڃيٿو ۽ وري ظاهر ٿئي ٿو. فقط گيانوان ئي (عارف-فقير) سدائين آتما کي ڄاڻن ٿا. اگياني (تمي گڻي-گهٽ درجي وارا جگياسو-طالب صفت ادني) غافل هئڻ سبب آتما

شلوڪ ٤١

جو انسان گيان سان اڪرمي بڻجي ٿو
۽ پاڻ ارپي پنهنجا شڪ گمان دور
ڪريٿو، سو ڪرمن جي ڦاسيءَ ۾ نٿو
ڦاسي.

هي ارجن! جو انسان پنهنجي ڪرمن سان ڪوبہ موهہ نٿو رکي ۽ گيان جي تلوار سان پنهنجا شڪ دور ڪيا آهن ۽ پنهنجين اندرين ڪيً وس ۾ رکيو آهي، سو ڪرمن جي ڦاسيءَ کان آزاد ٿي وڃي ٿو.

* * * *

جڏهن انسان جو خيال انترمُکُ (آتما جي پاسي) ٿئي ٿو ۽ گيان ۾ لين ٿي وڃيٿو، تڏهين سڀ ڪرم جيو کان خود بہ خود ڇڏائجي وڃن ٿا. ان وقت جيڪي ڪجهہ اندر ۾ انڀؤ ٿئي ٿو سو ڄاڻ کان ٻاهر آهي يعني زبان جي شڪتيءَ کان ٻاهر آهي.

شلوڪ ٤٢

انسان پنهنجا شڪ ڀڳتي يعني
پريم سان دور ڪري ۽ گيان
مارگ ڏانهن وک وڌائي.

هي ارجن! تون هاڻي پنهنجن سڀني شڪن کي، جي اگيانتا سبب تنهنجي دل ۾ پيدا ٿيا آهن، پنهنجي گيان روپي تلوار سان ناس ڪر ۽

نقشو آڌياءَ پنجون

نمبر آڌياءَ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءَ	صوفياڻي سمجهاڻي — منزل	صوفياڻي سمجهاڻي — بيان
٥	٢٩	سنياس يوگ يعني پورڻ تياڳ (ويراڳ) يعني ترڪ	طريقت علمي يعني علمي واٽ يعني علم اليقين	علم اشراق يعني انڀوءَ گيان يعني اندر جي روشني (ڄاڻ-ٻوجهه-پروڙ)

ڌاتپرج آڌياءَ جو

چت جي ايڪاگرتا لاءِ خودي وڃائڻ تمام ضروري آهي. شانتي چت جو مقصد آهي. خوديءَ وڃائڻ سان آتما جي ڄاڻ ٿئي ٿي ۽ چت ٽانئڪو ٿئي ٿو. خودي وڃائڻ، آتما جي هٿ ڪرڻ جو وسيلو آهي. خودي وڃائڻ ۽ چت کي ايڪاگر ڪرڻ ٻئي اُرس پرس آهن؛ يعني ٻنهي مان ڪابه ڳالهه جگياسوءَ کي ڀريائين هٿ آئي ته ٻي خود بخود حاصل ٿيندس. علم حقيقت (آتما جي ڄاڻ) حاصل ٿيڻ تي ۽ ترڪٽيءَ ۾ ڌيان ڪرڻ سان علم معرفت (آتم گيان) پراپت ٿيندو، جنهن ڪانپوءِ ترگڻي مايا ڦري هڪ ڀاسندي يعني هيڪڙائي حاصل ٿيندي. ايڪو برهم وڃي رهندو.

ڪي نٿا ڄاڻي سگهن. جڳياسو جڳياسوءَ ۾ فقط ڳڻن ۽ ڪرمن
جو فرق آهي. باقي آتما ته سڀني ۾ هڪ سمان آهي.
اهڙي جا آتما آهي سا ڪرمن ۽ ڪرمن جي ڦل (نتيجي)
کان آزاد رهي ٿي، تنهن ڪري انسان آتمڪ ڳڻ (ڪرمن
جي ڦل يعني نتيجي کان آزاد ٿي ڪرم ڪرڻ) ڌارڻ
ڪري، آتما ۾ لين ٿي سگهي ٿو ۽ اهوئي اڪرمي
بڻجڻ جو طريقو آهي. ڪرم ٻن قسمن جا آهن؛ هڪ موهه
سهت ڪرم ڪرڻ ۽ ٻيو نرموهه ٿي ڪرم ڪرڻ (ٻنهي
جي سمجهاڻي مٿي ڏنل آهي). پهرينءَ حالت ۾ ٻري ۽
ڀلي ڪرم جو ويچار ڪرڻ (شاستر مريادا موجب) لازمي
آهي ۽ ٻيءَ حالت ۾ ٻري ۽ ڀلي ڪرم تان جڳياسوءَ جو
خيال کڄي ٿو وڃي ۽ هو هميشه گيانين جيان رهت
رهي ٿو. اهڙي طريقي رهڻي رکڻ سان جيو جا سڀ
ڪرم گيان اگنيءَ ۾ ڀسم (ناس) ٿي وڃن ٿا ۽ آتما ۾ لين
ٿي وڃي ٿو. سڀئي مذهبن ۾ جيڪي جهد جفائون
هدايت ڪيل آهن، سي فقط آتما (ذات) جي حاصل
ڪرڻ جا طريقا آهن ۽ اهو آتم گيان ئي سڀ کان اُتم
آهي. انهيءَ آتم گيان کانسواءِ جيو ڪڏهين به آنند ۽
آرام حاصل ڪري نه سگهندو. اهو ٻنا ڀڳتيءَ
(عشق حقيقي - پاڻ اَرپڻ) يعني سڪ کانسواءِ پراپت نه
ٿي سگهندو؛ تنهنڪري اِنسان جو فرض آهي ته ٻي
تات (پرائي پچار) ڇڏي انهيءَ هڪ آتما جو آسرو وٺي
آتم پرائڻ جي دل و جان سان ڪوشش ڪندو رهي.

”يا پسڻ ڀرينءَ جو - يا ڀرينءَ پچار،
انهن ٻنهي کان ڌار - قادر ڪنهن کي نه ڪري.“

اَڌياءُ پنجون - شلوڪ ٢٩

سنياس يوگ

شلوڪ ١

ڪرم سنياس ۽ ڪرم يوگ ٻنهي
مان ڪهڙو طريقو بهتر آهي.

اَرجن چيو:-

هي ڪرشن مهراج! اَوهان ڪرم سنياس (ڪرم جو تياڳ) سان گڏوگڏ ڪرم يوگ (نشڪام ڪرم ڪرڻ) جو اُپديش ڪريو ٿا. انهن ٻنهي مان جو ٻه طريقو اُتم هجي، سو مهرباني ڪري چڱيءَ طرح مونکي سمجهايو.

* * * *

نوٽ:- متئين ڪيل اُپديش مان اَرجن ڪرم سنياس جي معنيٰ ڪرم نه ڪرڻ سمجهو ۽ ڪرم يوگ جي معنيٰ ڪرم ڪرڻ سمجهو يعني ٻنهي کي هڪ ٻئي جي اُبتڙ سمجهو. انهيءَ ڪري اَرجن شري ڪرشن مهراج کي هيءُ سوال ڪيو.

شلوڪ ٢

ڪرم سنياس ۽ ڪرم يوگ ٻئي لازمي آهن،
پر ڪرم سنياس کان ڪرم يوگ بهتر آهي.

شري ڪرشن ڀڳوان چيو:-

مختصر سمجهاڻي آڌياءَ جي

(باطني معنيٰ)

پرڪرتيءَ (ڪثرت) جو گيان ترگڻي مايا ۾ ظاهر ٿئي ٿو؛ انهيءَ حالت ۾ اَهم ڀاوُ يعني خودي موجود آهي. خودي وڃڻ تي ڪثرت ڦري وحدت ٿئي ٿي يعني هيڪڙائي ٿئي ٿي. حقيقت معنيٰ خودي ڇڏڻ (سنياس)، معرفت معنيٰ هيڪڙائي (وحدت). ترگڻي مايا کي هيڪڙائيءَ ۾ ليِن ڪرڻ لاءِ "ترڪتي ڏيان" ئي هڪڙو وسيلو آهي. آپو (خودي) وڃائڻ سولو ڪم نه آهي. جنهن وقت جگياسو محنت ۾ رڌل آهي، ان وقت جڙ خوديءَ جو ترڪ ٿي رهيو آهي. ٻيءَ حالت ۾ خودي قائم آهي. خودي وڃائڻ لاءِ دائما سخت محنت (جهدن) جي ضرورت آهي، تانجو آهستي آهستي جيسين مڪمتائي حاصل ڪري "بي خودي" سياءُ ٿي وڃي؛ نه فقط ايترو، پر خود محنت ڪرڻ جي جگياسوءَ کي ڄاڻ نه رهي. اهائي چت جي ايڪاگرتا واري حالت آهي جنهن ۾ آتما سان ميل ٿئي ٿو يعني وصال ذات ٿئي ٿو. طالب جي دائما مراد وصال ذات آهي. انهيءَ حد تي پهچڻ بعد جيڪي ڪم هن کان ٿين ٿا سي گيان اَگنيءَ ۾ جلي ڀسم ٿي وڃن ٿا يعني ڪرم ڪندي به نهڪرمي بڻجي پوي ٿو، ڇو ته سندس اَهم ڀاوُ مٽجي وڃڻ ڪري ڪيس آتما ڪانسواءِ ڪي ڪين ڀاسي ٿو. هن قسم جي چت ورتي ڌارڻ سڀ کان اوچو طريقو آهي. هن اَڌياءَ ۾ ترگڻي مايا کي هيڪڙائيءَ ۾ لئه ڪرڻ جو طريقو ڏيکاريو ويو آهي.

"وحدتان ڪثرت ٿي - ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو - ٻولي ٻيءَ ۾ ڀل،
هو هلاچو هل - با اَلله سندو سڄڻين.
(شاهه صاحب)

ارجن! جو راڳ دويش کان آزاد ٿيو آهي تنهن کي ڪرم بندن کان آجو ۽ مڪت سمجهه.

* * * *

دادو دعوٰي ڇوڙدي - تو هووي خيرَ ڪا خيرَ،
نا ڪسي ڪي دوستي - نا ڪسي سي بيرَ.

سنياسي (تارڪ) اهو آهي جو ڪنهنکي به گهٽ نه ڳهري. هن لاءِ دوست دشمن هڪ آهن. نه دوست کي دلاسو، نه دشمن کي خوف. اهڙي نموني هوُ سم درشٽي (هيڪڙائيءَ واري نظر) ڌاري رهڻي رهيتو ۽ هوشياريءَ ۽ خبرداريءَ سان مڪتي (آزادي) حاصل ڪريتو. ٻاهران يعني ٻين کي ڏيکارڻ لاءِ جي سڀ شيءِ جو تياڳ ڪيائين ته ڇا ٿيو. اهڙي جيو جو من يوڳ واسنا سان لپٽيل رهي ٿو. اهڙي کي سنياس ڇڏي نه سگهبو.

شلوڪ ۴

سانکيه ۽ يوڳ حقيقت ڪري ڳالهه هڪ آهي.

اگياني ئي سانکيه ۽ يوڳ کي الڳ الڳ سمجهندا آهن ۽ نه گيانوان. جو اِنسان انهن ٻنهي مان ڪنهن به هڪ کي هٿ ڪندو، ته ڪيس ٻنهي جو چڱيءَ طرح ڦل ملندو.

* * * *

يڳتيءَ (عشق حقيقي) کانسواءِ ڪڏهين گيان پراپت نه ٿيندو ۽ گيان تيسين ڪماليت کي نه رسندو، جيسين يڳتي ساڻ نه اٿس. تيڪن ئي سانکيه ۽ يوڳ جو ارس پرس اثر آهي.

هي اَرجن! جيتوڻيڪ ڪرم سنياس ۽ ڪرم
يوگ ٻئي سٺا آهن، پر ٽنهين ٻ ڪرم سنياس
کان ڪرم يوگ بهتر آهي.

*　　*　　*　　*

گيانوان جي نظر ۾ ڪرم سنياس ۽ ڪرم يوگ ڪي ٻہ جدا ڳالهيون نہ آهن، پر ٻئي لازمي آهن. ڪرم سنياس جي معنيٰ سانکيہ (علم حقيقت) يعني گيان جي ڄاڻ جنهن جو مطلب تت يعني سچ آهي، جنهن سان من جي چنچلتا کي اَستر ڪيو ويندو. ڪرم يوگ جي معنيٰ ويدانت (علم معرفت) آهي. اهو اوم يا اَللہ سان لڳي ٿو ۽ هيڪڙائيءَ جي منزل جو بيان آهي. جڏهين جيو کي هيڪڙائي حاصل ٿئي ٿي، تڏهين من جي چنچلتا کان اَستر ٿئي ٿو ۽ اَندر ۾ آنند ۽ آرام پراپت ڪري ٿو. جڏهين آنند ۽ آرام حاصل ڪري ٿو، تڏهين آتما جو ساکياتڪار ڪري ٿو. نرموهہ (آپي ۽ خوديءَ رهت) ٿي ڪرم ڪرڻ کي ئي سنياس چئجي ٿو ۽ ڪرم جي ڦل يعني نتيجي جي ڪابہ اِڇا اَندر ۾ نہ رکي ڪرم ڪرڻ کي ڪرم يوگ چئجي ٿو.

شلوڪ ٣

سنياسي اهو آهي جو پيار ۽
ڌڪار ٻئي تياڳي ڇڏي ٿو.

سنياسي انهيءَ کي سمجهڻ کپي جو پيار ۽ ڌڪار (رغبت ۽ نفرت) ٻئي اَندر ۾ نٿو رکي. هي

۽ دل تي ضابطو حاصل ڪيو اٿس، اندرين کي پنهنجي وس ۾ رکي ساريءَ سرشٽيءَ کي پاڻ ۾ ڏسي ٿو، اهڙو مڙس ڪرم ڪندي به ڪرم بنڌن ۾ نٿو ڦاسي.

* * * *

جو مڙس چت ڪري (موهه رهت) آزاد آهي ۽ ظاهري ڪرم ڪندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو ڪرمن کان آجو آهي؛ جنهنجو من ڦل جي اِڇا نٿو رکي، سو اڪرمي آهي. ڦل جي اِڇائي ڪرم ڦاسي آهي.

شلوڪ ٨-٩

يوگيءَ جي نظر هميشه آتما ۾ رهيٿي.

آتم ساکياتڪاري يعني جنهن چڱيءَ طرح سچ کي سڃاتو آهي، سو سمجهي ٿو ته ڏسڻ- ٻڌڻ- ڇهڻ- سنگهڻ- کائڻ- هلڻ- سمهڻ- ساهه کڻڻ- ڳالهائڻ- گرهڻ يعني وٺڻ- تياڳ يعني ڇڏڻ- جهلڻ- اکيون کولڻ ۽ بند ڪرڻ وغيره مان نٿو ڪريان، اهو اندرين جو ڪرم آهي؛ منهنجون اندريون اهي ڪرم ڪري رهيون آهن ۽ مان ڪجهه نٿو ڪريان.

* * * *

يوگي آتم کي سڀني ڪرمن کان نيارو ۽ نربنڌن سمجهي ٿو؛ تنهن ڪري هو سڀني ڪرمن ڪندي به پاڻکي سڀ کان نيارو ۽ نربنڌن ڄاڻي ٿو ۽ سدائين آتما ۾ لين رهيٿو.

شلوڪ ٥

گيان ۽ ڪرم يوگ انسان
پنهنجي اندر ۾ حاصل ڪريٿو.

جنهن اوستا کي سانکيه يوگي (گيان مارگ وارا) پهچن ٿا، انهيءَ اوستا کي ڪرم يوگي (ڪرم يوگ وارا) به رسن ٿا. جو منش ٻنهي گيان يوگ ۽ ڪرم يوگ) کي هڪ ئي ڪري ڄاڻي ٿو، اهوئي صحيح سمجهي ٿو.

* * * *

نوٽ:- ٻنهي حالتن ۾ اندر جو آنند ساڳيو رهي ٿو؛ فقط اکرن جو ڦير آهي.

شلوڪ ٦

آتما جي ڄاڻ گيان تي منحصر رکي ٿي.

هي ارجن! اهو سانکيه يوگ (آتم گيان) محنتن ۽ جهدن کانسواءِ هٿ نٿو اچي ۽ اڀياس ڪندڙ پرش آتما ۾ لين ٿي وڃيٿو.

* * * *

جو انسان انترمک ٿي آتما جي ڳولا ڪريٿو ۽ انهيءَ ڏس ۾ دل وجان سان جهد ڪري ٿو، سو آتما کي جلد رسي ٿو يعني ساکياتڪار ڪريٿو. جڏهين آتما کي پائي ٿو، تڏهين سندس خيال ڪماليت کي پهچي ٿو.

شلوڪ ٧

يوگي (جگياسو) ڪرم بندن ۾ نٿو ڦاسي.

جو جگياسو محنتن جي ذريعي من شد ڪري ٿو

شلوڪ ۱۲

يوگي ڪرم جو ڦل تياڳ ڪري
آتم آنند ۾ رهيٿو؛ اگياني
ڪرم بندن ۾ ڦاٿو رهيٿو.

جگياسو ڪرم جي نتيجي يعني ڦل جي اِڇا تياڳ ڪري آتم آنند حاصل ڪريٿو. جو اِنسان يوگ (طريقي) کان اڻڄاڻ آهي، سو ڪرمن جي ڦل جي اِڇا ۾ ڦاسي ڪرم ڪريٿو.

* * * *

يوگي اُميد ۽ خوف کان خيال مٿي رکي هميشه آتم آنند ۾ رهيٿو ۽ اگياني گهڻ بڌيءَ هٺ سبب آسري ۽ ٻپ ۾ ٻڌو رهيٿو جنهنڪري ڪرم بنڌن ۾ ڦاٿو رهيٿو.

شلوڪ ۱۳

شرير مڪان آهي. آتما
ان ۾ رهندڙ مالڪ آهي.

ساڪي آتما سڀني ڪرمن کي تياڳي انهيءَ نَوَنِ دروازن واري مڪان (شرير) ۾ نه ڪجهه ڪريٿي ۽ نه ڪجهه ڪرائي ٿي. هوءَ سدائين سٽنتر (آزاد) رهيٿي.

* * * *

منش شرير هڪ ڳوٺ جي مثل آهي، جنهن ۾ ٻه اکيون، ٻه ڪن، ٻه نڪ جون ناسون، هڪ وات، هڪ گدا (ڪاڪوس جي جاءِ)، هڪ لنگ (پيشاب جي جاءِ) نَوَ دروازا آهن، انهيءَ ڳوٺ جو بادشاهه (آتما) پنهنجي

شلوڪ ١٠

جو پنھنجو آپو ناس ڪري ڇڏي ٿو،
سو گناھن کان ڇٽل رھي ٿو.

جو پنھنجا سڀ ڪرم قدرت جي حوالي ڪري پاڻ کي الڳ يعني نيارو سمجهي ڪرم ڪري ٿو، سو گناھن کان اھڙي نموني ڇٽل رھي ٿو، جھڙيءَ طرح ڪنول جو گل پاڻيءَ کان.

* * * *

پنھنجا ڪرم قدرت جي حوالي ڪرڻ جي اھا معنيٰ آھي تہ ڪرم جي ڦل جي اِڇا تياڳ ڪري يعني سڀ ڪرم ايشور ارپڻ ڪري يا سڀ ڪرم قدرت کان ٿيندڙ سمجهي. جڏھين جگياسوءَ جي اھڙي پڪي ورتي ٿي وڃيٿي، تڏھين ڪيس ڪو بہ پاپ ڇھي نٿو سگهي.


شلوڪ ١١

يوگي پنھنجي نظر آتما مان
ٻاھر نٿو ڪڍي ۽ پنھنجا سڀ
ڪرم جسم کان ٿيندڙ ڄاڻيٿو.

جگياسو دل جي صفائي يعني شڌتا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪرم جو سنگ (ڪرم جو ڦل) تياڳي، شرير، من، بڌي ۽ اِندرين سان ڪرم ڪريٿو.

* * * *

جگياسو سڀ ڪرم اِندرين کان ٿيندڙ ڄاڻي، پنھنجيءَ آتما کي ڪرمن کان نيارو سمجهي ٿو.



تنهنجي اَگيانتا دور ٿي وڃيٿي. آتم اَڀياس ئي
آتما کي اُهڙيءَ طرح پرڪاش ڪري ظاهر
ڪريٿو، جهڙيءَ طرح سورج ساريءَ سرشٽيءَ کي.
(١٧) جو جگياسو هوشياريءَ سان آتما کي حاصل
ڪرڻ ۾ مشغول رهيٿو، جنهن جي دل سدائين
آتما ۾ لڳي رهيٿي، جنهنجو آتما ۾ پورن وشواس
آهي ۽ آتما ئي سندس لاءِ آسرو آهي، سو آتم
اَڀياس جي صدقي سڀني گناهن کان ڇوٽڪارو
پائي مڪت حاصل ڪريٿو.

* * * *

جو سياڻو اِنسان آتم اَڀياس ذريعي پنهنجو اَهنڪار
مٽائي ڇڏي ٿو ۽ آتما کي پائي ٿو، سو آتما کي سورج
وانگر پرڪاشوان ڏسي ٿو. جو منش آتما (ذات) ۾ گم
رهيٿو سو پاپ پڃ کان ڇٽي مڪت حاصل ڪريٿو.

شلوڪ ١٨-١٩

گياني انهيءَ کي چئجي ٿو جو سڀ
۾ آتما ڏسي ٿو. جو هيڪڙائيءَ جي
درشٽي ڌاري ٿو سو آتما ۾ لين رهيٿو.

(١٨) جو منش اَڀياس ۽ رهڻي رکي برهمڻ، گانءِ،
هاٿي، ڪتي ۽ چنڊال ۾ هڪ آتما ڏسي پسي
ٿو تنهنکي گياني چئجي ٿو.

(١٩) جنهنجي دل هيڪڙائيءَ واري اَڀياس ۾
پڪيءَ طرح ڄمي ويئي آهي سو ساريءَ سرشٽيءَ
کي پنهنجي وس ۾ رکيٿو. اُهڙو پرش آتما ۾

مڌو رهي سڀ ۾ سو يعني سڀ آتم سروپ ڄاڻي
ٿو ۽ سڀ ۾ آتما (ذات حق) جو ديدار ڪندو
رهيتو.

* * * *

گياني آتما کي سرو وياپڪ (محيط) ڄاڻي سڀ ۾
آتما ئي ٿو ڏسي ۽ ظاهري دنيا کي مٿيا سمجهي ڪرم
پرڪرتيءَ (قدرت) کان ٿيندڙ ڄاڻي ٿو.

شلوڪ ٢٠-٢١

گياني هر حال ۾ سمان رهي سدائين
آتم آنند ۾ مگهن رهيتو ۽ اِندرين جي
ڪرم ڀوڳن ڏانهن سندس خيال نٿو وڃي.

(٢٠) جو منش استر بڌي، سياڻو، گيانوان ۽ آتما
۾ مگهن رهيتو سو وڻندڙ شيءِ جي ملڻ ڪري
خوش نٿو ٿئي ۽ اَڻ وڻندڙ شيءِ جي ملڻ ڪري
رنج نٿو ٿئي.
(٢١) جو جگياسو ٻاهرين وشيه ڀوڳن (سوادن)
ڏانهن ڪو به خيال (ڌيان) نٿو ڏئي پر آندر ۾
سدائين آتما جو ڌيان ڪريتو، سو آنند پائي
مڪت ٿئي ٿو.

شلوڪ ٢٢

اِندرين جا وشيه ڀوڳ (سپرڪ سک)
ناسونت آهن ۽ ڪڏهين به آندر جو
سچو آنند (آتم آنند) ڏيڻ وارا نه آهن.

هي ارجن! اِندرين جا جيڪي به سک آهن

ڪروڌ کي وس ڪريٿو سو يوگي آهي.

جو منش هن دنيا ۾ جيئري ئي ڪام (ترشنا-نفس) ۽ ڪروڌ جي جوش کي پنهنجي وس رکيٿو، سو يوگي پرش آهي ۽ اُندر ۾ سچو آنند ماڻي ٿو.

*   *   *   *

جو شخص ڪام ڪروڌ کان بچيو رهيٿو تنهنکي ئي يوگي چوڻ گهرجي. اهڙي منش کانسواءِ ٻئي کي اندر جو آرام پراپت نٿو ٿئي. آتم گيان سخت اَڀياس کانسواءِ هٿ نٿو اَچي. هرهڪ اِنسان جو اهو فرض آهي ته مرڻ کان اَڳ آتم گيان حاصل ڪري. باقي جو وشيه هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريٿو سو نامرد آهي.

"قطب جي ڪام ڪروڌ وڃائين-
ته صحي سڃاڻپي ساهه کي."

شلوڪ ۲۴

اَنترمکتا ۾ گهرائيپ حاصل ڪرڻ کي ئي
اَندر جو آرام ۽ آنند چئبو آهي.

جو يوگي اَندر واري آنند ۾ مگن آهي ۽ جنهنجي اَندر ۾ آتما جو پرڪاش ظاهر ٿيو آهي سو آتما ۾ لين ٿي آتم آنند کي ماڻي ٿو.

*   *   *   *

يوگي اِندرين جي وشيه يوگن کي مٽيا ۽ نيچ سمجهي انهن کان پاسو ڪري آتما جي پرڪاش (جوت) ۾ مگن رهيٿو، جنهنکي سڀ کان وڏي استثني سمجهڻ کپي.

سي سڀ اَڳي پوءِ دک جو ڪارڻ ٻڌجن ٿا. اهي ناسونت آهن ۽ ڪڏهين به نيڀئو نٿا رهن، تنهنڪري ٻڌوان پرش انهن ۾ ڪڏهين به چت نٿو لڳائي.

* * * *

هميشه يار جي حب رک-
ڇڏي ڏي حرص حيراني.
١- نانگا هرڻ نينهن جو نعرو-
ڇڏي ڏي لوڪ جو لاڙو،
سيني ۾ سير سڀ سارو-
تڏهن نور نوراني.
٢- پڇن جيڪي پنڌ پانڌ پر جو-
سانگو ناهي تنين سر جو،
پيئائون جام ڪؤثر جو-
لنگهي تيا لعل لاثاني.
٣- اُتي تون جاڳ پرڏيهي-
وڃائج وقت نا ويهي،
هتان هليا ويا ڪيئي-
سڪندر شاه سلطاني.
٤- بيدل سر سوريءَ تي سنجي-
پونئي پير نا هنجي.
سر ڏيئي يار سر ڪنجي-
وسي پيو فيض رحماني.

شلوڪ ٢٣

جو انسان پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ ترشنا ۽

پراپت ٿيو ائس، تنهنکي آتم آنند ملي ٿو.

* * * *

ويراڳي ۽ تياڳي اهو آهي جنهن پنهنجي خيال کي قابو رکيو آهي ۽ نرموهه ٿي ڪرم ڪندو رهيٿو، نه اهو، جنهن ظاهري سڀ مال متاع ڇڏي ڏنو آهي ۽ اندر ۾ ترشنا رکيٿو.

شلوڪ ٢٧-٢٨

ترڪٽي ڏيان يعني سرت ساڌنا.

(٢٧) جو سياڻو جگياسو ٻاهرين وشين کي اندر مان ڪڍي، پنهنجي اکين جي نظر (ديد) ڀرن جي وچ ۾ لڳائي ٿو ۽ پران ۽ اپان (نفس بالا- نفس پائين) سمان (برابر) ڪري يعني هڪ ٻئي ۾ ملائي دمن جي محنت (پراڻايام) ڪريٿو ۽ پران پنهنجي نڪ مان ڪڍي ٿو،

(٢٨) جو اندرين، من ۽ ٻڌيءَ کي پنهنجي ضابطي ۾ رکي ٻاڌڪي آزاد ڪريٿو، جو اڇا، ڀؤ ۽ ڪروڌ کان رهت آهي، سو ٻدا سنديهه سدائين مڪت آهي.

* * * *

جو شخص هت ڏنل هدايتن موجب رهڻي رکي اندرين جي وشيه ڀوڳن تان خيال ڪڍي ڇڏي ٿو ۽ چت کي يڪ جاءِ ڪري پنهنجي ديد ترڪٽيءَ (ڀن ڀرن جي وچ) ۾ لڳائي ٿو ۽ واس بند ڪري ساهه نڪ مان ڪڍي ٿو، تنهنکي سنت ئي پرانن جي اڀياس ڪرڻ سان اندر ۾

"طالب عين الله ۾ - سدا آهن غرق،
هر دم گم الله ۾ - اهو سندن مرڪ،
هيڪڙائيءَ ۾ هڪ ٿيا - رهين ڪونه فرق،
قطب ڪري جڳ جو ترڪ - پاڻ ڏناؤن پاڻ ۾."

شلوڪ ٢٥

اَندر ۾ خيالن کي روڪڻ
ڪري محويت حاصل ٿئي ٿي.

جو انسان پاپ رهت ٿيو آهي، جنهنجي من
جون شنڪائون (شڪ) دور ٿي ويون آهن،
جنهنجو من پنهنجي وس آهي، جي سڀني جي
ڀلي مناڻ ۾ لڳل آهن سي آتما ۾ گم رهي
مڪتي پائي نروان ٿين ٿا.

*　　　*　　　*　　　*

نروان پد، چت جي اهڙي اِستٿتي (بيهڪ) ۽ آنند
واري حالت آهي جنهن ۾ انسان پنهنجي سرير کان بي خبر
رهي ٿو. انهيءَ خماريءَ جي بيان ڪرڻ جي زبان کي
طاقت ڪانه آهي. اهڙي آنند جو، جڳياسو فقط اندر ۾
ساکي ٿي سگهندو.

شلوڪ ٢٦

ويراڳ ورتي ڌارڻ سان جيو ڪام
ڪروڌ تي فتح پائي سگهيٿو. انهيءَ
طريقي سان آتم درشن ملي ٿو.

جو منش ڪام ڪروڌ تياڳي پنهنجي من کي وَس
۾ ڪيٿو ۽ ويراڳ ورتي ڌارڻ ڪريٿو ۽ آتم گيان

پنجين اڌياءَ جي سمالوچنا.

(سمجهاڻي)

پنجين اَڌياءَ ۾ ثابت ڪيو ويو آهي ته ڪرم سنياس ۽ ڪرم يوگ ٻئي هڪ ڳالهه آهن ۽ نرنئه ڪيو ويو آهي ته ٻنهي ۾ جگياسوءَ جي اسٿتي ساڳي رهي ٿي، صرف اَکرن جي ڪري جدا جدا ڏسڻ ۾ اَچن ٿا. آتم پراپتيءَ جا ٻه طريقا آهن، هڪ سانکيه (آتما جي ڄاڻ) ۽ ٻيو يوگ (آتما جي پڇاڻ) يعني گيان. پهرئين کي صوفي علم حقيقت ۽ ٻئي کي علم معرفت چون ٿا. يوگي سڀ ڪرم ڪندي به پنهنجي نظر يعني ورتي سدائين آتما ۾ اَٽڪائي رکن ٿا، پر دنيا جا ماڻهو جڏهين ڪي به ڪرم ڪن ٿا ته انهن جي ورتي سدائين اَناتما ۾ رهي ٿي. يوگيءَ جي معنيٰ آتما سان جڙيل ۽ سنياسي معنيٰ ويراڳي يعني تارڪ. گيان کانسواءِ سچو ويراڳ هٿ نه ايندو ۽ ڀڳتيءَ کانسواءِ آتما جي پراپتي ڪانه ٿيندي؛ تنهنڪري سنياس ۽ يوگ جيو لاءِ ٻئي ضروري آهن. جڏهين اهي ٻئي جيو کي نصيب ٿين ٿا، تڏهين چڱيءَ طرح سمجهي سگهندو ته آتما سڀني ڪرمن کان نياري ۽ آزاد آهي ۽ ڪرم جي ڪنهن به ڦل سان واسطو نٿي رکي. پر ناداني (اَگيانتا) سبب ماڻهو آتما کي ڪرم بنڌن ۾ قائل سمجهن ٿا. شلوڪ ٢٧-٢٨-٢٩ ۾ جو طريقو ڏنل آهي، انهيءَ موجب جگياسو رهڻي رکندو ته آتم درشن نصيب ٿيندس.

هڪ قسم جو آنند پراپت ٿئي ۽ من ايڪاگر ٿي وڃيس ته، تنهن کانپوءِ آتم گيان پرگهٽ ٿيڻ شروع ٿئيس ٿو. اهوئي ترڪتي ڏيان يا سرت ساڌنا آهي. انهيءَ بعد جيو کي سهج اوستا نصيب ٿئي ٿي. انهيءَ ابياس ڪرڻ سان جگياسوءَ ۾ رڌيون سڌيون پيدا ٿين ٿيون.

شلوڪ ٢٩

هن مهمت سان جگياسو
آتما کي پائي سگهي ٿو.

هي ارجن! جو منش مونکي ئي سڀني يگين ۽ تپن جو ڀوگ وٺندڙ ڄاڻي ٿو ۽ سڀني لوڪن جو ايشور ۽ جيون جو سڄڻ سمجهي ٿو، سوئي شانتي حاصل ڪري ٿو.

* * * *

جي جيو سڀ ڪرم قدرت کان ٿيندڙ ڄاڻي، انهن ۾ موهه ۽ ممت نه رکي فقط اندرين سان ڪندا رهن ٿا، سي ڪرم نٿا ڪن يعني اهڙا جيو اڪرمي آهن. اهڙا منش آتما کي سرو وياپڪ ڄاڻن ٿا. (صوفي انهيءَ کي الله محيط چون ٿا). اهڙيءَ طرح سمجهي ۽ ڄاڻي آتم آنند هٿ ڪن ٿا.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان "سنياس يوگ" جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو پنجون اڌياءُ پورو ٿيو.

مختصر سمجهاڻي آڏياءَ جي

(باطوني معنيٰ)

ترڪٽي ڏيان جي سڦلتا اهو جڳياسو حاصل ڪري سگهندو جو تيز فهم هوندو. ٻيءَ حالت ۾ جڳياسو شروعات ۾ محنت ذوارن حواسن ۽ دل تي ضابطو رکي؛ جنهن لاءِ نڪ جي چوٽيءَ تي نظر ٽڪائڻ جي محنت ڏسي وئي آهي.

اِنسان جي دل عياش ۽ چنچل ٿئي وئي آهي، تنهن هوندي ٻه شرڌا، وشواس ۽ پرشارت سان ايڪاگر ٿئي ٿي، جنهن بعد طالب جو قلب روشن ٿئي ٿو ۽ استرتا پيدا ٿئي ٿي. نڪ جي چوٽيءَ تي ڌيان ڪرڻ سان دل (قلب) صاف ٿئي ٿي ۽ ترڪٽيءَ ۾ ڌيان لڳائڻ سان صاف ٿيل دل ۾ پرڪاش يعني آتما (ذات حق) جو ديدار ٿئي ٿو.

نقشو آڌياءَ ڇهون

نمبر آڌياءَ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءَ	صوفيانِي سمجهاڻي — منزل	صوفيانِي سمجهاڻي — بيان
٦	٤٧	سنيم يوگ (سنجم يوگ يعني اِندرين تي ضابطو ڪرڻ. حواسن ۽ دل (قلب) کي ضابطي ۾ آڻڻ جو يوگ (محنت)	طريقت عملي يعني محنت جي وات (رهڻي)	سمرڻ (جاپ ۽ سرت ڌيان) يعني ذڪر ۽ فڪر

تاتپرج آڌياءَ جو

طريقت عمليءَ ۾ نڪ جي چوٽيءَ تي نظر اُڪائڻ سان حواسن تي ضابطو ٿئي ٿو ۽ قلب (دل-هردو) جي صفائي حاصل ٿئي ٿي؛ جسماني خوديءَ جو تياڳ ٿئي ٿو يعني سرير جو ٻلائو ٿي وڃيٿو، جنهن ڪانپوءِ ساري پرڪرتي نئي ياسي.

پائڻ يا ڌرم ڪرم ڇڏڻ سان سنياس يا ويراڳ هٿ نٿو اچي. سنياس ۽ ويراڳ تڏهين ته هٿ اچي جڏهين جيو ڦل جي اِڇا تياڳي يعني اَڪرمي بڻجي ڪرم ڪري ٿو. اِهو آهي سچو سنياس يا ويراڳ جنهنکي صوفي ترڪ چون ٿا.

شلوڪ ٢

جيسين سچو دلي سنياس نصيب
نه ٿيو آهي، تيسين پاڻ سڃاڻڻ
جو طريقو هٿ نه ايندو.

هي ارجن! جو سنياس آهي، تنهنکي ئي يوڳ سمجھ؛ ڇو ته جيسين دل ڪري تياڳ نه ڪيو آهي تيسين يوڳي بڻجڻ مشڪل آهي.

* * * *

من جي چنچلتا کي روڪي، ورتي آتما ۾ لڳائڻ کي ئي سنياس چئبو آهي. يوڳ، من جي اِها ورتي آهي جنهن ۾ چت خوف ۽ آسري کان آزاد آهي يعني جنهن چت ۾ ڪرم جي ڦل جي ڪابه اِڇا پيدا نٿي ٿئي. اِهو تيسين جيو کي هٿ نه ايندو جيسين دل ڪري دنيا مان ڪٽائي نه آئي آهي.

شلوڪ ٣

ويراڳ ورتيءَ واري کي
اندر ۾ آنند رهي ٿو.

جيسين جگياسو يوڳ جي طريقي ۾ آهي، تيسين اهو سندس ڪرم آهي. جڏهين يوڳ ۾ پورنتا

اَڌيائُ ڇهون - شلوڪ ٤٧

سَمبِم يا سنجم يوگ.

(اِندرين يعني حواسن تي ضابطو رکڻ)

شلوڪ ١

سنياسي ۽ يوگيءَ جا گڻ.

سنياسي ۽ يوگي اهي آهن، جنهي نظر ڪرم جي نتيجي تي نٿي پوي ۽ ڪرم ڪندا رهن ٿا يعني ڪرم جي سڦلتا ڌڻيءَ حوالي ڇڏين ٿا. سنياسي ۽ يوگي اهي نه آهن جن ڌرم ۽ ڪرم ڇڏي ڏنو آهي.

* * * *

قدرت جي طرفان جي سهج سڀاءُ ڪرم ٻڌڻي اچن ٿا، تنکي سنياسي يا يوگي بنا ڪنهن ڦل جي اِڇا رکڻ جي ڪندا رهندا. جڏهين اهڙي من ورتي ٻڌجي اهي تي تڏهين پوُرن ويراڳي ٻڌجي ٿو. ويراڳي پرش لاءِ ڪرم جو تياڳ ڪرڻ ضروري نه آهي، پر ڪرم جي ڦل يعني نتيجي جو تياڳ ڪرڻ تمام ضروري آهي. جي منش دنيا سان واسطا ٽوڙي ٻاڻ کي ويراڳي ٿا چوائين سي سچا ويراڳي نه آهن پر دنيا پرست آهن. انهيءَ کي مساڻي ويراڳ چئجي ٿو. اهڙا جيو جڻ هڪ ڪوه مان نڪري وڃي ٻئي ڪوه ۾ ڪريا آهن. فقط گيروُ ڪپڙا

ٻڌيءَ آهي جا پنهنجو دوست بہ آهي ۽
دشمن بہ آهي.

* * * *

يوگ ۾ پورنتا حاصل ڪرڻ لاءِ ٻڌيءَ کي اوچو ڪرڻو آهي. يوگ کان غيرواقف رهڻ ۽ وَهمن ۽ شڪن ۾ مبتلا رهڻ ٻڌيءَ کي هيٺ ڪيرائڻ آهي. ٻڌيءَ کي اوچو يا نيچو ڪرڻ انسان جي وس ۾ آهي.

شلوڪ ٦-٧-٨

پورو يا اڌورو گيان پراپت ڪرڻ آتما
جي اڌين آهي. جو پورنتا کي رسيئو
تنهن جي اندر ۾ سدائين آنند آهي.
اهڙو جيو آتم گياني آهي.

(٦) جو منش پنهنجي دل تـي ضابطو رکيئو، انهيءَ جـي دل سندس دوست يعني سڄڻ آهي؛ پر جنهن پنهنجي دل کي وس ۾ نہ رکيو آهي، تنهنجي دل سندس دشمن ٿي رهيئي. جنهن جي دل وس ۾ رهيئي سو آنند ۾ رهي ٿو. اهو جيوُ سردي گرمي، سک دک، مانَ ۽ اپمان ۾ هڪجهڙو رهي ٿو. اهڙو جيوُ سدائين آتما ۾ لين رهيئو.

(٧) جنهن يوگيءَ جي دل آتم آنند ۾ مگهن ۽ آزاد رهيئي ۽ پنهنجون اندريون وس ۾ اٿس، جنهنجي نگاهہ ۾ مٽي، پٿر ۽ سون هڪ جهڙو آهي، اهڙي يوگيءَ کي آتم گياني چئجي.

حاصل ٿئيس ٿي، تڏهين کيس آنند پراپت ٿئيٿو.

* * * *

جيسين تائين جڳياسو پاڻکي محنت تي هيري ٿو ۽ چاڙ اٿس ته محنت ڪريان ٿو تيسين انهيءَ محنت ۾ خودي ۽ اهنڪار، اُميد ۽ خوف رهيٿو ۽ جڏهين ڪجهه عرصي بعد جڳياسوءَ لاءِ اها محنت سهج يعني سڀاويڪ بڻجي پوي ٿي، تڏهين اها محنت قدرتي ٿيئي وڃيٿي.

شلوڪ ۴

آنند واريءَ حالت جي پڇاڻ

جڏهين سڀ وَهمَ ۽ اندر جا شڪ دور ڪجن ٿا، تڏهين اِندرين جي سک دک ڏانهن من نٿو ڊوڙي. جڏهين من جي اهڙي اِستٿي بڻجيٿي، تڏهين جيو يوگ ۾ پُورن ليکيو وڃيٿو.

* * * *

جڏهين آتم گيان (علم توحيد) حاصل ٿئي ٿو، تڏهين سک دک نٿو ڀاسي ۽ آتم شڪتيون سڀ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انهيءَ حد تي جڳياسوءَ کي يوگ جي خبر پوي ٿي ته يوگ ڇا آهي.

شلوڪ ۵

اِنسان جو فرض آهي ته
پُورن گيان حاصل ڪري.

اِنسان کي گهرجي ته پنهنجيءَ ٻڌيءَ کي اوچو ڪندو رهي ۽ نه هيٺ (نيچو) ڪندو رهي.

ڏيڍ ڏيڍن ۾ ڏم ڏم ڌر ڌون -
جلوو نور جو ڏس نروار."

اَهڙي قسم جو اَڀياس جگياسو (طالب) هميشه ڪندو رهي. جڏهين اَهڙي نموني جگياسو پنهنجي خيال کي پڪو ڪندو رهندو ۽ پڪو ٿي ويندو، تڏهين ٻاهريان موهه ممت وارا ڀرم روڪي خيال هن کي آتما کان نه هٽائيندا.

شلوڪ ١١-١٢

يوگيءَ لاءِ اڪيلو استان ۽ آسڻ.

(١١) يوگي يعني جگياسوءَ کي گهرجي ته ڪنهن پوتر جاءِ تي ڪا چادر يا هرڻ جي کل يا گاهه وڇائي وهي. اها جاءِ نه تمام مٿي هجي ۽ نه تمام هيٺ، تنهن تي ويهي پنهنجي اکين جي نظر هڪ هنڌ ٽڪائي رکي.

(١٢) نه فقط ايترو پر آسڻ تي ويهي پنهنجي من کي ايڪاگر (ٻين سڀني ڳالهين کان روڪي) ڪري پنهنجيءَ ڪنهن به اِندريءَ کان ڪم نه وٺي يعني اِندرين جا ڪرم بند روڪي رکي ۽ مليل گور شبد سان وڌيءَ اَنوسار (ڏسيل نموني) پنهنجي دل کي شڌ ڪرڻ لاءِ جهد ڪري.

* * * *

هن کان اَڳ پڻ پنجين آڌياءَ جي ٢٧- ٢٨ شلوڪ ۾ معنتن جو طريقو ڏسيو ويو آهي. ٻيو طريقو هيءُ ٿيو ۽ ٽيون طريقو اَنين آڌياءَ جي ١٢ ۽ ١٣ شلوڪ ۾ هن کانپوءِ

(٨) يوگ ڪرڻ سان دل وس ۾ اچي ٿي ۽ سڄڻ ۽ ٻڌڻ ٻڌجي پوي ٿي ۽ جو اگياني آهي يعني يوگ جي خبر ڪانه اٿس، تنهن جي دل وس ۾ نٿي رهي ۽ دشمن ٻڌجي پويس ٿي. يوگيءَ جي نگاهه آستولتا تي نٿي پوي، ڇو ته هو سدائين سمان رهيٿو ۽ سدائين آتما ۾ اِستٿت رهي ٿو. اهڙي جيو لاءِ مٽي ۽ سون هڪ سمان آهي.

شلوڪ ٩-١٠

جو سڀني کي هڪ نظر سان ڏسي ٿو
سو سريشٽ آهي. جگياسوءَ لاءِ هدايتون.

(٩) جو اِنسان عزيزن، خويشن يعني مترن، دوستن ۽ دشمنن، پنهنجن ۽ پراون، ڌرماتما ۽ پاپين کي هيڪڙائيءَ جي نظر سان ڏسي ٿو، سو سڀني کان سريشٽ آهي.

(١٠) يوگي يعني جگياسو (طالب) کي گهرجي ته هو سدائين ايڪانت ۽ صبر ۾ گذاري، پاسي ڪنڌ ويهي پنهنجي خيال کي ٻين سڀني ڳالهين مان ڪڍي هڪ برهم (الله) ۾ هميشه ٽڪائي رکڻ جي ڪوشش ڪري. يوگيءَ کي ڪڏهين به اندر ۾ نه ڪنهنجو ڀؤ رکڻ گهرجي ۽ نه ڪنهنجو آسرو وٺڻ گهرجي؛ نرموهي ٿي دائما جگياسا ۾ جنبيو رهي.

* * * *

”حال ’فنا‘ جو حاصل ڪر تون -
باغِ بقا جو ڪائيج قُرُ تون،

٢- تَـن تنور عُشاق چاڙهيو-
هڏ چم تنهنجو ٻارڻ ٻاريــو،
چاڙهي رنـگـڻ ڏين درياهه-
اُنهِن پـاڻ رچائين تـا.

٣- دونهان دل ۾ درس وڌائون-
ڪايا ڪانيون ڪري جلايائون،
تين الـڪـه اندر اِثبات-
ٻاهر ٻاق نه چائين تـا.

٤- قطب ڪوڙ دنيا هيءَ بازي-
تارڪ ٿيندا ڪي ڪي غاضي،
ڪري ترڪ طمع ڪي تمام-
اندر نـام اچائين تـا.

شلوڪ ١٣-١٤

ڌيان جي محنت جو طريقو.

(١٣) جڳياسوءَ کي گهرجي ته پنهنجو سريرُ، سر ۽ ڳچي سدائين سڌا ۽ اچل يعني اسٿر رکي ۽ پنهنجي اکين جي نظر ٻاهرين شين کان هٽائي، نڪ جي چوٽيءَ ۾ ٽڪائي رکي.

(١٤) اهڙيءَ طرح ٻاٽڪي شانت ۾ آڻي نرڀئه ٿي ۽ دل جي اجاين خيالن کان ٻاٽڪي آزاد ڪري منهنجو ڌيان ڪري ۽ مون ۾ اُهي مشغول رهي.

* * * *

جهڙيءَ طرح پتنگ جي دل شمع سان رهندي جو

ڏسيو ويندو. هي ٽيئي طريقا خيال کي ناهڻ جا ۽ آتما ۾ محو ٿيڻ جا يعني الله ۾ فنا ٿيڻ جا آهن. جيڪو طريقو جنهن جگياسوءَ کي پنهنجي سڀاءَ موجب انڪول لڳي سو اختيار ڪري، ته منزل مقصود تي وڃي پهچندو.

دن (ناڀ)، هردو (دل) ۽ ترڪٽي، اهي ٽيئي استان ڌيان ڪرڻ جا آهن. ناڀ مان شبد (ذڪر)، پراڻايام ۽ سرت (فڪر) سان ڪڍي اچي هردي يعني دل تي چڙهجي. اهڙي محنت (يوگ) ڪرڻ سان خيال ايڪاگر ٿئي ٿو. جڏهين اهي خيال ٺهر ڪائي يعني سرت لين ٿي وڃي، تنهن کانپوءِ ترڪٽي ڌيان ڪرڻ لازمي آهي، جتان گيان پرڪاش ٿيڻ شروع ٿئي ٿو. جڏهين ٽيئي ڌيان استان هڪ ٿي وڃن ٿا يعني لين ٿي وڃن ٿا، تڏهين اندر ۾ آنند پرڪاش ٿئي ٿو. انهيءَ حد تي پهچڻ سان من جا سنڪلپ سڀ دور ٿي وڃن ٿا يعني جگياسوءَ کي سُن اوستا هٿ اچي ٿي؛ انهيءَ هنڌ جگياسوءَ کي نرويڻ پد ملي ٿو، جنهن جو بيان نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ حد تي پهچڻ جو طريقو پران اپان (نفس بالا ۽ نفس پائين) يعني دم جي محنت آهي.

ڏل - لڳي لاهوتين لاءِ -

من ۾ مڇ مچائين ٿا،
من ۾ مڇ مچائين ٿا -
صُوفي حق جو پنڌ پچائين ٿا.

١- ناڀ ڪنول کان نام اُٿائين -
ڪنٺ ڪنول ۾ واٽي ناهين،
ڪري سخن مرشد جو ساڻ -
سر ۾ سرت پچائين ٿا.

جو جگياسو واجبي ڪاڏو ڪاني ٿو ۽ جنهنجو وهنوار سوڌو آهي ۽ جو پورو پنو جاڳي ۽ ننڊ ڪري ٿو. اهڙي پرش کي پرم آنند پراپت ٿيندو.

* * * *

شري ڪرشن مهراج هن شلوڪ ۾ هدايت ڪري ٿو ته نيم سان رهڻي رهي، آتم آنند حاصل ڪرڻ انسان جو فرض آهي. صوفي به پنهنجن جگياسن کي هوُ به هوُ ساڳي هدايت ڪن ٿا، جنهن ۾ بيو ڪو به فرق نه رکيو اٿن. صوفي يوگ يا جگياسا کي بين اکرن ۾ عشق چون ٿا، جنهن ۾ عاشق سدائين پنهنجي منڙي جي صورت ۾ گم رهي راحت پائي ٿو؛ يعني جنهن بہ حالت ۾ عاشق هجي يعني ڪائيندي، پيئندي، سمهندي جاڳندي پنهنجي منڙي جي محويت ۾ هجي.

"سامي ڪر ساڪيءَ جو- بنا پيد پڇن،
پساڻي پيئج تورڙو- ڪائج اڏورو اَن،
ته محب تنهنجي من- اچي اوطاقون ڪري."

(سامي صاحب)

شلوڪ ١٨-١٩

پورن يوگ جي پڇاڻ.

(١٨) جڏهين جگياسوءَ جو خيال ٻاهرين وشين کان آزاد ٿي اَنترمکتا ۾ چڱيءَ طرح ٽڪي ويٺو ۽ جڏهين پورن ويراڳ ورتي ڌاري ٿو يعني ڪنهن ۾ به موهه ممت نٿو رکي، تڏهين اَهڙي اِنسان کي يوگي ڪوٺجي ٿو.

پاڻ جلائــي ڇڏي ٿو، تهڙيءَ طرح جگياسو پنهنجو پاڻ آتما ۾ گم ڪري. جهڙيءَ طرح ڏالون دلو دلي تي رکي، ڪوهه تان پاڻي پري ايندبون آهن ۽ رستي تي نچنديون ٽپنديون ۽ ڳالهيون ڪنديون ايندبون آهن، تڏهين بہ سندن سارو خيال دلي ۾ رهندو آهي، تهڙيءَ طرح جگياسو بہ سڀ ڪم ڪار ڪندي سرت سائينءَ سان لڳائي.

"هٿ هاج ڏي - دل يار ڏي."

شلوڪ ١٥-١٦

يوگ (جگياسا- محنت) سان آنند ملي ٿو.

يوگ جا شرط.

(١٥) جو جگياسو پنهنجي دل کي ٻاهرين ڳالهين کان روڪي هميشه انترمک ٿي رهي ٿو، سو آتم آنند ۾ تنپر رهي ٿو، جو آتم آنند سدائين مون ۾ آهي.

(١٦) هي اَرجن! يوگ نہ گهڻي کائڻ واري کي پراپت ٿئي ٿو ۽ نہ بکئي پيٽ حاصل ٿئي ٿو، نہ گهڻي سمهڻ ڪري ملي ٿو ۽ نہ گهڻي جاڳڻ سان.

* * * *

جو جيو پنهنجي ورتي ناهي اپياس ۾ مشغول رهي ٿو، سو اوس آتما کي پائي پرم آنند حاصل ڪري ٿو.

شلوڪ ١٧

واجبي يعني پوري پني رهڻ ۽ کائڻ سان جيو کي جلد سدتا حاصل ٿئي ٿي.

کـي راحت بخشيندڙ آهي. اهڙو يوگ
پـراپت ڪرڻ هر اِنسان جـو فرض آهي.

(٢٢) اهڙي يوگ کي پائي يوگي ٻئي ڪنهن
ٻ شيءِ کي اُم نٿو سمجهي ۽ نـہ ٻئي ڪنهن
شيءِ جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪا ڪوشش ڪريٿو.
اهڙي يوگ کي پراپت ٿي يوگي ڪنهن بہ
ڪنڊنائيءَ ۾ چلائمان نٿو ٿئي يعني سدائين آنند
۾ استٿ رهيٿو.

(٢٣) اهڙي جا من جي استٿي آهي، جا دکن
کان رهت آهي، تنهنکي يوگ چئجي ٿو ۽ نـہ
ٻئي ڪنهنکي. اهڙي يوگ لاءِ اِنسان کـــي
گهرجـي تـہ دل وَ جان سان پرشارت ڪري
خيال کي محڪم رکي.

شلوڪ ٢٤-٢٥

پنهنجي من کي سنڪلپن کان روڪي
منڙي (آتما) ۾ ملائڻ ئي يوگ آهي.

يوگيءَ (عاشق) کـي گهرجي تـہ پنهنجو خيال
(سنڪلپ) بين سيني هندان پٽي هڪ آتما
(محبوب) ۾ دائما لڳائي رکي ۽ من کي هيڏانهن
هوڏانهن ڊوڙڻ نہ ڏئي. اهڙيءَ طرح آهستي
آهستي اِندرين تان خيال هٽائـي اَنترمکتا ۾
وڌيڪ استٿ ٿيندو وڃي.

* * * *

من جي چنچلتا کي باهرين وشين کان روڪڻ ڪري

(١٩) جهڙيءَ طرح ڏيئي جي لاٽ هوا رهت جاءِ ۾ اسٿر رهيٿي، تهڙيءَ طرح يوگيءَ جي خيال جي اسٿتي رهيٿي، جنهنجو من سدائين يوگ ۾ مشغول آهي.

* * * *

آتما يعني ذات حق ۾ خيال کي پورن اسٿتي وٺائڻ ۽ وشيه پوڳن ۾ نه رغبت نه نفرت ڪرڻ اها آهي پورن يوگ جي پڇاڻ. يوگيءَ جي دل اهڙيءَ طرح اسٿت رهيٿي جهڙيءَ طرح هوا کان بچيل جاءِ ۾ ڏيئي جي لاٽ اسٿر رهيٿي.

شلوڪ ٢٠-٢١

يوگ جي ذريعي اندر جو آنند پيدا ٿئي ٿو ۽ آتم درشن ملي ٿو.

(٢٠) جنهن جيو جو پرشارت ڪرڻ سان ڌيان ذريعي من وس ۾ اچي شانت ٿيو آهي ۽ پنهنجي آتما جو اندر ۾ ديدار ڪيو اٿس، سو سدائين آنند ۾ رهي ٿو.

(٢١) جنهن اهڙو پرشارت ڪري انهيءَ بي بيان آنند کي اندر ۾ حاصل ڪيو آهي، سو آنند اندرين جي محسوسات کان ٻاهر آهي. انهيءَ اڀياس (ڌيان يوگ) ۾ جو جيو محڪم رهي ٿو، سو آتم گيان کان الڳ نٿو ٿئي.

شلوڪ ٢٢-٢٣

يوگي (عاشق) سڀ کان اتم آهي ۽ سيمي

شلوڪ ٢٩

يوڳي (عاشق) هيڪڙائيءَ جو مزو ماڻي ٿو.

جو يوڳي آتما (ذات حق) ۾ محو (گم) ٿي ويٺو يعني آتما سان ملي هڪ ٿي ويو ٿو، سو سڀ کي هيڪڙائيءَ واريءَ نظر سان ڏسي ٿو ۽ ڪنهن سان به وير وروڌ نٿو رکي. پاڻ کي سڀ ۾ ڏسي ٿو ۽ سڀ پنهنجي آتما ۾ ڏسي پسي ٿو.

*　　*　　*　　*

نانگا هليا نات ڏنهون برهه وسائي،
حليميءَ حل ڪيا نيڻهن ۾ نوائي،
ڪيا عشق اڏيـن سي گيرب گنوائي،
نڪي ڏاهـي هليا نڪي ٻـڌائي،
ڪٽي هليا نه پاڻ سان ڪو سمر سنيائي،
نڪي ڳنڍ ڳنڍي هليا نڪي ڇنائي،
نڪي پائي هليا نڪي وڃائي،
جمڻ مرڻ جي سڀ شنڪا مٽائي،
نه دعوي دنيا سان نه عقبي آهي،
اُڇت هليا نڪري هيٺ ڇڏائي،
هنگلاج جي هلڻ جي حب نائن ناهي،
ڪاپڙين ڪاهي دليت لڏي ڪَل ڪپات جي.

يوڳي، آتما (ذات واحد) کي سرو وياپڪ ڏسي ٿو ۽ پاڻ کي آتما سمجهي ٿو. ساريءَ سرشٽيءَ ۾ ڪيس پاڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي، جنهن کي صوفي حق ال-يقين چون ٿا. هيءُ شلوڪ ائين سمجهڻ

خيال نهر ڪائي ٿو؛ يعني جڏهين جيو ٻاهرمکتا وارو پاسو تياڳي پاڻکي انترمکتا جي طرف هيري ٿو، تڏهين کيس آرام ۽ آنند ملي ٿو. جڏهين جيو اهڙيءَ اوستا تي پهچي ٿو، تڏهين اندرين جي محسوسات کان بي خبر ٿي وڃي ٿو.

شلوڪ ٢٦-٢٧-٢٨

من تي ضابطو رکڻ ضروري آهي جنهن
ڪانپوءِ يوگ سڌ ٿئي ٿو ۽ اندر جو آنند
ملي ٿو. آتما جي درشن پائڻ سان
روح کي راحت حاصل ٿئي ٿي.

(٢٦) جنهن جنهن پاسي ان استر من ڊوڙي، تنهن تنهن طرف کان دل کي روڪي انترمکتا ۾ رجوع ڪندو وڃيس.

(٢٧) جڏهين اهڙيءَ طرح ڪندي دل جو آنند ۽ آرام حاصل ٿئي، تڏهين من سنڪلپن کان آجو ٿي ۽ آتما ۾ محو رهندو، جيو پاپ رهت ٿيندو ۽ آتم آنند کيس ملندو.

(٢٨) جگياسو جڏهين ايترين محنتون ڪندو، تڏهين گناهن کان ڇوٽڪارو پائي مڪتي حاصل ڪندو.

* * * *

من يڪيءَ وانگر جهٽ ڏيئي وڃي. پوڳن ڏانهن اڏامي وڃي ٿو. جگياسوءَ کي دل جي اهڙي بيقراري دور ڪرڻ لازمي آهي ۽ آتم آنند پرائڻ سندس حياتيءَ جو مقصد ٿيڻ کپي.

شلوڪ ۳۳

هيڪڙائــيءَ واريءَ نظر ڌاري
ان ۾ استثت رهڻ ڏکيو آهي.

هي ڪرشن! اوهان جيڪا هيڪڙائيءَ واري
هدايت ڪئي سا مون چڱيءَ طرح نہ سمجهي.
منهنجو من ڪٿي بہ ٺهر ٺئو پائي، جنهنڪري
اوهانجي هيڪڙائيءَ واري هدايت مون ۾ جائگير
نہ ٿي آهي.

*　*　*　*

نوٽ:- شري ڪرشن جو آکيو اَرجن جي سمجهہ ۾ نہ
آيو، تنهنڪري اَرجن شري ڪرشن مهراج کي هيءُ
سوال ڪيو.

شلوڪ ۳۴

من کي روڪڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

هي ڪرشن! من ڏاڍو اَهنڪاري، بلوان ۽ چنچل
آهي؛ انهيءَ کي روڪڻ منهنجي لاءِ اهڙو ڏکيو
آهي جهڙو هوا کي روڪڻ.

شلوڪ ۳۵

من مخنت ۽ عشق (پريما ڀڳتي)
سان وس ٿــي سگهي ٿــو.

شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي سمجهايو تہ:-
هي اَرجن! من برابر چنچل آهي ۽ ڪيس وس
ڪرڻ بہ ڏاڍو مشڪل آهي، پر اهو مخنت

ڏکيو آهي، جيسين جڳياسوءَ محنت ڪري اها حد هٿ نہ ڪئي آهي يعني محنت دواران محسوس نہ ڪيو آهي.

شلوڪ ٣٠-٣١

سڀ ۾ سو ڀسط يعني سم درشٽيءَ واري
کي آتما جو درشن پراپت ٿئي ٿو.

(٣٠) هي ارجن! جو مونکي سڀ ۾ ۽ سڀ مون ۾ ڏسي ٿو، انهيءَ کان مان الڳہ نہ آهيان ۽ نہ هو مونکان جدا آهي.

(٣١) جو جڳياسو هيڪڙائيءَ جي نظر سان مونکي سڀ ۾ وياپڪ سمجهي ٿو، سو هروقت مون ۾ سمايو رهيٿو يعني هو مون سان هڪ ٿي رهيٿو ۽ مون کي ڪرمن جو ڪندڙ سمجهي ڪرم ڪندو رهيٿو.

شلوڪ ٣٢

رنج ۽ راحت ۾ هڪ جهڙو
ٿـــي رهڻ اُتم آهي.

هي ارجن! جو يوگي آتما کي سڀ ۾ جاڻي ٿو يعني آتما کي سرو وياپڪ مڃي ٿو، دک سک ۾ سمان (هڪجهڙو) رهيٿو ۽ ٻين جو دک سک هيڪڙائيءَ واري نظر سان ڏسي، پنهنجو ڪري سمجهي ٿو، سو اُتم يوگي آهي.

ڳالهين کان وانجهو رهي آسمان ۾ ونڊيل ڪڪرن وانگر ناس ٿي ويندو؟

(٣٩) هي ڪرشن! اوهان ئي منهنجو هي سنسو دور ڪرڻ جي سمرٿ آهيو ۽ اوهان کي ئي اهو سنسو دور ڪرڻ لازمي آهي، ڇاڪاڻ ته اوهان کان سواءِ ٻيو ڪو منهنجي سنسي دور ڪرڻ وارو ڪونهي.

شلوڪ ٤٠-٤١

نيڪيءَ ڪرڻ وارو ڪڏهين ناس نٿو ٿئي.
نيڪي ڪرمن مان ظاهر ٿئي ٿي.

(٤٠) شري ڪرشن مهراج ارجن کي هيٺينءَ طرح سمجهاڻي ڏيئي سنسو دُور ڪيو:-

هي ارجن! نيڪيءَ طرف هلندڙ يعني آتم جگياسو (طالب ذات حق) ٻنهي جهانن ۾ ناس نٿو ٿئي ۽ ڪڏهين اگرو ڪرم نٿو ڪري.

(٤١) جنهن جگياسوءَ اڃا گيان حاصل نه ڪيو آهي پر محنت ڪندي سرير ڇڏي وڃي ٿو، سو ڪنهن فقير، جوڳي يا ڌنوان جي گهر ٻيو جنم وٺي ٿو، جتي ڪيس ڪنهن به ڇنتا کانسواءِ وڌيڪ اڀياس ڪرڻ جو وجهه ملي ٿو؛

شلوڪ ٤٢

آتم گيان گوروءَ کان ئي ملي سگهي
ٿو ۽ نه ڪتابن يا شاسترن مان.

يا ڪامل پرشن جي گهر ۾ جنم وٺي اهڙي قسم

يعني اَڀياس ۽ پريما ڀڳتيءَ (عشق حقيقي) سان قابوءَ ۾ اچي ويندو.

شلوڪ ٣٦

يوڳ جي سڦلتا دل تي مدار رکي ٿي.

منهنجو اهوئي رايو آهي، ته جنهن پنهنجو من قابو نه ڪيو آهي، تنهنکي يوڳ جي سڦلتا پراپت نه ٿي سگهندي. جيڪي پنهنجو من وس ڪري پرشارت ۾ لڳا رهن ٿا، سي سڦلتا حاصل ڪري سگهن ٿا.

شلوڪ ٣٧

جي جڳياسو سڦلتا کي نٿا

رسن، تنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟

اَرجن شري ڪرشن ڀڳوان کان سوال ڪيو:-
هي ڪرشن! چنچل من وارو يوڳي، جنهنکي اها خبر نه آهي ته من کي ڀهريائين قابو ڪرڻ لازمي آهي ۽ تنهنکان پوءِ سڦلتا حاصل ٿيندي ته اهڙي طالب (جڳياسو) جو ڪهڙو حال رهندو؟

شلوڪ ٣٨-٣٩

اَهڙو جيوُ گيان رهت ٿي

ناس ٿـــي ويندو ڇا؟

(٣٨) اِئين آهي ڇا ته جنهن جيو کي آتم آنند حاصل نه ٿيو آهي ۽ نه ڄاڻ ئي اَٿس، سو ٻنهي

چوائيءَ ۾ هلي ڪانئس آتم گيان ٻرائي ٿو، ڇو ته گوروءَ کي سدائين جاڻ رهيٿي ته سندس شش جي ڇا ۾ چڱائي آهي. اهڙيون ڪيس هدايتون وقت به وقت ملنديون رهن ٿيون، جنهن ڪري آتم گيان حاصل ڪرڻ سولو بڻجي پويس ٿو. ٻيءَ حالت ۾ آتم گيان حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي.

شلوڪ ٤٣-٤٤

جگياسو جنم جنم ۾ محنتون ڪندو
آخر منزل مقصد تي پهچي ٿو.

(٤٣) هو ٻئي نئين جنم ۾ اتان کان وٺي وڌيڪ محنت ڪريٿو جتي اڳئين جنم ۾ ڇڏي آيو ۽ وڌيڪ سڌتا پراپت ڪرڻ لاءِ اپياس ڪريٿو.

(٤٤) پهرئين جنم ۾ ڪيل محنتن جي زور يعني بل سان ٻئي جنم ۾ اهي اپياس ڪريٿو جنهنجي ذريع پنهنجي منزل مقصد کي وڃي رسي ٿو.

* * * *

آتما نه ڪيڏانهن وڃي ٿي ۽ نه ڪنهن هنڌان اچي ٿي. آتما ته سدائين پوري پورن سرووياپڪ آهي. آتما ۾ چقمق جهڙي شڪتي آهي، جنهن شڪتيءَ جي زور تي شرڌاوان جگياسو (طالب صادق) آتما ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو ۽ محنتون ڪندو ڪندو آخر منزل مقصود تي پهچي ٿو يعني آتم گيان حاصل ڪريٿو.

شلوڪ ٤٥-٤٦

جگياسو سڀ کان اُتم آهي.

جي پرورش پائي ٿو جو هن دنيا ۾ سيني کي ملڻ مشڪل آهي.

*   *   *   *

يوگ يعني آتم گيان پرائڻ واسطي جڳياسوءَ لاءِ نيڪ ڪرم هڪ سهارو ٿين ٿا ۽ نيڪ ڪرم ستي گڻ ڪانسواءِ ٿئا ٿين. اهڙي ساک شري ڪرشن ڀڳوان گيتا جي ڇوڏهين اڌياءَ جي ١٨ شلوڪ ۾ ڏني آهي.

جو شخص آتم گيان پرائڻ ۾ فتحياب نه ٿيو آهي، تنهنکي ڀريائين موهه ممت کان آزاد ٿيڻ لازمي آهي. جڏهين موهه ممت تياڳي اڀياس ۾ جنبيو رهندو، تڏهين منجهس ستو گڻ پيدا ٿيندو، جنهن مان ڪيس اندر جو آرام پراپت ٿيندو. اندر جو آرام نيڪ ڪرمن مان پيدا ٿئي ٿو. اڀياسي پرشن کي ستي گڻ کان به اوچو مچيو ويو آهي ۽ جي گرهست ۾ رهي آل اولاد سان منهن ڏيندي به آتم اڀياس ۾ وقت وتيت ڪندا رهن ٿا، اهڙا جڳياسو جيڪڏهين ڪنهن به ڪارڻ آتم گيان کي پراپت نه ٿيا آهن ته ٻيو جنم وٺي (پنهنجي اڇا انوسار) ڪامل درويشن (يوگين) جي گهر ۾ جنم پائي باقي حصو اڀياس جو پورو ڪري سڦلتا حاصل ڪندا.

جنم ٻن قسمن جا ٿيندا آهن: ١- جڏهن جيو سريڪ جنم وٺي ٿو، ٢- جڏهن جيو ستگوروءَ جي حوالي ٿئي ٿو. جڏهن جيو ڪامل (پورن) ستگوروءَ جي حوالي ٿيو، تڏهن جڻ سندس اولاد ٿيو ۽ جو پورن ستگوروءَ جي هدايت موجب هلي رهڻي رکي ٿو، سو جڻ گوروءَ جي پرورش پائي ٿو. اهڙو جيو انهيءَ پورن ستگوروءَ جي

ڇهين اڌياءَ جي سماوچنا.

(سمجهاڻي)

پنجين اڌياءَ ۾ ترڪٽي ڌيان جو طريقو ڏيکاريو ويو آهي ۽ هن اڌياءَ ۾ انهيءَ جي سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. هن اڌياءَ ۾ شري ڪرشن ڀڳوان من تي ضابطي رکڻ جي ضرورت ۽ طريقو ڏسيو آهي. انهيءَ کانسواءِ ابهياس کي سڀ کان وڌيڪ مجرائي ڏني اٿس. شري ڪرشن مهراج اهو به ڏيکاريو آهي ته جگياسوءَ کي پرم پد حاصل ڪرڻ لاءِ پورن وشواس تمام ضروري آهي ۽ اهو به ثابت ڪيو ويو آهي، ته طالب جي ٻاهرين ڳالهين سان تيسين تائين واسطيداري رهندي، جيسين تائين انترمک نه ٿيو آهي؛ يعني جڏهين جگياسو انترمک ٿي آتما ۾ مگن رهندو، تڏهين ٻاهرين ڪرمن مان سندس چاهه نڪري ويندو. انهيءَ حد تي قدرت سندس اڇا ۽ ضرورت انوسار ڪرم پنهنجو پاڻ کان ٻڌائيندي رهندي.

(٤٥) يوگي پنهنجي پرشارٿ سان سڀني پاپن کان آزاد ٿئي ٿو. گهڻن ئي جنمن جي ڪٿي ٿيل ڀيج سان پرم پد يعني موڪش کي پراپت ٿئي ٿو.

(٤٦) تپسوين ۽ گيانين کان يوگي (عاشق) اُتم آهي. ڪرم ٻنڌنن ۾ ڦاٿلن کان يوگي بهتر آهي، تنهنڪري هي ارجن! تون يوگي ٿي رهه.

* * * *

يوگي پنهنجي ابياس سان گناهن کان پاڪ (شڌ ٿئي ٿو ۽ ابياس سان ئي پرم پد يعني مڪتي حاصل ڪري ٿو.

شلوڪ ٤٧

سڀني جگياسن کان اهو جگياسو اُتم
آهي جنهن آتما کي پراپت ڪيو آهي.

جيڪو يوگي مون ۾ ڌيان ڌري ۽ شرڌا رکي ڌيائي ٿو، سو مونکي سڀني يوگين ۾ وڌيڪ پيارو آهي. مان انهيءَ کي سڀني کان وڌيڪ اُتم سمجهندو آهيان.

* * * *

جو جگياسو (طالب حق) پيائيءَ جو پردو هٽائي سڀني کي آتما جو جزو سمجهي آتما ۾ هڪ ٿي وڃي ٿو سو سڀني کان سريشٽ آهي.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان، "ڌيان يوگ" جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو ڇهون آڌياءُ پورو ٿيو.

اَدِ باءُ ستون - شلوڪ ٣٠
گيان وگيان يوگ
(تتوگيان جي ڄاڻ)
شلوڪ ١

مطلوب شري ڪرشن ڀڳوان
جي طالب ارجن کي هدايت.

هي ارجن! تون مون ۾ ڪھڙيءَ طرح دل لڳائي يعني ڌيان ڌري منهنجو شش تي اڀياس ڪرين جيئن مونکي پائي سگهين، سو چڱيءَ طرح ڌيان ڏيئي ٻڌ.

* * * *

ڇھين ۽ ڇهين اَدِ ياءَ ۾ جيڪي اڀياس جا طريقا ڏسيل آهن، انهن جي سڪرط (ستڪرڻ) بعد جو آتم گيان جگياسوءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿو، تنهنجي سمجهاڻي هن اَدِ ياءَ جي چوٿين شلوڪ کان تيرهين شلوڪ تائين ڏني ويئي آهي.

ڪو دم اسانجي درد ڪئون-
عاشق مٺان ڪاهل ٿئين.
١- يسمع يبصر ڪر صدي-
هن جسم کؤن جاهل ٿئين.
٢- سو ساه تان صدقي ڪرين-
جي تون منهنجو مائل ٿئين.

نقشو آڌياءَ ستون

نمبر آڌياءَ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءَ	صوفياڻي سمجهاڻي	
			منزل	بيان
٧	٣٠	گيان وگيان يوگ يعني تَتوَ گيان جي ڄاڻ يعني پروڙ	حقيقت	پرڪرتي گيان يعني علم صفات

ڏاڍپرج آڌياءَ جو

آڀي وچائڻ سان سڀ جي پروڙ پوي ٿي ته پرڪرتيءَ جي گڻن (ستي - رجي - تمي) ڪان ٿي سڀ ڪرم ٿي رهيا آهن.

مختصر سمجهاڻي آڌياءَ جي

(باطني معنيٰ)

نڪ جي چوٽيءَ تي ڌيان ڪرڻ سان هردو شد ٿئي ٿو يعني حقيقت معلوم ٿئي ٿي ۽ آتم گيان يا تَتوُ گيان جي ڄاڻ پوي ٿي، جنهن ڄاڻ بعد مٽي - پاڻي - اَگني - وايو ۽ آڪاس ۽ من - بُڌي ۽ اهنڪار، اهي اٺ ئي پاسڻ ۾ اچن ٿا. جهڙي نموني جيو ۾ پرڪرتيءَ جا اهي اٺئي جزا آهن، تهڙي نموني برهمانڊ ۾ به آهن. انهيءَ جي معنيٰ جيو ۽ برهمانڊ ۾ پرڪرتي ئي سڀني ڪرمن جي ڪارڻ آهي.

يعني لاطمع ٻڻجي ٿو. جڏهين سڀ ترشنا (خواهش) مٽجي وڃيٿي، تڏهين اِنسان نرڀيءُ ٻڻجي ٿو ۽ سدائين آتم آنند ۾ مگن رهيٿو.

شلوڪ ٣

جزوي اِنسان آتم گيان پرائڻ (جگياسو)
ٻڻجي منزل مقصود کي رسن ٿا.

هزارن منشن مان ڪو هڪ مس اَڀياس ڪري سڌتا کي حاصل ڪريٿو ۽ هزارن اَڀياسين مان ڪو ورلو پورن سڌتا حاصل ڪري سگهي ٿو. انهن مان به ڪو ورلو پريمي جگياسو مونکي پورن طرح پائي سگهي ٿو.

* * * *

آتم گيان برابر اَهڙوئي ڪٺن آهي، جو مس ڪو ڀاڳين وارو منزل مقصود تي پهچي ٿو ۽ ڇو ته تپي تپي تي ترڪڻ بازي آهي. اَهنڪار اَهڙو ته سوکيم ٻڻجي رڪاوٽون ٿو وجهي، جو جگياسوءَ کي خبر ئي نٿي پوي. اهو جگياسو پار پئجي سگهي ٿو، جنهنجو پنهنجي ستگوروءَ ۾ پورن وشواس رهي ٿو ۽ پنهنجي ستگوروءَ جي حڪم جي پورن بجاوري ڪريٿو. اَهڙي جگياسوءَ کي ئي ستگوروءَ جي رهبريءَ جو فائدو نصيب ٿئي ٿو.

شلوڪ ٤

پرڪرتيءَ جي سمجهاڻي.

پرٿوي (ڌرتي يعني مٽي)، پاڻي، باهه، هوا، آڪاس، من، بدي ۽ اَهنڪار انهن اَٺن جدا جدا

٣- هن قرب جي تون ڪل لهين-
اناالحق جو قــائل ٿئين.

٤- صورت سڀاڻــي پنهنجي-
هر فعل جو فــائل ٿئين.

٥- دم دم سندء ديــدار جو-
سچو ســدا سائل ٿئين.

شلوڪ ٢

آتم گيان سڀني علمن کان اُتم آهي.

هي اَرجن! هاڻي مان توکي آتم گيان ڇٽيءَ طرح سمجهايان ٿو، جنهنجي سمجهڻ بعد اُهڙي ڪابہ وستو باقي نہ رهندي، جنهنجي ڄاڻڻ جي توکي ضرورت ٿيندي.

*　　*　　*　　*

هن ڪانڊءِ جيڪي شلوڪ ايندا، انهن ۾ جو آتم گيان سمايل آهي، سو انسان پنهنجي عقل ذريعي سمجهي نہ سگهندو. اهو جو آتم گيان آهي، سو جگياسو اُنيؤ ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪي اُنڀيءُ گيان بہ چوندا آهن. اُنيؤ تڏهين ٿيندو، جڏهين جيؤ سوکيمتا حاصل ڪندو. سوکيمتا حاصل ڪرڻ سان جيؤ محويت کي حاصل ڪريٿو. جڏهين جيؤ محويت ۾ اَچيٿو، تڏهين منجهس عجيب قسم جي خماري (ڪيف) پيدا ٿئي ٿي، جنهن خماريءَ ۾ آتم پرڪاش اُنيؤ ڪريٿو. جڏهين جگياسو انهيءَ حد کي پهچي ٿو، تڏهين سندس سڀ اَگيانتا دور ٿي وڃيٿي ۽ ڪيس ڪنهن بہ شيءِ جي طلب نٿي رهي

شلوڪ ٦

آتما سڀ جو اُپائيندڙ آهي.

تون ائين سمجهہ تہ ساري سرشٽي آتما کان اُتپن (پيدا) ٿي آهي ۽ مان ئي سڀني جو اُپائيندڙ (پيدا ڪندڙ) ۽ ناس ڪندڙ آهيان.

* * * *

سڀني جيو مثل بد بدن جي، آتما روپي ساگر (سمنڊ) ۾ پيدا ٿي ان ۾ لين ٿي وڃن ٿا؛ يعني پرڪرتيءَ جي آڌار تي نام ۽ روپ وٺي اِستٿت ٿين ٿا ۽ آتما جي سرو وياپڪتا جي هجڻ ڪري چيتن ڪوٺجن ٿا يعني هلچل ڪري سگهن ٿا. اَگر آتم ستا جا چيتن آهي سا ڪنهن وستوءَ ۾ نہ رهي تہ اها وستو جڙ آهي. اها آتما جي ئي ستا آهي جا چيتن بڻائي ٿي؛ تنهن ڪري هر ڪاريہ ان کان ٿئي ٿو.

شلوڪ ٧

آتما سڀ کان اُتم ۽ سرو وياپڪ آهي.

هي اَرجن! مون کان وڌيڪ اُتم ڪابہ شيءِ ڪانہ آهي ۽ هي سڀ جيوَ مون ۾ اُهڙيءَ طرح پوتا پيا آهن، جهڙيءَ طرح مالها ۾ داڻا.

* * * *

سڀ جيوَ موتين جي داڻن مثل آهن ۽ آتما ڌاڳي مثل آهي، جنهن جي آسري سڀ بيٺل آهن. هرهڪ اِنسان کي پنهنجي اَندر ۾ انهيءَ آتما جي ڳولا ڪرڻ واجب آهي.

نمونن ۾ منهنجي پرڪرتي ورهايل آهي.

* * * *

ويدن ۽ ٻين شاسترن ۾ پرڪرتيءَ کي ستن نمونن ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي، پر شري ڪرشن مهراج اُنهن اَهنڪار کي به پرڪرتيءَ ۾ ڳڻيو آهي. اهو اَهنڪار سڀ ۾ سمايو رهي ٿو ۽ باقي ست، اَهنڪار جي اَڌين آهن. انهيءَ جي معنيٰ اَهنڪار آدي آهي ۽ باقي پوءِ پرگهٽ ٿيل آهن. پندرهين اَڌياءَ ۾ انهيءَ جي وڌيڪ سمجهاڻي ڏني ويئي آهي.

شلوڪ ٥

اَپرا ۽ پرا گيان جي سمجهاڻي.

هي اَرجن! مٿي مان توکي گهٽ درجي واريءَ پرڪرتيءَ جو بيان ٻڌايو آهي، جنهن کي اَپرا چئجي ٿو. منهنجيءَ پرڪرتيءَ جو ٻيو به روپ آهي جنهنکي پرا چئجي ٿو. انهيءَ جي سَتا تي هيءُ سارو جڳت آڌار رکي ٿو، جنهن جو وري مان آڌار آهيان.

* * * *

آتما اُن گڻن واريءَ پرڪرتيءَ کان نياري آهي، جنهنجي سَتا جي آڌار تي هيءَ ساري سرشٽي منحصر رکي ٿي، جا سَتا سيم قائم آهي. اها آتما سڀني ساهه وارن جيون جو ساهه آهي ۽ بي جان وارين شين کي به اُن آتما جي سَتا سان هستي ملي ٿي يعني ڏسڻ ٻڌڻ ۽ محسوسات ۾ اچن ٿيون.

آتما کي ناس رهت (اَمر) نٿا سمجهن.

(١٢) جيڪي ٻه سٺي، رجي ۽ تمي گڻي ڪرم آهن، انهن جو ڪندڙ مونکي ئي ڄاڻ؛ يعني مون مان ئي ڪرم پيدا ٿين ٿا. تنهن هوندي به مان انهن ۾ قائل نہ آهيان پر هو مونتي مدار رکن ٿا.

(١٣) انهن ٽن گڻن (ترگڻي مايا) ڪري غافل ماڻهو مون اَمر ۽ آزاد کي پرجهي ويا آهن.

* * * *

سٺو، رجو ۽ تمو گڻ آتما مان ئي هستي پائي ظاهر ٿيا آهن ۽ وري ناس ٿي ويندا. انهن ٽنهي گڻن جو هجڻ آتما کان ئي سٺ لڳي ٿو، تنهن هوندي به آتما انهن ٽنهي گڻن کان نياري ۽ اوچي (اَتم) آهي. ترگڻي مايا جي پرڀاوَ ڪري اِنسان آتما کي پرجائي ڇڏيو آهي.

شلوڪ ١٤-١٥

جو آتما کي پائي ٿو سو ترگڻي مايا
کان آزاد آهي. جو مٿيا ڀرم ۾ ڦاسي
ٿو تنهنجو آزاد ٿيڻ مشڪل آهي.

(١٤) منهنجي هن ترگڻي مايا کان تري پار پوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اهوئي تري پار پوندو جنهن مونکي پاتو آهي.

(١٥) جن اِنسانن جا ڪرم کوٽا آهن، جيڪي ڪم عقل آهن، جي اِنساني درجي کان ڪريل آهن، جي مايا ڪارڻ اَگياني آهن ۽ جنجو راڪشسي

شلوڪ ٨-٩

آتما جي ظاهريت.

(٨) هي ڪنتيءَ جا پٽ! پاڻيءَ ۾ سواد مان آهيان؛ سج ۽ چنڊ ۾ جا روشنائي آهي اها مان آهيان؛ سڀني ويدن ۾ جو "اونڪار" اکر آهي سو مان آهيان؛ آڪاس ۾ جو شبد آهي سو مان آهيان ۽ مردن ۾ جا مردانگي آهي، اها به مان آهيان.

(٩) مٽيءَ ۾ خوشبوءِ مان آهيان؛ باهه ۾ گرمي مان آهيان؛ سڀ پراڻين ۾ پراڻ مان آهيان ۽ تپسوين ۾ تپسيا مان آهيان.

شلوڪ ١٠-١١

آتما آدي ۽ سڀ شڪتيوان آهي.

(١٠) هي ارجن! مونکي ساريءَ سرشٽيءَ جو ناس رهت ٻج سمجهه. عقلمندن جو عقل مان آهيان ۽ مستن ۾ مستي مان آهيان.

(١١) هي ارجن! مان طاقت وارن ۾ اها طاقت آهيان جا موهه ۽ مت کان آزاد آهي ۽ انسانن ۾ ترشنا ۽ ڌرم به مان آهيان.

شلوڪ ١٢-١٣

ترگڻي مايا انسانن ۾ آتما کري ظاهر ٿئي ٿي؛ پر آتما ترگڻي مايا کان آزاد ۽ ٻاهر آهي. ترگڻي مايا ۾ ڦاسي انسان

باقي ٻين جڳياسن ۾ ٻيائي رهي ٿي، جنهنڪري پرم پد کي پهچي نٿا سگهن.

شلوڪ ١٨

گياني آتما کان الڳ نہ آهن.

جڳياسو سڀ اُتم آهن، پر گيانين کي مان پنهنجي ساهہ ۾ ساڻي پندو آهيان، يعني مون کان جدا نہ آهن؛ ڇو تہ هو سدائين منهنجي دل ۾ وسن ٿا.

* * * *

گيانوان اُنهيءَ ڪري ٻين جڳياسُن کان وڌيڪ اُتم مڃيا ويا آهن، جو اهي اندر ۾ سدائين آتما سان مليا رهن ٿا ۽ هڪ پل بہ پاڻ کي آتما کان جدا نٿا ڄاڻن.

شلوڪ ١٩ـ٢٠

گهڻن جنمن بعد آتم گيان
پراپت ٿئي ٿو. ناداني‌ءَ سبب
انسان مٿيا ڀرم ۾ ڦاسي ٿو.

(١٩) گهڻن ئي جنمن بعد انسان گيان حاصل ڪري، آتما کي سرووياپڪ ۽ سڀني کي سرو آتما سمجهي، مون ۾ مدو يعني گم (هڪ) ٿي وڃي ٿو. اهڙو مها آتما پرش (عارف) ڏاڍو دُرلڀ آهي.
(٢٠) نادان (اگياني) ترگڻي مايا (مٿياڀرم) جي پرڀاوَ هيٺ اچي پنهنجي (ويساهہ هيڻ) وڃن ٿا. اهڙا انسان گهڻن بندن (نيم ۽ ورت وغيرهہ) ۾ ڦاسي ٻين ديوتائن کي پنهنجو آسرو سمجهي پٽڪندا رهن ٿا.

* * * *

سياڻا آهي، اهڙا جيئ، هي ارجن! مونکي پائي
نتا سگهن.

* * * *

سياڻا ماڻهو هن ترگڻي مايا کان پاڻ بچائي (خبردار ٿي) منهنجو آسرو وٺي آتما ۾ محو رهن ٿا ۽ اگيانتا کان ڇوٽڪارو پائي مونکي حاصل ڪنتا. پر اگياني يعني بي سمجهه ماڻهو مايا (مٿيا ڀرم) ۾ ڦاسي آتم آنند کان محروم رهن ٿا.

شلوڪ ١٦-١٧

جگياسن (طالبن) جا قسم. سيني جگياسن
مان سياڻو جگياسو سريشٽ آهي.

(١٦) هي ارجن! چئن پرڪارن جا ڀلا ماڻهو منهنجي ڀڳتي ڪن ٿا. هڪڙا مصيبت ماريا، ٻيا آتم ڪانکي (آتما کي چاهيندڙ)، ٽيان پرلوڪ جو سک چاهيندڙ ۽ چوٿان گياني.

(١٧) انهن چئني جگياسن مان گياني سدائين مون ۾ محو رهيتو ۽ مون ۾ سچو پريم يعني عشق حقيقي رکي ٿو، انهيءَ ڪري اهو (گياني) مونکي جڻ سيني کان وڌيڪ پريه آهي.

* * * *

جو سياڻو جگياسو پنهنجي هستي (اهم ڀاؤ) مٽائي ساريءَ سرشٽيءَ ۾ آتما (ذات حق) کي ئي ثابت ڪري ڀاري ٿو ۽ پاڻکي بہ ساڳي آتما سمجهي ٿو، سو سرو پرڪار آتما ۾ لين ٿي ساکيات آتما بڻجي پوي ٿو.

۾ ڦاڻا رهن ٿا ۽ آتما کان پليل ئي رهن ٿا. هرهڪ اِنسان جو اهو فرض آهي ته سچ (آتما - ذات حق) جي کوج ڪري ۽ متيا پرم (فدا) کان پاڻکي آزاد رکي آنند حاصل ڪري.

شلوڪ ٢٣-٢٤

آتما کانسواءِ ٻئي ڪنهن ديوتا جو
ڌيان ڪرڻ فضول آهي. آتما جو ڌيان
ڪندڙ آتما ۾ لين ٿي ويندو.

(٢٣) انهن اَگيانين کي جو ڦل ديوتائن کان ملي ٿو، سو اَگهي پوءِ ناس ٿي ويندو. ديوتائن جا پوڄاري يعني مڃيندڙ ديوتائن کي پراپت ڪندا ۽ نه آتما کي. فقط منهنجا ئي پوڄاري مونکي پائين ٿا.

(٢٤) اَهڙا جيوَ (اَگياني) منهنجي اَبناسي، سروَ اُتم ڀاوَ (لاثاني) کي نه ڄاڻي اِئين سمجهن ٿا، ته مان منش وانگر پيدا ٿيل آهيان ۽ مونکي نام روپ سهت ڄاڻن ٿا.

* * * *

اِنسان جي استولتا واري نظر (علم صفات) جيستائين پهچي سگهي ٿي، اتي ئي هو بيهڪ ڪايو ٿا وڃن. گيانوانن جي نظر استولتا جي حد کان گهڻو مٿي وڃيتي ۽ آتما ۾ وڃي لين ٿئي ٿي. آتما نام روپ رهت ۽ ڏسڻ ٻُڌڻ کان گهڻو سوکيم آهي. استولتا جون شيون ڏسي پسي سگهجن ٿيون، ڇو ته نام روپ سهت آهن. ڪم عقل

هزارن ماڻهن مان ورلو ڪو اهڙو ماڻهو پيدا ٿئي ٿو، جو آتم گيان پراپت ڪري نروان پد (بقا باالله) حاصل ڪري ٿو. اگياني منش، جي آتم گيان رهت آهن، سي نرگڻي مايا ۾ ڦاسي ديوتائن جي پوڄا ڪندا رهندا.

شلوڪ ٢١-٢٢

ڀاونا انوسار جيو ڪسي آتما مان ڦل ملي ٿو. آتما جگياسوءَ جي ڀاونا انوسار صورت اختيار ڪري ڦل ڏئي ٿي.

(٢١) جو منش جنهن ڀاونا (ويساهه) سان ۽ جا صورت ڌيان ۾ رکي شرڌا سان مونکي ڌيائي ٿو، سا صورت مان ئي اختيار ڪري سندس اڇا پوري ڪريان ٿو.

(٢٢) جيتوڻيڪ اهو منش پنهنجي خيال (صدق) موجب صورت جي پوڄا (ڌيان) ڪري پنهنجو مطلب (خواهش) پورو ڪري ٿو، پر خود اهڙيءَ طرح مطلب پوري ڪرڻ وارو ته مان آهيان.

* * * *

انسان پنهنجيءَ بڌيءَ ۽ سمجهه انوسار جهڙي ڀاونا ڌاري ٿو تهڙي سندس پوري ٿئي ٿي. دنيا پرست ماڻهو دنيوي مطلب بيشڪ حاصل ڪندا، پر اهڙن ماڻهن کي سچ جي ڄاڻ نه هئڻ ڪري سمجهن ٿا ته اسان جا مطلب فلاڻي نه فلاڻي ديوتا پورا ڪيا ۽ انهن کي مڃيندا رهندا. ڪين اها ڄاڻ اصل ڪانه ٿي رهي ته سڀني جو ڪرتا اها هڪ آتما ئي آهي، تنهنڪري هميشه اگيانتا

ڄاڻندڙ ۽ آنند روپ آهي. اهڙي آتما ٽنهي ڪالن ۾ هڪ جهڙي سمائي رهيٿي، مگر اگياني منش ناداني ءَ سبب آتما کي الٽو سمجهن ٿا.

شلوڪ ٢٧-٢٨

ترشنا ۽ ڌڪار رکندڙ منش غفلت ۾ ٻڌا رهنٿا. جنهن نيڪيءَ ۽ بديءَ تان خيال ڪڍي ويو آهي، سي دائما آتم ديدار ڪندا رهنٿا.

(٢٧) هي ارجن! ترشنا ۽ ڌڪار رکندڙن جي دل ۾ ٻيائي رهيٿي ۽ انهيءَ ئي ڪارڻ سڀ لوڪ اگيانتا ۾ ڦاٿل رهنٿا.

(٢٨) پر جي ست پرش، ست ڪرم ڪندڙ، پنهنجي پورڻ وشواس کي قائم رکي موڪي ڏيائين ٿا، تنجو سک ڏک ۽ موهه ممت ناس ٿي ويٿو ۽ اهڙن منشن جي اندر مان ٻيائي نڪري ويٿي.

* * * *

ترشنا ۽ ڌڪار اگيانتا کان ئي ٿئي ٿي. جڏهين انهن ٻنهي کان ڇوٽڪارو ملي ٿو، تڏهين جيوُ ٽنهي ڪالن جي اپائيندڙ آتما کي پراپت ڪري آنند پائي ٿو.

شلوڪ ٢٩-٣٠

جو جگياسو آتم گيان حاصل ڪرڻلاءِ پرشارٿ ڪريٿو، سو سرو پرڪار موکش پائي ٿو.

اگياني آتما کي غلط ڄاڻي، آتما ۽ اناتما ۾ ڪو به فرق نٿا ڄاڻن، تنهنڪري نام روپ سهت جي شيون آهن، تنکي آتما سمجهن ٿا. اسٿول بڌيءَ وارن اِنسانن جي سمجهه آتما کان غير واقف ڇوٿي رهي؟

شلوڪ ٢٥

ترگڻي مايا جي پردي ڪري
منش سمجهي نٿا سگهن.

مان ترگڻي مايا ۾ سمايل رهان ٿو، تنهنڪري سڀني کي ڄاڻڻ ۾ نٿو اچان. سڀ منش مايا جي پردي کان انڌا ٿيل مونکي يعني آتما کي، جا جمڻ مرڻ کان رهت آهي، تنهنکي نٿا سڃاڻي سگهن.

* * * *

جي اِنسان اهنڪار (خودي) ۾ ٻيٺل آهن ۽ وشيه ڀوڳن ۾ ڦاٿل آهن، سي آتما کي حاصل ڪري نه سگهندا؛ پر جي پنهنجي هٺڻ (اهنڪار) کي مٽائي يعني پاڻ کي ڪجهه نٿا سمجهن ۽ فقط آتما ئي ڏسن پسن ٿا، سي آتم آنند ۾ مگهن رهن ٿا.

شلوڪ ٢٦

آتما ٽنهي ڪالن ۾ هڪ جهڙي رهيٺي.

هي ارجن! مان گذريل، هلندڙ ۽ ايندڙ سمي (ٽنهي ڪالن) جي ماڻهن جي سڀ سڌ رکان ٿو، پر مونکي ڪوئي به نٿو ڄاڻي سگهي.

* * * *

آتما ڦير گهير رهت ۽ سرووياپڪ، ڪل علمن جي

آهي، جو جهد ڪرڻ سان پراپت ٿئي ٿو. جو جگياسو منن ڪري انهيءَ منزل کي پهچي ٿو، سو پرڪرتيءَ کي هر پرڪار اندر ۾ چڱيءَ طرح ڄاڻي سگهي ٿو. هن اَڌياءَ جو تاتپرج چوٿين شلوڪ ۾ اچي وڃي ٿو. انهيءَ شلوڪ جي سمجهاڻي ٻارهين اَڌياءَ ۾ ڏني ويندي.

”شبد ستگوروءَ جو جيءَ ۾ رکيو جن،
پائي منهن مڙهيءَ ۾ آديسي اوڍين،
لوڪ نه لکي تنکي هو لقاءُ پسن،
مک سان ڪين چون ڌڻيءَ ساک سروپ جي.“

(٢٩) جي منش ڄڄا پڇي ۽ موت کان ڇڏڻ لاءِ منهنجو آسرو وٺي پرشارٿ (جتن) ڪنٿا، سي برهم، ادياتم (چيتن جيو) ۽ ڪرم کي تمام چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا.

(٣٠) اهڙا جڳياسو ادي ڀوت (ناسونت)، ادي ديو (آتما) ۽ ادي يگيه (ترپا انيت) چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا، جنهنڪري مرڻ وقت به مونکي پائي موکش حاصل ڪن ٿا.

* * * *

برهم، ادياتم وغيره جي سمجهاڻي ايندڙ اٺين ادياءَ جي ٣ ۽ ٤ شلوڪ ۾ اچيٿي، تنهنڪري هتي وڌيڪ نٿو لکجي. جو انسان مرڻ کان اڳ آتما جو درشن پراپت ڪريٿو، سو مرڻ گهڙيءَ تائين آتما ۾ محو رهي موکش پائي ٿو.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان ”گيان وگيان“ جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو ستون ادياءَ پورو ٿيو.

ستين ادياءَ جي سمالوچنا.

(سمجهاڻي)

ڇهين اَدياءَ کان ڇهين اَدياءَ تائين آتم پراپتي جا طريقا (اَڀياس - مننون) چڱيءَ طرح سمجهايا ويا آهن. مننن ۽ اَڀياس جي طريقن کي يگيه (جهد) جو نالو ڏنو ويو آهي. ستين اَدياءَ ۾ انهيءَ ڳالهه کي وڌيڪ کوليو ويو

جنهنکي پنڊ يعني عالم صغير ۽ برهمانڊ يعني عالم ڪبير چونٿا. اهڙيءَ طرح آتما جون ڪُل ۽ جُزَ جي صورت ۾ چار منزلون ڄاڻايل آهن ١- ڄاڳرت ٢- سپنو ٣- سکوپت ٤- تريا. اهي ساڳيون منزلون صوفين ۾ ١- ناسوت ٢. ملڪوت ٣- جبروت ٤- لاهوت جي اکرن سان مشهور آهن. اهي چارئي منزلون ڦرنديون رهن ٿيون. انهن چئني ڦرندڙ گهرندڙ منزلن جي چڪر کان ڇٽڻ لاءِ گائتري منتر يعني گُور منتر (اسم اعظم) ئي هڪ وسيلو آهي.

"ستگور شبد رهي لوَ لاءِ-
آسا ترشنا ڍِئي جلاءِ،
تُريا پد ڪوُن پاوي جاءِ-
دليپت سو ويراڳي برهم سماءِ."

نقشو اَڌياءُ اَٺون

نمبر اَڌياءُ	نمبر شلوڪ	نالو اَڌياءُ	صوفيانِي سمجهاڻي منزل	صوفيانِي سمجهاڻي بيان
٨	٢٨	مها پرش يوگ	حقيقت يعني اَصل - نج احوال يعني آتما جو نج گيان	ذاتي علم جو احوال يعني برهم گيان جو احوال

تاتپرج اَڌياءَ جو

آتما پرڪرتيءَ کان تمام اوچي ۽ ڪرمن کان نياري آهي؛ تنهن هوندي به پرڪرتيءَ جي ميلاپ ڪري پيدا ٿيل ۽ قديم، جُز ۽ ڪُل، جيو ۽ ايشور معلوم ٿئي ٿي.

مختصر سمجهاڻي اَڌياءَ جي

(باطوني معنيٰ)

آتما پرڪرتيءَ جي اَٺن ئي جزن کان اوچي ۽ نياري آهي، پر انهيءَ سان گڏجي ڪانئس سڀ ڪرم ڪرائيندي رهي ٿي ۽ پاڻ ڪرم ڪندڙ نٿي بڻجي. هيءَ هڪ عجيب رمز آهي. چيتن ۽ جڙ ٻنهي پاڻ ۾ گڏجي جز ۽ ڪل - جيو ۽ ايشور، پنڊ ۽ برهمنڊ جي صورت اختيار ڪئي آهي؛

شري ڪرشن ڀڳوان چيو:-

هي اَرجن! آتما جا ناس رهت يعني اَبناسي (لازوال) ۽ آزاد آهي، تنهنڪي برهم چئجي ٿو؛ جيو آتما کي اَڌياتم چئبو آهي ۽ ڪرم انهيءَ کي ٿو چئجي، جنهنجي ٻل سان جيو پيدا ٿين ٿا ۽ استٿت رهن ٿا.

* * * *

پرش ۽ پرڪرتي ٻنهي کي گڏي برهم چئجي ٿو. پرش ۽ پرڪرتي ٻئي اِئين آهن جيئن عڪس ۽ معڪوس (شڪل اُبتي ڦيرائي ڏسڻ - جهڙيءَ طرح جيوُ آرسيءَ يا پاڻيءَ ۾ پاڻکي ڏسي ٿو) جي هردم ٻئي گڏ رهن ٿا. ٻنهي جي ميلاپ کي برهم چئبو آهي. اِنسان ۽ ٻين چيتن وستن کي اَڌياتم چئبو آهي جنهنکي جيوُ پڻ سڏبو آهي. اهو ”جيوُ“ اَکر سڄيءَ گيتا ۾ صرف ٻن هنڌ شري ڪرشن ڀڳوان ڪم آندو آهي؛ هڪ ستين اَڌياءَ جي چوٿين شلوڪ ۾ ۽ ٻيو پنڌرهين اَڌياءَ جي اَٺين شلوڪ ۾؛ جنهن جي معنيٰ آتما آهي.

قدرت جو ٻيو نالو ڪرم آهي، جنهنجي ٻل (شڪتيءَ) سان هرڪا شيءِ پيدا ٿي استٿت رهي ٿي. ٽئين اَڌياءَ جي پنڌرهين شلوڪ ۾ شري ڪرشن ڀڳوان انهيءَ ڪرم کي برهم يگيه جو اَکر ڏنو آهي.

شلوڪ ۴

اَڌي ڀوت - اَڌي ديو ۽
اَڌي يگيه جي سمجهاڻي.

اَڌياءُ اَٺون-شلوڪ ٢٨
مهاپرش ڀوڳ.

شلوڪ ١

برهم - اَڌ ياتم - ڪرم - اَڌ ڀوت ۽
اَڌ يديو ٻـابت اَرجن جـــي پڇا.

هي اُتم پرش! برهم ڇا آهي؛ اَڌياتم ۽ ڪرم ڇاکي ٿا چئون؛ اَڌي ڀوت ۽ اَڌي ديو ڪنهنکي ٿا سڏيو؟

شلوڪ ٢

اَڌي يگيه ڪير آهي ۽ ڀچاڙيءَ
سمي ڇا ڪرڻ گهرجـــي؟

هي مڌوسوڌن! هـن جسم ۾ اَڌي يگيه ڪير آهي ۽ ڪيئن آهي ۽ اُنت سمي يعني مرڻ وقت اُوهانجو ڌيان ڇو ڪرڻ گهرجي؟

*   *   *   *

نوٽ:- ستين اَڌياءَ جي ڀچاڙيءَ ۾ شري ڪرشن ڀڳوان برهم اَڌياتم وغيره اکر ڪم آندا آهن. هن اَڌياءَ ۾ اَرجن انهن اکرن جي معنيٰ پڇي ٿو.

شلوڪ ٣

برهم - اَڌ ياتم ۽ ڪرم جي سمجهاڻي.

جو اِنسان مرڻ وقت منهنجو ڌيان ڪري ٿو، سو مون ۾ سمائجي ويندو. هي اَرجن! انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي.

* * * *

اِنسان جي دل جي وڏي ۾ وڏيءَ خماريءَ (ڪيف) جو نالو جيون مڪت آهي. اها حد ڏاڍي آنند واري ٿئي ٿي. اَهڙو آنند جڏهين اِنسان جي دل ۾ پيدا ٿئي ٿو، تڏهين هو نرڀئہ (بي خوف) بڻجي مڪت (آزاد) ٿئي ٿو. جنهن جي اها حالت مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهندي، سو مرڻ بعد آتما ۾ لين ٿي هڪ ٿي ويندو. اَهڙي حالت اِنسان کي تڏهين ٿي پراپت ٿئي، جڏهين اِنسان مرڻ کان ڪيترو اَڳہِ اَڀياس يعني جهد ڪري مڪمتائيءَ حاصل ڪري ٿو. تنهنڪري واجب آهي تہ پنهنجي حياتيءَ جو وقت اَجايو نہ وڃائجي ۽ مرڻ کان اَڳہِ اَهڙي قسم جي استتي پراپت ڪجي.

شلوڪ ٦

اَنت ڪال وقت جنهنجو ڌيان
ڪبو تنهن ۾ لين ٿــي ويبو.

جو جيوُ مرڻ گهڙيءَ جنهن شيءِ جو ڌيان ڪندي سرير ڇڏي ٿو، هي ارجن! سو جيوُ انهيءَ ڌيان ڪندڙ شيءِ کي پائي لين ٿـي ويندو؛ يعني انهيءَ شيءِ جي صورت پاڻ بڻجي پوي ٿو.

* * * *

اِنسان جو خيال مرڻ وقت جنهن ۾ اٽڪي ٿو، سوئي، روپ پاڻ بڻجي پوي ٿو. جو جيو برهم (الله) جي حد

آدي ڀوت هن ناسونت سرير کي چئجي ٿو ۽
آدي ديو چيتن آتما جا هن سرير ۾ وياپڪ آهي
تنهنکي چئجي ٿو ۽ آدي يگيه سريرن ۾ مان
آهيان.

* * * *

آدي ڀوت سڀني ناسونت شين کي چئجي ٿو جنهن ۾ ساري سرشٽي اچي وڃي ٿي. آدي ديو آتما کي چئجي ٿو جنهنجي ڪري جيون ۾ چيتنتا رهي ٿي. آدي يگيه جو درجو سڀني کان مٿي آهي؛ ڪرم، واڻيءَ ۽ بُڌيءَ کان پري آهي؛ ناس ۽ ابناسيءَ جي خيال کان به اوچو آهي. آدي يگيه جي سمجهاڻي اندرين چاهي بُڌيءَ جي وسيلي نٿي ڏئي سگهجي، پر انڀُو جي ذريعي سمجهي سگهجي ٿي. پنجين ۽ ڇهين آڌياءَ ۽ اٺين آڌياءَ جي ٩-١٠-١٢-١٣ شلوڪ ۾ انهيءَ کي سمجهڻ جا طريقا شري ڪرشن ڀڳوان ڄاڻايا آهن، جي اندر ۾ انڀُو ڪري سگهجن ٿا. اهو استان شري ڪرشن ڀڳوان جو آهي. آدي يگيه اها شڪتي آهي جنهنجو ڪو نام ۽ روپ ڪونه آهي. انهيءَ حد تي بُڌي به پهچي نٿي سگهي؛ جتي خيال جي سوکيمتا سان به پهچڻ مشڪل آهي؛ جنهنجي حقيقت ڄاڻ کان ٻاهر آهي. برهم ۾ آدي ديو ۽ آدي ڀوت، پُرش ۽ پرڪرتي، ٻئي اچي وڃن ٿا.

شلوڪ ٥

انت ڪال ۾ آدي يگيه جي ڌيان ڪرڻ
سان آتما ۾ لين ٿي وڃي ٿو.

٢- عشق جي منزل اؤکي اٿانگي-
لچ هٽڻ ٿا لاف اچــا پنڌ اوري اوري.
٣- ڏ رمداس مر مــرڪن اهــي-
سينا جني جا صاف ڏين ڪنڌ ڪوري ڪوري.

شلوڪ ٨

تصور (ڌيان) اڀياس سان ئي
قائم ٿي سگهي ٿو.

هي ارجن! پنهنجي دل کي اڀياس ۾ هڪ من چِتو ڪري جنبائي رکڻ سان تصور قائم ٿئي ٿو، جنهن ڪانپوءِ اُن ۾ لينتا پراپت ٿئي ٿي.

* * * *

ستين ۽ اٺين شلوڪ ۾ تصور (ڌيان) جي محنت جي باري ۾ ڪجهه چيل آهي؛ هيٺ ٩ ۽ ١٠ شلوڪ ۾ وڌيڪ سمجهاڻي اچيٿي.

شلوڪ ٩-١٠

سرير ڇڏڻ وقت اڀياس جي ٻل
آڏي يگيه (نــرگڻ سروپ) جو
ڌيان (تصور) ڪرڻ گهرجــي.

جو جيوُ انت ڪال ۾ اڀياس جي ٻل سان ٽرڪٽيءَ ۾ پران (دم) روڪي انهيءَ نرگڻ، نرآڪار، جو سڀ جو ڌسندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي، جو سڀني کي پنهنجي نيم ۾ هلائيندڙ آهي، جو اڻي سوکيم آهي، جو سُيم پرڪاشوان آهي، جو موهه کي ناس

پنهنجي مٿي چڙهي ٿو ۽ اڌي يگيہ اوستا (همہ اوست) واري حد تي پهچي ٿو سو هڪ تي وڃي ٿو ۽ جو اُچا نام روپ ۾ اٽڪيل رهيو تنهنجو ايڪ مڪ ٿيڻ مشڪل آهي.
"اُنت مٿي سائي گتي"

شلوڪ ٧

همیشہ اڌي يگيہ (همہ اوست) جي
خيال ۾ ئي رهڻ واجب آهي.

تنهنڪري هي ارجن! جنگ ڪندي بہ تون منهنجو ڌيان اندر ۾ قائم رکندو اَچ. من ۽ بڌيءَ کي مون ۾ لڳائي رکنديون تہ اوس مونکي پراپت ڪندين.

*　*　*　*

حياتي بي بقا آهي جنهن تي اعتبار رکڻ ناداني آهي، تنهنڪري جگياسوءَ لاءِ ضروري آهي تہ دل ۽ من پنهنجي ستگوروءَ (مطلوب) جي ڌيان (تصور) ۾ سدائين لڳائي رکي ۽ اهڙيءَ طرح محويت حاصل ڪري جو پنهنجي مرشد جي صورت خود پاڻ بڻجي پوي ۽ پنهنجي هستي (خودي) نابود ڪري ڇڏي. پنهنجيءَ خوديءَ جي عيوض پنهنجي مرشد جي هستيءَ کي ثابت ڪري ٿو ۽ جنهن ڪانپوءِ اڳيانتا (بيائيءَ) جو پردو هٽي ويندو ۽ هيڪڙائي حاصل ٿيندس. جيسين جگياسوءَ اهڙي ورتي يعني ڀيڪ هٿ نہ ڪئي آهي، تيسين جيڪي ڇوي ٿو سو اجايون لافون هڻي رهيو آهي.

ڏسو عاشقن جا انصاف ـ ڏين سر گهوري گهوري.
١ـ اندر باهہ برهہ دي ٻــرڪي ـ
باهر نڪري نہ ٻاڦ چون چپ چوري چوري.

اَنترمک ڪري نهرائي ٿو ۽ پنھنجا پران دماغ ۾ چڪي نرگڻ "اوم" جو ڌيان گور شبد سان ۽ سرت سھمت ڪندي سر پر ليا ڳي ٿو يعني مري ٿو، سو منھنجي اوچيءَ پدويءَ تي پھچي ٿو.

* * * *

ويدن، شاسترن، رشين منين ۽ فقيرن، شبد جي ڌاڍي ساراھہ ڪئي آھي ۽ شبد کي سيني جو ٻج ڪري مڃيو آھي. شبد کي صوفي اسم اعظم ڪري چوندا آھن. پرماتما جا گھڻائي نالا آھن، پر اوم يا الله شبد سرو پرڪار ثابت ڪيو ويو آھي. شبد ۾ ساري سرشٽي پليءَ پانت سمائي رھيل آھي. جيئن جيئن جگياسو اڀياس ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندو ويندو تيئن تيئن شبد جي شڪتي (طاقت يا گڻ) محسوس ڪندو ويندو. اھو شبد ئي آھي جو جگياسوءَ کي اڀياس جي ذريع ترگڻي مايا کان پار ڪري، آتم آنند ڏانھن نئين ٿو.

گور شبد جو اڀياس پراڻايام يا ڌيان جي ذريع ڪري سگھجي ٿو. ستگورو جگياسوءَ جي قابليت ڏسي ان موجب کيس ھدايتون ڏيندا آھن. شبد ھڪ ڪنجي آھي جنھنجي لڳائڻ سان يعني اڀياس ڪرڻ سان جگياسو قدرت جا ڳجھہ کوليندو ترگڻي مايا کان آزاد ٿي برھم آنند ۾ محو ٿي ويندو؛ جنھن ڪانپوءِ جگياسوءَ کي ٽنھي لوڪن ۾ اھڙي ڪابہ ڳالھہ ڪانہ آھي جنھنجي کيس چاھنا رھي ۽ نہ اَھڙي ڪا ڳالھہ آھي جنھنجي حاصل ڪرڻ جي کيس طلب رھي ٿي. انھيءَ حد کي تريا اَتيت پد يا بقا با اَلله چئبو آھي. اھا حالت گور

ڪندڙ آهي، جو اوندهه کان آجو آهي، تنهن
ڀڳوان کي هڪ من چت سان پريم سهت ڌيائي
ٿو، سو انهيءَ اوچ پدويءَ کي پائي ٿو.

* * * *

ترڪتي اڪين مثان ڀرن جي وچ ۾ آهي، جتي جگياسو پنهنجي نظر يڪسان ٽڪائي خيال دماغ ۾ مٿي چڙهي، جڏهين پراڻن کي روڪي، گور شبد جو اڀياس ڪريٿو (جنهنکي صوفي دم حبس چون ٿا)، تڏهين ڪيس اندر ۾ قرار پيدا ٿئي ٿو ۽ خيال نهر پائي ٿو. اهڙي نموني گهڻي اڀياس ڪرڻ بعد جگياسوءَ کي آتم درشن نصيب ٿئي ٿو.

شلوڪ ١١

نرگڻ برهم جي سمجهاڻي.

جنهنکي پنڊت ۽ ويد ابناسي چونٿا، جنهن ۾
جگياسو پورن ويراڳ ورتي ڌاري گم رهن ٿا ۽
برهمچريه پالن ڪنٿا، انهيءَ جو مختصر احوال
مان توکي ٻڌايان ٿو.

* * * *

نوٽ:- اڌي يگيه يعني نرگڻ اپاسنا جا طريقا ١٢ شلوڪ کان شروع ٿين ٿا ۽ ٢٢ شلوڪ ۾ پورن ٿين ٿا.

شلوڪ ١٢-١٣

نرگڻ اپاسنا حاصل ڪرڻ
جا اپاوَ يعني طريقا.

جو منش سڀ اندرين روڪي پنهنجو خيال

جي منش خود شناسي (پاڻ سڃاڻڻ) ۾ ٻڌجي وڃن ٿا، سي جنم ۽ موت جي بندن کان آزاد ٿي وڃن ٿا ۽ آتما کي اَبناسي (بقا) ۽ ٻين سڀني کي ناسونت (فنا) ۽ مٽيا جاڻن ٿا.

شلوڪ ١٦

آتم گيان ڦير گهير رهت آهي. برهما
خود ناسونت آهي ۽ ڦير گهير ۾ اَچي ٿو.

هي اَرجن! برهم لوڪ تائين جيڪي به لوڪ آهن سي ڦير گهير ۾ اَچن ٿا يعني پيدا ٿي ناس ٿين ٿا. پر جو جگياسو مونکي پائي ٿو يعني مون ۾ لين ٿي وڃي ٿو، اهو نڪو جمي ٿو ۽ نه وري مري ٿو.

* * * *

شري ڪرشن مهراج اَرجن کي ٻڌائي ٿو ته: هي اَرجن! جنهن به وستوءَ کي برهم لوڪ تائين ڇهي سگهجن يا ڏسي سگهجن يا خيال ذريعي سوچي ويچاري سگهجن، سا اَوس اَچي يا پوءِ ناس ٿيندڙ آهي؛ پر جو پنهنجي يوگ بل سان فقط آتما جو ڌيان ڌاري ٿو، جا اَبناسي ۽ سيم قائم آهي ۽ ڦير گهير رهت آهي، سو آتم گيان حاصل ڪري موکش پراپت ڪري ٿو.

شلوڪ ١٧

يوگي يعني گيانوان برهما جي
ان اسٿرتا ڄاڻي برهم لوڪ کان به
مٿين ۽ حد لـــي پهچي ٿـــو.

شبد جي اڀياس جي بدولت آهي، ٻيءَ ڪنهن به صورت ۾ اهو پد حاصل ٿي نٿو سگهي.

شلوڪ ١٤

جو گور شبد جو چگيءَ طرح
اڀياسي ٻڌجي ٿو سو يوگي آهي.

هي اَرجن! جو هڪ من چت سان منهنجو ڌيان يعني تصور ڪريٿو ۽ سدائين منهنجي ڌيان ۾ گم رهيٿو، سو سولائيءَ سان مونکي پائي ٿو يعني مون جهڙو ٻڌجي پوي ٿو.

* * * *

”ڏسي منهن محبوب جو من ٿيو مستان،
سڪ صورت سمجهه جو ڏنو عشق انعام،
سمر ڏٺو صورت ۾ سارو سب جهان،
ڌرمونءَ ڪسي ڌيان اَنتي پهر آندر ۾.“

شرڌاوان جگياسو (طالب صادق) مٿينءَ ڏيکاريل ڍنگ سان پنهنجي گوروءَ جو سهنجائيءَ سان درشن حاصل ڪري سگهيٿو. ستگورو چاهي ڪانٿس ڪيترو به ظاهري پري هجي ته به ڪيس تصور ذريعي ڇڪي سگهيٿو.

شلوڪ ١٥

تصور قائم رکڻ وارا سيڀئي ڏکن
کان ڇٽي موکش پائين ٿا.

سنت فقير اَهڙي پرم سڌي پراپت ڪري، مون ۾ لين ٿي جمڻ مرڻ، پيدا ۽ ناس جي ڏکن کان ڇوٽڪارو پائين ٿا.

* * * *

آهي، ۽ برهما جي ڏينهن ۽ رات ڏانهن اِشارو آهي. جهڙيءَ طرح برهما ساري سرشٽيءَ جو اُپائيندڙ آهي ۽ پنهنجي سنڪلپ سان سرشٽيءَ ۾ هرڪا چيز پيدا ڪري ٿو، تهڙيءَ طرح اِنسان به پنهنجي سنڪلپ سان گهڻوئي پرپنچ رچيندو رهي ٿو. تنهنڪري شري ڪرشن مهراج اَرجن کي هن شلوڪ ۾ ٻڌائي ٿو ته ڏينهن جي معنيٰ رچنا يعني گهڻائيءَ جي آهي جنهنکي صوفي ڪثرت چوندا آهن ۽ رات جي معنيٰ آهي آتما ۾ لينتا جنهنکي صوفي وحدت چوندا آهن. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته جڏهين جگياسو پنهنجي اَڀياس يعني محنت ۾ مشغول (گم) ٿئي ٿو، يعني جڏهين اَنترمک ٿي وڃي ٿو، جنهنکي صوفي نيهين يعني نيست يا عدم چوندا، تڏهين ٻاهريان سڀ سنڪلپ آتما يعني عدم ۾ لين ٿي وڃن ٿا جنهنکي رات چئجي ٿي؛ جڏهين ٻاهرمک ورتي رهي ٿي تڏهين سڀ ڪجهه ڀاسي ٿو، جنهنکي ڏينهن چيو وڃي ٿو.

شلوڪ ١٩

پرلئه ۽ اُتپتي ٿيندي رهي ٿي.

هي اَرجن! اهڙيءَ ريت برهما جي رات ٿيڻ تي ساري سرشٽي لئه (ناس) ٿي وڃي ٿي ۽ ڏينهن اُڀرڻ تي اُتپت ٿي اَچي ٿي يعني پرگهٽ ٿئي ٿي. انهيءَ نموني پرلئه ۽ اُتپتي ٿيندي رهي ٿي.

* * * *

انهيءَ ڪري گيانوان ساريءَ سرشٽيءَ (ترگڻي مايا) کي اَن استر يعني مٿيا ڀرم جاڻن ٿا؛ پر اَگياني منش

هي اَرجن! جو برهما جي هزار جڳن جي هڪ
ڏينهن ۽ هزار جڳن جي هڪ رات ڪري ڄاڻي ٿو،
سو ڏينهن ۽ رات کي سمجهڻ وارو آهي.

* * * *

اَسانجي ڏينهن ۽ رات، ۽ برهما جي ڏينهن ۽ رات ۾ گهڻو فرق آهي، جنهنجو بيان شاسترن ۾ وستار سان ڪيو ويو آهي. جڳياسو اَڀياس ۽ تصور جي ٻل سان برهم لوڪ کان به مٿين حد تي پهچي ٿو، جا ڦير گهير رهت ۽ دائما قائم آهي، هر جاء سرو وياپڪ (محيط) ۽ اَهنڪار رهت آهي ۽ جا ڪرتا ڪارڻ ۽ ڪاريه جي ترپٽيءَ کان آزاد آهي. اها اونڪاري حد چئجي ٿي، جنان سڀ ويد ٺيار ٿي پرگهٽ ٿيا آهن. هن حد تي من ۽ بدي پهچي نٿا سگهن. اُتي نام، روپ يا وقت جي به ڪَرَم (ڄاڻ) نٿي رهي ۽ بي اَنت جي شاهدي اَندر ۾ ملي ٿي، جنهن کي اَنيڀؤ چئجي ٿو. انهيءَ اونڪاري حد تي اونڪار جي ڌيان ڪرڻ سان اِنسان (جڳياسو) جي دل مان موت جو خوف دور ٿي ويندو ۽ اَنت ڪال ۾ نڪاص ڪري آتما ۾ لين ٿي ويندو.

شلوڪ ١٨

سرشٽي پيدا ٿي وري ناس ٿي وڃي ٿي.

ڏينهن ٿيڻ تي ساري سرشٽي بي اَنت ٻھر مان
رچجي (پيدا) وڃي ٿي ۽ رات ٿيڻ تي واپس
بي اَنت ٻھر ۾ سمائجي وڃي ٿي.

* * * *

ڏينهن ۽ رات جي معنيٰ اَسانجو ڏينهن ۽ رات نه

جتي ڀهرڻ بعد آواگون (جمڻ مرڻ) مٽجي وڃيٿو.
اهو منهنجو پرم ڌام آهي.

* * * *

صادق صورت پانءِ ۾-
ستگور جي آهي معنيٰ مريوئي،
حق حقيقت جنهن کان-
ثـيـو ثـابت سـيـوئي.

اَهڙي پرم ڪوٽي (اوچ ڪوٽي - stage) مِن، ٻڌي ۽ ڪرم کان گهڻي سوکيم آهي، تنهنجي پراپتي ڏاڍي ڪٺن آهي. انهيءَ ڪي شري ڪرشن مهراج اَڌي ڀڳيه يعني آتم گيان چيو آهي جنهنجي حاصل ڪرڻ لاءِ اَرجن کي هدايت ڪئي آهي.

شلوڪ ٢٢

پريما ڀڳتيءَ سان اَڌي
ڀڳيه پراپت ٿئي ٿـو.

هي اَرجن! اها سڀ کان اوچي آتما (ذات حق)
جا سڀ جو آڌار آهي ۽ جا سرو وياپڪ (محيط
يعني سڀ ۾ سمايل آهي، سان پورن ويساهه ۽
محڪم ارادي سان ئي پراپت ٿي سگهي ٿي.

* * * *

پريما ڀڳتيءَ (عشق حقيقيءَ) کانسواءِ اَڌي ڀڳيه يعني آتم گيان حاصل ڪرڻ اسنيؤ (مشڪل) آهي.

شلوڪ ٢٣-٢٤

موکش حاصل ڪرڻ واريون حالتون.

اِندرين جي سنٻنڌ ڪري وشيءَ ڀوڳن جي رَسَنِ ۾ ڦاسي، ترگڻي مايا کي سچ سمجهن ٿا.

شلوڪ ٢٠

آتما ڇا آهي؟

هي اَرجن! جو ڪجهه ڏسڻ ٻڌڻ ۾ اَچي ٿو يا
ٻڌيءَ دوارا سوچ ويچار ڪري سگهجي ٿو،
تنهنکان مٿي جا وستو آهي، جنهنجي بدولت
سڀ ڏسي ٻڌي يا ويچار ڪري سگهجي ٿو،
سا آتما اَبناسي ۽ ڦيرگهير رهت آهي.

* * * *

جو ڪجهه ظاهري ڏسڻ ٻڌڻ ۾ اَچي ٿو، سو قدرت يعني ترگڻي مايا مان اوچتو پيدا ٿيل آهي، (جيئن صوفي چوندا آهن ”ڪُنْ فيِ ڪُنْ“ يعني اَچانڪ اَلله چيو ”ٿي پؤ“ ته ٿي پيو) جو وري سمي پائي ناس ٿي ويندو. پر آتما جا سڀني جو آڌار ۽ ٻجهي رهيٺي، جا سناتن يعني سڀ کان آڳاٽي (قديم) آهي، سا سدائين قائم ۽ ڦيرگهير رهت آهي. باقي اَستولتا واريون جيڪي ٻه وستو آهن، سي سڀ ناسونت ۽ مٿيا آهن.

شلوڪ ٢١

آتم گيان حاصل ڪرڻ
کي ئي پرم ڌام ڇئجي ٿو.

جنهن آتما کي ٻجهو ۽ اَبناسي چيو ويو آهي،
تنهنجي حاصل ڪرڻ کي پرم گتي ڇئجي ٿو؛

مڇون ته پوءِ آتم گيان ۽ اَڀياس ڪرڻ جو ڪوبه مطلب
سڌ نٿو ٿئي. انهيءَ ڪري پرشارٿ کي جو شرف ڏنل
آهي سو غلط ثابت ٿيندو ۽ موڪش جي پراپتي آتم گيان
حاصل ڪرڻ تي نه مڃي ويندي؛ پر جي اَهڙي ريت
ٿا مڃون ته اها نسوري اَگيانتا ڇڄي. تنهنڪري جي
اَکر شلوڪن ۾ ڇپيل آهن، تنجي معنيٰ هيٺينءَ طرح ڇٽي
سگهجي. جهڙوڪ، روشنيءَ کي آتم گيان جي روشني
سمجهڻ کپي ۽ نه ڏينهن يا باهه يا جوت وغيره. اونداهي،
رات يا دکشرائڻ وغيره جي معنيٰ اَگيانتا سمجهڻ کپي.
آتم گيان جي روشنيءَ سان ئي اِنسان ست ۽ اَست کي
سمجهي سگهي ٿو ۽ اَگيانتا جي اونده ڪري اِنسان
اَجاين بندن ۾ ڦاسي ٿو ۽ آنند کي پراپت نٿو ٿئي.
گيانوانن جي دل ۾ مرڻ گهڙيءَ تائين آتم گيان جي
روشني قائم رهندي، جنهنجي ٻل سان آتما ۾ لين ٿي
وڃنٿا. اَگياني جيو موهه ممت ۽ اَهنڪار سبب آتم گيان
کان محروم رهن ٿا ۽ مرڻ وقت جو سندن ليهر خيال
رهي ٿو، ان موجب جنم مرڻ جي چڪر ۾ ٻڌجي پون
ٿا ۽ آتما ۾ ليننا حاصل ڪري نٿا سگهن.

شلوڪ ٢٦

گيان ۽ اَگيان ٻه حالتون آهن. اِنسان جي
انهن مان هڪ حالت ضرور رهندي.

هي اَرجن! هن دنيا ۾ گيان ۽ اَگيان ٻه مارگ
شروع کان مڃيا وڃن ٿا. هڪ مان موڪش ملي
ٿو ۽ ٻئي مان بندن جي چڪر ۾ ڦاسي ٿو.

* * * *

(٢٣) هي اَرجن! هاڻي مان توکي ٻڌايان ٿو ته يوگي ڪڏهين ته سرير ڇڏي، جنهن بعد موکش پائي وري نٿو جمي ۽ ڪهڙين حالتن هيٺ وري جنم ٺيس ٿو.

(٢٤) جي برهم گياني آهن سي اَگني، جوت، ڏينهن، سائو پکش يعني مهني جي ٻهرين پندرهن تاريخن ۾، اُترائڻ جا ڇهه مهنا جنهن سمي سورج اُتر ۾ رهيٿو، تنهن سمي سرير تياڳي برهم ۾ لين ٿي وڃنٿا.

شلوڪ ٢٥

بندن ۾ ڦاسڻ واريون حالتون.

جي يوگي دونهين، رات، ڪرشن پکش يعني اونداهين ۾ يا دکشرائڻ جي ڇهن مهنن ۾ سرير ڇڏين ٿا، سي چنڊ جي جوت کي پراپت ڪري وري جمڻ مرڻ جي ڦيري ۾ اَچن ٿا.

*　　*　　*　　*

شلوڪ ٢٣-٢٤-٢٥ ۾ موکش ۽ بندن جون حالتون ڄيون ويون آهن. جي اهو سمورو سچ آهي ۽ موکش ۽ بندن قدرت يعني پرڪرتيءَ جي انهن نيمن تي ٻڌل آهي ته باقي اِنسان جهد جفائون ۽ اَڀياس وغيره جون محنتون ڇو ڪري؟ ڪئين اَگياني اُترائڻ، چانڊوڪين وغيره ۾ سرير ڇڏيندا آهن، تنهنڪري ڪو موکش کي پراپت ڪونه ٿيندا ۽ نه ته گياني، جي اونداهين ۽ دکشرائڻ ۾ سرير ڇڏين ٿا سي ڪي موکش رهت ٿيا. اَگر اهو سچ

پرم پد پائين ٿا.

* * * *

جڏهن انسان ڇهين طرح گيان پراپت ڪريٿو، تڏهن ڪيس اپياس، شيوا، دان، وغيره ڪرم تج لڳن ٿا. ڇڱا ڪرم اسٿولتا سان لاڳو آهن. يوگي جڏهين سوکيمتا حاصل ڪري پاڻ سڃاڻن (علم خود شناسي) ٿا، تڏهين آتما ۾ لين ٿي وڃن ٿا.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان "برهم يوگ" (طريقت) جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو اٺون اڌياءُ پورو ٿيو.

اٺين اڌياءَ جي سمالوچنا. (سمجهاڻي)

آڏي يگيه يعني نام روپ رهت آتما جي بل ڪري ساري سرشٽي اسٿت ٿيل پاسرڻ ۾ اچيٿي. اها آتما هر وقت ۽ هر جاءِ هڪ جهڙي، سيم قائم، ڪڏهن به ڪنهن ڦير گهير ۾ نٿي اچي ۽ نه آساني سان آتما تائين پهچي سگهي ٿي. جو ڪجهه اسين ڪريون، واڻي ۽ بڌيءَ سان سمجهي سگهون ٿا، سو سڀ ترگني مايا کان پيدا ٿيل آهي، جنهنڪري سڀ ناسونت آهي ۽ ڦير گهير ۾ اچيٿو.

آڏي يگيه واري پدوي يعني نج آتما گيان وارو درجو سڀ کان اوچو ۽ اُتم آهي، جنهنجي چاڻ انيڪي آهي، جنهنکي صوفي علم اشراق چونٿا. اُنهيءَ آتم گيان

پڙهندڙ هن شلوڪ مان چنيءَ طرح سمجهي سگهندا ته ڏينهن، روشني، پکش وغيره ظاهري زماني سان تعلق نٿو رکي، پر جيو جي گيان اگيان وارين ٻن حالتن ڏانهن اشارو آهي جن مان هڪ نه ٻي حالت انسان جي رهيٺي. گيانيءَ جي دل روشن، ڏينهن سمان رهيٺي ۽ اگيانيءَ جي دل اونداهيءَ رات مثل آهي. گيان واريءَ حالت ۾ انسان موکش حاصل ڪريٿو ۽ اگيان واريءَ حالت ۾ بندن ۾ ڦاسي ٿو.

شلوڪ ٢٧

يوگي ٻنهي حالتن کان واقف رهيٿو.

يوگي انهن ٻنهي مارگن کي ڄاڻي ٿو تنهنڪري غلطي نٿو ڪري. هي ارجن! تون سدائين يوگ ۾ مشغول رهه.

* * * *

جنهن دل جي اِستثنيءَ ڪري موکش ملي ٿو، تنهن کي يوگ چئجي ٿو.

شلوڪ ٢٨

ڪرم ڦل جي اِڇا کان آزاد ٿي يوگ ۾ تتپر رهي آتما ۾ لين ٿيڻ واجب آهي.

شاسترن جي پڙهڻ، يگيه، تپ ۽ دان ڪرڻ جو جيڪو ڦل يعني نتيجو مقرر ڪيو آهي، تنهنکي يوگي (گيانوان) ناسونت ڄاڻي آتما ۾ لين ٿي

نقشو آڏياءَ نائون

نمبر آڏياءَ	نمبر شلوڪ	نالو آڏياءَ	صوفيائي سمجهاڻي: منزل	صوفيائي سمجهاڻي: بيان
۹	۳۴	راج يوگ - راج وِديا يعني سيڌي وديائن جو راجا - يعني سهج يوگ	معرفت (ارفان) يعني گيان - پروڙ - ڄاڻ	ذات حق جو اثبات ڪرڻ يعني آتما جي سڃاڻ

تاتپرج آڏياءَ جو

خدا خالص هستي (آتما) آهي سا پيدا ۽ نه پيدا - جُزُ ۽ ڪُل کان اوچي، نياري ۽ پورن آنند آهي.

مختصر سمجهاڻي آڏياءَ جي

(باطني معنيٰ)

گائتري منتر (اسم اعظم) جي ڌارڻا (هدايت موجب ابياس ڪرڻ) انهيءَ خاص (پاڪ) حد تي پهچائي ٿي، جا جز ۽ ڪل، پيدا ۽ نه پيدا جي ڇهني منزلن کان مٿي علمي ترگُڻيءَ (ستي - رجي - تمي) کان مٿي، فنا بقا جي حدن کان نياري ۽ نام روپ کان رهت آهي. هيءَ حد پورن گيان ۽ پورن آنند جي آهي (معرفت). هن حد تي پهچڻ بعد پٺتي موٽڻ نٿو ٿئي.

حاصل ڪرڻ لاءِ تيز فهميءَ جي ڏاڍي ضرورت آهي. اَنيؤ گهٽي اڀياس ڪرڻ سان ڪلي ٿو. ترڪٽي ڏيان ۽ آتم ڏيان ٻه جدا ڳالهيون آهن ۽ اُنهن ٻنهي جا طريقا ۽ محنتون پڻ ٻيون ٻيون آهن. اَسان جيون لاءِ تمام ضروري آهي ته ٻنهي طريقن مان چڱيءَ طرح واقف ٿي اڏي ڀڳيه يعني برهم يوڳ (علم اِشراق) جا ماهر ٿجي آتما ۾ سدائين مڳو رهون، جي انهيءَ کان محروم رهن ٿا، سي ترڳٽي مايا ۾ ڦاسي جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي وڃن ٿا.

دل لاءِ حاصل ڪرڻ آسان آهي. گيان پراپت ٻين وديائن کان گهڻو سولو آهي، جي ريت ۽ رهت حاصل ڪري اُن موجب ابياس ڪجي. اهو پراپت ڪرڻ، سواءِ پورن ستگوروءَ جي ناممڪن آهي.

شلوڪ ٣

گيان حاصل ڪرڻ کانسواءِ آتما
۾ لين ٿيڻ مشڪل آهي.

هي ارجن! جيڪي آتم گيان جا ڪانڪي نه آهن، سي مونکي پراپت نه ڪري سگهندا ۽ موٽي مرت لوڪ جي مارگ ۾ اچن ٿا يعني جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسن ٿا.

* * * *

جي لوڪ آتم گيان (علم ذات) پراپت نٿا ڪن سي موڪش پائي نٿا سگهن، تنهنڪري شڪن گمانن ۾ جڪڙيل رهي بيچينيءَ ۾ ڦاٿا رهندا.

آگر اثبات ڪر جانو- نه هرگز تم گدا هوگا؛
يقين ڪرنا گدا گرهين- وليڪن خود خدا هوگا.

١- فنا ڪي بات باطل هئه- اگر پوڇوهمن سُون ري؛
بقا با الله هميشه تون- خدا تانا فنا هوگا.

٢- نهين ديدار ڪوئي دو جهان- نه جاءِ ديکن ڪي؛
نظر ڪي جاءِ تمهاري هئه- ٻين نا خود لقا هوگا.

٣- زمين پر ڪيا فلڪ پر ڪيا- ڪيا پر عرش ڪرسي پر؛
درُون بيرُون هم اندر هئه- ڪِ ڪلي جا ٻجا هرگا.

اَڌياءُ نائون - شلوڪ ٣٤

راج يوگ

شلوڪ ١-٢

آتم گيان جو بيان.

(١) شري ڪرشن ڀڳوان چيو:-

منهنجو سياءُ ديالو آهي ۽ تون بلڪل شرڌاوان آهين، تنهنڪري مان توکي هاڻي ڳجهو گيان، وگيان سميت ٻڌايان ٿو، جنهن جي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ سان تون سنسار جي ٻنڌنن ۽ ڏکن کان آزاد يعني مڪت ٿيندين.

(٢) هيءُ علم يعني وديا سڀني وديائن ۾ سريشٽ، تمام ڳجهي، سوکيم ۽ اُتم آهي. انهيءَ جي پرائڻ سان تسلي (عين اليقين) ٿئي ٿي ۽ اهوئي طريقو نيڪ آهي. گيان ناس رهت آهي ۽ سولائيءَ سان ئي پراپت ٿي سگهي ٿو.

* * * *

اُنيءُ جنهنکي صوفي علم اشراق چون ٿا، سو سڀني وديائن جو سرتاج آهي ۽ ڏاڍو سوکيم آهي. گيان ئي اندر جا شڪ گمان ناس ڪري ٿو ۽ انسان کي اوچيءَ پدويءَ تي پهچائي ٿو. پورن وشواس ۽ محنت ڪرڻ سان جيو گيان جلد حاصل ڪري سگهي ٿو، يعني اُبوجهه

شلوڪ ٥

سرشٽي آتما جي ڪري اِستٿت آهي،
پر آتما نربندن ۽ نرليپ آهي.

هي ارجن! تون منهنجي ايشوري مايا ڏس. جيڪي ٻه ڏسڻ پسڻ يا پاسڻ ۾ اچي ٿو سو منهنجي آتما ۾ نه آهي ۽ نه منهنجي آتما، جا سڀني کي پرسڌ (ظاهر) ڪري رهي آهي، سان ڪنهن ۾ بندمان آهي.

*   *   *   *

جيئن ٺيڪ ڪل ڪائنات کي آتما مان هستي ملي ٿي، تنهن هوندي ٻه سرشٽيءَ جي موجودگي آتما کي بندمان نٿي رکي يعني آتما آهي ٻه سڀ ۾، تنهن هوندي ٻه سڀ کان نياري آهي. اها تحقيقات انسان کي تڏهين ٿي ملي، جڏهين محنتون ڪري خوديءَ جو پڙدو پنهنجي اندر مان دور ڪري ٿو. هن سچ جي ڄاڻ عقل ذريعي هٿ ڪرڻ ناممڪن آهي.

”نال دليل نه لڀسين دلبر – عقل نه ٿيسين اوڏانهن رهبر“.
(بيدل)

جڏهين جيوُ ستگوروءَ جي رهبريءَ هيٺ جهد جفائون ڪري ٿو، تڏهين ستگورو ڪرپا ڪري کيس يوگ شڪتي (دويه درشٽي يا چشم باطني) بخشي ٿو، جنهن ذريعي شرڌاوان جگياسو اندر ۾ سڀ لقاءَ (مشاهدا) ڏسي ٿو. محنت ڪندي، ڪن جگياسن ۾ اُمنگ (جذبات) گهڻا پيدا ٿيندا آهن، جن جي زور (اُڇل) تي طالب

۴- هوُ ٱلاول هو الاخر- هو الظاهر هو الباطن؛
اِهان اوئي اُهان اوئي- سچو ڪِهه تم ڪُجا هوگا.

شلوڪ ۴

آتما گپت نموني سڀ ۾ سمائي رهيٺي،
جنهنڪري هر شيءِ پرسد ڀاسي ٿي.

مان گپت نمولي سڀ شيءِ ۾ سمايو رهان ٿو. سڀ شيءِ منهنجي ڪري اِستت رهيٺي ۽ نه مان ڪنهنجي ڪارڻ اِستت آهيان يعني مان سُيبر قائم آهيان.

*　　*　　*　　*

ذاتي نال رليا ٿيا ذات-
ڀُل گئي سڀ صفات،
هر جاءِ ديکان رانجهن وَسُدا-
ڏَسُ دُئي دا ڪوئي نه دَسُدا،
هرڪنهن وائي هر ڪوئي وات.

جو ڪجهه ڏسڻ ۾ پسڻ ۽ ڀاسڻ ۾ اچيٿو، اِسٿول هجي يا سوکيم، چيتن هجي يا جڙ، سڀ آتما جي وياپڪتا ڪري اِستت آهن. جيڪڏهين اُنهن سڀني آتما وياپڪ نه هجي ته ڪي ڪين ڀاسي؛ جهڙيءَ طرح آرسيءَ جي اڳيان ڪجهه نه هوندو ته آرسيءَ ۾ ڪوبه پرتهمب ڏسڻ ۾ نه ايندو. صوفي آتما کي معڪوس ۽ سرشٽيءَ کي عڪس چوندا آهن. آتما سيم قائم آهي پر اَهنڪار جي هجڻ ڪري گپت رهيٺي، جنهنکي گياني گولي ظاهر ڪنٿا. صوفي انهيءَ کي "اثبات" چون ٿا.

دلپت ارڌ نہ ارد نهين نيري نهين دور-
اُهما آپ سو سدا حضور.

جهڙيءَ طرح هوا لڳندي بہ پولار (آڪاس) کي نٿي ڇهي يعني پولار سدائين نيارو رهي ٿو، تهڙيءَ طرح ساري سرشٽي آتما ۾ استٿت رهي ٿي ۽ آتما کي ڪڏهين بہ نٿي ڇهي (آتما سدائين نرليپ رهي ٿي). آتما ۽ اَناتما جي ميلاپ جو هيءُ پورو پورو مثال آهي. ٻيءَ طرح چاڪاڻ تہ آتم گيان هڪ اَندر جي اَنڀوءَ جي ڳالهہ آهي، تنهنڪري انهيءَ جو پيو ڪو بهتر مثال ڏيڻ ڏکيو آهي.

شلوڪ ٧

سرشٽي پيدا ۽ لئہ
پرڪرتيءَ کان ٿئي ٿي.

هي اَرجن! جو ڪجهہ ڏسين پسين ٿو سو ڪنهن
سمي منهنجي پرڪرتيءَ ۾ لئہ (سمائجي) ٿي
وڃي ٿو ۽ وري ڪنهن سمي مان اُپي سيني
کي پرگهٽ ۽ ظاهر ڪريان ٿو.

* * * *

سرشٽيءَ ۾ وقت بہ وقت قدرت عجيب وَ غريب ڳالهيون پيدا ڪري وري سمي پائي پنهنجي اَکنڊ پنڊار ۾ ڇپائي ڇڏي ٿي.

جاڻو ٿـي تون جاڻ پنهنجو پاڻ- پنهل آهي پاڻ ۾،
سندرو بـڌي سڪ جو- سالڪ ٿـي تون سڃاڻ،
ڪڍ تون ڪت قلب مان- ڪوهيارل جـي ڪاڻ،
ڏوري ڏس ڏسـڻ کـي- ڏاڍو وجـهـي ڏاڻ،

کي جو کي ڏسي ڀسي ٻـا اَنيئي ڪري سگهن ٿـا. انهيءَ ڪي آتما جي هستيءَ واري حالت ڇُٽجي ٿي جنهنکي صوفي جلالي صورت چونٿا.

جگياسو (طالب) ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا جلالي ۽ ٻيا جمالي. جلالي اهي آهن جـي مشاهدو ماڻيندي جذبات ۾ اَچي وڃنٿا، جنجو مٿي ذڪر ڪيل آهي. جمالي اهي آهن جي مشاهدو ماڻيندي ٻه گنڀير رهن ٿا ۽ آتم شڪتي ڀاڻ ۾ هضم (جذب) ڪندا وڃن ٿا. اَهڙن ڪي سالڪ ڇُٽجي ٿو. جڏهين جگياسو محنت بعد انهيءَ حد کي پهچي ٿو ۽ ڪيس وقت ٻه وقت عجيب وَ غريب لقاءَ (مشاهدا) اَنيئي ٿيندا رهنٿا، تڏهين ڪيس آتما جي خاطري ملندي رهيٿي يعني آتما جي هستي محسوس ڪري ٿـو ۽ ڀاڻڪي ڪجهہ نٿو ڄاڻي. انهيءَ گيان کي ويدانتي اَڌياتم وديا ۽ صوفي علم خود شناسي يعني حق-ال-يقين چون ٿا، جنهن وسيلي ٻمب ۽ پرتبمب (عڪس ۽ معڪوس) ظاهر ۽ باطن (اسٿول ۽ سوکيم ڳالهيون) چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ٿا.

شلوڪ ٦

آتما جي نياري هجڻ جي ساک.

جهڙيءَ طرح هوا چوطرفي زور سان لڳندي ٻه سدائين پولار (آڪاس) ۾ رهيٿي، تهڙيءَ طرح جيڪي ٻه آهي سو سڀ مون ۾ نسچيہ ڄاڻ.

* * * *

ظاهـــر ديک نظارا سڀ کي-

ليڪن سڀ سي نـــيـــارا،

شلوڪ ١٠

دنيا ۾ ڦير گهير قدرت جي
نيم موجب ٿئي ٿي.

هي اَرجن! پرڪرتي ساري جڳت (جڙ ۽ چيتن) کي منهنجي سهاري پيدا ڪري ٿي، انهيءَ ڪري ڦير گهير ۾ ايندي ويندي رهي ٿي.

*   *   *   *

سڀ جڙ ۽ چيتن شيون جي پيدا ٿي ناس ٿي وڃن ٿيون، سي سڀ قدرت جي نيم سان بدل آهن ۽ قدرت آتما جي سهاري اسٿت آهي.

شلوڪ ١١-١٢

اَگياني ۽ ڪرمي جيو
آتما کي نٿا مڃين.

(١١) مان سڀني جو مالڪ آهيان ۽ سڀني ۾ وياپي رهيو آهيان. اَهڙيءَ منهنجيءَ شڪتيءَ کي نه ڄاڻي، اَگياني جيوَ مرڻي ديهه ڌاري سمجهي مون ۾ شرڌا نٿا رکن.

(١٢) اَهڙا اَگياني جيوَ جي ڪوڙين آشائن ۾ ڦاٿل آهن، مورک ۽ ڪرمي آهن ۽ نفساني خيالن ۾ جڪڙيل آهن، سي راڪشي ۽ دئيتن واريءَ موهت ڪندڙ پرڪرتيءَ جو ئي آسرو وٺن ٿا.

*   *   *   *

جسم اِنساني روحانيت جي آرسي آهي- پر جڏهن جون اَکيون اَهنڪار ۽ اَگيانتا روُپي پردي سان ڍڪجي

آلــاــه بــخــش آلــاــه كــي - اُثــبــات ۾ آڻ.

شلوڪ ٨

آتما پنهنجيءَ قدرت معرفت سڀ
ڪم ڪندي به نياري رهي ٿـي.

مان پنهنجيءَ پرڪرتيءَ جو مالڪ يعني حاڪم بڻجي، پرڪرتيءَ يعني قدرت جي معرفت ساري جڳت (دنيا - ڪائنات) کي وري وري پرگهٽ ڪريانٿو.

* * * *

اَستولتا ۽ سوڪيمتا جو چڪر سدائين چالو رهيٿو. اها اَصلي نيت آهي يعني قدرتي قانون آهي. آتما قدرت (پرڪرتيءَ) کان سڀ ڪم ڪرائيندي به پاڻ نرليپ (نربندن) رهيٿي.

شلوڪ ٩

آتـمـا سدائـيـن نربندن ۽
نرليپ (ڪارڻ رهت) آهـي.

هي آرجن! چاڪاڻ تہ مان نربندن ۽ نرليپ رهان ٿـو، تنهنڪري مان ڪنهن بہ ڪرم ۾ (ڪرم جي ڦل ۾) نٿو بڌجان ۽ سدائين آزاد رهان ٿو.

* * * *

آتما سدائين آزاد آهي ۽ ڪنهن بہ ڪرم جو ڪارڻ يعني ڪندڙ نٿي بڻجي. آتـمـا سدائين نياري آهي ۽ هيءُ سڄو جڳت پرڪرتيءَ جي هٿن جي ساک ڏئي ٿو.

ھن شلوڪ ۾ اُنھن طالبن صادقن جو بيان آھي جي خيالي ۽ دماغي محنتن وارا آھن. جن سچ جاڻي خودي وڃائي ھڪ پروڙيو آھي، اُنھن کي سڀ ۾ سو ڏسڻ ۾ اچيٿو ۽ خود پاڻکي بہ سو ۾ گم ڪري سوئي ٻڻيو رھيٿو.

ھر شيء دي وچ تون ھي وسندا-
اپنا آپ ڇپايا ڪيون،
اندر باھر تون ھي وسندا-
ٻنورا لوڪ ڀلايہ ڪيون،
لنو لنو دي وچ دم جھم رھيا-
الٽا ٻرھہ ڀڃايہ ڪيون،
پاپ پن تون آپ ڪريندا-
دوزخ بھشت بڻايہ ڪيون،
دلپت دم جدا نھين توڪان-
وصل وڇوڙو آکيہ ڪيون.
(سائين دلپترام صوفي)

شلوڪ ١٦

آتما سرو وياپڪ آھي.

مان ڪرتويہ (ڪرم) آھيان؛ يگيہ مان آھيان؛ پترن لاء پنڊ مان آھيان؛ ٻوٽيون مان آھيان؛ منتر مان آھيان؛ ھون لاء گيھہ مان آھيان؛ اگني مان آھيان ۽ آھوتي بہ مان ئي آھيان.

* * * *

”عشق جو ڏس اسرار- سڀ صورت ۾ يار سمايو،
يار يگانو ڪاڻ ظھوري- سوين ڪري سينگار،
پاڻ پرين ڪثرت ۾ آيو.“

ويٺا آهن ۽ سمجهن ٿا ته نفساني خواهشون ئي پوريون ڪرڻ زندگيءَ جو مقصد آهي ۽ انهيءَ مونجهاري ۾ ئي مبتلا آهن، سي آتم ساکياتڪار ڪيئن ڪري سگهندا؟ اهڙا منش آتم آنند کان محروم رهن ٿا.

شلوڪ ١٣-١٤

ڀڳت جن آتما کي مڃين ٿا
۽ انهي اُپاسنا ڪن ٿــا.

(١٣) هي ارجن! جي ڀڳت جن ستي گڻ وارا آهن، سي مونکي سڀ جو پيدا ڪندڙ ۽ اَبناسي ڄاڻي مونکي ڌيائين ٿا.

(١٤) شرڌاوان جڳياسو (صادق طالب) منهنجي وڏائي ڳائين ٿا ۽ سچي دل يعني پريم سان منهنجي ڀڳتي ڪنتا ۽ سدائين مون ۾ محو رهنتا.

* * * *

مٿي انهن جڳياسن ڏانهن اشارو آهي جي قدرت (پرڪرتيءَ) کي ناسونت (فنا) ڄاڻي فقط آتما (ذات حق) ۾ ڌيان رکن ٿا ۽ آتما کي ئي سڀ ڪجهه ڄاڻن ٿا.

شلوڪ ١٥

گيانوان سڀ ۾ سو پسي ٿو.

ڪي جڳياسو پنهنجيءَ بدّيءَ دواران (خيالي محنت) منهنجي آتما کي سرووياپڪ نسچيه ڪري سڀ ۾ مون هڪ کي ڏسن پسن ٿا ۽ هيڪڙائيءَ واري نگاهه رکي مونکي ئي ڌيائين ٿا.

* * * *

شلوڪ ١٩

هي ارجن! سورج ۾ گرمي مان آهيان؛ برسات مان آهيان؛ انسان ۾ جان مان آهيان؛ امرت ۽ زهر مان آهيان؛ ست ۽ اَست بہ مان آهيان.

*　*　*　*

ست، آتما (ذات حق) آهي ۽ اَست، پرڪرتي ۽ انجا سڀ پدارٿ آهن. آتما جي سَتا هر هڪ ۾ قائم آهي، جنهنڪري سرشٽيءَ ۾ هر ڪا شيءِ هستي (وجود) پائي اَسٿت (قائم) رهي ٿي ۽ جڏهين آتمڪ سَتا آتما ۾ لين ٿي وڃي ٿي، تڏهين اهو وجود ناس (فنا) ٿي وڃي ٿو.

شلوڪ ٢٠

ڪرمي سرڳ جا سک ماڻين ٿا.

جي ٽيئي ويد ڄاڻي، سوم رس پي، پاپ رهت ٿي سرڳ آدڪ جي سکن جي آشا رکي سمرڻ ڪن ٿا تنکي مان سرڳ لوڪ بخشي گهڻا سک ۽ آرام ڏيان ٿو.

شلوڪ ٢١

ڪرمن جي ڦل پوري ٿيڻ بعد جيو
وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچن ٿا.

جڏهين اهي پنهنجن چڱن ڪرمن جو سمورن سک سان ماڻي پورو ڪن ٿا، تڏهين وري مرت لوڪ ۾ اچن ٿا. انهيءَ طرح ڪامنا رکندڙ ۽ ويدن انوسار رهڻي رکندڙ جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچن ٿا.

*　*　*　*

ويدن ۾ جنهن يگيه جي هدايت ڪيل آهي، تنهنڪي ڪرتويه (ڪرم) چئجي ٿو، ڏ. ت. اهو يگيه جو عام طرح سمجهو ويندو آهي؛ جهڙوڪ باهه ٻاري منترن وغيره سان سامگريءَ جي آهوتي ڏيڻ، جنهن ذريعي دنيوي سک سهڌيج پراپت ٿي سگهن ٿا. گيانوان دنيوي پدارٿن کي مٿيا سمجهي ۽ پرڪرتيءَ جي پيدائش ڄاڻي آندر ۾ خيال ذريعي نسچيه ڪندا؛ يعني پنهنجي اَهم ڀاوَ (خودي - اَهنڪار) کي آتم گيان جي اَگنيءَ ۾ جلائي ڇڏين ٿا، جنهن بعد آتم آنند حاصل ڪندا، جو اَبناسي آهي. هنئي يگيه برهم يگيه کي چئجي ٿو.

شلوڪ ١٧-١٨

آتما جي استتي.

(١٧) مان هن سرشٽيءَ جو مالڪ، پتا، ماتا آهيان؛ ڦل ڏيڻ وارو به مان آهيان؛ سڀني جو پوڄنيه مان آهيان؛ اونڪار، رگ ويد، سام ويد ۽ يجر ويد به مان آهيان.

(١٨) مان جيون جو منزل مقصود آهيان؛ سڀني جو نگهبان مان آهيان؛ سڀني جو ساکي ۽ استتي ڏيندڙ مان آهيان؛ سڀني جو اَجهو ۽ آسرو به مان آهيان؛ سڀني جي پرلئه ڪندڙ به مان آهيان؛ مان سڀني جو اَبناسي ٻج آهيان.

* * * *

ساريءَ سرشٽيءَ جو نام ۽ روپ ناسونت آهي پر آتما جنهنجي ڪري هر شيءِ هستي پائي استت آهي، سا ناس رهت دائما سدائين قائم آهي.

منهنجيءَ هستيءَ کي نٿا ڄاڻن، جنهنڪري
وري وري مرت لوڪ ۾ اچن ٿا.

* * * *

آتما سدائين نرليپ ۽ نياري آهي، يگيہ ۽ تپ وغيره سڀ سندس پرڪرتي آهي. ديوتائن جا پوڄيندڙ انهيءَ ڄاڻ کان اڻڄاڻ رهن ٿا، تنهنڪري آتم آنند کان بي نصيب رهن ٿا.

شلوڪ ٢٥

اِنسان جنهنجو ڌيان ڪري ٿو،
تنهنکي اُهي پراپت ڪري ٿو.

ديوتائن جا پوڄيندڙ ديوتائن کي پراپت ڪندا. پترن کي پوڄيندڙ پتر لوڪ ۾ وڃن ٿا. ڀوتن پريتن جا پوڄاري ڀوتن کي پراپت ڪندا ۽ منهنجو سمرڻ ڪندڙ شرڌالو مونکي پراپت ڪندا.

* * * *

ديوتائن جا پوڄيندڙ اهي آهن جي پنهنجيءَ مند ٻڌيءَ انوسار اَست شين کي ست ڄاڻي، انهن جي حاصلات ۾ پنهنجو سک ڄاڻن ٿا؛ جنهنڪري انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشٽ به سهن ٿا. اهو نٿا ڄاڻن ته سڀ شيءِ کي هستي انهيءَ مالڪ جي آهي، جنهنکي پراپت ڪرڻ سان اُهڙي ڪابه شيءِ ڪانه آهي جا وس ۾ نه رهي. جي ست اَست کي ڄاڻڻ گهرن ٿا، سي منهنجو (آتما - ذات) سمرڻ (ذڪر) ڪندا ۽ سڀ منهنجي ڪارڻ ڪندا.

جي منش اميد ۽ خوف اندر ۾ رکن ٿا ۽ پرلوڪ جو سک چاهيندڙ آهن، جنهنڪري ئي ڌرم مرجب ڪرم ڪن ٿا، سي پنهنجون من مرادون حاصل ڪن ٿا. اهڙا جيو آتم گيان (علم ذات) جو قدر نه ڪري آتما ۾ لين ٿيڻ واري پرم آنند کان محروم رهن ٿا ۽ بقا جي موج نٿا ماڻين.

شلوڪ ٢٢-٢٣

چڱن ڪرمن جو ڦل ضرور ملي ٿو.

(٢٢) جي منش دل لڳائي مونکي ڌيائين ٿا ۽ هميشه مون ۾ محو رهن ٿا، تنکي مان سڀ ڪجهه ڏيان ٿو ۽ سندن هرڪا سنڀال لهان ٿو.

(٢٣) پر جي منش مون کانسواءِ ٻين ديوتائن ۾ شرڌا رکي سمرڻ ڪن ٿا، هي ارجن! اهي به جڻ اڻ سڌيءَ طرح منهنجوئي سمرڻ ڪن ٿا.

* * * *

جيتوڻيڪ ديوتائن جي پوڄيندڙن کي خبر نه آهي ته آتما ڇا آهي ۽ ديوتائون ڪير آهن يعني ديوتائن ۾ به مان ئي آهيان، تڏهين به مان سندن شرڌا ناس نٿو ڪريان، تنهنڪري اهڙن منشن کي به منهنجا شرڌالو ڪري سمجهه.

شلوڪ ٢٤

اگياني پرڪرتيءَ جي چڪر ۾ رهن ٿا.

مان سڀني يڳن جي ڀڳتي قبول ڪرڻ وارو آهيان ۽ پوڄڻ يوڳيه آهيان، پر اگياني منش

يعني پرڪرتيءَ کان ٿيندڙ جاڻ. اهڙيءَ طرح پنهنجو اهم پاڻ دور ڪندو رهه.

ڇڏ خام خوديءَ جا خيال ميان-
تو ۾ لعل اندر گهڙي پال ميان،
١- هن جسم اندر جو اسم سمايو-
ساڻ سرت جي سنڀال ميان.
٢- جنهن لاءِ تون آئين سو ڇو وساريئہ-
ڀــول الستي پـــال ميان.
٣- شاهہ هزاري جو ويڙهي آيو-
کُهہ ڪيڙي جي ڳالهہ ميان.
٤- قطب عشق الله جي ڀاجهون-
ٻيو مڙ يوئـــي ڪال ميان.

شلوڪ ٢٨

آتما ۾ لين ٿيڻ جو طريقو آهي
ڪرم ٻنڌن کـــان آزاد ٿيڻ.

اهڙي نموني تون ڪرم ٻنڌن، جنهنجو نتيجو ڀلو يا ٻرو هجي، تنهنکان ڇٽي ويندين ۽ آتم اڀياس ۾ تتپر رهي موکش پائي مون ۾ لين ٿي ويندين.

* * *

جڏهين جڳياسو قدرت يعني پرڪرتيءَ کي سيني ڪرمن جو ڪندڙ ڄاڻي ٿو، تڏهين ڪيس ڪي بہ ڪرم ٻنڌن ۾ نٿا ٻڌن يعني جڳياسوءَ کي قدرت طرفان جيڪي ٻڌجي اچي، تنهنکي سهج سڀاءِ (اهنڪار رهت)

شلوڪ ٢٦

آتم اُپياسيءَ جي توري ڪيل
محنت ڀ اَجائي نٿي وڃي.

شردا ڀاوَ سان جو ڪجھ مونکي اَرپي ٿو (پتو-
گل - ميوو - پاڻي)، تنهنجي اها شردا سان اَرپڻ
ڪيل شيءِ مان خوشيءَ سان اَنگيڪار ڪريان ٿو.

* * * *

سائينءَ وٽ پريم ۽ شردا سان ڏنل پيتا قبول پوي
ٿي، چاهي ڪهڙي ڀ ڇو هجي. انهيءَ جو ڀاؤ اهو آهي
ت آتم پرائڻ ۾ ڪنهن ڀ اَڊمبر ۽ چترائيءَ جي ضرورت
ڪان آهي؛ فقط دل جي سچائيءَ جي سخت ضرورت
آهي، جنهنڪري توريءَ محنت ڪرڻ سان وڃي منزل
مقصود ڪي رسبو. سائينءَ وٽ ڪنهن ڀ شيءِ جي
ڪمي ڪان آهي. ڪيس فقط سچائي ۽ شردا وڻندڙ آهي.

شلوڪ ٢٧

اهنڪار (خودي) دور ڪرڻ کپي.

هي ارجن! تون جو ڪجھ ڪرين ٿو، جو ڪجھ
کائين ٿو، جو ڪجھ دان ۾ ڏين ٿو ۽ جو اپياس
۽ يگيہ وغيره ڪرين ٿو، سو سڀ مونکي ارپڻ
ڪر.

* * * *

جيڪي ڀ ڪرم توکان بي خبريءَ ۾ اوچتا ٿي وڃن
ت تون انهن جو پاڻکي ڪندڙ ن سمجھ، پر قدرت

(آتما) جي تلاش ۾ آهي ۽ سڪرمي ٻڌڻ جي اَندر ۾ اون اَٿس. اَگر صحبت يا ٻين ڪن حالتن سبب، ٿوري وقت لاءِ جي ڪرم سندس بگڙيل آهن ته پرواهه نه آهي. حق جي تلاش جي اون ڪيس ڪڏهين نه ڪڏهين سڌي رستي تي آڻي ڇڏيندي. اُلڪ جي اون اَندر ۾ ضروري آهي.

شلوڪ ٣١

صرف آتما جو ويچار ڪرڻ منش کي
شڌ ٻڌائي ٿو. پرمارٿ جي طرف
ٿورو به پرشارٿ اَجايو نٿو وڃي.

اَهڙو پرش سنت ٿي سڪرمي ٻڌي پوي ٿو ۽ سدائين آنند ۾ رهيٿو. هي اَرجن! مان توکي پڪ سان ٿو ٻڌايان ته مونکي ڏ يائيندڙ منش ڪڏهين به ناس ٿيڻ وارو نه آهي.

* * * *

پرمارٿ طرف پرشارٿ ڪرڻ سان جيوُ سڪرمي ٻڌي سگهي ٿو. اَندر جا گمان ناس ٿي وڃن ٿا ۽ من کي شانتي ملي ٿي.

شلوڪ ٣٢

آتم گيان پرائڻ جو سڀني کي حق آهي.

هي اَرجن! جيڪي منهنجي اوٽ وٺن ٿا، پوءِ چاهي اهي نيچ هجن، زالون، وئشيه يا شودر هجن، ته به اُتم پد کي پهچن ٿا.

* * * *

ڪندو تہ ڪيس ڪو بہ پاپ يا پنج نہ لڳندو. ھن سڄي اڌ ياءَ ۾ اھڙي نموني رھڻي رکڻ جون ھدايتون ڪيل آھن.

شلوڪ ٢٩

آتما گڻ اوگڻ کان نياري آھي، تنھنڪري
جو منش اھنڪار رھت ٿي ڪرم
ٻنڌن کان آزاد ٿئي ٿو، سو آتما ۾
لين ٿي وڃي ٿو.

مان سڀني ۾ ھڪ جھڙو رھان ٿو ۽ ڪنھن سان بہ پيار ۽ نفرت نٿو ڪريان. جو مونکي سڪ سھت ياد ڪري ٿو، سو مون ۾ لئہ ٿي وڃي ٿو ۽ مان ان ۾ لئہ ٿي وڃان ٿو.

*　　*　　*　　*

اَھڙي نموني جيڪي آتم اَڀياسي (طالب حق) ٿين ٿا، اھي ئي آتم آنند ماڻي سگھن ٿا.

شلوڪ ٣٠

ڪڪرمي بہ سڪرمن ڪرڻ سان
آتــم پراپتــڻ ڪري سگھن ٿــا.

جيڪڏھين ڪو ڪپال ۽ ڪڪرمي منھنجو (آتما - ذات حق) ڌيان (تصور) ڪندو ھجي، تنھن کي بہ سڪرمي سمجھڻ کپي، ڇو تہ ھنجي نِيَت سچي ھوندي آھي.

*　　*　　*　　*

جيڪڏھين ڪو ڪڪرمي آتم گيان جي تلاش ۾ آھي، تنھنکي سڪرمي سمجھڻ لازمي آھي، ڇو تہ حق

پيدا ٿيڻ شروع ٿئي ٿو. آتم گيان جي پراپت ڪرڻ جو هيءُ ئي رستو آهي.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان، ”راڄ يوگ“ جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو ٺائون آڌياءُ پورو ٿيو.

ٺائين آڌياءَ جي سمالوچنا.

(سمجهاڻي)

آتما جنهنکي نه ڪڏهن پيدا ٿيل ۽ نه آڳاٽي چئي سگهبي يعني جا آد جڳاد کان هڪ جهڙي آهي يعني جنهن جو ڪو انت ئي ڪونهي، سا سڀ ۾ هوندي به سڀ کان نياري آهي. ڪرمن جو پيدا ۽ ناس ٿيڻ ۽ سرشٽي جي اسٿتيءَ جو ڪارڻ قدرت يعني پرڪرتي آهي. پرش (آتما) ۽ پرڪرتيءَ جو پاڻ ۾ هڪ عجيب نموني جو ميلاپ آهي جو عقل ذريعي سمجهه کان ٻاهر آهي. جڏهين جيوُ گهڻي اڀياس دواران سوڪيم اهنڪار رهت بڻجي ٿو، تڏهين ڪيس گيان روپي اکيون ملن ٿيون، جنهنجي وسيلي پرش ۽ پرڪرتيءَ جو ناتو سمجهي سگهي ٿو. پرڪرتيءَ جو پرش سان اهڙو ناتو آهي جو پرڪرتي پرش جي سٺا پائي اهڙيءَ طرح اسٿت ٿي آهي، جهڙيءَ طرح چقمق اڳيان لوهي جو ٽڪر؛ لوهه چاهي چقمق سان نه به لڳل آهي تڏهين به ڪشش جي طاقت رکي ٿو. ڪير ٻڌائي سگهندو ته چقمق ۽ لوهي

ڪهڙو به نيچ ۾ نيچ اِنسان هجي، تڏهين به ڪيس نفرت جي نگاهه سان نه ڏسڻ گهرجي، ڇو ته هن ۾ به ساڳي آتما آهي ۽ اهو به پرشارٿ ڪري ساڳيو آتم آنند حاصل ڪري سگهي ٿو، جهڙو اوچ گياني.

شلوڪ ۳۳

آتم آنند سڀني ڪي
پراپت ڪرڻ لازمي آهي.

ته پوءِ گڻوان برهمڻن، ڀڳتن ۽ راج رشين جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! تنهنڪري هي ارجن! هن ناسونت ۽ دکي سنسار ۾ منهنجي ڀڳتي ڪر.

شلوڪ ۳۴

آتم گيان پرائي آتما
۾ لين ٿيڻ گهرجي.

پنهنجو من مون ۾ لڳائي، منهنجي ڀڳتي ڪر ۽ منهنجي پوڄا ڪر؛ مونکي اُي نمسڪار (سجدو) ڪر. اهڙي نموني تون پنهنجي هستي (خودي - اَهنڪار) مون ۾ گم (فنا) ڪر ۽ مون ۾ لين ٿي ءُ.

*   *   *   *

آتما کي پنهنجي دل ۾ ساکيات جاڻڻ سان اَهنڪار جو پردو دور ٿي وڃيٿو، جنهن بعد اَندر ۾ آتم آنند

آتم گيان کانسواءِ سوکيم اَهنڪار رهت ٿيڻ تمام ڪٺن آهي. جيسين خوديءَ جو پردو دور نہ ٿيو آهي، تيسين آتم گيان ۽ آتما ۾ هڪ ٿيڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري سوکيم اَهنڪار کان آزاد ٿيڻ هرهڪ انسان جو پهريون فرض آهي.

جي وچ ۾ ڪهڙي طاقت آهي جا ڇڪي رهي آهي؟

اهڙيءَ طرح پرش ۽ پرڪرتيءَ جو پاڻ ۾ سنبنڌ آهي. اهو ڄاڻڻ ئي آتم گيان (علم ذات) آهي ۽ هر مرد چاهي زال کي اهو گيان پراپت ٿي سگهي ٿو، جو وري ڪڏهين ناس نٿو ٿئي. اهڙو گيان حاصل ڪرڻ هرهڪ انسان جو فرض آهي جنهن بنا آتم آنند ۾ لين ٿيڻ مشڪل آهي.

دنيا ۾ ٽن سڀاون جا انسان ٿين ٿا. ١- ڪڪرمي (تمي گڻي)، ٢- سڪرمي (رجي گڻي) ۽ ٣- گيانوان (ستي گڻي). ڪڪرمي انهن کي چئجي ٿو جي دنيا جي ڀوڳ واشنائن ۾ غلطان رهندا ۽ پاڻ جهڙو ڪنهن کي نٿا ليکين. اهڙي قسم جا ماڻهو اگيانتا ۾ ٻڏا رهندا ۽ اپجس جا ڀاڳي بڻجن ٿا.

سڪرمي انهن کي چئجي ٿو جي پرماتما ۾ ويساهه رکي انهيءَ کي وڏو ڪري مڃين ٿا ۽ پنهنجي اندرين کي وس ۾ رکي پرميشور جو سمرن ڪندا. اهڙيءَ طرح رهڻي رکي اندر ۾ سک ۽ آرام سان حياتي گذارين ٿا. انهيءَ هوندي به سندن ورتي انهيءَ استٿيءَ ۾ سدائين قائم نٿي رهي، جو ڪين اڃا پورن گيان حاصل نه ٿيو آهي.

گيانوان انهن کي چئجي ٿو، جي ست ۽ اَست چڱيءَ طرح پروڙي سگهن ٿا ۽ سرشٽيءَ کي پرڪرتيءَ جو رچيل کيل سمجهن ٿا ۽ اهنڪار کي مٿيا ڀرم ڄاڻن ٿا. اهڙا جيوَ خوف ۽ اميد يعني ڀپ ۽ آسري کان ڇٽل رهن ٿا ۽ آتم گيان ۾ سدائين محو رهن ٿا. اهڙي گيانيءَ جو درجو سڪرميءَ کان به گهڻو مٿي آهي.

اَڌياءُ ڏهون- شلوڪ ٤٢
”وڀوتِي يوگ يعني شڪتي يوگ“
(پرڪرتِيءَ جي ڄاڻ).

شلوڪ ١

آتما جو ورڻن.

شري ڪرشن ڀڳوان چيو:

هي ارجن! تون منهنجن وچنن کي وري ڌيان سان ٻڌ. ڇاڪاڻ ته تون منهنجو پيارو آهين، تنهنڪري تنهنجيءَ ڀلائيءَ لاءِ مان وري توکي سمجهايان ٿو.

* * * *

نوٽ:- ڏهين اَڌياءِ ۾ شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي وري سمجهائي ٿو ته ساري سرشٽي آتما جي جلوي جي ثابتي آهي.

شلوڪ ٢

اسٿول درشٽيءَ وارا هن ڳالهه
کي نه سمجهي سگهندا.

منهنجيءَ مايا کي ديوتائون ۽ مهارشي به نٿا ڄاڻي سگهن، ڇاڪاڻ ته انهن کي به پيدا ڪندڙ يعني هستي (شڪتي) ڏيندڙ مان ئي آهيان.

* * * *

نقشو آڏياءَ ڏهون

صوفياڻي سمجهاڻي		نالو آڏياءَ	نمبر شلوڪ	نمبر آڏياءَ
بيان	منزل			
ديدار جمال يعني خوش نما – ساڻيڪو درشن	معرفت يعني ڄاڻڻ-پروڙڻ-سمجهڻ	وڀوتي گيان	٤٢	١٠

تاتپرج آڏياءَ جو

آتما جو خوش نما يعني ساڻيڪو درشن پنهنجي شانت سڀاءَ (سالڪيءَ) ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو.

مختصر سمجهاڻي آڏياءَ جي

(باطني معني)

جو انسان (گياني) پنهنجي آتم گيان ۽ آنند ۾ مست رهيتو ۽ سندس چت استر ٿي چڪو آهي ۽ ساڻيڪي ورتي يعني صاحب جمال واري حالت هٿ ڪئي اٿس تنهنکي سالڪ (دنيا جي ڪاروبار ڪندي به آتم گيان ۽ آنند ۾ مست رهي) چئجي ٿو. اهڙي جگياسوءَ کي جو نظر ٿو اچي، تنهن ۾ ڪيس آتما ئي آتما نظر ۾ اچي ٿي، جنهنکي هيڪڙائي چئجي ٿي. ساڻيڪي سڀاءَ ۽ خبردار (ساوڌان) چت واري کي سالڪ مجذوب آهي.

ٿين ٿا ۽ الڳ الڳ پاسڻ ۾ اچن ٿا. حقيقت ۾ هر وقت ۽ هر جاءِ اِها آتمائي وياپي رهي آهي. آتما کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي.

شلوڪ ٦

ست مهارشي ۽ چار منو
(سرپرڌاري) آتما جي سنتنا
(ٻل) ڪري پرگهٽ ٿيا آهن.

ست آدي مهارشي ۽ چار منو منهنجون ظاهري شڪتيون آهن، جن مان ئي هي سڀ جيو هن دنيا ۾ پيدا ٿيا آهن.

* * * *

ست آدي مهارشي ۽ چار منو، گائتري منتر (گور منتر - اسم اعظم) ڏانهن اِشارو آهي جنهن ۾ ست پوِتر ڪائون (لطيفا) ۽ چار اوستائون سمايل آهن. گائتري منتر جي ٻل سان سڀني جيون ۾ سياڻ ۽ گڻ پيدا ٿين ٿا جي سمي پائي وري آتما ۾ لين ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهين جگياسو گائتري منتر جو چڱي طرح ابياس ڪري ڏسندو، ته ڪيس مٿيون مطلب چڱيءَ طرح ڄاڻڻ ۾ ايندو.

شلوڪ ٧

جو انسان منهنجي شڪتين کي ڄاڻي
ٿو، سو آتم آنند کي پراپت ٿئي ٿو.

جو منهنجي قدرت کي ۽ قدرت جي شڪتين کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو، سو برابر اُهڙيءَ آنند

مهارشي انهن کي ٿو چئجي جن، ست اُست، مٿيا ۽ مايا کي چڱيءَ طرح ڄاتو آهي. ديوتا اُنهن کي چئجي ٿو جن کي سرشٽيءَ جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ ايشوري شڪتيون سپرد ٿيل آهن ۽ نام روپ سهت آهن. ديوتائون ۽ مهارشي حقيقت ڪري اُن هڪ آتما جون ئي ظاهري صورتون آهن ۽ جو ڪجهه اُنهن کان ٿيندڙ ڏسڻ ۾ اچيٿو، تنهنجو ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ آتما ئي آهي.

شلوڪ ٣

آتم گياني نشپاپ رهيٿو.

مان ڄمڻ ۽ مرڻ کان آزاد ۽ ساريءَ سرشٽيءَ جو مالڪ آهيان. جو اِنسان مونکي اهڙيءَ طرح سمجهي ٿو، سو گناهن کان ڇٽل رهيٿو.

شلوڪ ٤-٥

اِنساني سڀاوَ ۾ آتما جي ڪري
ظاهر ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

(٤) بُڌي، گيان، نرموهپڻو، ڪميا، سچ، اِندرين کي روڪڻ (دم)، من کي وس ڪرڻ (شم)، سک ڏک، جنم مرڻ، ڀؤ ۽ نربڀتا.

(٥) اهنسا، سمانتا، سنتوش، تپ دان، جس اپجس وغيره، اهي جدا جدا اِنسانن جا سڀاوَ مون منجهان ئي پيدا ٿين ٿا ۽ جيون ۾ ورتمان (ظاهر) رهندا.

* * * *

مٿيان سڀ گڻ سڀاويڪ آتما جي سٽتا ڪري پيدا

شلوڪ ٩ ـ ١٠

ٽيون ٻڌيءَ وارا جگياسو دماغي محنت
(غور خوض) سان آتم گيان حاصل ڪندا.

(٩) جو مون ۾ دل ۽ دماغ لڳائي سدائين
منهنجي اُستتي ڪندو رهندو ۽ سدائين منهنجي
وارتا مڪ ۾ آڻس ۽ گهڻي پريم سهت سدائين
منهنجو ڌيان (تصور) رکي ٿو، سو جگياسو سدائين
آنند ۾ رهي ٿو.

(١٠) اهڙي جگياسوءَ کي مان اهو گيان بخشيان
ٿو، جنهن جي وسيلي هو سدائين مون ۾ گم
رهندو يعني مون ۾ سمايو رهندو.

* * * *

جو جگياسو سچائيءَ ۽ سڪ سهت فقط منهنجي وارتا
(اُستتي) ڪندو رهندو ۽ مون ڪانسواءِ ٻي وائي ڪانه ٿو
رکي ۽ سچيءَ دل سان فقط مون کي ئي پائڻ جي اَندر
۾ اُڪير آڻس، تنهنجي دل ۾ اَڳي يا پوءِ آتم گيان پرڪاش
ٿئي ٿو. پريم (عشق) سچيءَ ڀاونا کي ڇڪي ٿو. جڏهين
سچي ڀاونا اَندر ۾ پيدا ٿئي ٿي، تڏهين پنهنجو جيوُ
ڀاؤ (نام ۽ روپ) ڀلي وڃيٿو ۽ سڀ فنا (مٿيا) ڀاسي ٿو.

شلوڪ ١١

آتم گيان اَگيانتا جي
اوندهه کي ناس ڪريٿو.

مان رحم وچان پنهنجيءَ قدرت ۾ استت ٿي
گيان روپي ڏيئي سان اَگيانين جي اَگيانتا روپي

واريءَ حالت کي پائي ٿو، جنهن ۾ وري اُٿل پٿل نٿي اچي.

*　　*　　*　　*

جگياسو (طالب) جڏهين اُنهيءَ حد تي پهچي ٿو ۽ پنهنجي اَندر جي آنند واريءَ خماريءَ ۾ مست رهي ٿو، تڏهين ڪيس اَندر جو آرام ۽ آنند ملي ٿو ۽ ويساهه جي گهر ۾ اَچيٿو، جنهن ڪانپوءِ سندس من ڪڏهين به چلائمان نٿو ٿئي. انهيءَ کي صوفي عين-ال-يقين چوندا. انهيءَ ڪانپوءِ طالب ۾ ڪڏهين به شڪ گمان نٿا پيدا ٿين.

شلوڪ ٨

سچو جگياسو (طالب صادق) آتما
ڪي ئي سڀ جو ڪرتا ڄاڻي ٿو.

جو سياڻو ۽ سچو جگياسو آهي، سو سدائين ائين سمجهي ٿو ته مان (آتما) ئي سڀ جو ڪرتا آهيان ۽ سڀ جيوَ منهنجي صورت آهن ۽ منهنجي سٽتا جي ڪري ئي ظاهري استت پاسن ٿا ۽ سڀ منهنجو ئي ذڪر (ياد) ڪري رهيا آهن.

*　　*　　*　　*

جيڪي به ظاهري ڏسڻ پسڻ ۾ اَچيٿو، سو سڀ قدرت يعني پرڪرتيءَ جو بڻايل آهي ۽ قدرت آتما جو پرتبمب (عڪس) آهي؛ مطلب ته آتما سڀ جو مالڪ آهي. جو جگياسو سچ ڄاڻڻ جو شائق آهي، سو سدائين ويساهه ۽ پريم جو ترهو ٻڌي آتم گيان جي کوج ۾ مشغول رهيٿو.

ساڳيءَ ريت هدايت ڪندا، ته جيئن پنهنجي مرشد کي تحقيق الله (آتما) ڪري نه سمجهيو آهي، تيسين لئنا حاصل مور نه ٿيندي.

شلوڪ ١٤

جي ٻيائيءَ (دُئيءَ) جي گهر ۾ آهن، سي
هيڪڙائيءَ جـــي موج نـه ماڻي سگهندا.
هي ڪرشن! اوهان جيڪي ڪجهه فرمايو ٿا،
سو مان سڀ سچ ڪري مڃان ٿو. هي ڀڳوان!
اوهان جي مهما نڪي ديوتائون ڄاڻي سگهن ٿا،
نڪي دئيت ڄاڻي سگهن ٿا.

* * * *

جيسين اِنسان ٻيائيءَ جي گهر ۾ ٻيٺل آهي يعني مان تون ۾ قائل آهي ۽ هيڪڙائيءَ واري نظر هٿ نه ڪئي اٿس يعني سڀ ۾ سو نٿو ڀسي ۽ خوف ۽ اُميد (ڊپ ۽ آسري) ۾ حياتي بسر ڪري رهيو آهي، تيسين ڪيس آتم ٻوڌ مور نه حاصل ٿي سگهندو.

"ٻيائي ٻولي ڪري - ڀوري ڀرم نـه ڀل،
هوت تنهنجي هنج ۾ - ناحق روهه نه رل،
ڀڄي ڇڏ ڀنيور کي - ڪاهي ڪيچ نه چل،
هي هنگامون هل - دلپت هڪ حبيب جو."

شلوڪ ١٥

گياني آتما کي ڄاڻي سگهن ٿا.

تون ئي شد آتما سڀني ۾ وياپڪ آهين. تون ئي
سڀني کان اُتم ۽ سڀني جو پيدا ڪندڙ ۽ مالڪ

اونده کي ناس ڪريانٿو.

*　*　*　*

آتم گيان جي ڏيئي جي روشنيءَ سان ئي اگيانتا جي اونده ناس ٿئي ٿي، جنهن ڪانپوءِ اندر ۾ آنند ۽ آرام پيدا ٿئي ٿو.

شلوڪ ١٢-١٣

سڀ رشي منهنجي
هڪ ئي ساک ڏين ٿا.

(١٢-١٣) ارجن ڀڳوان کي چيو:-

ديو رشي، نارد، اسيت، ديوال، وياس ۽ ٻيا سڀ رشي اوهان کي اها آتما ڪري مڃي رهيا آهن، جا سڀني جي جاڳڻ واري، پرم پوتر، آدي، جنم مرڻ رهت ۽ سروَ وياپڪ آهي. اوهان به اهڙي ئي ساک ڏيو ٿا.

*　*　*　*

هتي ارجن (طالب - جگياسو) جيڪي ٻڌو سو خوشيءَ سان انگيڪار ڪريٿو، ته جيڪي شري ڪرشن ڀڳوان (مطلوب - ستگورو - مرشد) وقت به وقت پئي سمجهايو سو تحقيق آهي ۽ دل و جان سان مڃي ساک ڏئي ٿو ته برابر شري ڪرشن، ايشور، سروَ وياپڪ ۽ اجڙ امر آهي، جنهن کي پائڻ لاءِ هڪ ئي سولو رستو شرناگتيءَ جو آهي. انهيءَ حد تي جڏهين جگياسو پهچي ٿو (جنهنکي صوفي حق ال يقين چونٿا) تڏهين آتم ساکياتڪاري تي ارجن وانگر ساک ڏئي ٿو. صوفي به جگياسن کي

نموني اوهان کي ڌيان (تصور) ۾ رکان؟ هي منهنجا سائين تون اُپي مونکي ٻڌاءِ ته تنهنجيءَ ڪهڙيءَ صورت جو ۽ ڪهڙي طريقي مان ڌيان ڪريان، جنهن ڪرڻ سان مان توکي پراپت ڪري سگهان.

* * * *

نوٽ:- هن حد تي ارجن اسٿولتا ۾ بيٺل آهي، جنهن ڪري پنهنجي سواميءَ کان پڇي رهيو آهي ته تنهنجي سرير روپي يعني سرگڻي صورت جو ڌيان (تصور) ڪريان، يا نرگڻي صورت جو ڌيان ڪريان، جا سولائيءَ سان ڌيان ۾ جائگير ٿئي. جنهن ڳالهه ۾ منهنجي بهتري هجي سا ڏس. هيءَ پورن شرناگتيءَ جي ثابتي آهي.

شلوڪ ١٨

ارجن ڪـي سري ڪرشن مهراج جـي
وڏيڪ مهما ٻڌڻ جو چاهه پيدا ٿئيٿو.

هي ڪرشن! اوهان پنهنجي مهما ۽ شڪتين جو وري اظهار ڪري ٻڌايو، ڇو ته اوهان جا وچن امرت روپي وچن آهن ۽ انهن جي ٻڌڻ مان من ڍاپيئي نٿو.

* * * *

آتم گيان بيشڪ امرت آهي، ڇو ته جنهن آتم گيان (علم ذات) حاصل ڪيو آهي، سو اجر امر ٿئجي پوي ٿو.

شلوڪ ١٩

منهنجي قدرت جي مهما اپار آهي.

آهين ۽ تون ئي پنهنجي سروپ کي پنهنجيءَ
شڪتيءَ سان ڄاڻي سگهين ٿو.

* * * *

گياني، جي ٻيائيءَ رهت، سڀ ۾ سو ڏسندڙ ۽
هيڪڙائيءَ رکندڙ آهن، سي ئي آتما کي ڄاڻي سگهن ٿا.

شلوڪ ١٦

ارجن ڀڳوان جي مها
ڄاڻ لاءِ عرض ڪري ٿو.

هاڻي اوهان مهرباني ڪري پنهنجي مها مونکي
ٻڌايو، جنهن جي بدولت اوهان سڀ ۾ سمايا
رهو ٿا.

* * * *

جڏهين طالب اڀياس دواران پورن ويساهه جي گهر
۾ پهچي ٿو، تڏهن ڪيس چاهنا پيدا ٿئي ٿي، ته پنهنجي
ستگوروءَ کي وڏيڪ سوکيمتا جي حالت ۾ ڏسان يعني
سندس سچي هستي ڪهڙي آهي. انهيءَ حد تي
ستگورو سچي جگياسوءَ اڳيان پنهنجو نجو سروپ ظاهر
ڪري ڏيکاري ٿو، جنهن بعد جگياسوءَ کي سوکيمتا لاءِ
اندر ۾ وڌيڪ چاهه پيدا ٿئي ٿو ۽ سوکيمتا واريون
معنتون پنهنجي ستگوروءَ کان حاصل ڪري اڳيرو
وڌندو هلي ٿو.

شلوڪ ١٧

ارجن وڌيڪ سوکيمتا جو سبق وٺي ٿو.

اوهان ته هر شيءِ ۾ وياپڪ آهيو، مان ڪهڙي

۾ چرپر (چيتنتا) مان آهيان.

* * * *

"موسا نون ڪوهطور دي اُتي -
نور دکايا مئنه وو مئنه،
احمد نون احديت والا -
سِرُ سمجھايا مئنه وو مئنه،
سوريءَ تي منصور ڪنون -
پڪر چڙهايا مئنه وو مئنه،
قُبہ اَذني آڪ شمس دا -
پوش لهرايا مئنه وو مئنه،
من خدا عطار دي منهن ڪنو -
آپ الايا مئنه وو مئنه،
بيدل ميڏي ذات ڪيا پڇندي -
ٻول ٻلايا مئنه وو مئنه."

(بيدل سائين)

ٻين ويدن جا نالا ڇڏي هت فقط سام ويد جو نالو انهيءَ ڪري شري ڪرشن ڀڳوان ڇيو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻين ويدن کان هن ويد ۾ عشق جو وڌيڪ بيان ڪيل آهي. شري ڪرشن ڀڳوان جيئن ته عشق جو اوتار هو ۽ پريما ڀڳتي سيکارڻ لاءِ آيو هو تنهنڪري کيس سام ويد وڌيڪ پريءَ ۽ اُتم لڳو، جنهنڪري سام ويد جو اظهار ڪيو اٿس. ٻين ديوتائن کان اِندر ديوتا جو بيان ڪيو اٿس ڇو ته اِندر سدائين ڪامنا وارو (آپ سوارٿي) ٿي رهيو آهي. ڪامنا قدرت جي خاص خاصيت آهي جنهن جي ٻل ڪري ساري سرشٽي چرپر ۾ رهيٿي.

شري ڪرشن ڀڳوان چيو:-
هي اَرجن! منهنجي مهما ۽ شڪتي تہ بي اَنت آهي؛ پر مان توکي ڪي خاص ۽ دويہ شڪتيون ڏيکاريان ٿو.

*　*　*　*

آتما جون شڪتيون قدرت ۾ اَکيچار آهن جنهنجو ڪو اَنت نہ آهي. هرڪا شيء آتما جي سٽتا ڪري استت رهيٺي. هيٺين شلوڪن ۾ ڪن مکيہ شڪتين جو بيان ڪيل آهي.

شلوڪ ٢٠

آتما هر شيء ۾ ڳجهيءَ طرح وياپڪ آهي.

هي اَرجن! مان هر شيء ۾ ڳجهيءَ طرح سمايو پيو آهيان. پراڻين جي هردي ۾ رهان ٿو. سڀني جيون جي آد، وچ ۽ اَنت مان ئي آهيان.

شلوڪ ٢١-٢٢

آتما جي پريوتا جو بيان.

(٢١) مان اَدتين (جن کي ويدن ڀڳوان ڪري مڃيو آهي، جهڙوڪ برهما، وشنو ۽ مهيش وغيره) ۾ وشنو آهيان؛ جوت وارن ۾ تيجوان سورج مان آهيان؛ مرتون ديوتائن ۾ مان مرتڪي ديوتا آهيان ۽ تارن ۾ چندرما مان آهيان.

(٢٢) ويدن ۾ سام ويد مان آهيان؛ ديوتائن ۾ اِندر مان آهيان؛ اِندرين ۾ من مان آهيان؛ جيون

(٢٧) سڀني گھوڙن ۾ اُتم گھوڙو شروا (جو ديوتائن جي سمنڊ ولوڙڻ وقت نڪتو ھو) مان آھيان؛ مھا ٻلوان ھاٿين ۾ اراوت ھاٿي مان آھيان؛ پرشن ۾ بادشاھ مونکي سمجھہ.

(٢٨) ھٿيارن ۾ وَڄر (اِندر جو ھٿيار) مان آھيان؛ ڳاين ۾ ڪامڌين ڳانءِ مان آھيان؛ اولاد پيدا ڪرڻ واري خواھش مان آھيان؛ ۽ سرپن ۾ واسوڪي (ٻلا) مان آھيان؛

(٢٩) نانگن ۾ شيش نانگ مان آھيان؛ جل جي جيون ۾ ورن ديوتا مان آھيان. پِترن ۾ پترن جو راجا اريما مان آھيان؛ سزا ڏيندڙن ۾ يم راجا مان آھيان.

(٣٠) دئيتن ۾ پرھلاد آھيان؛ ناس ڪندڙن ۾ ڪال آھيان؛ جانورن ۾ شينھن آھيان ۽ پکين ۾ گروڙ مان آھيان.

(٣١) پوتر ڪندڙن ۾ ھوا مان آھيان؛ ھٿيار ھلائڻ وارن ۾ شري رامچندر آھيان. مڇين ۾ ماگرمڇ آھيان ۽ وھندڙ ندين ۾ گنگا ندي مان آھيان.

(٣٢) ھي ارجن! مان ساري سرشٽيءَ (جڙ چاھي چيتن) جو اُپائيندڙ، پاليندڙ ۽ ناس ڪندڙ يعني شروعات، وچ ۽ پڇاڙي آھيان. وديائن ۾ اڌياتم وديا (آتم وديا ـ علم خود شناسي ـ برھم وديا) مان آھيان ۽ بحث ڪندڙن ۾ بحث مان آھيان.

(٣٣) اکرن ۾ اَلف مان آھيان؛ سماسن ۾ (ڳنڍيل شبد يا اکر) مان دوند (ميل) آھيان ۽ سمن ۾

اها ڪامنا ئي آهي جا جڏهين انسان جي دل (من) ۾ پيدا ٿئي ٿي، تڏهين اندريون ڪامنا جي پورائيءَ لاءِ چرپر ۾ اچن ٿيون. اگر انسان ۾ دل (من) نه هجي، ته سڀ اندريون نڪميون آهن. اهو ته سڀڪو ڄاڻي ٿو ته من ئي آهي جو سريرن ۾ هلچل پيدا ڪري ٿو ۽ من ئي آهي جو سک يا دک محسوس ڪري ٿو ۽ نه سرير. ڇاڪاڻ ته جي من جي سٽا سرير مان نڪري وڃي يعني مڙدو ٿي پوي، ته سرير کي ڪجهه نه (سردي گرمي - سک دک) ٿو ڀاسي. انهيءَ ڪري سرير کان من کي وڏو مڃيو ويو آهي.

شلوڪ ٢٣ کان ٣٨

آتما جو وڏيڪ ورڻن

(٢٣) ردرن ۾ مان شنڪر آهيان، يڪش ۽ راڪشسن ۾ ڪبير مان آهيان، وسون ۾ اگني مان آهيان؛ پربتن ۾ ميرو پربت مان آهيان؛

(٢٤) هي ارجن! پروهتن ۾ ورهسپت گرو ٿون مونکي ڄاڻ؛ سينا پتين ۾ ڪارتڪ مان آهيان؛ سروورن ۾ ساگر مان آهيان؛

(٢٥) مهارشين ۾ ڀرگو مان آهيان؛ سڀني شبدن ۾ "اوم" مان آهيان؛ يگين ۾ جپ يگيه مان آهيان؛ پهاڙن ۾ هماليه مان آهيان؛

(٢٦) مان وڻن ۾ پپر آهيان، ديورشين ۾ نارد آهيان؛ گندرون ۾ چتررٿ آهيان؛ سڌن ۾ ڪپل مني مان آهيان؛

مونکي هر چيز ۾ نہ ڏسندين (جنّن مٿين شلوڪن ۾ چيل آهي)، تيستين مونکي پراپت ڪري نہ سگهندين.

توکي جيڪڏهين مونکي پراپت ڪرڻو آهي تہ تون منهنجي صورت اختيار ڪر يعني پاڻ کي آتما جاڻ ۽ نام روپ ۾ نہ ڦاس. پنهنجي هستي (اَهنڪار - آپو) گم ڪر، تہ مونکي حاصل ڪري سگهين. شري ڪرشن ڀڳوان ارجن کي ٻڌائي ٿو تہ وڏي ۾ وڏي، ننڍي ۾ ننڍي، اُتم ۾ اُتم ۽ نيچ ۾ نيچ، سڀ ۾ مان يعني آتما وياپي رهي آهي. آتما کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. نام ۽ روپ جو جدا جدا ڀاسي ٿو، سو سڀ ڀرم آهي. جنهن جگياسوءَ جي نگاهہ نام ۽ روپ تان کڄي ويئي آهي ۽ سڀ ۾ سائين ٿو ڀسي، سوئي جگياسو آتم پراپڻ ٻڌجي ٿو سگهي. جڏهين جيوُ اَهڙي اَڀياس ۾ پڪو ٿو ٿئي، تڏهين پنهنجي مٿري کي هٿ ڪرڻ جي لائق ٿو ٿئي؛ يعني سڀ ۾ سو ڀسي ٿو. خود پاڻ کي آتما (مرشد) کان جدا نٿو سمجهي.

شلوڪ ٣٩

آتما ساريءَ سرشٽيءَ جو ناس رهت
ٻج آهـــي ۽ سرو وياپڪ آهـــي.

هي ارجن! ساريءَ سرشٽيءَ جو ٻج مان ئي آهيان. ڪابہ شيءِ جڙ چاهي چيتن ڪانهي جنهن ۾ مان وياپڪ نہ آهيان.

شلوڪ ٤٠

منهنجي قدرت جا اِسرار بي اَنت آهن.

اهو سمون (ڪال- وقت) جنهنکي ڀڃاڙي آهي ٿي ڪاڻ ۽ سڀني کي ڦل ڏيندڙ ايشور مان آهيان ۽ آس پاس مک منهنجا آهن.

(٣٤) سڀني کي مارڻ وارو مرتيو مان آهيان، جيڪي ٿيڻو آهي تنهنجو مول مان آهيان، استرين ۾ سونهن، شڀ لڇڻ، مٺي زبان، بڌي، سمجهه، همت ۽ ڪميا مان آهيان.

(٣٥) سڀني سرن ۾ برهت سر مان آهيان؛ ڇالن ۾ گائتري ڇال مان آهيان؛ مهنن ۾ ناهري ۽ رتين ۾ بسنت رت مان آهيان.

(٣٦) سڀني ڇل ڪپٽن جي کيلن ۾ جوا مان آهيان. تيجسوين ۾ تيج مان آهيان. طاقت وارن ۾ طاقت مان آهيان. اُدم ڪرڻ وارن ۾ اُدم ۽ سوڀ مان آهيان.

(٣٧) وُرشني ڪل ۾ جاول واسديو مان آهيان؛ پانڊون ۾ اَرجن آهيان؛ منين (عارفن) ۾ وياس مان آهيان؛ ۽ ڪوين ۾ شڪرآچاريه (اوشنا) مان آهيان.

(٣٨) بادشاهن جي شاهي لٺ (انصاف جي نشاني) مان آهيان. سوڀ چاهيندڙن جي راجنيتي ۽ ڪوشش مان آهيان. ڳجهن کي قائم رکڻ لاءِ ماٺ مان آهيان ۽ گيانين جو گيان آهيان.

* * * *

شري ڪرشن ڀڳوان (ستگورو- مرشد) اُرجن (شش- طالب) کي سمجهائي ٿو ته جيسين ويساهه (يقين) سان

ڏهين اڌياءَ جي سمالوچنا.

(سمجهاڻي)

ڏهين اَڌياءَ جو سمورو سار ٤٢ شلوڪ ۾ رکيل آهي. ٤٢ شلوڪ ۾ سمجهائي ٿو تہ ساريءَ سرشٽيءَ کي آتما پنهنجي هڪ ئي اَنشءَ (جزي) ۾ قائم ڪري رکيو آهي ۽ ساريءَ ڪائنات ۾ پاڻ ئي وياپي رهيو آهي. اگياني جيوُ اها سنتنا نہ ڄاڻي، سڀ ڪجهہ جدا جدا پاسي رهيو آهي. حقيقت ڪري آتما (ذات حق) کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. جو جيوُ سوڪيم اَهنڪار رهت ٿي آتما ئي آس پاس ڏسيٿو، سو آتما ۾ آتما ٿي وڃيٿو يعني آتما ۾ لين ٿي وڃيٿو.

هي اَرجن! منهنجن غيبن، اِسرارن جو ڪو ڪاٿو نہ آهي. مٿي جيڪي توکي ٻڌايو اٿم سو مختصر اَحوال آهي.

شلوڪ ۴۱

آتما جـــي هڪ جزي مـــان
ساري سرشٽي پيدا ٿي آهي.

جا بہ شيءِ عجيب ۽ سهڻي يا طاقتمند تون ڏسين، تہ سمجھہ تہ اها منهنجي نُور (تيج) جي اَڪُرَ يعني جزي مان پيدا ٿيل آهي.

شلوڪ ۴۲

ساري سرشٽي آتما جو
پرتبنب (عڪس) آهي.

هي اَرجن! تون سڀ ڄاڻين ڇا ڪندين يعني انهيءَ ڄاڻڻ مان توکي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ توکي هيتري ٻڌائڻ جو مطلب فقط اهو آهي تہ مان پنهنجي هڪ اَڀي اَڪُرَ يعني جزي ۾ هن ساريءَ سرشٽيءَ کي اسٿت ڪيو بيٺو آهيان.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان "وڀوتي يوگ" (طريقت) جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو ڏهون اذياءُ پورو ٿيو.

مالڪ سان ڳنڍي رکي ٿو ۽ هٿن پيرن سان سڀ ڪاج ڪندو رهي ٿو. مجذوب يعني مست دنيا کان بي خبر رهي ٿو ۽ آتما (ذات) ڏانهن با خبر آهي. مست ڪل ڪائنات کي هڪ آتما ۾ سمائي (گم - لئه) ڇڏي ٿو، يعني "سو" ۾ سڀ پسي ٿو ۽ قدرت (سرشٽيءَ) کي فنا (مٿيا پرم) ڪري ڄاڻي ٿو. سالڪ سڀ ۾ "سو" پسي ٿو يعني سڀ ۾ اهو سائين ثابت ڪري ٿو يعني قدرت کي ٻه قائم رکي ٿو. سالڪ قدرت ۽ قادر (پرڪرتي ۽ پرش) ٻنهي مڃي ٿو ۽ هيڪڙائيءَ واري نظر ڏاري سڀ ۾ آتما (ذات) کي ثابت ڪري ٿو. اهڙي خيال جي اسٿتي اوڇي مڃي ويئي آهي.

نقشو اَڌياءُ ٻارهون

نمبر اَڌياءَ	نمبر شلوڪ	نالو اَڌياءُ	صوفياڻي سمجهاڻي — منزل	صوفياڻي سمجهاڻي — بيان
١١	٥٥	وشوَ روپ درشن يوگ يعني ورات روپ جو درشن	معرفت (اُرفانِ)	مشاهدا جلال يعني وحدت ۾ ڪثرت يعني مستيءَ وارو درشن

تاتپرج اَڌياءَ جو

آتما جو گنڀير يا تيجسوي (مستي - جولان) درشن، جڳياسوءَ جي مستيءَ (اُمنگ - جوش) واريءَ حالت ۾ ڏسڻ ۾ اچيٿو.

مختصر سمجهاڻي اَڌياءَ جي

(باطني معنيٰ)

سڄان پرش کي ساري ڪائنات آتما کان ۽ آتما ۾ ئي سمايل ڏسڻ ۾ اچيٿي. جذبات ۽ مستيءَ واري حالت ۾ رهڻ واري کي مجذوب (مست) چئبو آهي. مجذوبيءَ واري حالت کان سانتيڪي ۽ استرچت (سالڪ) واري جي پدوي اوچي ليکي ويئي آهي، ڇو ته اهڙو پرش (سالڪ) ٻئي پاسا رسائي هلي ٿو يعني دل پنهنجي

جيون جي اُتپتيءَ ۽ ناس بابت ٻڌو ۽ پڻ اُوهانجي پريتا ٻڌي.

شلوڪ ٣-٤

قدرت جو ساکيات درشن ڪرڻ.

(٣) هي سيني جا خلقڻهار پرميشور! اُوهان پنهنجي پريتا (وڏائي) جهڙي نموني مونکي ٻڌائي آهي، اهڙي ئي نموني مان انهيءَ جو ساکيات درشن ڪرڻ گهران ٿو.

(٤) جيڪڏهين اُوهان سمجهو ته مان اُوهانجي نج سروپ جي درشن ڪرڻ جي لائق آهيان، ته اهو پنهنجو نج سروپ مونکي ڏيکاريو.

شلوڪ ٥-٦

وراٽ روپ درشن.

(٥) شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي چيو! هي اَرجن! ڏس منهنجا سوين هزارين، جدا جدا رنگن وارا نوراني روپ ۽ آڪار.

(٦) هي اَرجن! تون گهڻائي آدتيه وسو، رُدر، اَشوني ڪمار ۽ ماروت ڏس ۽ ٻيا به عجيب وَ غريب نظارا ڏس، جي اَڳي تو ڪڏهن به نه ڏٺا آهن.

* * * *

هيءُ ڏيکاري ٿو ته حقيقت ڪري شري ڪرشن مهراج ۽ ٻين ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي، پر جيڪڏهين

اَڌياءُ ٻارهون - شلوڪ ٥٥

وشوَ روپ (وراٽ روپ)

درشن يوگ

شلوڪ ١

آتم سمجهاڻيءَ سان
اَگيانتا دور ٿئي ٿي.

شري ڪرشن ڀڳوان کي اَرجن چيو:-
اَوهان مهر جي نظر ڪري آتم گيان (علم خود شناسي) جي آعليٰ اسرار (ڳجهه) جو بيان مونکي ٻڌايو آهي، جنهنڪري منهنجي اَگيانتا (موهه ۽ اَهنڪار) دور ٿي ويئي آهي.

*　　　*　　　*　　　*

نوٽ:- ڏهين اَڌياءَ جي پوئين شلوڪ ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي ته آتما پنهنجيءَ سرشٽيءَ کي هڪ اَڱوءَ (جزي) ۾ اسٿت ڪيو آهي. يارهين اَڌياءَ ۾ ساکيات مثالن سان ثابت ڪيو ويو آهي.

شلوڪ ٢

سرشٽيءَ ۾ جڙ چيتن جيون
جي اُتپتيءَ ۽ ناس بابت.

هي ڪنول نئن! مان اَوهان جي مکار بند مان

شلوڪ ٨

هيٺين درشن (آزم-ودي) لاءِ
ظاهري اکيون نه، پر کليل اَنيؤ
(علم اشراق) جي ضرورت آهي.

هي اَرجن! تون پنهنجي اسٿول اکين سان منهنجو تيجسوي يعني جلالت وارو ورات روپ نه ڏسي سگهندين، تنهنڪري مان توکي اَنيئ اکيون ڏيان ٿو، جن سان تون منهنجي وشو روپ جو درشن ڪر.

* * * *

هيءُ شلوڪ دل لڀائيندڙ ۽ ڏيان ڏيڻ جوڳو آهي ۽ گنڀير معنيٰ رکندڙ آهي. سوکيمتا واريون ڳالهيون ظاهري اکين سان ڏسي نه سگهبيون. انهن کي ڏسڻ لاءِ گيان نيترن (اَنيئي اکيون - چشم معرفت) جي سخت ضرورت آهي. اَهڙا نيتر جيوُ ست پرشن کان ئي حاصل ڪري سگهي ٿو، جنهن بعد سڀ پاڻ ۾ ئي پسي ٿو.

شلوڪ ٩

ورات روپ جو درشن.

سنجيه راجا ڌرتراشٽر کي چيو:-

هي راجن! ائين چئي سرو شڪتيوان شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي پنهنجو ورات روپ (وشو درشن) ڏيکاريو.

* * * *

شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي سوکيمتا واري

ڪوبہ ڀيد ڀاسي ٿو، سو مٿيا ڀرم آهي. جهڙيءَ طرح اکين جي بيماريءَ ڪري هڪ شيءِ بہ ڀاسڻ ۾ اينديون آهن، تهڙيءَ طرح اسان کي بہ اهنڪار روپي بيماريءَ ڪري ڀيائي ڀاسي ٿي ۽ گهٽائي ڏسڻ ۾ اچيٿي. جيسين اهنڪار روپي مرض پاڻ مان نہ ڪڍيو آهي، تيسين سچ (ذات حق) جي ڄاڻ مور نہ پوندي. هن ساري سرشٽيءَ جي روپ کي وشو روپ يا ورات روپ چئجي ٿو. اهو گڻ جلالت (تيجسوي - رجي گڻي) جو آهي. جڏهين جگياسو اڀياس ڪندي جلالت واريءَ حد تي پهچي ٿو، تڏهين ڪيس ڪئين ڀيرا اهڙا عجيب وَ غريب مشاهدا يعني ديدار درشن ٿين ٿا.

شلوڪ ٧

ساريءَ سرشٽيءَ جو ساکيات درشن.

هي ارجن! تون ساري سرشٽي منهنجي سرير ۾ ڏس. چرندڙ پرندڙ خواهہ اڻ چرندڙ سڀ مون ۾ اسٿت ڏس. انهيءَ ڪانسواءِ ٻي بہ جيڪا ڏسڻ جي خواهش هجيئي سا مون ۾ ڏس.

* * * *

ظاهري طرح يعني اسٿول اکين سان ارجن شري ڪرشن ڀڳوان کي سريرڌاري منش ڏسي رهيو آهي، تنهن ۾ ساريءَ سرشٽيءَ کي ڏسڻ عقل کان ٻاهر آهي؛ پر جڏهن جگياسو نيشٽيءَ يعني فنا جي اڀياس دواران پنهنجي سرير جو ڀلائو ڪري پاڻ کي تحقيق آتما (ذات حق) ٿو ڄاڻي، تڏهن ساري سرشٽي پاڻ ۾ ٿو ڏسي. (جنهن سدائين اڀياس جي آهي.)

جيڪڏهن آسمان ۾ هزار سورج هڪ وقت پرڪاش
ڪن، تڏهن به انهيءَ پرڪاشوان مها آتما (شري
ڪرشن ڀڳوان) جي مٽ ٿي نه سگهندا.

* * * *

اهو بلڪل سچ آهي ته نوراني ذات جي تجلي اڳيان
هزار سورجن جو پرڪاش به ڪجهه نه آهي.

”جي سؤ چندا اُگوئي - سورج چڙهيئن هزار،
ايتي چانڻ هوندئان - گرو بن گهور اُنڌار“
(گرو نانڪ ديو)

شلوڪ ١٣

ورات درشن جي خماري - عين اليقين.

ارجن اُن وقت ساريءَ سرشٽيءَ کي گهڻن صورتن
۾ ورهايل هڪ ئي ديون جي ديو جي سريرَ
۾ ڏٺو.

* * * *

ارجن جڏهن گروءَ جي ڪرپا سان سارو نظارو ڏٺو،
تڏهن ويساهه (يقين) جي گهر ۾ آيو ۽ وسميءَ ۾ اچي ويو.

شلوڪ ١٤

تعجب جي حد.

تڏهن وسميءَ ۾ پيل ارجن جا وار ڪڙا ٿي بيٺا
۽ ان وقت هن پرڪاشوان سروپ کي نمسڪار
ڪري هٿ ٻڌي عرض ڪيو،

* * * *

جيئن ابياس ڪري ٻاهر ۾ ايتري ته سوکيمتا پيدا

دوربيني ڏيئي يعني اُنهيءَ اکيون بخشي، کيس آسماني سئر ڪرايو. انهيءَ باري ۾ وڌيڪ سمجهاڻي هيٺين شلوڪن ۾ اچيٿي.

شلوڪ ١٠-١١

سپن اوستا يعني ملڪوتي بيان

(١٠) جنهن سروپ ۾ بي اَنت مک ۽ اکيون، بي اَنت عجيب صورتون، بي اَنت درليڀ ڳهڻا، بي اَنت اَڻ ڏٺا هٿيار ڌاريل هئا.

(١١) جنهنکي عجيب مالهائــون ۽ وستر پهريل هئا ۽ گهڻن ئي قسمن جـون خوشبويون ۽ عطر لڳل هئا. نهايت تيجوان نور ئي ڀڪيو، جنهنجو ڪر اظهار نٿو ڪري سگهجي، انهيءَ جو هرطرف رخسار (منهن) هو.

* * * *

جڳياسوءَ تي نور (جلالت - تيجسوي - رجوگڻ) جي پلت وقت جا حالت ٿئي ٿي، سا حالت ارجن جي ان وقت هئي. اڳي جو هرهڪ جيوکي جدا جدا سمجهندو هو سو هاڻي شري ڪرشن ڀڳوان جي ڪرپا سان پنهنجو اهنڪار (خودي - بيائي) وڃائي خاطري ڪري ڏنائين، ته هرچيز ۾ اها هڪ ئي آتما وياپي رهي آهـي ۽ ڏسڻ، ٻڌڻ وغيره اِندرين جي ڪرم ڪرڻ ۾ به اِهائي هڪ آتما پرڪاش ڪري رهي آهي.

شلوڪ ١٢

تيجسوي رجوگڻ يعني جلالت.

شلوڪ ١٧

وشنوءَ جو استتان - ترپا اوستا - لاهوتي سٽر.

مان ڏسان ٿو ته اوهان مڪٽ پائي بيٺا آهيو (مڪٽ وشنو ڀڳوان جي نشاني آهي)؛ هٿ ۾ گدا ۽ چڪر جهلي بيٺا آهيو ۽ بيحد جلال (رجي گڻ) ۾ آهيو. سڀني کي پرڪاش ڪري رهيا آهيو. منهنجي اک (نظر) اوهان تي ٽڪي (ڄمي) سگهي. اوهان جو تيج سورج سمان آهي، جنهنجو ڪو انت ڪونهي.

*　　*　　*　　*

تاج يعني مڪٽ ستي گڻ جي نشاني آهي، گدا رجي گڻ جي نشاني آهي ۽ چڪر تمي گڻ جي نشاني آهي. اهي ٽيئي نشانيون بادشاهيءَ جون آهن، جن سان پرماتما ساري سرشٽيءَ جو ڪاروبار هلائي ٿو ۽ ساڳئي وقت پنهنجي تماشي جو پاڻ تماش بين آهي.

شلوڪ ١٨

آتما بي انت آهي.

مان پڪ سان ڄاڻان ٿو ته اوهانجي آتما (ذات) ابناسي، اتم ۽ ڄاڻڻ يوڳيه آهي. ساري سرشٽيءَ جا آڌار، ناس رهت ۽ آدي آهيو. سڀني جيون جا رکپال سدائين قائم آهيو.

شلوڪ ١٩

تيجسوي يعني رجي گڻ جو بيان.

ڪري، جو جڏهن ڪيس خوش قسمتيءَ سان وچتر آزمودا درپيش اچن، ته برد باريءَ ۽ گنڀير تا سان ڏسندو رهي ۽ بي انت جي مايا ۾ ڪو به شڪ نه آڻــي يا عجب ڪائي. اها سالڪي راهه آهي. بيءَ صورت ۾ جيوُ مست ٻڏجي پوندو. انهيءَ ڪارڻ ئي ستگورو پنهنجن جڳياسن کي خوب معنن جون هدايتون ڪندا آهن ۽ جيسين جڳياسو باقائدي وچتر واقعا ڏسڻ ٻسڻ جي لائق نه ٿيو آهي، تيسين ستگورو اهڙين ڳالهين جو ڪانئس ڳجهه رکي ٿو. جيئن شري ڪرشن ڀڳوان، تيسين ارجن کي ڪجهه نه ڏيکاريو، جيسين اَهنڪار وڃائي اهڙين ڳالهين لاءِ تيار نه ٿيو.

شلوڪ ١٥-١٦

برهما جو استان - سکو پت اوستا -
جبروتـــي سڻر - گهٽائيءَ جـــو
هيڪڙائيءَ ۾ سمائجي وڃـڻ.

(١٥) اَرجن چيو ته هي ڪرشن! اَوهانجي سرير ۾ مان سڀني ديوتائن ۽ هر قسم جي جيون کي، برهماجيءَ کي جو ڪنول تي براجمان آهي، سڀني رشين کي ۽ عجيب وَ غريب قسمن جي نانگن کي ڏسان ٿو.

(١٦) هي ساريءَ سرشٽيءَ جا مالڪ! مان توهان کي اَنيڪ ٻانهن، اَنيڪ پيٽن، اَنيڪ منهن ۽ اَنيڪ اَکين سان سرو وياپڪ ڏسانٿو؛ پر توهانجي آڪار جي نه شروعات، نه وچ ۽ نه پڇاڙي نظر اچيٿي.

وسميءَ ۾ اوهان ڏانهن نهاري رهيون آهن.

* * * *

ڄگيا سو ايباس دواران هيءَ سڀ اُنپؤ ڪندو هلي ٿو. جيئن جيئن ايباس ۾ جيئُو وڌيڪ لنيھر ٿيندو هلندو، تيئن تيئن کيس وڌيڪ سوکيم ڳالهيون ڏسڻ ۾ اينديون.

شلوڪ ۲۳

شوُ جو استان-ٿُريا

انيت-هاهـوتي سٿر.

هي مها ٻاهو! اوهانجي هن وڏي آڪار کي ڏسي، جنهن ۾ منهن، اکيون، ٻانهون، پير، پيٽ ۽ خوفناڪ ڏند اکيچار آهن، ساري سرشٽي ڏڙکي ٿي ۽ مان ٻ ڪنبان ٿو.

شلوڪ ۲۴-۲۵

ڀؤ پيدا ڪندڙ نظارو.

(۲۴) هي ڪرشن ڀڳوان! اُوهان جو وڏو آڪار جو آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي ۽ ٽيجوان آهي ۽ رنگبرنگي ڏسڻ ۾ اُچيتو، جنهن ۾ وڏيون وڏيون چمڪندڙ اُکيون آهن، سو ڏسي منهنجي دل گهبرائجي ٿي ۽ نه مونکي آنند ٿو اُچي ۽ نه شانتي اُٿم.

(۲۵) توهان جا خوفناڪ ڏند ۽ توهان جو جلويدار نور پسي مونکي ڪابه راهه سمجهه ۾ نٿي اُچي ۽ منهنجي من جي شانتي بلڪل گم ٿي ويئي

مان ڏسان ٿو تہ اوهان آد، مد ۽ اَنت کان رهت آهيو. اوهانجي شڪتيءَ جي ڪا حد ڪانهي. اوهانجون ٻانهون اَٿاهہ آهن ۽ اکيوُن چندرما ۽ سورج سمان آهن. چهرو اوهانجو نوراني ٻاهہ سمان آهي ۽ اوهان پنهنجي تيج سان ساريءَ سرشٽيءَ کي روشن ڪري رهيا آهيو.

شلوڪ ٢٠

آتما جي پرپتا جو بيان.

هي اتم پرک! اوهان زمين آسمان، پولار (آڪاش) بلڪ سڀني طرفين پورن طرح سمايا رهو ٿا. اوهانجو هيءُ اڌ ڀوت (جلالي) سروپ ڏسي ٽيئي لوڪ ڪنبن ٿا.

شلوڪ ٢١-٢٢

آتما جي اُستتي.

(٢١) ڪڏهن ڏسان ٿو تہ ديوتائون اوهانجي شرن ۾ اچي رهيا آهن. ڪي ڀؤ جا ماريا هٿ جوڙي اوهانجي استتي ڪري رهيا آهن. ڪڏهن ڏسان ٿو تہ مها رشين ۽ سڌن جون ٽوليون "ڪلياڻ ڪريو" پڪاري ٻار ٻار اوهانجا گڻ ڳائي رهيون آهن؛ (٢٢) ٻئي پاسي ڏسان ٿو تہ ردر، اَدتيہ، وسو، اشوني ڪمار، مروت، وشو وغيره جيڪي بہ ديوتائون آهن ۽ گندرو، يڪش، راڪشس ۽ سڌن جون جيترئون بہ ٽوليون آهن سي سڀ

آنند ڪريو ٿا ۽ اُوهان جو بلوان تيج ساريءَ
سرشٽيءَ کي ٽڙڪائي ۽ روشن ڪري رهيو آهي.

شلوڪ ٣١

اَرجن جو شري ڪرشن ڀڳوان
کي سمجهڻ لاءِ وڏيڪ سوال.

هي ڀيهوان سروپ! مونکي ٻڌايو ته توهان ڪير
آهيو؟ منهنجو توهانکي نمشڪار آهي. هي
ديوتائن جا سرتاج مونتي ڪرپا ڪريو. مان
اُوهانجي اَصليت کي سمجهڻ گهوان ٿو. مان
اُوهان جي هستيءَ کي، نٿو سمجهي سگهان.

*   *   *   *

مٿين شلوڪن ۾ ارجن ساري سرشٽيءَ جو درشن
"تت" پد ۾ ڪيو. هاڻي "ٿوَم" پد يعني خوديءَ
(اهنڪار) ۾ رهي ۽ گيان جاڻڻ گهري ٿو.

شلوڪ ٣٢

اُڪال شِوُ سروپ يعني صاحب
عالم (هاهوت) جو بيان.

شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي چيو:-
مان لوڪن کي ناس ڪرڻ وارو ڪال آهيان ۽
هن وقت جيون جي مارڻ ۾ رڌل آهيان. جي
تون لڙائي نه ڪندين، تڏهن به هي سورويرُ،
جي ٻنهي لشڪرن ۾ ڏسين ٿو سي مرڻا آهن.

*   *   *   *

آهي. هي ديوتائن جا مالڪ ۽ سرشٽيءَ جا رکوالا! مونتي ڪرم (ديا) ڪريو.

شلوڪ ٢٦-٢٧

ڪال سروپ.

هي سڀ ڌرتراشٽر جا پٽ ۽ سندن حمايتي (مددگار)، راجائن جا گروهه ڀيشم پتامهه ۽ دروناچاريہ، ڪرن ۽ اسان جي لشڪر جا سورما، اوهان جي تيز ڏندن واري مک ۾ ڊوڪيندا وڃنٿا. ڪيترن جا سر چُورڻ ٿي اوهانجي ڏندن ۾ لٽڪيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

شلوڪ ٢٨-٢٩

ڪال سروپ جا ٻيا مثال.

(٢٨) جهڙيءَ طرح نديون تکيون وهي وڃي سمنڊ ۾ پون ٿيون، تهڙيءَ طرح هي سوروير اوهانجي ٻرندڙ مک ۾ ڊوڪيندا وڃن ٿا.
(٢٩) جهڙيءَ طرح پروانا بي اختيار (آزخود) پاڻ جلائڻ لاءِ ڏيئي جي لاٽ ۾ پاڻ اڇلائين ٿا، تهڙيءَ طرح هي سڀ لوڪ جوش ۾ اچي مرڻ لاءِ تيار ٿي اوهان جي مک ۾ وڃي رهيا آهن.

شلوڪ ٣٠

انيتي ۽ پرليءَ جو درشن.

هي ساري سرشٽيءَ جا مالڪ! اوهان پنهنجي چمڪندڙ مکن سان سڀني لوڪن کي ڳرڪائي

ٻڌي، ارجن ٿڙڪندو هٿ جوڙي ڪنڌ هيٺ ڪري گهڻي اَدب ۽ نمرتا سان چيو؛

شلوڪ ٣٦

سڀ جيوَ اوهانجي مهما ڳائين ٿا.

ارجن شري ڪرشن ڀڳوان کي چيو:-

هي ڪرشن ڀڳوان! اهو سچ آهي ته ڪي جيو اوهانجي مهما ڳائي خوشي ۽ آنند حاصل ڪنٿا ۽ ڪڪرمي جيو اوهانجي ڀوَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن وياڪل ٿي ڊوڙندا رهن ٿا ۽ سنتن فقيرن جون ٽوليون اوهانکي نمشڪار ڪن ٿيون.

شلوڪ ٣٧-٣٨

اوهان اَبناسي ۽ ست اَست کان نيارا آهيو.

(٣٧) هي ڀڳوان! توهين برهما کان وڏا آهيو جو آدي ڪرتا آهي؛ ٻوءِ اهڙا ديوتائون به چو ڪين نمشڪار ڪندا. بيشمار ديوتائن جا مالڪ ۽ سڀني جا رکوالا! اوهان ناس رهت ۽ ست اَست کان نيارا آهيو.

(٣٨) هي سروويا‌پڪ! اوهان ساري سرشٽيءَ جا پيدا ڪندڙ ۽ سڀ جي آتما، آدي آهيو ۽ سڀني جيون جو ٻج آهيو. اوهان جو پد سڀ کان اوچو آهي ۽ هر شيء ۾ سمايا رهو ٿا.

شلوڪ ٣٩-٤٠

آتما جي پرپتا (وڏائي) جي استتي

پيدا ٿيڻ ۽ ناس ٿيڻ ديهہ جو ڪرم آهي يعني جا شيءِ پيدا ٿي آهي سا اوس ناس ٿيندي. انهيءَ ڪري ناس ٿيڻ جي چنتا ڇڏي ڌرم جي خاطر جنڌ ڪرڻ اِنسان جو فرض آهي.

شلوڪ ٣٣-٣٤

ناسونت شيءِ جو فڪر ڇڏي
جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيءُ؛
تنهنجي سوڀ ٿيندي.

(٣٣) هي ڌنش ڌاري ارجن! تون همت رکي اُٿي کڙو ٿيءُ ۽ جس جو ڀاڳي ٿجُ. دشمن کي جيتي پنهنجي راڄ جو سک ماڻ. هنن سڀني کي مون اڳمي ئي ماري ڇڏيو آهي؛ تو کي فقط نمت ڪارڻ ٿجڻو آهي.

(٣٤) تون دروڻاچاريہ، ڀيشم پتامهہ، جئدرٿ، ڪرن ۽ ٻين جوڌن کي اُٿي مار. اُنهن کي مون اڳمي ئي ماري ڇڏيو آهي. تون اُٿي جنگ ڪر ۽ ڪوبہ سوچ نہ ڪر. تون جنگ ۾ دشمن کي جيتيندين.

شلوڪ ٣٥

ارجن جو شري ڪرشن کي نمرتا
۽ عاجزيءَ سان عرض ڪرڻ.

سنجيہ راجا ڌرتراشٽر کي چيو:-

هي راجن! شري ڪرشن ڀڳوان جون هي هدايتون

هنن شلوڪن ۾ ارجن اَگيانتا سبب جا ڪرشن ڀڳوان
سان گستاخي ڪئي هئي تنهن لاءِ معافي طلبگار آهي.

شلوڪ ٤٣-٤٤

شري ڪرشن مهراج جي اُستتي.

(٤٣) اَوهان جڙ چيتن سرشٽيءَ جا مالڪ آهيو ۽ پوڄڻ يوڳيه گرو آهيو. اَوهانجي ڪنهن سان ڀيٽ ٿي نٿي سگهي. ٽنهي لوڪن ۾ اَوهان جي برابر ٻيو ڪوبه ڪونهي. ڀلا اَوهان کانسواءِ ٻيو ڪير وڌو ٿي سگهندو؟

(٤٤) تنهنڪري مان گهڻي اَدب، نمرتا ۽ منت سان اَوهان کان معافي ٿو گهران. جهڙيءَ طرح پيءُ پٽ جو، متر متر جو، پريمي پريتم جو گناهه معاف ڪري ٿو، تهڙيءَ طرح اَوهان منهنجو گناهه معاف ڪريو.

شلوڪ ٤٥

شري ڪرشن ڀڳوان جي تيجسوي
صورت ڏسي اَرجن ڊڄي ٿو.

اَهڙي تيجسوي (جلالي) صورت هن کان اَڳ مون ڪڏهين ڪونه ڏٺي آهي. انهيءَ کي ڏسي مونکي خوشي ته ٿئي ٿي، پر منهنجي دل خوف ۾ ڌڙڪي ٿي، تنهنڪري هي منهنجا سائين! مونکي پنهنجو اَڳيون سروپ وري ڏيکاريو. هي ديوتائن جا مالڪ، جڳت آڌار! اَوهان مونتي مهر ڪريو.

(۳۹) وايُو (هوا ۽ ڀران)، يم، اگني، ورن، چندرما، پرجاپتي ۽ هرڻيه گرڀ (ساڪي سروپ) اوهان آهيو؛ مان اوهان کي انت ڀار نمسڪار ڪريان ٿو.
(۴۰) هي سرووياپڪ! اوهان کي اڳيان پٺيان بلڪ هرطرف کان نمسڪار آهي. اوهان بي انت شڪتيوان ۽ تيجوان (جلالي) آهيو. اوهان سڀ ۾ سمايا رهو ٿا، بلڪ سڀ اوهان آهيو.

*　*　*　*

هيءُ اپروڪش گيان (آتم گيان) حق ال يقين جو پد آهي، جتي آتما يعني نور حقيقيءَ جو درشن چٽيءَ طرح ٿو ٿئي. اندر ٻاهر، سوکيم استول، سڀ ۾ آتما جوئي ديدار جگياسوءَ کي ٿيندو رهي ٿو ۽ هن حد تي ئي جگياسوءَ کي ست است جي ڄاڻ پوي ٿي.

شلوڪ ۴۱-۴۲

ارجن جي سري ڪرشن
ڀڳوان کان معافي وٺڻ

(۴۱) پنهنجو متر سمجهي ۽ اوهانجي پريتا کان اڻڄاڻ هئڻ سبب، اگيانتا يا دوستاني نموني، جو اوهانکي صرف ڪرشن، يادوَ ۽ دوست جي نالن سان ڪوئيندو هوس
(۴۲) ۽ مسخري يا راند روند يا ڪائڻ، سمهڻ يا وهڻ وقت، اڪيلائيءَ يا ٻين جي روبرو مون جيڪا به اوهانجي بي ادبي ڪئي هجي، هي ڀڳوان! ان جي مان دل وجان سان معافي گهران ٿو.

*　*　*　*

پرم اتم آهي، تنهنجو توکي درشن ڪرايو آهي
جو هيڏي مهل تائين ڪنهن به نه ڪيو آهي.

* * * *

آتما (ذات حق) ۽ جيو جي وچ ۾، خوديءَ ۽ خلقت جو هڪ پردو آهي. جڏهين اهو پردو کڄي وڃي ٿو تڏهين جگياسوءَ کي چترڀج (ذات جمال) سروپ جو درشن نصيب ٿئي ٿو (خود اهو درشن به آخرين منزل نه آهي، جيئن ڪ اهو سروپ دائما پڪو نه ٿيو آهي، يعني جگياسو سدائين انهيءَ سروپ ۾ محو رهي. پوءِ انهيءَ لاءِ سرپڪ سماڌي ضروري نه آهي.) اهي چٽڪا ٿوري وقت لاءِ آهن ۽ بي سود آهن جيئن ڪ چڱيءَ طرح هميشه لاءِ جگاسوءَ ۾ قائم ٿين. اهڙي آزمودي بعد جگياسوءَ ۾ ڪافي امنگ اٿن ٿا، جنهن بعد سخت محنت ڪري جگياسو هر حال ۾ دائما پاڻ ۾ سروپ جو درشن (تصور) قائم رکي ٿو.

شلوڪ ٤٨

اهو درشن ڪنهن به اُدم (ڪوشش)
ڪرڻ سان پراپت نٿو ٿئي.

هي ڪورون ۾ مهاويرا! نه ويدن جي واچڻ، نه يگيه ڪرڻ، نه دان ڪرڻ، نه پراپڪار ڪرڻ ۽ نه سخت جهدن ڪرڻ سان به توکان سواءِ ٻيو ڪو هيڏو درشن پراپت ڪري سگهندو.

شلوڪ ٤٩

تيجسوي صورت (تصور جلال) ڦيرائي

شلوڪ ٤٦

اُوهان تيجسري خيال (تصور جلال)
منهنجي ڏيان مان دور ڪريو.

مان اُوهان کي اُنهيءَ سروپ ۾ ڏسڻ گهران ٿو، جنهن ۾ اُوهان کي مڪٽ سر تي، گدا ۽ چڪر هٿ ۾ رهيٿو. هي وشو روپ سهسر ٻاهو، سرو وياپڪ، پنهنجو چترڀڄ سروپ اختيار ڪريو.

* * * *

نوٽ:- شري ڪرشن مهراج کي اَرجن ساتوڪي صورت (وشنو سروپ - صورت جمال) لاءِ انهيءَ ڪري عرض ڪيو، جو اَرجن هميشه ساتوڪي صورت جو ڌيان ڪندڙ هو.

سيني آتم جگياسن کي اَپياس ڪندي ڪو سمو اَهڙو درپيش اَچي ٿو جو انهيءَ وقت منجهن خفگي پيدا ٿي پوندي آهي. انهيءَ وقت ئي پورن ستگوروءَ جي ضرورت محسوس ڪبي آهي، جنهنجي ڪرپا سان آتمڪ تيج جگياسو پاڻ ۾ سمائي سالڪ بڻجي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ جيوُ مست ٿي پوي ٿو.

شلوڪ ٤٧

سري ڪرشن ڀڳوان ارجن کي ڪرپا طور
تيجسوي سروپ (جلالي صورت) ڏيکاريو.

هي ارجن! مان توتي مهربان ٿي پنهنجي آدي - اَنت ۽ سروياپڪ، جلالي (تيجسوي) سروپ، جو

جنهن سروپ جو درشن ڏاڍو مشڪل آهي،
هي ارجن! سو تو ڪيو. انهيءَ درشن لاءِ ديوتائون
به ڏاڍا ڪانڪي رهن ٿا.

* * * *

جڏهن ارجن شري ڪرشن ڀڳوان جي تيجسوي يعني جلالي يا جذابي واري صورت ڏٺي تڏهن وياڪل ٿيڻ لڳو، جنهن بعد شري ڪرشن ڀڳوان هنڪي پنهنجو اڳيون سروپ يعني ساتوڪي چترڀڄي (جمالي) صورت وري ڏيکاري. انهن ٻنهي سروپن جي ڏيکارڻ جو مطلب اهو هو، ته جو سروپ ارجن کي انڪول لڳي تنهنجو ڌيان يعني تصور ڪري. تصور ڪانسواءِ اڀياس ۾ دل لڳائڻ مشڪل آهي. انهيءَ ئي خيال کان مورتي ڌيان کي سيني شرف ڏنو آهي، جنهن کان صوفي به منڪر نه آهن. جيئن ويدانت ۾ ڌيان ٻن نمونن جا آهن، "سرگڻي ۽ نرگڻي"، تيئن صوفين ۾ به آهي؛ جنهنکي "صفاتي ۽ ذاتي" چون ٿا. سرگڻي يعني صفاتي صورت جو ڌيان يعني تصور، جلد دل تي ڄمي سگهي ٿو. تنهنڪري ڏاهن کان پهريائين انهيءَ جو ڏس ملندو آهي ۽ پوءِ نرگڻي يعني ذاتي طريقي جو ڏس ملندو آهي. ڪن جزوي حالتن ۾ ۽ ڪن خاص جگياسن (طالبن) کي سڌيءَ طرح نرگڻي (ذاتي) ڌيان (تصور) جو پنهنجي مرشد کان ٻوڌ ملندو آهي. انهيءَ حالت ۾ اهڙي جگياسوءَ کي مورتي ڌيان يعني صفاتي تصور ڪرڻ جو ضرور نه آهي.

ڀڳتي (عشق)، مورتي ڌيان (صورت پرستي --

چتر ڀڄي صورت (تصور جمال) ڏيکارڻ.

منهنجي هن ڀوائتي سروپ کي ڏسي ڊڄ نه ۽ وياڪل نه ٿيءُ. آندر مان ڀيائي (آهنڪار، خودي) ڪڍي، شانت چت ٿي منهنجو اڳيون چتر ڀڄي سروپ وري ڏس.

شلوڪ ٥٠

ڌيان (تصور) جو قرط يعني
جلالت مان جمالت ٿيڻ.

سنجيہ راجا ڌرتراشٽر کي چيو:-
هي راجن! ائين چئي سري ڪرشن ڀڳوان ڪيس پنهنجو اڳيون چتر ڀڄي سروپ وري ڏيکاريو ۽ خوش نما سروپ ڌاري وياڪل ارجن کي ڌيرج ڏنو.

شلوڪ ٥١

ارجن جو چتر ڀڄي سروپ وري ڏسڻ.

ارجن شري ڪرشن ڀڳوان کي چيو:-
هي ڪرشن! تنهنجو هيءُ خوش نما (سانتيڪو) منش روپ ڏسي، منهنجو چت شانت ٿيو آهي ۽ وياڪلتا دور ٿي آهي.

شلوڪ ٥٢

هيءُ منهنجو درشن (جلالي ۽ جمالي)
ڪن ڀاڳن وارن کي نصيب ٿيندو آهي.

شلوڪ ٥٤

گيان يعني عشق حقيقيءَ جي
وسيلي آتما جو ساڪياتڪار ٿئي ٿو.

هي اَرجن! گيان يعني عشق حقيقيءَ دواران جگياسو منهنجي جاڻ پائي سگهي ٿو ۽ منهنجو درشن ڪري مونکي پراپت ڪري سگهي ٿو.

شلوڪ ٥٥

مگهنتا (فنائي) کي ئي
عشق حقيقي چئجي ٿو.

هي اَرجن! جو اِنسان پنهنجا سڀ ڪرم مونکي اَرپي ٿو ۽ ڪرم ڪندو رهي ٿو، سو منهنجو سچو جگياسو (طالب) آهي. اهڙي جگياسوءَ جو مونسان سچو پريم (عشق حقيقي) آهي. اهو جيوُ ڪنهنجي به عيب جوئي نٿو ڪري ۽ سدائين مون ۾ لين (گم) رهي ٿو.

* * * *

جو جيوُ آتما (ذات) ۽ پنهنجي وچ ۾ ڪو به تفاوت نٿو سمجهي يعني جنهن آتما ۾ پورن لينتا حاصل ڪئي آهي (فنائي)، سو آتما ۾ سمائجي وڃي ٿو. انهيءَ کي عشق حقيقي چئجي ٿو.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان،
"وشو روپ درشن يوگ" جي باري
۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾
سوال جواب وارو يارهون اَڌياءُ پورو ٿيو.

نقش بندي) کان سواءِ ٿي نہ سگھندي؛ جنھنکي ويدانت ۾ اُپاسنا ۽ ڀڳتي چون ٿا ۽ صوفين انھيءَ کي عشق مجازي ڪري ظاھر ڪيو آھي. گيان يعني عشق حقيقيءَ کي ويدانت ۾ نرگڻي ڌيان ڪري مڃيو آھي ۽ صوفين ذات حق جو تصور ڪري ظاھر ڪيو آھي. سرگڻي ۽ نرگڻي طريقن جي ڌيان ڪرڻ جا قاعدا علحدا علحدا آھن.

شري ڪرشن ڀڳوان اُرجن کي ساريءَ گيتا ۾ ور ور ڪري اھوئي پٺي دھرايو آھي تہ ھي اُرجن! خودي ۽ آپو وڃائي، دائما پنھنجي آتما جو ڌيان ڪر يعني آتم گيان کي سدائين ويچاريندو رھہ ۽ ڪڏھن بہ وساري ۾ وسورو نہ رھہ. انھيءَ ڪريئي مورتي ڌيان يا ستگوروءَ جي صورت جو ڌيان طالب لاءِ سولي ۾ سولو طريقو مڃيو ويو آھي. اھو طريقو صوفين پڻ شروع کان اَنگيڪار ڪيو ۽ پنھنجن طالبن کي اھڙيون ھدايتون وقت بہ وقت ڏيندا آھن.

شلوڪ ٥٣

يگيہ، تپ ۽ دان وغيره سان آتما
جو ساکياتڪار حاصل نٿو ٿئي.

ھي اُرجن! جھڙي نموني تو منھنجو درشن ڪيو آھي، اھڙو درشن ويدن پڙھڻ، تپسيا ڪرڻ يا دان ۽ يگيہ ڪرڻ سان پراپت نٿو ٿئي.

* * * *

”روزا نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
اُو ڪو ٻيو فھم - جنھن سان پسجي پرين کي.“

هي ۽ نہ آهي) وارو طريقو سڀ کان سولو ثابت ڪيو آهي. جڏهن جيو جي دل تي نيتيءَ (سڀ ناسونت آهي) وارو سبق پڪو ٿي ويو، تڏهن هن جي دل ۾ آتما لاءِ پريم جاڳندو يعني عشق پيدا ٿيندو، جنهن دواران سندس هستي نابود ٿي ويندي ۽ آتما ئي آتما پيو پسندو ۽ خود پاڻکي آتما سمجهندو. انهيءَ حد تي عين ال يقين ٿي وڃي ٿو. عين ال يقين ۾ جڏهن جگياسو اڀياس ڪري وڌيڪ گهرائپ يعني محويت حاصل ڪري ٿو، تڏهن حق ال يقين جو درجو پائي ٿو. انهيءَ وقت طالب ساري سرشٽي پاڻ ۾ سمايل ڏسي ٿو يعني "سو ۾ سڀ" پسي ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ ساري سرشٽي منهنجي ئي سٽا تي اسٿت بيٺي آهي. انهيءَ کي وشو روپ درشن چيو وڃي ٿو، جو ارجن شري ڪرشن ڀڳوان جي ڪرپا سان ڏٺو. عين ال يقين واريءَ حالت ۾ انيڪتائي (گهڻائي) ايڪتا (هيڪڙائي) ۾ سمائجي وڃي ٿي ۽ طالب خود خدائيءَ وارو نعرو هڻي ٿو. حق ال يقين واريءَ حالت ۾ ٻيائي سڀ ناس ٿي وڃي ٿي ۽ هڪ آتما کان سواءِ طالب کي ٻيو ڪجهہ ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي.

يارهين آڌياءَ جي سمالوچنا.
(سمجهاڻي)

ڏهين آڌياءَ تائين آتما جي ڄاڻ، علم يعني ويدن ۽ شاسترن جي ڄاڻ تائين محدود رکيل آهي يعني ته ڪتاب وغيره پڙهي يا سنتن فقيرن وٽان ٻڌي پورن ويساهه ٿئي ته آتما (اَلله) آهي؛ جنهنکي صوفي علم ال يقين چونئا. ويساهه ٽن طريقن سان جيئو ۾ پيدا ٿئي ٿو. ١- سروڻ (علم ال يقين) ٢- منڻ (عين ال يقين) ٣- نديا سڻ (حق ال يقين). هن آڌياءَ ۾ ڏيکاريل آهي ته جو ويساهه سروڻ يعني پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان ٿئي ٿو، تنهنکي کهڙي نموني وڌائي اُهڙيءَ حد تي پهچائي، جنهن ڪانپوءِ جگياسوءَ کي ڪڏهن ۾ رتيءَ ماتر آتما جي هجڻ ۾ شڪ نه پيدا ٿئي ۽ آتما جي هجڻ جي هميشه ۽ هــرجاءِ محسوسات رهي؛ يعني وڌيڪ پنهنجو آپوپڻو ڀلائيندو وڃي ۽ آتما جي هستي محسوس ڪندو وڃي. انهيءَ خيال جي گهرائپ کي صوفي عين ال يقين چونئا؛ جنهن ڪانپوءِ نديا سڻ (حق ال يقين) واريءَ حد تي جگياسو پهچي ٿو، جا عين ال يقين کان ۾ گهري استتيءَ واري حد آهي. پويون ٻئي منزلون اوچون مٿيون ويرون آهن، جي نيتي يعني فنا جي طريقي سان طئه ٿي سگهن ٿيون، يعني آتما کانسواءِ باقي ٻيا سڀ پدارٿ مٿيا ۽ ۽ ناسونت سمجهڻ کپن. ٻيءَ طرح جيئن کهڙا ۾ سنا ڪم ڪري چاهي جپ تپ ڪري تڏهن ۾ نديا سڻ واري منزل حاصل ٿي نه سگهندي. انهيءَ ڪري شري مد ڀڳوت گيتا ۾ ڪرشن ڀڳوان نيتي نيتيءَ (هي ۾ نه آهي،

(تصور ڀچائڻ) ئي هڪ وسيلو آهي. انهيءَ لاءِ اِندرين ۽ من کي ضابطو رکڻ لازمي آهي. آتما ۽ اناتما جو دائما سوچ رکڻ پڻ تمام ضروري آهي. انهن ٽنهي واٽن ۾ ابياس (سمرڻ - ذڪر) کان وويڪ (سرت، فڪر، سوچ ويچار) ۽ وويڪ کان ڌيان (تصور) اُتم ليکيو ويو آهي. پڪ ٽڪ ڌيان سان، صورت ۾ اکيون ٽڪائي پاڻ ڀلائڻ سان، آتما جو ساڪياتڪار ٿئي ٿو يعني ظهور ٿئي ٿو. صوفين ۾ گهڻو ڪري ستگورن جي صورت جو ڌيان پهريائين ڏسيو ويندو آهي. مٿيان ٽيئي نمونا عشق مجازي يعني سرڳڻ ڀڳتيءَ جا آهن. مٿين طريقن سان آپو (اَهم ڀاوَ - خودي) وڃائڻ ۽ آتما جو ساڪياتڪار ڪرڻ ڏکيو ٿيندو آهي ۽ گهڻو وقت لڳي ويندو آهي. دانشمندن (هوشيار طالبن) لاءِ ويراڳ ۽ وويڪ (سوچ ويچار) وارو طريقو سولو ۽ آسان آهي جنهن ۾ اَهنڪار ۽ خودي جلدي دور ٿين ٿا ۽ آتما جي آنند ڏيڻ واري نرگڻ سروپ (ذات) جي اَندر ۾ محسوسات ٿئي ٿي. (هي سڀ خيالي مضمون آهن، جن جي وڌيڪ سمجهاڻي جگياسوءَ کي پنهنجي ستگوروءَ کان ئي نصيب ٿي سگهندي آهي). جيتوڻيڪ سرڳڻي طريقي سان به ساڪياتڪار ٿئي ٿو، پر آهستي آهستي ۽ درجي به درجي، ٻيءَ صورت ۾ محويت (خيال جي گهرائپ) حاصل ڪرڻ لاءِ ويراڳ ۽ آتما جو ويچار ڌارڻ ضروري آهي.

نقشو آڌياءُ ٻارهون

نمبر آڌياءَ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءُ	صوفياڻي سمجهاڻي	
			منزل	بيان
١٢	٢٠	ڀڳتي يوگ	طريقت يعني محنت جي وات	صفاتي-ذاتي يعني سرگڻ-نرگڻ يعني نام روپ- نام روپ رهت

تاتپرج آڌياءَ جو

سرگڻ ڀڳتي يعني ڪنهن نام روپ واري سان پريم ڪندي، جڏهن جيو جو اَهم ڀاؤ گم ٿي وڃي ٿو، ته ان وقت منجهس مستي پيدا ٿئي ٿي؛ يا وري جڏهن ويراڳ يعني سڀ ڪان دل کي ڪٽائي اڇيس ٿي ۽ آتما کانسواءِ سڀ ناسونت سمجهي ٿو ۽ سندس اَهم ڀاؤ مٽجي وڃي ٿو، تڏهن شانتيءَ واري حالت کي رسي ٿو. ان کي سالڪ چئجي ٿو.

مختصر سمجهاڻي آڌياءَ جي

(باطني معنيٰ)

مستيءَ واري حالت آتما جو سرگڻ روپ آهي. انکي هٿ ڪرڻ لاءِ يعني اُن ۾ پاڻ گم فنا) ڪرڻ لاءِ (١) اڀياس (سمرڻ) (٢) وويڪ (سوچ ويچار، غور خوض) ۽ (٣) ڌيان

شلوڪ ۲

نيشٽا (طريقت فدا)
وارو رستو بهتر آهي.

شري ڪرشن ڀڳوان چيو:-

جو جگياسو مون ۾ دائما ڌيان لڳائي ٿو يعني مون ۾ فدائي ٿئي ٿو، اهو سڀ کان اُتم آهي ۽ مون ۾ سمايو رهيٿو.

* * * *

جو جگياسو نيشٽا جي طريقي سان نرگڻ سروپ جي اپاسنا (ڌيان - تصور) ڪري ٿو، سو ٻين طريقن واري کان گهڻو بهتر آهي.

شلوڪ ۳-۴

اڀياس (محنت)، ويچار (فڪر)
۽ ڌيان (تصور) رستي به آتما
جو ساکياتڪار ٿئي ٿو.

(۳) جو جگياسو سمدرشٽي ڌاري ٿو يعني سڀ ۾ آتما پسي ٿو ۽ سڀني اندرين کي پنهنجي وس ۾ رکي ٿو ۽ پراپڪار ڪندو رهيٿو ۽ نام روپ ۽ واسنا کان رهت، سروويا پڪ ۽ سرو شڪتيوان، جو آدي آهي تنهن ۾ دائما ڌيان لڳائي رکيٿو، اهو به مون ۾ سمائجي وڃيٿو.

(۴) جو جگياسو اندرين کي روڪي اڀياس ڪريٿو ۽ آتم پراپت ٿئي ٿو، سو به آتم سروپ يعني منهنجي نرگڻ سروپ ۾ سمائجي وڃي ٿو.

اَڌياءُ ٻارهون - شلوڪ ۲۰

ڀڳتي يوگ.

شلوڪ ۱

ويچار، ڌيان ۽ نيتيءَ جي رٿين ۽
رستن بابت. (طريقت شغل، فڪر ۽
تصور ۽ طريقت فنا).

سري ڪرشن ڀڳوان کان اَرجن پڇيو:-

ڪي جگياسو (طالب) انهيءَ (ويچار ۽ ڌيان) نموني
تنهنجي صورت جي ڌيان ۾ مشغول رهن ٿا ۽
ڪي ناس رهت نرگڻ سروپ جو ڌيان ڪن ٿا.
انهن ٻنهي ڌيان جي طريقن مان ڪهڙو طريقو بهتر
آهي توسان ملڻ جو؟

*   *   *   *

ٻئي طريقا ٻاڻ گم ڪرڻ جا آهن جن جو بيان اڳيئي
يارهين اَڌياءَ ۾ ورنن ڪيل آهي. نرگڻ سروپ (لازوال
۽ اڻ نشان ذات يعني نام ۽ روپ کان رهت) جي
ڌيان ڪرڻ سان گيان پراپت ڪرڻ جو آدي (اصلوڪر)
نمونو آهي، جنهن لاءِ ڪرم يوگ يعني طريقت عملي
ضروري آهي. سرگڻي يا نرگڻي طريقي ۾ ڪو فرق نہ
سمجهڻ گهرجي؛ هت فقط ٻنهي طريقن کي سمجهڻ جو
سوال آهي.

شلوڪ ٦-٧

نيتيءَ (فدا) وارو طريقو سڀ
ڪان سولو ۽ اُتم آهي.

(٦) جو منهنجو پريمي جگياسو (صادق طالب) پنهنجو هر ڪرم مونکي ارپڻ ڪري سڪ (عشق ڪامل) سهت منهنجي ڀڳتي ۽ ڌيان ڪريٿو، هي ارجن! مان انهيءَ کي هن ڀو ساگر مان جلد پار ڪريان ٿو.

(٧) جو ڀڳت (طالب) پريم سهت، شبد ۽ سرت (ذڪر ۽ فڪر) سان دائما جڙيو رهيٿو، سو هن ڀوَ ساگر مان سولائيءَ سان پار پهچي آتم آنند ماڻي ٿو.

شلوڪ ٨

ڌيان يعني تصور.

هي ارجن! پنهنجي دل کي مون ۾ لڳاءِ، پنهنجي بدي (عقل) منهنجي حوالي ڪر يعني دل و جان سان پاڻ مونکي ارپڻ ڪر، ته پوءِ تون ضرور مون ۾ سمائجي ويندين.

* * * *

سڀئي سبحان جي - ڪر حوالي ڪم،
تَيءُ تحقيق تسليم ۾ - لاهي غم وهم،
قادر ساڻ ڪرم - حاصل ڪري حاج تو.

(شاهه صاحب)

شلوڪ ۵

نرگڻ طريقو ٻين طريقن کان ڏکيو آهي.

پر انهن کي نرگن روپ تي ڌيان ڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳي وڃي ٿو. رواجي ماڻهوءَ لاءِ نام روپ رهت آتما جو ڌيان ڪرڻ مشڪل آهي.

*　　*　　*　　*

نرگڻ سروپ جي گيان (ڄاڻ) هٿ ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن. هڪ اهو طريقو آهي، جنهن ۾ پاڻکي سرو وياپڪ آتما سمجهي انهيءَ تي مضبوط رهڻ آهي ۽ هرهنڌ ۽ هرشيءِ ۾ پاڻ کي پسڻو آهي. ٻيو طريقو اهو آهي جنهن ۾ پنهنجو اَهم ڀاءُ يعني خودي وڃائڻي آهي. ٻهرئين طريقي ۾ اِندرين تي ضابطو رکي ۽ سواسن کي روڪي (دم حبس)، نام روپ رهت آتما (ذات حق) جي ڌيان ۾ استٿت ٿيڻو آهي. اهو طريقو ڏکيو آهي. ٻئي طريقي سان جي جگياسو (طالب) وويڪي پرش (ويچاروان - تيزفهم) آهي، ته جلدي ڪيس آتم آنند پراپت ٿيندو ۽ انهيءَ لاءِ ٻاهرين وشه ڀوڳن جو ترڪ ڪرڻ ضروري نه آهي؛ فقط اَڀياس ڪرڻ ڪافي آهي.

خوديءَ واريءَ حالت ۾ آتما جو سڌيءَ طرح ڌيان ڪرڻ ڏکيو آهي. خودي وڃائڻ بعد باقي جو ڪجهه رهيٿو، اهو نام روپ رهت آتما (ذات حق) آهي. اِندرين ۽ سواسن روڪڻ واري ڪري به نيتيءَ (فنا) واري منزل پار ڪرڻي پوي ٿي. (اَڌياءُ ۵ جو ٦ شلوڪ ڏسو).

سانون قسم رسول خدارا ۔۔
کر اعتبارا؛

٥۔ سانون پيري مُغان فرمايا ۔۔
وحدت دا راهہ بتايا،
بلهار جاوان بلهارا ۔
يوسف يارا.

شلوڪ ١٠

وِچار ۔ سرت يعني فڪر.

جيڪڏهين تون اڀياس ٻہ نہ ڪري سگهين، تہ پنهنجا سڀ ڪرم مونکي ارپڻ ڪر، يعني دل و جان سان منهنجي شرن ۾ اچ؛ تڏهن بہ تون اتم پد پراپت ڪري سگهندين.

شلوڪ ١١

تياڳي ۔ تياڳ يعني فنا.

هي ارجن! جي تون اهو بہ نہ ڪري سگهين، تہ تون منهنجي پاڻ جي اندر ۾ اڀلاڪا يعني اڪير رکي، پنهنجن سڀني ڪرمن جي ڦل (نتيجي) مان موهہ ڪڍي ڇڏ.

شلوڪ ١٢

تياڳ وارو طريقو (طريقت فنا) اتم آهي.

اڀياس کان وچار اتم آهي. وچار کان ڌيان (تصور) اتم آهي. ڌيان کان ڪرمن جي ڦل

شلوڪ ٩

آڀياس يعني شغل.

هي أرجن! جي تون منهنجو سڌيءَ طرح ڌيان (تصور) نٿو ڪري سگهين يعني منهنجي صورت پنهنجي خيال ۾ نٿو رکي سگهين، ته آڀياس (شغل) ڪري منهنجي صورت هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪر.

*　　*　　*　　*

گم هوڪي ويک نظارا آپ سارا -
محبوب کي صورت ۾.

١- رک خيال هڪو هڪ دم دا -
دم دم وچ ڌڙف خصم دا،
ايويں ڪر تون جسم وسارا -
آخر گذارا؛

٢- رک نور جمال نظر وچ --
تصوير نگار أندر وچ،
اهو عشقون عشق إشارا --
برهه بقارا؛

٣- برهه ۾ بي خود هونڪي --
جند جان کنون هٿ ڌونڪي،
پيچي مارين نيدهن نقارا --
انا الحق نعرا؛

٤- جو وچ محبوب سماوندا -
ڦير مؤت نه اس دم آوندا،

اندرِ ڇَنگ ڇڏي ڇُري ڇِنهن ڇَڙِي۔

٢- ٻڌ جي ٻيڙَ ۾ ڦري وڃي وڙي-

هٿڙَ جي هلاکي سڙي وڃي سڙي،

سُخن ساڻُ ستگور جي جڙي دل جڙي۔

٣- اَلِ اِنسان سِري سُڄاڻ ٻري-

اَلک ساڻ اورج هَمُهُ دِل گهڙي،

نفي تيغ هٿ ڪر نفس ڪي. نِڙي۔

٤- اصل ٻار آهين مُنجهي تنهن ڇِڙي-

قطب ڪي سڄاڻج منجهون منجهِ گهڙي،

اندر تيغ هو جسي ٻاهر ڪپ مري۔

شلوڪ ١٣-١٤-١٥

جگياسوءَ (شاغل) جا گڻ

(١٣-١٤) جو منهنجو جگياسو (طالب) سنسار ۾ ڪنهن سان ايرکا ۽ دشمني نٿو رکي، پر رحمدل، نماڻو ۽ نهٺو رهي، ڏک سک ۾ سمان (هڪجهڙو) رهي ٿو، بردبار ۽ شانتوان آهي ۽ آپياس ڪندو رهي ٿو، اندرين تي ضابطو رکندڙ ۽ ويساهه جو پڪو آهي ۽ منهنجي دل ۽ دماغ مون ۾ دائما (هر وقت) لڳائي رهي ٿو، اهو مونکي پيارو آهي۔ (١٥) جنهن جگياسوءَ کان ڪنهنکي به ڏک نٿو پهچي ۽ نه ڪنهن کو ڏک ٿو رسائي ۽ جو خوشي

(نتيجي) جو تياڳ ــ يعني ڀاڻ ارپڻ ڪرڻ جو طريقو وڏيڪ اُتم آهي. ڪرمن جي ڦل جي تياڳ، ڪان فنائي ڪائڻ (اهم ڀاؤ گم ڪرڻ) وارو طريقو اُتم آهي.

*　　*　　*　　*

جگياسوءَ لاءِ اڀياس (ذڪر - شغل) کان ويچار (فڪر) بهتر آهي. هيءُ دل ۽ دماغ جي محنت جو طريقو آهي. ويچار کان آتما (ذات بحت) جو ڌيان (نرگُڻي) يعني تصور وڏيڪ بهتر آهي. آتم ڌيان کان تياڳ (نيتي يعني فنا) جنهنکي صوفي نفي اثبات وارو طريقو چوندا آهن سو بهتر آهي؛ جنهن ڪانپوءِ جگياسوءَ کي آتما جو درشن ٿئي ٿو. نيتيءَ کان پوءِ هستي يعني فنا کانپوءِ بقا حاصل ٿئي ٿي. اهڙي حالات سخت محنتن بعد جگياسوءَ کي نصيب ٿئي ٿي. اڀياس جو سنبنڌ يعني واسطو دل، اندرين ۽ من سان رکيئو. ويچار (فڪر) جو واسطو عقل يعني دماغي خيال سان رکيئو. نيتي (فنا) يعني تياڳ پنهنجي اهم ڀاؤ (اهمپڻو - هستي) جو چيو ويو آهي. هنن چئن طريقن جي سمجهاڻي مٿين چئن شلوڪن ۾ اڳيئي ڏني ويئي آهي. انهن سڀني جي پڄاڙي آتم گيان جي مڪهنتا (محويت) آهي.

لقا جي لقا ۾ وڃي دل اَڙي-
فنا جي فڪر سان بقا ٿي ڪَڙي،

ا- خودي جي خيالين لَڙي دل لڙي-
دِليان دَرِسُ پايو دنيا ٿي، ڪَڙي،

شلوڪ ٢٠

نيتي يعني فدا جي طريقي وارو جگياسو.
جو جگياسو سچائي ۽ پورن وشواس سان هن ڳالهه
(گيتا گيان جنهن ۾ آتم گيان جو امرت ڀريل آهي)
کي اعتبار ۾ آڻي ثابت قدم رهيٿو، سو منهنجو
پرم پيارو آهي.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان "ڀڳتي يوگ" (طريقت) جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو ٻارهون اڌياءُ پورو ٿيو.

ٻارهين اڌياءَ جي سمالوچنا. (سمجهاڻي)

ٻارهين اَڌياءَ ۾ اَڀياس (شغل)، ويچار (فڪر) ۽ ڌيان (تصور) جو رستو جو پراڻي زماني ۾ اختيار ڪندا هئا، سو سمجهايل آهي. ڀڳتي (عشق) ۽ نيتيءَ (فدا) وارو طريقو پڻ شري ڪرشن ڀڳوان ڪولي اَرجن کي ٻڌايو آهي. انهن طريقن ڪانسواءِ جگياسوءَ کي سقلتا ملڻ مشڪل آهي. نيتيءَ (ناُنهه) وارو طريقو، هوشيار ۽ سمجهو جگياسن لاءِ سولو آهي ۽ انهيءَ ۾ سقلتا به جلد حاصل ٿئي ٿي يعني جڏهن ويراڳ جيوَ ۾ پيدا ٿئي ٿو، تڏهن جيوُ پرمارٿ ۾ ٽڪڙو واڌارو ڪريٿو.

انهن پهرين ٽن طريقن مان، اَڀياس ڪان ويچار ۽ ويچار ڪان ڌيان وارو طريقو وڌيڪ اُتم ليکيو ويو آهي ۽ نيتي

۽ غم، ڀَوَ ۽ ڪروڌ کان ڇٽل آهي سو منهنجو پيارو آهي.

شلوڪ ١٦-١٧

ويچار (فنا) ڪندڙ جگياسوءَ جو طريقو.

(١٦) جو منهنجو ڀڳت مون کانسواءِ ٻيءَ هر ڪنهن دنيا جي مراد (خواهش) کان نامراد ٿيو آهي؛ شُڌ ۽ تيز فهم (هوشيار) آهي؛ نر ٻنڌن (موھ رهت) ۽ فريب کان آجو آهي ۽ ٻنهنجن سڀني ڪرمن جي ڦل (نتيجي) جو خيال نٿو رکي يعني مونکي ارپڻ ڪري ٿو، اهو مونکي پيارو آهي.

(١٧) جو جگياسو پيار ۽ ڌڪار، خوف ۽ اميد کان آجو آهي ۽ گلا سوڀيا کان ڇٽل رهي ٿو، سو مونکي پيارو آهي.

شلوڪ ١٨-١٩

ڌيان (تصور) ڪندڙ جگياسوءَ جو طريقو.

جو جگياسو دوستيءَ ۽ دشمنيءَ، وڏ مانُهپائيءَ ۽ ننڍ مانُهپائيءَ ۾ هڪجهڙو (سمان) رهي ٿو؛ سردي ۽ گرمي، شادي ۽ غميءَ جي اثر کان آزاد رهي ٿو؛ ساراهه ۽ گلا ۾ سم رهي ٿو ۽ اندر ۾ آنند ۾ آهي ۽ جيڪي سهج سڀاءِ ٿڻجي اچي ٿو، تنهن ۾ خوش رهي ٿو؛ لوڪاچاري ڪم ڪاريون ڪندي ۽ ان ۾ دلي سنبنڌ (موهه) نٿو رکي ۽ سم ڀاوَ سان ڪم ڪندو رهي ٿو، سو مونکي پيارو آهي.

نقشو آڏياءُ نبرهون

صوفيائي سمجهاڻي (بيان)	صوفيائي سمجهاڻي (منزل)	نالو آڏياءُ	نمبر شلوڪ	نمبر آڏياءُ
صفات جلوه ذات	حقيقت	پرش پرڪرتي يوگ	٣٥	١٣

تاتپرج آڏياءَ جو

جڙ ۽ چيتن جي عجيب ميلاپ هئڻ سبب، جيو ۽ آتما جو هجڻ ظاهر ٿئي ٿو. جيوَ کي جزو ۽ ايشور کي کل جي نالي سان سڏيو ويو آهي. جيوُ ۽ ايشور ٻئي سرگڻ روپ آهن ۽ آتما نام روپ کان رهت مڃي ويئي آهي، جنهنکي برهم (حق) ۾ چئجي ٿو.

مختصر سمجهاڻي آڏياءَ جي

(باطني معنيٰ)

جيو، ايشور ۽ برهم، جڙ ۽ چيتن، پرش ۽ پرڪرتيءَ جي حقيقت، سرگڻ – نرگڻ جي خيال کان هن طرح ظاهر ٿي آهي، جيئن سربر ۽ آتما جو ملڻ، جنهنکي جيوُ ٿو

(نانهه) يعني فنا (ويراڳ ورتيءَ) وارو طريقو سڀني کان اعليٰ يعني اُتم آهي.

۱- اَڀياس (شغل) ۾ اندرين ۽ دل تي ضابطو رکڻو پوندو آهي.

۲- ويچار (فڪر) ۾ عقل ۽ هوشياريءَ سان ست ۽ اَست جي جاچ رکڻي پوندي آهي ۽ اَست جو تياڳ ڪري ست کي گرهڻ ڪرڻو پوندو آهي.

۳- ڌيان (تصور) ۾ دماغ کان ڪم ورتو آهي يعني خيال کي هڪ جاءِ ٽڪائي آتما جو ساکياتڪار ڪرڻو آهي، جنهنکي صوفي مشاهدو چوندا آهن. نيتي يعني ويراڳ ورتيءَ وارا جگياسو پنهنجي جيوَپڻي جي هستيءَ (پنهنجي هئڻ واري هستي) کي گم ڪري آتما ۾ لين ٿي ويندا. جنهن ۾ طريقي سان جگياسو واڌارو ڪندو هلندو، ته آهستي آهستي آتم ساکياتڪار جي ويجهو پوندو هلندو؛ پر جگياسوءَ کي تيستين مڪتي هٿ نه ايندي، جيستين پنهنجي جيوَپڻي جي هستي گم يعني فنا نه ڪندو، جنهنکي صوفي لا اِلاه الا الله چوندا آهن. گرو نانڪ صاحب جن ۾ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ هيٺين شلوڪن ۾ ساڳي ساک ڏني آهي:-

”ناهين دوجا بن الک“ ۽ ”هر بن دوجا ناهين ڪوءِ“

اُٿي انهيءَ ۾ حالت - نہ تصديع نہ راحت ؛

١- نڪو هيءُ نڪو هوءُ - نڪا صفت نہ صنعت ؛

٢- نڪو ذڪر نڪو فڪر - نڪو ڪشف ڪرامت ؛

٣- نڪو غم نڪو ڏمر - نڪو درد نہ محنت ؛

٤- نڪو قبض نڪو بسط - نڪو عيش نہ عشرت ؛

٥- نڪو جيءُ نڪو روح - نڪا جان جُمعيت ؛

٦- نڪو سک نڪو ڏک - نڪو هوش نہ حسرت ؛

٧- نہ عبرت نہ غيرت - آهي حيرانيءَ حيرت ؛

٨- سڀؤ سچ آهي نہ ڪجھ - آهي رڳوئي راحت .

ڇئجي. آتما ۽ سندس گڻن کي ايشور ٿو ڇئجي يعني پرش ۽ پرڪرتي؛ ذات - صفات جي ميل جو نالو ايشور ڇئجي ٿو. برهم يعني حق پاڪ هستي آهي، جا پورن گيان (معرفت) ۽ پورن آنند آهي، جنهن کي فنا - بقا (أست - ست) نه ڇئي نٿو سگهجي. سريرِ چوويهن جزن جو پتلو آهي. (پنج تت :- هوا - باهه - پاڻي - مٽي ۽ آڪاس؛ پنج پران :- پران - اَپان - اُدان - ويان ۽ سمان؛ پنج ڪرم اندريون :- هٿ - پير - واڪ - گدا - لنگ؛ پنج گيان اندريون :- اکيون - ڪن - نڪ - زبان ۽ چمڙي؛ چار انتهڪرڻ يعني سوکيم اندريون :- من - چت - بڌي ۽ اهنڪار). اهو پتلو جڙ مجيو ويو آهي. ان جو ساکي (جاڻندڙ) آهي، انکي آتما مجيو ويو آهي. جڙ ۽ چيتن جي ڪري ساري سرشٽي پيدا ٿي آهي. جڙ ۽ چيتن (پرش ۽ پرڪرتي) اناادي آهن. پرش (آتما)، گيان ۽ عقل جي ڪاڻ آهي. پرڪرتي گڻن ۽ ڪرمن جي ڪاڻ آهي. آتما ۽ پرڪرتيءَ جي ميل ڪري سرشٽيءَ جي پيدائش ٿي آهي. برهم اها بي نام ۽ بي نيشان هستي آهي، جنهن ۾ ست - اَست، ڪُلِيت ۽ جزويت، وحدت ۽ ڪثرت جا ڀيد نٿا رهن. جتي درشٽا - درشن - درشيه؛ عالم - علم - معلوم؛ گياتا - گيان - گييه؛ ناظر - نظر - منظور؛ عاشق - عشق - معشوق وغيره ٽرپٽيءَ جي ڄاڻ نٿي پوي؛ جو ٽه برهم، پورن گيان ۽ پورن آنند آهي.

تنهنکي گيانوان، کيترگيه (جان - روح - چيتنتا) چوندا آهن.

*   *   *   *

کيتر سنسڪرت ۾ ٻنيءَ کي چئبو آهي. (هت شرير ڏانهن اشارو آهي)، جنهن ۾ سک دک اپجي ٿو. کيترگيه سنسڪرت ۾ ڪڙمي يا هاريءَ کي چئبو آهي، جو پنهنجي ٻنيءَ کي ڄاڻي ٿو يا اُن ۾ رهي ٿو. (هتي آتما يا جان ڏانهن اشارو آهي).

شلوڪ ٣

شرير اُنيڪ (ڪـشـرت)
آهن ۽ آتما هڪ آهـي.

هي اَرجن! سڀني شريرن ۾ آتما مونکي ئي ڄاڻ. منهنجي سمجهه موجب شرير ۽ آتما جي ڄاڻ رکڻ ئي گيان آهي. مطلب ته شرير ڇا آهي ۽ آتما ڇا آهي، اهو سمجهڻ ئي سچو گيان آهي.

*   *   *   *

آتما جا سڀ جي ڪارڻ آهي، سائي سوڪيم ۽ استول ٻڻجي ظاهر ٿي آهي ۽ پنهنجو تماشو پاڻ ئي ڏسي رهي آهي،

”صورت سڀ سلطان--
پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو.“
(سچل فقير)

ڇو ته استولتا ئي آتما (ڪارڻ) جي ظاهر ٿيڻ جو وسيلو آهي، جنهنجو بيان اَڳي ئي ڪيو آهي. هن ڪانڊءِ

اَڌياءُ تيرهون - شلوڪ ٣٥

پرش پرڪرتي يوگ

شلوڪ ١

گياتا ۽ گيان جو ڀيد.

اَرجن شري ڪرشن ڀڳوان کي سوال ڪيو:-
هي ڪرشن! پرڪرتي ۽ پرش (صفات ۽ ذات)، کيتر ۽ کيترگيه (جسم ۽ جان = روح)، گياتا ۽ گيان (ڄاڻندڙ ۽ ڄاڻ)، انهن سڀني جو مونکي ڀيد سمجهايو.

* * * *

نوٽ:- هي شلوڪ ڪيترين گيتائن ۾ ڪونه ڏنل آهي، پر شري ويد وياس جن واريءَ اَصلي گيتا ۾ ضرور ڏنل آهي. هيءُ اَکر جگياسوءَ جي ڄاڻ لاءِ ڏنل آهن. هنن جي وڌيڪ سمجهاڻي ايندڙ شلوڪن ۾ ڏنل آهي.

شلوڪ ٢

جسم ۽ جان (سرير ۽ چيتنتا) جو ڀيد.

شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي چيو:-

هي اَرجن! هن پنج تتي سرير کي کيتر يعني جسم چوندا آهن ۽ جو انهيءَ کي ڄاڻي ٿو،

اظهار ڪيو آهي، پر حقيقت ڪري آتم گيان هڪ ئي آهي، فقط اڪون ۽ پوليءَ جي ڪري فرق ضرور پاسي ٿو. سچ جا شائق ڪڏهن به فرق نٿا سمجهن.

شلوڪ ٦-٧

سرير جي بناوت

(٦) سرير پنجن تتن، اهنڪار ۽ بُڌيءَ جو ٺهيل آهي. پر ڪرتي ۽ ڏهه اِندريون، من ۽ پنجن اِندرين جون وشيون پڻ سرير ۾ رهن ٿيون.

(٧) پيار ۽ ڌڪار، سک ۽ دک، جمڻ ۽ مرڻ ۽ زندگي اهي سڀ سرير جا گڻ مختصر چوان ٿو.

* * * *

سانکيه يوگ جي طريقي موجب سرير جا چوويه تت ليکيا ويا آهن (آڪاس، هوا، باهه، پاڻي ۽ مٽي؛ اهنڪار، من، بُڌي ۽ دل؛ ڏهه اِندريون ۽ پنج اِندرين جا وشيه يوگ) ۽ پنجويهين آتما، جنهن جي بدولت ٻين سڀني تتن کي سَتتا ملي ٿي. انهن چوويهن تتن جو پاڻ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ سان سرير ۾ ست خاصيتون پيدا ٿين ٿيون جهڙوڪ:- پيار ۽ ڌڪار، سک ۽ دک، جمڻ، مرڻ ۽ زندگي.

شلوڪ ٨ کان ١٢

گيانيءَ جي پڇاڻ.

(٨) جس اپجس جو خيال نه ڪرڻ؛ سچائي، ڏيکاءُ نه ڪرڻ، اهنسا، ڪميا، گرو، شيوا، پوترتائي، مُحڪم خيال، من تي ضابطو.

سوکيم ۽ ڪارڻ جي سمجهاڻي هيٺين شلوڪن ۾ ڏني ويندي، جنهن ۾ سارو آتم گيان (علم معرفت) اچي ويندو.

شلوڪ ٤

سرير ۽ آتما جي سمجهاڻي

کيتر (سرير) ڇا آهي، ڪهڙن آهي ۽ ڪهڙا وڪار آهن ۽ ڪٿان پيدا ٿئي ٿو ۽ آتما (کيتر گيه) ڪير آهي ۽ انجون خاصيتون ڪهڙيون ڪهڙيون آهن، تنجو ٿوري ۾ بيان ٻڌ.

* * * *

نوٽ:- سريرن جي وڏيڪ سمجهاڻي شلوڪ ٦ ۽ ٧ ۾ ڏنل آهي، آتما جي ستتا ڪري هر جنسار ظاهر ۽ استت رهيٿي. انهيءَ جي ثابتي شلوڪ ٣٢ ۾ اچيٿي، جنهنجي وچوروار سمجهاڻي شلوڪ ٣٢-٣٣ ۽ ٣٤ ۾ ڏيکاريل آهي.

شلوڪ ٥

سريرن ۽ آتما جي عقل انوسار جدا جدا سمجهاڻي.

گيانوانن نئين نئين رنگ تي، ويدن گهڻن ڇندن ۽ سرن ۾ ۽ برهم سوترن گهڻن ئي شبدن ۾ مثالن ۽ وستار سان کيتر گيه (آتما - ذات حق) جو بيان ڪيتن ڪيو آهي.

* * * *

جيئن ٺيڪ سيني پنهنجي پنهنجي نموني آتما جو

جاڻندڙ، اهنڪار يعني خودي آهي ۽ جاڻ جاڻندڙ کي ظاهر ڪري ٿي. جاڻ ۽ جاڻندڙ ٻئي آتما يعني جاڻ پوڻ وسٽوءَ تي پردو آهن.

شلوڪ ١٤-١٥

آتما سروويا پڪ ۽ پوتر آهي.

(١٤) آتما جا سڀ طرف هٿ ۽ پير آهن، سيني طرفن کان اکيون، مٿو ۽ منهن اٿس، هر طرف سندس ڪن آهن ۽ ساري سرشٽيءَ ۾ وياپڪ ۽ سمائي رهيٿي.

(١٥) هوءَ سيني اندرين کي ڪرم ڪرڻ جي شڪتي بخشي ٿي، پر ساڳئي وقت پاڻ اندرين کان نياري آهي. هوءَ سيني کان آزاد آهي، تڏهن به سيني کي پنهنجي سٽتا سان اسٿت ڪري ٿي. هوءَ پرڪرتيءَ کان ڇٽل رهيٿي، تڏهن به گڻن جي ڀوڳتا آهي.

* * * *

جيترا به ماڻهوءَ جا هٿ آهن يا پير، اکيون، ڪن، سر ۽ منهن آهن، سي سڀ آتما جا آهن، جا سڀ ۾ وياپڪ ۽ سمائي رهيٿي، آتما منشن جي فريب ۽ ٺڳين کي ڏسي ٿي، سيني جون ڳالهيون ٻڌي ٿي، سيني جي زبان سان ڳالهائي ٿي ۽ سيني جي پيرن سان هلي چلي ٿي، اهي سڀ ڪرم ڪندي به ڪنهن ۾ بنڌائمان نٿي رهي.

(٩) وشيہ ڀوڳن کان دل جي ڪنائي، آپوپڻو گم ڪرڻ، جنم مرڻ، ٻڍاپي ۽ بيماريءَ جي ڏکن جو سوچ نہ رکڻ؛

(١٠) پٽ، استري، گهر ۽ ٻين لاڳاپي رکندڙ پدارٿن جي موهہ ۾ نہ ڦاسڻ؛ رنج ۽ راحت جي سمي سمان (هڪجهڙو) رهڻ؛

(١١-١٢) منهنجي سڪ سهت ڀڳتي ڪرڻ، ايڪانت ۾ گهارڻ ۽ سڀني سان نرموهہ ٿي ورتڻ ڪرڻ؛ آتم گيان جو سدائين ويچار ڪرڻ ۽ پرڪرتيءَ جي گڻن کان چڱيءَ طرح واقف رهڻ کي گيان چئجي ٿو؛ انهيءَ جي اُبتڙ سڀ اگيانتا آهي. انترمک ٿي رهڻ گيان آهي ۽ ٻاهر مک ٿي رهڻ نسوري اگيانتا آهي.

شلوڪ ١٣

آتما جا گڻ

هاڻي مان انهيءَ آتما جا گڻ چوان ٿو، جنجي ڄاڻڻ سان آتم پد ملي ٿو. انهيءَ آتما جو انت ڪونهي ۽ دائما قائم آهي ۽ سَت اَسَت ٻہ ڪيس چئي نٿو سگهجي.

* * * *

آتما جو درشن تڏهن نصيب ٿئي ٿو، جڏهن ڄاڻ ۽ ڄاڻندڙ ٻئي ڄاڻڻ يوگ وستوءَ (آتما - ذات حق) ۾ محو يعني گم ٿي وڃن ٿا. جيستائين ڄاڻندڙ ۽ ڄاڻ ٻئي قائم آهن، تيستائين مگهنتا (محويت) نہ چئي سگهجي.

(ڄاڻ) ۽ آتما جو احوال ڏنو آهي، جو منهنجو ڀڳت انهيءَ ڳالهہ کي چڱيءَ طرح سمجهي ٿو سو مون ۾ لين ٿي وڃي ٿو.

شلوڪ ٢٠

پرش ۽ پرڪرتي

پرش ۽ پرڪرتيءَ کي ھي ارجن! تون آناديِ ڄاڻ ۽ سڀ ڪرم پلا چاهي برا پرڪرتيءَ کان ٿيندڙ ڄاڻ.

*　　*　　*　　*

پرش ۽ پرڪرتيءَ جو پاڻ ۾ سنبنڌ اهڙيءَ طرح آهي جيئن بنب ۽ پرتبنب (عڪس ۽ معڪوس) جو. آتما سدائين هڪجهڙي، قائم قير گهير رهت آهي ۽ پرڪرتي قير گهير سهت ۽ ناسونت آهي.

شلوڪ ٢١

آتما گيان آهي ۽ پرڪرتي ڪرم آهي.

ڪاريہ، ڪرتا ۽ ڪارڻ، اهي پرڪرتيءَ کان پيدا ٿين ٿا ۽ سک دک جو ڀاسڻ آتما جي سٽتا کان ٿئي ٿو.

*　　*　　*　　*

ڪرم پرڪرتيءَ کان پيدا ٿيندڙ آهي ۽ آتما صرف انهيءَ کي بل بخشيندڙ آهي.

شلوڪ ٢٢

پرش ۽ پرڪرتيءَ جو سنبنڌ.

پرش (آتما) ئي پرڪرتيءَ ۾ استت ٿي پرڪرتيءَ

شلوڪ ١٦-١٧-١٨

آتما سوکيم، هڪ ۽ تجليدار آهي.

آتما سڀني سريرن ۾ اندر ٻاهر وسي ٿي. جڙ چيتن ۾ پڻ وياپڪ رهي ٿي. اُتي سوکيم هجڻ ڪري ڏسڻ يا پاسڻ ۾ نٿي اچي. آتما پري کان پري ۽ ويجهي کان به ويجهي آهي. آتما هڪ هوندي به سڀني پدارٿن ۾ اکنڊ سمائي رهي ٿي، پر پاسڻ ۾ جدا جدا اچي ٿي. اهڙيءَ آتما کي پيدا ڪندڙ، پاليندڙ ۽ ناس ڪندڙ جاڻ؛ آتما سڀني تجلين جو نور ۽ اُنڌڪار کان دور آهي ۽ پاڻ ئي گيانا-گيان-گيم، ٻڌي سڀني جي دلين ۾ وسي رهي آهي.

* * * *

آتما سڀني جڙ ۽ چيتن جي اڻوءَ اڻوءَ ۾ سمائي رهي ٿي. سڀني کي چرپر جي شڪتي ڏيندي به پاڻ چرپر رهت آهي ۽ سڀني اندرين ۾ وياپڪ رهندي به نٿي پاسي، ڇاڪاڻ ته اُتي سوکيم آهي. آتما ويجهي ۾ ويجهي هوندي به اگيانتا سبب پري کان پري پاسڻ ۾ اچي ٿي. آتما جا حقيقت ڪري هڪ ئي آهي، سا اَگيانتا ڪري گهڻائيءَ (ڪثرت) ۾ ۽ جدا جدا ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

شلوڪ ١٩

ڄاڻڻ ۽ ڄاڻڻ يوگيه آتما، محويت حاصل ڪرڻ بعد سمجهڻ ۾ اچي ٿي.

انهيءَ طرح تو ري ۾ مون توکي کيتر (سرير)، گيان

ساڪيا تڪار اندر ۾ ڪنٿا ۽ ڪي ويچار ۽ ڪي اڀياس دواران آتما جو ديدار ڪنٿا.

شلوڪ ٢٦

سرت ساڌنا جي طريقي سان ٻہ
آتما جو درشن حاصل ٿئي ٿو.

جو انسان انهن طريقن کان واقف نہ آهي ۽ ٻين کان ٻڌي اُپاسنا (ڀڳتي) ڪريٿو، سو ٻہ سرت ساڌنا جي طريقي هن مرت لوڪ کان ڇوٽڪارو پائي ٿو.

*　　　*　　　*　　　*

آتم گيان جو حاصل ڪرڻ فقط تيز فهمي ۽ هوشياريءَ تي نہ آهي پر دل جي شڌتا ۽ صفائيءَ تي ٻہ مدار رکي ٿو، جا گهڻي اڀياس (محنت) دواران پراپت ٿئي ٿي. گهڻائي جگياسو هوشياريءَ ۽ تيزفهميءَ کانسواءِ ٻہ گيانوان ٿيا آهن، جن جي واٽيءَ ۾ هوشيار ۽ تيز فهم جگياسن کان گهٽ نہ آهي. سرت ساڌنا (تصور)، جنهنجو ذڪر هن شلوڪ ۾ آيو آهــــي، اُهو طريقو ٻين طريقن (اُپياسن) کان ٻيءَ طرح آهي. ٻهرين محنتن ۾ تصور قائم ڪرڻ جي بدران دماغي طاقت يعني دماغي هوشياريءَ سان، ٻين پاسن کان خيال ڪيدي هڪ آتم اُپياس ۾ لڳائڻو پوي ٿو. سرت ساڌنا (تصور) واريءَ محنت ڪرڻ سان جگياسوءَ ۾ عشق حقيقي فـراخدلي پيدا ٿئي ٿي.

مان اُنهن تيل گڻ پوڳي ٿو ۽ گڻن سان سنگ
ڪري اتم ۽ نيچ (پلين ۽ ڀڇڙين) جوڻيون
اختيار ڪري ٿو.

* * * *

پرش ۽ پرڪرتيءَ جي ميل ڪري سڀ جيو پيدا
ٿين ٿا ۽ ٻنهي جي ميلاپ کي حياتي چئجي ٿو يعني
جڙ ۽ چيتن ٻئي پاسڻ ۾ اچن ٿا.

شلوڪ ٢٣

آتما جو پرتاپ.

اهڙي مهروان شد آتما، سرير ۾ رهندي نيارِي،
مالڪ، پالنا ڪندڙ، اُپديشڪ، مهيشور ۽ پرماتما
سڏبي آهي.

شلوڪ ٢٤

پرش ۽ پرڪرتيءَ جو ڀيد
ڄاڻندڙ آزاد رهي ٿو.

جو انسان پرش ۽ پرڪرتي ۽ اُنجا گڻ چڱي طرح
سمجهي ٿو، سو ڪهڙيءَ به حالت (ورتڻ) ۾
هجي، ته وري جنم نٿو وٺي يعني جنم مرڻ
جي چڪر کان ڇٽي وڃي ٿو.

شلوڪ ٢٥

ابياس، ويچار ۽ ڌيان جي طريقي
سان آتما جو ساکياتڪار ٿئي ٿو.

ڪي ماڻهو ڌيان (تصور) ڪري آتما جو

يعني سڀ ۾ سو (انيڪ ۾ ايڪ).
جڏهن جگياسوءَ جي نظر جيون جي گهڻائيءَ (ڪثرت) مان ڦري هيڪڙائيءَ (وحدت) ۾ سمائجي وڃي ٿي ۽ گهڻائي، هڪ ئي آتما جو جلوو سمجهي ٿو، تڏهن هو خود اَبناسي يعني ناس رهت بڻجي پوي ٿو.

شلوڪ ٣٢

آتما جا گڻ.

هي اَرجن! اهو ابناسي پرماتما، اَنادي ۽ نرگڻ هئڻ سبب، سريرَ ۾ وياپڪ ٿيندي بہ ڪجهہ نٿو ڪري ۽ سدائين نرليپ رهي ٿو.

شلوڪ ٣٣

آتما سوکيم آهي.

جهڙيءَ طرح آڪاس هر شيءِ ۾ وياپڪ رهندي بہ سوکيم ۽ نرليپ رهي ٿو، تهڙيءَ طرح سيني ديهين ۾ وسندڙ آتما نرليپ رهي ٿي.

شلوڪ ٣٤

آتما پرڪاشوان آهي.

جهڙيءَ طرح هڪ ئي سورج ساريءَ سرشٽيءَ کي روشن ڪري ٿو، تهڙيءَ طرح هي اَرجن! هڪ ئي آتما سيني جيون کي روشن ڪري ٿي.

شلوڪ ٣٥

آتم گيان ئي موکش جو وسيلو آهي.

شلوڪ ۲۷

پرش ۽ پرڪرتيءَ جي ميلاپ
سان سرشٽي ٿئي ٿي.

هي ارجن! اهو نشچيہ ڪري ڄاڻ تہ جيترا بہ جيو، جڙ چاهي چيتن ٿين ٿا سرشٽيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، سي سڀ پرش ۽ پرڪرتيءَ جي ڪري ميلاپ پيدا ٿيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

شلوڪ ۲۸-۲۹

پرش ۽ پرڪرتيءَ جي ڄاڻ.

(۲۸) جو شخص آتما کي ئي ساريءَ سرشٽيءَ ۾ هڪجهڙو وياپڪ ڏسي ٿو ۽ آتما کي ناس رهت (بقا) ڄاڻي ٿو، سوئي سچ پڇاڻي ٿو.

(۲۹) جو منش ايشور کي هر جاءِ هڪ سمان وياپڪ ڏسي ٿو، سو پاڻ کي ناس ٿيڻ کان بچائي وٺي ٿو ۽ پرم گت پائي ٿو.

شلوڪ ۳۰

نيتي (فنا) وارو طريقو.

جو ڄاڻي ٿو تہ سڀ ڪرم پرڪرتيءَ کان بڻجن ٿا ۽ پنهنجيءَ آتما کي اڪرمي ڄاڻي ٿو، سو دل جو روشن آهي يعني سچ پڇاڻي ٿو.

شلوڪ ۳۱

گهڻائيءَ ۽ هيڪڙائي (ڪثرت ۽ وحدت)

حاصل ڪريتو، جنهنکي صوفي حق ال يقين ۽ معرفت
چئين ٿا.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان، ”کيتر ۽ کيتر گيه“ يعني پرڪرتي ۽ پرش جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو تيرهون آڌياءُ پورو ٿيو.

تيرهين آڌياءَ جي سمالوچنا.
(سمجهاڻي)

ٻارهين آڌياءَ ۾ ڀڳتي يعني عشق (نيتي نيتي - فنا) جي محنت جو طريقو ڏسيو ويو آهي. ڀڳتيءَ ۾ جي ڀڳت آهي ته ڀڳوان به آهي، جي پريمي آهي ته پريتم به آهي، جي عاشق آهي ته معشوق به آهي يعني انهيءَ حد تي ترپتي يعني ترگڻي مايا (گياتا - گيان - گييه) قائم آهي. تيرهين آڌياءَ ۾ ترگڻي مايا کان مٿي هيڪڙائيءَ واري منزل جو بيان ڪيل آهي، جنهن ۾ ترگڻي مايا کان مٿي چڙهي هيڪڙائيءَ واري حد جي موج ماڻڻي آهي.

جي منش کيتر ۽ کيتر گيه (پرڪرتي ۽ پرش)
جي ڀيد کي سمجهن ٿا ۽ ساريءَ سرشٽيءَ ۽
پرڪرتيءَ کي مٿيا ۽ پرم جاڻي آتم گيان جو اڀياس
ڪندا، سي پرم پد کي پراپت ٿين ٿا.

* * * *

جي منش کيتر ۽ کيتر گيه (پرڪرتي ۽ پرش) جي حقيقت کي اڀياس دواران چڱيءَ طرح سمجهن ٿا ۽ ظاهري ڪرمن جي بندن کان ڇٽڻ جو ڏانءُ هٿ اچي ويو اٿن، سي پرم پد حاصل ڪندا. ڪرم بندن ۾ ڦاسڻ جو ڪارڻ خودي ۽ اگيانتا آهي. موڪش پراپت ڪرڻ لاءِ اگيانتا ۽ اهنڪار دور ڪرڻ تمام ضروري آهي. اگيانتا ۽ اهنڪار، بنا اڀياس جي دور ٿي نه سگهندو. موڪش حاصل ڪرڻ جون ٽي منزلون آهن:-

١- سروڻ معنيٰ ٻڌڻ آتم گيان بابت. ٢- منڻ معنيٰ سچ سمجهي دل سان هنڊائڻ. هن منزل تي دماغ دواران ويچار کان ڪم ورتو آهي. سروڻ ۽ منڻ کي صوفي شريعت ۽ طريقت چون ٿا ۽ انهي حد کي علم ال يقين واري حد ڪري سڏين ٿا جتي ست است کي سمجهڻو آهي. جڏهن ست است يعني حق ۽ باطل جي چڱيءَ طرح ڄاڻ پيئي تنهن کانپوءِ انهيءَ تي ثابت قدم رهڻ يعني انهيءَ موجب پنهنجي رهڻي رکڻ کي ندياسڻ چئجي ٿو جنهن کي صوفي حقيقت چون ٿا ۽ انهي حد کي عين ال يقين واري حد ڪري سڏين ٿا. جڏهن جگياسو انهيءَ حد تي چڱيءَ طرح محڪم ٿي ٿو، تنهن کانپوءِ کيس ساکياتڪار نصيب ٿئي ٿو ۽ موڪش

ٿي ڏيکاري ڄڻ آتما ڪم ڪري رهي آهي. انهن ٽن گڻن مان ستو گڻ، گيان ۽ آنند ۾ رکي ٿو. رجوگڻ، حيواني خواهش (سريرڪ) ۽ ڪرمن ۾ ٻڌي ٿو. تموگڻ، مورکتا (اگيانتا) ۽ سستيءَ جي قيد ۾ قابو رکي ٿو. اهي ٽيئي گڻ جيوَ ۽ ايشور ۾ موجود آهن. انهن ٽن گڻن جي هرهڪ جيوَ ۾ گهٽتا وَڌتي ٿيندي رهي ٿي. ڪنهن نہ ڪنهن هڪ گڻ جي زور وٺڻ تي باقي ٻيا ٻہ گڻ دٻجي وڃن ٿا. اهو قدرتي قانون آهي. جنهن گڻ جي اِنسان ۾ وڌيڪ مکيتا آهي (پرڌان) يعنيٰ جنهن گڻ جو وڌيڪ زور آهي، ان موجب اِنسان ڪرم ڪندو رهي ٿو؛ جن جو اثر يعنيٰ جنهن جي ڦل جو اثر آتمڪ اُنتيءَ تي پوي ٿو؛ يعنيٰ سٺن ڪرمن ڪرڻ واري جي آتمڪ اُنتي جلدي ٿيندي ۽ نيچ ڪرمن ڪرڻ واري جي دير سان اُنتي ٿيندي. جنهن ۾ ستو گڻ زور آهي، تنهن کي آتم گيان ۽ دل جو آنند جلد حاصل ٿيندو. جنهن ۾ رجوگڻ زور آهي، تنهن ۾ رَتا ڪتا ۽ اَندر ۾ اَڌمانڌ ۽ بي آرامي گهڻي هوندي. جنهن ۾ تمو گڻ وڌيڪ هوندو، انهيءَ ۾ اَگيانتا ۽ سستي گهڻي هوندي. ستي گڻ جو ڦل اُتم ڪرم آهن. رجي گڻ جو ڦل اَڌمانڌ ۽ ڪرم آهي. تمي گڻ جو نتيجو ڪڪرم آهن. گيانوان (سڄان پرک) سڀ ڪرم پرڪرتيءَ جي گڻن کان مڃي ٿو ۽ آتما کي نرليپ ۽ نيارو سمجهي ٿو، تنهن ڪري گيانوان هميشہ ڪرمن جي ٻنڌنن کان آزاد ۽ آتما ۾ آنندي (مڳو) ۽ بي فڪر رهي ٿو.

نقشو آڌياءِ چوڏهون

نمبر آڌياءِ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءِ	صوفياڻي سمجهاڻي: منزل	صوفياڻي سمجهاڻي: بيان
١٤	٢٧	گڻ تري وڀاڳ يوڳ يعني ترگڻي مايا جي وچور وار سمجهاڻي (ستو-رجو-تمو)	حقيقت	پرش (آتما) تي ٽن گڻن (ستو-رجو-تمو) جو پردو آهي

تاتپرج آڌياءِ جو

پرڪرتي ستي-رجي-تمي جي صورت وٺي، اُتپتي، استٿتي ۽ لئتا جو ڪارڻ بڻي آهي ۽ سڀني ڪرمن جي ڪارڻ آهي.

مختصر سمجهاڻي آڌياءِ جي

(باطني معنيٰ)

پرڪرتي ٽن گڻن (ستي-رجي-تمي) جي آهي جا پنڊ برهمانڊ جي اُتپتي، استٿتي ۽ لئتا جو ڪارڻ ۽ سڀني ڪرمن جي ڪارڻ آهي؛ جڙ-چيتن (اُڀڄندڙ ۽ چرندڙ) پدارٿن کي ظاهر ڪري، آتما جو ميلاپ ڪرايو آهي ۽ ائين

اَڌياءِ چوڏهون - شلوڪ ٢٧

نرگڻي مايا جي وچوروار سمجهاڻي

(ستو - رجو - تمو)

شلوڪ ١

آتم گيان ڇا آهي؟

شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي چيو:-
هاڻي مان توکي آتم گيان وري سمجهايانٿو. اهو آتم گيان (علم اشراق) ٻين سڀني ساڌنن کان اُتم آهي جنهنکي پراپت ڪري، سڀ آتم جگياسو نرٻنڌن ٿيا آهن ۽ پرمپد پراپت ڪيو اٿن.

شلوڪ ٢

آتم گيان موکش دائي آهي.

جي لوڪ هن گيان وسيلي مون ۾ سمائجي وڃن ٿا، سي جمڻ مرڻ جي چڪر کان ڇٽي موکش کي حاصل ڪن ٿا.

* * * *

جگياسو اڀياس دواران ستگوروءَ (مرشد) کي پنهنجي سرير ۾ سمايل ڏسي ٿو يعني پنهنجو سرير نٿو ڀاسيس


سائین
وشن
برهما
سنکلپ
ردر
انڈج
جیرج
سرشٹی
سیٹج

پر پنھنجي ستگوروءَ (مطلوب) جو سرير سمجھي ٿو. اھا
ڪمال درجي جي فنائي پنھنجي ستگوروءَ ۾ مڇي ويئي
آھي جنھن کي صوفي فنافي ال شيخ چون ٿا معنيٰ
ستگوروءَ جي ھستيءَ ۾ سمائجي وڃڻ يا پنھنجي ھستي
ستگوروءَ جي ھستيءَ ۾ گم ڪرڻ. ھن حد تي جگياسو
دنيوي ڳالھين جھڙوڪ نيڪي بدي ۽ سک دک جي
خيالن کان نرپؤ بڻجي ٿو ۽ ڪنھنجو بہ خيال نہ ڪري
سدائين پنھنجي مٺري ۾ گم رھي ٿو.

شلوڪ ٣

سرشٽيءَ جي اُتپٽي.

ھي اَرجن! جڏھن ھن پرڪرتيءَ روپي گرڀ ۾
مان سنڪلپ روپي ٻج وجھان ٿو، تڏھن ساريءَ
سرشٽيءَ جي اُتپٽي ٿئي ٿي.

شلوڪ ٤

آتـــمـــا جـــي ستتا تـــي
ساري سرشٽي قائـــم آھي.

ھي اَرجن! سرشٽيءَ ۾ جيڪي ڪجھہ ڏسڻ
پسڻ ۾ اَچي ٿو، تنھنجي ماءُ پرڪرتي آھي ۽
انھيءَ جو پيدا ڪندڙ پتا مان آھيان.

شلوڪ ٥

ترگڻي مايا آتما تي پردو آھي.

ھي مھاباھو! ستي گڻ، رجي گڻ ۽ تمي گڻ جي

۽ موھ پيدا ٿئي ٿو، جو جيو کي ڪرم بندن
۾ وجهي ٿو.

* * * *

رجو گڻ دنيوي خواھشون، دنيوي سک سھنج ۽ انھن ۾ موھ ممتا پيدا ڪري ٿو ۽ سنڪلپن کي وڌائيندو رھي ٿو، جنھنڪري جيو ۾ بي آرامي ۽ اھنڪار پيدا ڪري ٿو ۽ ڪرم بندن ۾ وجهي ٿو.

شلوڪ ٨

اَگيانتا، غفلت ۽ سستي تمي گڻ جي خاصيت آھي.

ھي اَرجن! تمو گڻ اِنسانن کي غفلت ۾ سوگهو ڦاسائي ٿو. تمو گڻ اَگيانتا جي ڪري پيدا ٿئي ٿو ۽ عيش عشرت، سستي ۽ گهٽيءَ ننڊ ۾ مبتلا رکي ٿو.

* * * *

تمو گڻ جيو کي ملين بڻائي اَگيانتا ۽ غفلت ۾ ڦاسائي ٿو.

شلوڪ ٩

ستي - رجي ۽ تمي گڻ جون خاصيتون.

ھي اَرجن! ستو گڻ آسودگي بخشي ٿو، رجو گڻ ڪرم ڪرائي ٿو ۽ تمو گڻ گيان کي ڍڪي عيش عشرت ۾ ڦاسائي ٿو.

شلوڪ ١٠

ستي، رجي ۽ تمي گڻ جي
گهٽاوڌيءَ جو اثر.

ھي اَرجن! رجي ۽ تمي گڻ جي گھٽجڻ ڪري، ستو گڻ ظاھر ٿئي ٿو. ستي گڻ ۽ تمي گڻ جي

اُپٽي پرڪرتيءَ کان ٿئي ٿي ۽ اهي ٽيئي گڻ
اَبناسي آتما کي ديھ ۾ ٻڌي رکن ٿا.

* * * *

آتما (ذات پاڪ) ترگڻي مايا جي وسيلي ساري سرشٽيءَ کي ظاهر ڪري دک سک وغيره پيدا ڪيا آهن.

شلوڪ ٦

آتم گيان ۽ آنند ستي
گڻ جي خاصيت آهي.

هي پاپ رهت! انهن ٽنهي گڻن (ستي - رجي - تمي) مان ستو گڻ، جو سيني ۾ سوکيم ۽ پوتر آهي، سو سک ۽ گيان سان ٻڌندي ٿو.

* * * *

ستو گڻ، جو پرڪرتيءَ جو سيني ۾ آتم گڻ آهي، سو جيو کي سک، آرام ۽ آتم گيان بخشي ٿو. انهيءَ ڪري سيني جگياسن کي اهي هدايتون مليل هونديون آهن ته پنهنجو گهڻو سمو ستي گڻ جي آڌر هيٺ گهاري آتم پرائڻ تي رهن، جو پڻ گهڻيءَ محنت بعد جيو کي نصيب ٿئي ٿو.

شلوڪ ٧

ترشنا ۽ ڪرم رجي گڻ
جي خاصيت آهي.

هي ارجن! اهو يقين ڄاڻ ته رجي گڻ مان ترشنا

۾ آنند اُپجيس ٿو. تنهن وقت سمجهڻ گهرجي ته تمي گڻ جو زور آهي.

شلوڪ ١٤

ستي گڻي جيوُ برهم لوڪ ۾ وڃيٿو.

سرير ڇڏڻ وقت جيڪڏهن جيو ۾ ستوگڻ زور آهي ته اهو گيانوانن جي نرمل لوڪ ۾ پهچي ٿو.

* * * *

گيان ۽ اُپياس دواران ئي ستوگڻ جيو ۾ چڱيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿو ۽ اهڙي اُپياس ڪندي جي جگياسوءَ جو سرير ڇٽي وڃيٿو ته ستي گڻ جي خاصيتن ڪري اهڙو جگياسو برهم لوڪ ۾ وڃيٿو.

شلوڪ ١٥

مرڻ وقت، رجي يا تمي گڻ جي وڌيڪ
هجڻ ڪري بيو جنم ڪيئن ٿو ٿئي؟

جو اِنسان رجي گڻ جي وڌيڪ هجڻ وقت مري ٿو، ته نيڪ ماڻهن جي گهر ۾ جنم وٺي ٿو ۽ جي مرڻ وقت تمو گڻ زور اٿس، ته اگيانين جي گهر جنم وٺي ٿو.

* * * *

دنيون پدارٿن ۾ مبتلا رهڻ جو ڪارڻ رجو گڻ آهي، تنهنڪري جو اِنسان حرص حواسن ۾ مرڻ گهڙيءَ تائين لپٽائمان رهيٿو، سو رجي گڻ خاصيتن جي زور هجڻ ڪري بيو جنم رجي گڻي گهر ۾ وٺيٿو. اگيانتا ۽ ڪُراهي

دٻجي وڃڻ ڪري رجوگڻ زور وٺي ٿو. ستي گڻ ۽ رجي گڻ جي هيٺ ٿيڻ تي تموگڻ پرگهٽ ٿئي ٿو. ڪنهن به هڪ گڻ جي وڌڻ ڪري ٻيا ٻه گڻ گهٽجي وڃن ٿا.

شلوڪ ١١-١٢-١٣

ستي - رجي ۽ تمي گڻ جي سڃاڻ.

(١١) جڏهن سڀني اندرين رستي هن ديهه ۾ گيان پرڪاش ٿئي ٿو، تڏهن ائين سمجهه ته ستوگڻ سرس آهي.

(١٢) هي اَرجن! جڏهن رجوگڻ وڌي ٿو، تڏهن جيو ۾ لوڀ، بي آرامي، ڪرمن جو ڪرڻ ۽ ترشنا پيدا ٿين ٿا.

(١٣) هي اَرجن! اندڪار، جڙتا، آلس ۽ موهه تمي گڻ جي وڌڻ ڪري ظاهر ٿين ٿا.

* * * *

جنهن وقت جيءُ گيان ٻـل سان ست ۽ اَست کي سمجهي سگهي، انهيءَ وقت ستوگـڻ وڌيڪ سمجهڻ کپي. جڏهن ترشنا ڪري سوير چاهي دماغ ۾ هل چل ۽ بي آرامي پيدا ٿئي ۽ خواهش جي پوري ڪرڻ واسطي ڪوشش ڪجي يا ڪروڌ پيدا ٿئي، تنهن وقت رجي گڻ جو واڌارو سمجهڻ گهرجي. جنهن وقت جيءُ غلطفهميءَ جي گهر ۾ آهي يعني وويڪ ۽ ويچار ۽ پنهنجيءَ سمجهه کان نيڪ ڪم نٿو وٺي سگهي ۽ اَگيانتا يعني جهالت ۾ مبتلا رهي ٿو ۽ سچ ڄاڻڻ کان انڪاري ڪري ٿو ۽ ڪوڙ سان پريت لڳائي ٿو ۽ عيب جوُئي ڪرڻ ۽ ٻڌڻ

۾ قائل آهي، انهيءَ جو درجو وچولو ڄڻيو ويو آهي ۽ جو اِنسان اَگياني ۽ ڪڪرمي آهي، انهيءَ کي سڀني کان نيچ (گهٽ) سمجهڻ گهرجي.

شلوڪ ١٩

ترگڻي مايا (ستو- رجو- تمو) کان ڇوٽڪارو.

جو اِنسان ساريءَ سرشٽيءَ کي ترگڻي مايا ڪري ڄاڻي ٿو ۽ پرڪرتيءَ کي سڀ جو ڪندڙ ڄاڻي ٿو ۽ آتما کي پرڪرتيءَ کان نيارو ڄاڻي ٿو، سو مون ۾ سمائجي وڃي ٿو.

* * * *

جو جيوُ پنهنجا سڀ ڪرم پرڪرتيءَ کان ٿيندڙ سمجهي ٿو ۽ پنهنجي آتما کي انهن ڪرمن کان نيارو ڄاڻي ٿو، سو گياني آهي.

شلوڪ ٢٠

نرموه ٿيڻ موکش لاءِ ضروري آهي.

جو اِنسان ترگڻي مايا (ستو- رجو- تمو، جي هن ديهه جو ڪارڻ آهي) کان آزاد ٿي مٿي چڙهي ٿو، سو جنم مرڻ، بڍاپي ۽ بيماريءَ کان ڇٽي امرپد ماڻي ٿو.

* * * *

گياني منش ترگڻي مايا جي اثرن کان، پنهنجي آتما کي نيارو سمجهي ٿو تنهنڪري شانتي ۽ آنند ۾ حياتي گذاري ٿو.

تمي گڻ جي خاصيت آهي، تنهنڪري جو اِنسان مرڻ گهڙيءَ تائين اَگيانيءَ ۽ ڪڪرمي رهيٿو، سو نيچ گت (جنم) پائي ٿو.

شلوڪ ١٦-١٧

ستي، رجي ۽ تمي گڻ جا اَثر.

(١٦) ستي گڻ جو ڦل ستا ڪرم آهن. رجي گڻ جو ڦل دک ۽ تمي گڻ جو ڦل اَگيانتا آهي.

(١٧) ستي گڻ مان گيان اُتپن ٿئي ٿو؛ رجي گڻ مان لوڀ ۽ تمي گڻ مان اَويچار، موهه ۽ اَگيانتا پيدا ٿين ٿا.

* * * *

سرگ نرڪ ٻئي پرڪرتيءَ جي ترگڻي مايا مان اُتپن ٿيل آهن ۽ ستي، رجي ۽ تمي گڻ جون حالتون آهن.

شلوڪ ١٨

ستي، رجي ۽ تمي گڻ جون منزلون.

جو اِنسان ستو گڻ ڌاري ٿو، سو سڀني کان اُتم آهي؛ جو رجي گڻي آهي، اهو وچولي درجي جو ڄڻجي ٿو ۽ جو تمي گڻي آهي، سو سڀني کان نيچ آهي ۽ گهٽ جوڻين ۾ رهيٿو.

* * * *

جنهن اِنسان جي ذره، هوشياري ۽ سُراهه يعني ستو ڪرم آهي، تنهنکي قدرت جي طرفان اوچو پد ملي ٿو. جو اِنسان دنيا جي سکن سهنجن ۽ عيش عشرت

جاڻي ٿو، تہ جو ڪجهہ بڻجي ٿو، سو پرڪرتيءَ کان رچيل آهي؛ اهڙو اِنسان آنند ۽ شانت ۾ اچل رهي ٿو.

* * * *

هيءَ هڪ سوکيم ڳالهہ آهي جا گهڻي اَڀياس ۽ ويچار سان جگياسوءَ کي هٿ اَچي ٿي. گيانيءَ (فقير – سنت – درويش) کي سرير ۾ ٽنهي گڻن (ستو – رجو – تمو) جا اَثر رهن ٿا، پر گياني آتما ۾ محو هئڻ ڪري انهن ٽنهي گڻن جي هجڻ ۽ نہ هجڻ جو ڪوبہ ويچار نٿو ڪري ۽ انهن کي ساکي ٿي ڏسي ٿو ۽ پنهنجي آتما کي ٽنهي گڻن کان نيارو ۽ آزاد سمجهي ٿو.

شلوڪ ٢٤

دک سک، رنج ۽ راحت نہ پاسڻ.

جو دک سک ۾ هڪجهڙو ۽ آنند ۾ رهي ٿو؛ لوهہ، پٿر ۽ سون کي هڪجهڙو سمجهي ٿو؛ چڱائيءَ مٺائيءَ ۾ هرک شوڪ نٿو ڪري ۽ گلا سوپيا ۾ سمان رهي ٿو.

شلوڪ ٢٥

ڪرم ۾ موهہ نہ رکڻ.

جو مان اَپمان ۾ هڪجهڙو رهي ٿو؛ دوست ۽ دشمن ٻنهي برابر نظر اَچنس ٿا ۽ جو سڀني ڪرمن کان آزاد ٿيو آهي (اَڪرمي بڻيو آهي)، تنهنکي پرڪرتيءَ جي بندن کان آزاد سمجهڻ گهرجي يعني مڪش کي پراپت ٿيل ڄاڻڻ کپي.

* * * *

شلوڪ ٢١

موڪش واري جي پڇاڻ.

اَرجن جو ڀڳوان کي سوال:-

هي منهنجا مالڪ! جو منش انهن ٽنهي گڻن (ستو-رجو-تمو) کان ڇٽل آهي، تنهنجا لڇڻ ڪهڙا آهن؟ سندس رهڻي ۽ ڪهڻي ڪهڙي نموني جي آهي؟ ڪهڙن طريقن سان انهن ٽن گڻن کان ڇوٽڪارو پائي ٿو؟

* * * *

هن شلوڪ ۾ جگياسو (طالب) پنهنجي ستگورو ۽ (مطلوب) کان موڪش حاصل ڪرڻ جا قائدا قانون ۽ لڇڻ پڇي ٿو.

شلوڪ ٢٢-٢٣

جو تياڳ ۽ گرهڻ جو خيال نہ رکي
ڪنهن بہ حالت ۾ چلائمان نٿو ٿئي،
سو آنند ۽ شانتيءَ ۾ رهي ٿو.

شري ڪرشن ڀڳوان جو اَرجن کي جواب:-

(٢٢) جو اِنسان گيان (ستي گڻ جو لڇڻ)، شوق (رجي گڻ جو لڇڻ) ۽ اگيانتا (تمي گڻ جو لڇڻ) جي ظاهر ٿيڻ تي انهن کان بيزار نٿو ٿئي ۽ وري انهن جي نہ هئڻ ڪري انهن لاءِ خواهش نٿو ڪري.

(٢٣) ۽ ڪنهن بہ دنيوي چيز سان موهہ رکي ٿو گڻي مايا جي اثر هيٺ نٿو اچي ۽ چگيءَ طرح

آهي. اهڙي اَملهه شيءِ گورو ڪرپا ڪانسواءِ هٿ اَچڻ ناممڪن آهي.

شلوڪ ٢٧

آتما ۾ مهر رهڻ عشق حقيقي آهي.

ڇاڪاڻ ته اُن آتما (ذات حق -- برهم) جو مان ظاهري سروپ آهيان، جو اَکنڊ ۽ اَبناسي آهي، سُڌاهه تي آهيان ۽ آنند بخش آهيان.

* * * *

شري ڪرشن ڀڳوان، جو اَرجن جو ستگورو (مرشد -- مطلوب) هو، تنهنڪي آتما (ذات) جو چڱيءَ طرح گيان هو، تنهنڪري پاڻکي اَبناسي ۽ ڪل علمن جو ڄاڻندڙ يعني ڪرتا سمجهائين ٿي ۽ هن جي ڀڳتي يعني عشق، عشق حقيقي يعني نرگڻ ڀڳتي آهي.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان "ترگڻي وڀاڳ يوگ" جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو چوڏهون اڌياءُ پورو ٿيو.

چوڏهين اڌياءَ جي سمالوچنا.

(سمجهاڻي)

تيرهين اَڌياءَ ۾ پرش ۽ پرڪرتيءَ بابت سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. هن اَڌياءَ ۾ پرش ۽ پرڪرتيءَ جو ڀيد يعني لاڳاپو ڏيکاريو ويو آهي. انهيءَ لاڳاپي هئڻ ڪري پرڪرتيءَ جو آتما تي ڪهڙو اَثر ٿو پوي، تنهنجو بيان

جو شخص پرڪرتيءَ جي ٻڌنن کان آزادي پراپت ڪريٿو، تنهنجي رهڻيءَ ڪهڻي مٿين ٽن شلوڪن ۾ ڏني ويئي آهي. جگياسوءَ کي هروقت پاڻ ۾ انهن گڻن جي پيدا ڪرڻ جي اون رکڻ کپي؛ جيستائين اهڙي قسم جي رهڻيءَ ڪهڻي پڪيءَ طرح همت نہ ڪئي اٿس، تيستين لاف هڻڻ يا ڏيک ڪرڻ فضول آهي.

عاشق نام سڏاوڻ سؤکا -- پر عشق اٽانگا لاوڻ،
لافان لک مريندي ٻٽني -- مشڪل تور نباوڻ،
هردم باهہ برهہ دي -- مکڻ سيخ پچاوڻ،
پل پل پيرين مغان دي هٿون -- وَل وَل آپ کهاوڻ،
کٿي مرغ وانگر در اُتي -- رات ڏينهان تڙڦاوڻ،
دل اندر ديدار تنهانکو -- ٻاهر پير نہ پاوڻ،
ڪامل عشق مراد تنهان دا -- پيا سپ کوڙ ڪماوڻ.

شلوڪ ٢٦

نرگڻ ڀڳتيءَ سان موکش حاصل
ٿئي ٿو؛ يعني عشق حقيقيءَ جي
وات مان بقا حاصل ٿئيٿي.

جو اِنسان نرگڻ ڀڳتيءَ (عشق حقيقي) جي وسيلي مونکي ڌيائي ٿو، سو پرڪرتيءَ جي ٽنهي گڻن (ستو -- رجو -- تمو) کان لنگهي آتما (واجب ال وجود) ۾ لين ٿي وڃي ٿو.

* * * *

نرگڻي مايا کان جيڪو تيستين ڇوٽڪارو نٿو پائي سگهي جيستين کيس نرگڻ ڀڳتي (عشق حقيقي) نصيب نہ ٿي

۾ جاڳايل آهي يا سنتن فقيرن اُنيءُ ڪيو آهي.

موت هڪ قدرتي ڦيرگهير آهي، جا پرڪرتيءَ جي چڪر اُنوسار ٿيندي رهيٿي. پرڪرتي ٽرگڻي ليکي ويئي آهي يعني ستو -- رجو ۽ تمو گڻ، اهي ٽيئي گڻ پرڪرتيءَ جي چڪر ۾ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪندا رهنٿا ۽ ساريءَ سرشٽيءَ کي پنهنجي پنهنجي زور موافق ٻڌي رکن ٿا. هر هڪ گڻ پنهنجو زور ۽ ڪم ڏيکاريندو رهيٿو ۽ پرڪرتيءَ جي چڪر کي قائم رکيٿو. انهن گڻن ۾ ستو گڻ اُتم، رجو گڻ وچولو ۽ تمو گڻ سڀني ۾ گهٽ ڳڻيو ويو آهي. ٽنهي گڻن جون خاصيتون اَلڳ اَلڳ آهن ۽ سولائيءَ سان جيءُ ڄاڻي سگهي ٿو. ستو گڻ گيان ۽ آنند جو ڏيندار آهي، جنهنڪري سنتن فقيرن انهيءَ گڻ کي ڏاڍي مهرائي ڏني آهي. رجي گڻ واريءَ حالت ۾ موهه ۽ ممت پيدا ٿئي ٿو ۽ تمي گڻ ۾ اَگيانتا ۽ ڪم عقلي زور ٿي رهي ۽ جيو کي اونداهيءَ جي غفلت ۾ ڦٽو ٿي ڪري. مرڻ وقت جنهن به گڻ جو زور هوندو، انهيءَ موجب پرڪرتيءَ جي نيت (قاعدي) پٽاندر جيءُ انهيءَ گڻ ۾ لين ٿي وڃيٿو ۽ انهيءَ ٻيهر سنڪلپ جي زور تي وري اَهڙو ئي نئون سرير ڌارڻ ڪريٿو. اَهڙيءَ طرح جمڻ ۽ مرڻ جو سرشتو قدرت جو چالو رهيٿو. انهيءَ ۾ آتما جو ڪهڙو واسطو.

جيسين اِنسان پنهنجو اَهنڪار قائم رکي پرڪرتيءَ جي ٽنهي گڻن ۾ ٻڌو رهيٿو، تيسين پرڪرتيءَ جي چڪر ۾ ايندو ويندو رهيٿو. جنهن وقت جيو ۾ آتم گيان پرڪاش ڪريٿو، تنهن وقت اهو جيو پرڪرتيءَ کي ڇڱيءَ طرح

ٿيل آهي. پرش (آتما) ۽ پرڪرتيءَ (قدرت) جي ميلاپ
هوندي به آتما پرڪرتيءَ جي ڪنهن به اثر هيٺ نٿي
اچي. آتما سدائين نرليپ ۽ آزاد آهي. جو جيوُ اندرين
جي اوٽ تي آتما کي پرڪرتيءَ جي اثر ۾ بندائمان
سمجهي ٿو، سو اگياني ۽ محدود (ڪم عقل - Limited)
خيالن وارو آهي. آتما سدائين سرو وياپڪ، اَبناسي،
قيرگهير رهت ۽ پرڪرتيءَ کان نياري آهي. جو ڪجهه
ڏسڻ پسڻ ۾ اچي ٿو سو پرڪرتيءَ جو جزو آهي، ڇو ته
پرش (جنهنکي برهما ۽ پرجاپتي به چئجي ٿو - روح)
آتما جو جزو آهي، سو سدائين آزاد ۽ قيرگهير رهت
آهي. جنهن صورت ۾ آتما سرير جي بندنن ۾ قيد نه
آهي ۽ جمڻ مرڻ کان ڇٽل آهي ته ماڻهو ڪيئن پيدا ۽
ناس ڪندڙ ڇو ٿا ڄاڻن؟ انهيءَ جو ڪارڻ رڳو اهو
آهي ته ماڻهو اگيانتا جي ڪري اهڙي نموني سمجهي
رهيا آهن. آتم گيان جي کين ڪا به بوجهه نه آهي. عام
طرح جمڻ مرڻ (آواگون) جي معنيٰ ماڻهو اها ڪندا آهن
ته آتما هڪڙو سرير ڇڏي ٻئي سرير ۾ پيدا ٿئي ٿي
يعني هڪ هندان مري وڃي ٻئي هند جمي ٿي؟
پنهنجي اڳئين جنم جي ڪرمن جو ڦل نئين جنم ۾ ڀوڳي
ٿي. اهڙي ساک اگيانين ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به ويد
شاستر يا سنت فقير ڪانه ڏني آهي. هن اڌياءَ جي
۱۴ ۽ ۱۵ شلوڪ ۾ اها ڳالهه اچيٿي، جنهنجي معنيٰ
بلڪل سوکيم آهي. انکي سمجهڻ لاءِ پوريائين آتم گيان
جي سخت ضرورت آهي، تنهنڪري اگياني جيوَ انهن
شلوڪن جو سچو ڀاؤ مور نه سمجهي سگهندا، جو ويدن

نقشو آڌياءُ پندرهون

نمبر آڌياءُ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءُ	صوفياڻي سمجهاڻي	
			منزل	بيان
١٥	٢٠	پرشوتم يوگ	معرفت يعني گيان يعني حق ال يقين	پنڊ ۽ برهمانڊ يعني جيو ۽ ايشور يعني جز ۽ ڪل جي جاڻ معنيٰ گيان

تاتپرج آڌياءُ جو

آتما (هستي پاڪ - ذات حق) انادي، اڇيٽيءَ رهت ۽ پنڊ برهمانڊ کان اوچي، اٽون کان آجي، پورن گيان ۽ پورن آنند آهي. آتما جي پراپتي اهنڪار ۽ خوديءَ جي ترڪ ڪرڻ ڪانسواءِ ڪانه ٿيندي.

مختصر سمجهاڻي آڌياءَ جي

(باطني معنيٰ)

آتما ست اَست کان نياري آهي. انجي دائما ساکي پڻي کي ايشور چئجي ٿو ۽ انهيءَ جي اَست (ناس ٿيڻ) واري ڀاڱي کي جيو چئجي ٿو. انهيءَ ڪانسواءِ آتما اوچي کان

ڄاڻي ونيٿو. آتما ۽ پرڪرتيءَ جو ڀيد سمجهي يعني آتما کي پرڪرتيءَ کان نيارو ۽ آزاد سمجهي، آتما ۾ محو رهي لين ٿي وڃيٿو. اُنهيءَ حد تي جيوُ ڀُڳل ڇڻي مثل ٻڻجي پوي ٿو، جنهنجي ٻوڪڻ سان وري ڇڻو پيدا نٿو ٿئي. جيتوڻيڪ ڇڻي جي ظاهري صورت ساڳي رهيٿي، پر ڇاڪاڻ ته سندس پيدا ڪرڻ واري هستي ڀُڄڻ بعد نابود ٿي ويئي، تنهنڪري وري پيدا نٿو ٿئي؛ ٿهڙيءَ طرح جيو جو ٻـ جڏهن اَهنڪار سخت اَڀياس بعد ناس ٿي وڃيٿو تڏهن سندس جنم مرڻ مٽجي وڃيٿو.

جبروتي منزل ڪري چوندا آهن. ايشور ۽ جيو ٻنهي جي چيتن ستا نام روپ ۽ گڻن کان آزاد ۽ پوتر (پاڪ) آهي. چيتن ستا ۽ برهم ۾ ڪوئي فرق ڪونهي. اگرچ ڪوئي فرق ڏسڻ ۾ اچيتو ته اهو فقط اهنڪار ۽ خوديءَ (اهم ڀاوَ) جي ڪري ڀاسي ٿو. فقط ظاهري گڻن ڪري ٻنڌ ۽ برهمانڊ ۾ ڀيد ڀاسي ٿو. چيتن ستا جا سرو وياپڪ (لاحد آهي، تنهنڪري عقلي ٻڌن، محدود ڪري ڏيکاري ٿو. انهيءَ جي سمجهاڻي ڏني ٿي وڃي ته آتما جو گيان (جاڻ) پرڪرتيءَ جي آدي گڻن جي پردي (عالم- علم- معلوم؛ گياتا - گيان - گييه؛ جاڻندڙ - جاڻ ۽ جاڻڻ جوڳ پدارٿ) کان ٿي آهي ۽ اهنڪار جي ڪريئي آتما کي علم ذريعي جيون ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي. مطلب ته آتما جو خاص آنند جنهنکي برهم آنند چوندا آهن ۽ مايا جي پردي ڪري (ظاهري شڪتين) آتم آنند ڪري، چون ٿا سو وشيه آنند جي نالي سان جيون (جز) ۾ ظاهر ٿئي ٿو؛ جهڙوڪ کاڌي کائڻ ۽ ٻڌڻ وغيره ۾. آتما جي اَڦر واري اوستا، ورات جي صورت ۾، قدرتي شڪتيءَ جي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿي، سا جز جي حالت ۾ پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڪم ڪندڙ ٿئي ٿي. مٿيون احوال وڻ سان ڀيٽيو ويو آهي جنهن ۾ پرڪرتيءَ جي ٽن مان ٽي گڻ (ستو- رجو- تمو) شاخن وانگر ڦٽا آهن، جنهن مان آتما ۽ پرڪرتيءَ (ذات ۽ صفات) جو علم پتن وانگر ظاهر ٿيا آهن ۽ سک دک وغيره گل ۽ ٻور جي مثل آهن، جنهن جون پاڙون نيڪ ۽ بد ڪرمن جي صورت ۾ انسان کي ٻڌن ٿيون. جو منش نرموهه ۽ نيارو ٿي، ويراڳ جي

اوچي روشني (تجلي) مڃي ويئي آهي ۽ هن جو هجڻ ۽ ساکي پڻو جو ساري برهمانڊ تي پوي ٿو، تنهنکي ايشور چئجي ٿو. آتما جو جيڪو ساکي پڻو پنڊ مٿان ظاهر ٿئي ٿو تنهنکي جيوُ چئجي ٿو. ٻيءَ طرح آتما نام ۽ روپ کان رهت، گڻن کان نياري ۽ سوکيم ۾ سوکيم مڃي ويئي آهي. انهيءَ ڪري آتما کي هرڻيه گرڀ (سوکيم سرير - سمني جو اَيماني) جي نالي سان سڏجي ٿو ۽ اَستولتا ۾ ظاهر ٿي پرجاپتيءَ جي نالي سان مشهور ٿئي ٿي. هرڻيه گرڀ سڀ ۾ هيڪڙائي يعني وحدت ثابت ڪري ٿو ۽ پرجاپتي اَنيڪتائيءَ (گهڻائي - ڪثرت) جي معنيٰ رکي ٿو. هرڻيه گرڀ معنيٰ ٻج ۽ پرجاپتي وڻ جي مشابهت رکي ٿو ۽ اهي ٻئي صورتون ايشور جون آهن جو خالق (اُپائيندڙ) بڻجي ڪل سرشٽي رچي ٿو جهڙوڪ جڙ (پٿر وغيره)، چيتن (وڻ ٽڻ ٻوٽا ۽ ماڻهو مرون وغيره) ۽ انهن سڀني پيدائش ۾ پاڻ پرسڌ (ظاهر) ٿئي ٿو. جڙتا واريءَ حالت ۾ پاڻ استر روپ اختيار ڪري ٿو ۽ چيتن واريءَ حالت ۾ وڻ نڊر ۽ چرندڙ پرندڙ روپ اختيار ڪري ٿو. جيو ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا آزاد جهڙوڪ پکي ۽ مرون وغيره ۽ ٻيا ڳالهائيندڙ. ٻنهي جي عقل ۽ يادگيريءَ (حوصلو) ۾ ڀيد (فرق) آهي. هيءُ اَحوال "تت پد" يعني هيڪڙائيءَ جو آهي. هرڻيه گرڀ (ساکيپڻي) سان اَنتهڪرڻ يعني وويڪ ۽ اِندريون يعني دل ۽ حواس پيدا ٿين ٿا ۽ پرجاپتيءَ جي طاقت سان سرير ٿين ٿا. هيءُ جيون جي پيدا ٿيڻ جو مختصر اَحوال آهي جنهنکي سکرپت اَوستا چئجي ٿي ۽ صوفي


ॐ
ستو
تمو
رجو

ڪهاڙيءَ سان هن وڻ جي مضبوط پاڙ کي ڪاٽي ٿو، يعني خوديءَ اَهنڪار ترڪ ڪري ٿو، اهو ڇڱن ٿي ويدن جو ڄاڻو آهي. هن جو گيان ۽ هئڻ ويدن جي ترپتي يعني ڪرمن ڪان مٿي آهي يعني خود ويدن جو آڌار (پرڪاشڪ) آهي.

اَڌياءُ پندرهون - شلوڪَ ٢٠

پرشوتم يوگ

شلوڪ ١-٢-٣-٤

مايا (علم صفاتي) روپي وڻ.

شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي چيو:-

(١) هي ارجن! گيانوانن هن سنسار کي هڪ ابناسي پپر جي وڻ (اشوٿ برڪش) سمان ورنن ڪيو آهي، جنهنجون پاڙون مٿي ۽ ٽاڙيون هيٺ آهن ۽ جنهنجا پن (پتا) ويد آهن. جو منش انهن کي ڄاڻي ٿو سو ويد ڄاڻندڙ گياني آهي.

(٢) انهيءَ وڻ جون شاخون، جي پرڪرتيءَ جي ٽن گڻن مايا مان ڦٽي هيٺ مٿي پکڙجن ٿيون ۽ ساکيات ڪرمن جي روپ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون يعني جنهن ۾ محسوسات جو ٻُور لڳل آهي؛ جنهنجون پاڙون اِنسان جا ڪرم ٻڌجي لٽڪن ٿيون؛

(٣) اُنهيءَ اشوٿ (پپر) وڻ جي سچي سروپ جي ڪنهنکي ڄاڻ ڪانهي. هنجي آد، اَنت ۽ وچ جي ڪنهنکي سڌ ڪانهي. اِنسان کي لازمي آهي، ته اهڙيءَ پڪيءَ پيڙهه واري وڻ کي ويراڳ روپي تلوار سان ڪاٽي،

۽ ناس ٿيندا رهن ٿا، جنهنڪري پرڪرتيءَ جو چڪر چالو رهندو اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته هيءُ وڻ قديمي يعني گهڻو آڳاٽو آهي ۽ هن مان سڀ علم پيدا ٿين ٿا، تنهنڪري جو جيوُ هن وڻ کي چڱيءَ طرح سمجهي ٿو، سو سڀ علم يعني گيان حاصل ڪري ٿو.

اِنسان جي اندر ۾ جي سوڪيم خيال اُٿن ٿين ٿا، تنکي ظاهري اکين سان جيوُ نٿو ڏسي سگهي ۽ اُئين نه نٿو ڄاڻي سگهي ته ڪٿان پرگهٽ ٿين ٿا ۽ ڪٿي لين ٿيڻو اٿن ۽ انهن جو پرگهٽ ڪندڙ ڪير آهي؟ اهي سڀ سنڪلپن روپي خزانا جيو جي اندر ۾ سمان وايوءَ ۾ پريا رهنٿا. اُنهيءَ سمان وايوءَ ۾ هڪ عجيب قسم جي شڪتي رهيٿي جنهن مان پران ۽ اپان (نفس بالا ۽ نفس پائين) پيدا ٿي ٿين ٿا. پرانن توڙي اپانن ۾ سٽي رجي ۽ تمي ٽنهي جون خاصيتون رهن ٿيون. جنهن هنڌان پران ڪڍن ٿا، اها ستي گڻ جي جاءِ آهي ۽ جنهن وقت ڪڍڻ شروع ٿين ٿا (جيسين ڪ وچي ختم ٿين) اها رجي گڻ جي جاءِ آهي ۽ جتي وچي ختم ٿين ٿا، اها تمي گڻ جي جاءِ آهي. اُنهيءَ ڪري ٽنهي گڻن جي پاڙ اها سمان وايو (شڪتي) آهي ۽ پران ۽ اپان جي هلچل ڪري اِنسان جيئرو رهيٿو ۽ سڀ اِندريون پنهنجو ڪم ڪنديون رهن ٿيون. انهيءَ ڪري جگياسوءَ کي گهرجي ته پنهنجي اصلي هستي يعني آتما کي پنهنجي پرانن ۽ اپانن دواران حاصل ڪري. پنهنجي آتم گيان جي بل سان ڪارڻ، ڪرتا ۽ ڪاريه، گياتا، گيان ۽ گييه، ڄاڻندڙ، ڄاڻ ۽ ڄاڻڻ يوگ وستوءَ جي مونجهاري کي چڱيءَ طرح سمجهي، ته آتما جو سرير ۽ ڪرمن سان ڪهڙو لاڳاپو آهي. اُنهيءَ ڳجهه

(٤) اُنهيءَ پرم پد کي ڳولي هٿ ڪري، جٿي پهچي وري جيو موٽ نٿو کائي؛ جٿي پهچي جيوُ سمجهي ٿو تہ مان اُنهيءَ آدي پرک يعني آتما جي شرن ورتي آهي جنهن مان ساري سرشٽي شروع کان اُتپن ٿيندي آئي آهي.

* • * *

سنتن، مهاتمائن ۽ فقيرن هن وڻ جي ڀيٽ سري سان ڪئي آهي، جنهن ۾ آتما پرويش ڪري ٿي. انهيءَ وڻ جون پاڙون پرڪرتيءَ ڏانهن اِشارو ڪن ٿيون، جنهن مان سڀ ڪرم اِنسان جي دماغ دواران اُتپن ٿي اِندرين جي معرفت ظاهر ٿين ٿا. سڀني ڪرمن جو بڻجڻ ترگڻي مايا (ستو - رجو - تمو) يعني پرڪرتيءَ کان ٿئي ٿو. انهيءَ جي سمجهاڻي چوڏهين اَڌياءَ ۾ اَچي چڪي آهي. هن وڻ جون ٽاريون گيان اِندريون ۽ ڪرم اِندريون آهن جن جي وسيلي جيوُ ساري سرشٽيءَ کي سمجهي سگهي ٿو. انهيءَ وڻ جو ٻور پنج تت، آڪاس -- هوا -- باهہ -- پاڻي ۽ مٽي آهن. انهيءَ وڻ جا پن، جيوَ جا سنڪلپ آهن. ويدن جي معنيٰ گيان آهي جو جيوَ ۾ پرمپرا کان رهي ٿو. اَهنڪار، چت، ٻڌي ۽ من جي معرفت دنيا ۾ هرچيز حاصل ٿي سگهي ٿي. اَهڙي وڻ جي ڄاڻ جيوَ کي سخت محنتن بعد ملي ٿي. ٻيءَ طرح بہ ڏسبو تہ اِنسان انهيءَ وڻ جي هوُبهوُ اها صورت آهي، جنهنجون پاڙون يعني دماغ مٿي آهي ۽ ڪرم اِندريون، هٿ پير وغيره هيٺ پکڙيل آهن. اَهڙي وڻ ۾ وقت بہ وقت رنگارنگي گل ڦل (سنڪلپ وڪلپ) پيدا ٿيندا رهن ٿا

۾ هڪجهڙو رهي ٿو ۽ اندر ۾ آنند ۽ خوشي پراپت ڪري ٿو.

شلوڪ ٦

ليِنتا يعني فنائيءَ جو نشانيون.

جتي سورج، چنڊ ۽ باهه جي روشنائي به نٿي
پهچي؛ جتي جگياسو پهچي آواگون (جمڻ مرڻ)
۾ نٿو اچي، اهو منهنجو پرم پد آهي.

* * * *

شري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي پنهنجي پرم پد (آتما) جا گڻ ٻڌائي ٿو ته هي اَرجن! آتما جو ساکياتڪار جگياسو پنهنجي انـدر ۾ ڪري ٿو جتي سورج، چنڊ ۽ باهه جي روشني (جا اسٿول آهي ۽ اِندرين ذريعي ڏسي سگهجي ٿي) نٿي پهچي؛ فقط آتما جوئي اُتي پرڪاش رهي ٿو؛ جتي ڪنهن به اِندريءَ جي پهچ ڪانهي. اهو پرڪاش جگياسو فقط اَنڀوُ ڪري ٿو، تنهنڪري ڪرم ۽ واٽسيءَ کان ٻاهر آهي.

شلوڪ ٧

ليِنتا يعني فنائيءَ بعد آتما جو ساکياتڪار.

منهنجي ناس رهت شڪتي هرهڪ جيو ۾ وياپي،
جڙتا ۽ چيتنتا بخشي ٿي ۽ اِندرين ۽ دل جن جو
لاڙو پرڪرتيءَ ڏانهن رهي ٿو، تنکي پاڻ ڏانهن
ڇڪي ٿي.

* * * *

گيتا ۾ ”اَنش“ اکر ڪم آندل آهي، جنهنجي معنيٰ

ڪي سمجهڻ سان جڳياسو تُريا پد يعني جيون مڪت اوسٿا
ڪي پراپت ڪري ٿو، جنهنکي صوفي واصل با الله چوندا.

شلوڪ ۵

آتما ۾ لينتا يعني فنائي
حاصل ڪرڻ جو طريقو.

سياڻا انسان خودي ۽ جهالت (اگيانتا) کان آزاد
ٿي، پنهنجي من تي فتح پائي، دائما پنهنجي
آتما ۾ محو رهي، آشائن ترشائن کان ڇٽي، رنج
۽ راحت ٻنهي مان موه (واسطيداري) ڪيدي
موڪش پد پائين ٿا.

* * * *

پرڪرتيءَ جو لاڙو هميشه ظاهري (استولتا) ڳالهين
ڏانهن رهيٿو. جنهن مان آهنڪار، جهالت، ترشنا، دک
۽ سک جا بد بدا ۽ لهرون پيدا ٿينديون رهن ٿيون.
انهيءَ ڪري جڳياسوءَ کي جڳائي، ته پنهنجيءَ ٻڌيءَ
روپي ٻيڙيءَ کي انهن مصيبتن کان بچائيندو ڀوَساگر
(سنسار) پار ڪري وڃي آتم گيان جي ڪناري تي
پهچي. هن ڀوساگر (سنسار سمنڊ) مان تري پار پوڻ جو
طريقو هن شلوڪ ۾ سمجهايو ويو آهي، جنهن جو مطلب
آهي ته جڳياسو پرڪرتيءَ جي ڪارنامن کان آتما کي
نيارو ۽ پوتر سمجهي يعني پنهنجيءَ خودي ۽ آهنڪار
کي مٽائڻ جو خوب اڀياس ڪندو رهي، جنهن مان اڳي
يا پوءِ جيڪو جو انيڪ ڪلي پوي تو ۽ سندس ترشنائون
غائب ٿي وڃن ٿيون، من وس ٿي وڃيٿو، خوشي ۽ غم

شلوڪ ١٠

گيان وسيلي آتما جي ڄاڻ ٿئي ٿي.

اَگياني ماڻهو جيوَ آتما کي ديهه ۾ رهندو يا ديهه کي تياڳ ڪندو يا وشين کي ڀوڳيندو نٿا ڏسي سگهن، پر اهي لوڪ جنکي گيان نيتر پراپت ٿيل آهن، سي جيوَ آتما کي ڏسن ٿا.

* * * *

خواهش جي پيدا ٿيڻ، انجي پرورش، انجي سد تا ۽ انجي ناس ٿيڻ، ڇهني اوستائن ۾ اها هڪ ئي جيوَ آتما آهي؛ پر اَگياني جيوَ اهنڪار سبب سڀ پاڻ ڏانهن ٿا سمجهن ۽ گياني جيوَ اَنترمک ٿي اَڀياس ذريعي چڱيءَ طرح سمجهن ٿا، ته آتما ديهه ۾ استت ٿي اِندرين کان ڪرم ڪرائيندي ۽ پاڻ آتما هر حال ۾ نياري ۽ آزاد آهي. جڏهن جيوَ جي اَگيانتا اَڀياس جي بل سان دور ٿئي ٿي، تڏهن جيوُ پاڻکي يعني پنهنجيءَ آتما کي پوتر جاڻيندو ۽ سڀ ڪرم پنهنجو هڪ کيل سمجهي ٿو.

شلوڪ ١١

پاڻ سڃاڻڻ جي اَڀياس ڪرڻ سان
اَنــدر ۾ پرڪاش پيدا ٿئي ٿــو.

پاڻ سڃاڻڻ وارو اَڀياس ڪندڙ جگياسو، آتما کي اَندر ۾ پرڪاشوان ڏسي ٿو ۽ اَگياني جيوُ جنهنجي اَندر ۾ اَگيانتا جي اوندهه وسي ٿي، سو ڪوشش ڪندي به آتما جو ديدار نٿو ڪري سگهي.

* * * *

هتي "شڪتي" ڪٺي ويئي آهي. ٻيءَ طرح اَنش جي اڪري معنيٰ حصو، ڀاڱو يا جزو آهي؛ يعني ساريءَ سرشٽيءَ جو حصو يا ڀاڱو يا جزو، پرچاڪاڻ ته آتما هڪ ئي آهي ۽ جدا جدا حصن يا ڀاڱن يا جزن ۾ نٿي ورهائجي تنهنڪري اَنش جي معنيٰ شڪتي ڪٺي ويئي آهي.

شلوڪ ٨-٩

سوڪيم آتما جو استول سرير ۾ ظاهر ٿيڻ.

جڏهن جيو آتما استولتا اختيار ڪري جيون ۾ پرويش ڪري ٿي، يعني هڪ سرير ڇڏي ٻيو اختيار ڪري ٿي، تڏهن پاڻ سان مَن ۽ اِندرين کي اهڙيءَ طرح وٺي وڃي ٿي جهڙيءَ طرح هوا اوسي پاسي واريءَ خوشبوءِ کي کڻي وڃي. اها جيوَ آتما، ڪنن، اکين، چمڙي، جڀ، نڪ ۽ مَن جي وسيلي وشيون ڀوڳي ٿي.

* * * *

آتما جو سرير ۾ پرويش ڪرڻ آدي سياءُ آهي ۽ هرڻيه گرڀ (آد سنڪلپ)، جو ڪل خزانن جي کاڻ آهي ۽ ساريءَ سرشٽيءَ ۾ وياپڪ آهي، تنهنجي ٻل سان اِنسانن جي دل ۾ سنڪلپ پيدا ٿين ٿا؛ اها پرڪرتيءَ جي نيت آهي يعني قاعدو آهي. پوءِ پائيين سنڪلپ سوڪيم ٿين ٿا، تنهن کان پوءِ سنڪلپن جي پڪي ٿيڻ تي استول سروپ وٺي ڪرم ۽ واڻيءَ رستي ظاهر ٿين ٿا. سنڪلپ کي پنهنجي سر ڪاڻ صورت ڪانهي جيسين اهو سنڪلپ ڪنهن نه ڪنهن اِندريءَ جي معرفت ظاهر ٿئي.

ٻڌجي سيني ٻوٽين وغيره کي هريو ڀريو رکيٿي يعني اَهڙي جا آتما آهي، سا سڀ ۾ ساڳيءَ طرح سمائي رهيٿي. هت آتما جي پورنتا جي ساک ڏنل آهي.

شلوڪ ۱۴

ساهه وارن جيون جي اُتپتي.

مان ساهه وارن ۾ ساهه (جٺرا اَگني) روپ ٿي سيني پراڻين جي سرير اَندر رهان ٿو ۽ پران ۽ اَپان جي روپ ۾ چئن نُمي پرڪارن جي کاڌي کي پچايان ٿو.

شلوڪ ۱۵

ديهه جي اُتپتي.

مان سيني جي هردي ۾ وسان ٿو، سمرتي (يادگيريءَ جي طاقت - حافظو)، گيان ۽ ويچار مون کان نُمي ٿئي ٿو. سيني ويدن دواران ڄاڻڻ يوڳ وستو مان ئي آهيان. ويدن جو رچيندڙ ۽ ويدن جو ڄاڻندڙ ٻه مان ئي آهيان.

* * * *

آتما سيني ديهين ۾ گياتا - گيان - گيئهِ عالم - علم - معلوم؛ ڄاڻندڙ - ڄاڻ ۽ ڄاڻڻ يوڳ وستو ٻڌجي ظاهر ٿئي ٿي. سمرتي ۽ گيان کي سٽي، رجي ۽ تمي گڻن سان ظاهر ڪريٿي. سيني ويدن جو سار آتم گيان آهي ۽ آتما مان سڀ ويد پرگهٽ ٿين ٿا ۽ آتما نُمي انهن ويدن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿي.

آتما جو ساکياتڪار فقط ڪوشش تي منحصر نٿو رکي پر آتما جي ديدار لاءِ انترمکتا جي ڏاڍي ضرورت آهي. جو منش آتما کي ٻاهرمکتا يعني ٻاهرين ڳالهين ۾ ڏسڻ گهري ٿو، تنهنجي هر ڪوشش نشفل آهي.

شلوڪ ١٢

پرڪاش جي صفت.

سورج، چنڊ ۽ باهه جو تيج، جو ساري سنسار کي پرڪاش ڪري ٿو، اهو تيج منهنجو ڄاڻ.

* * * *

ابياس دواران جڏهن جگياسوءَ کي اندر ۾ آتما جو ديدار نصيب ٿئي ٿو، تڏهن هو ڄاڻي ٿو ته اها آتما ئي آهي، جنهن جي ٻل سان سريرن ۾ چيتنتا رهي ٿي ۽ اندرين کي ڪرمن ڪرڻ جي شڪتي ملي ٿي ۽ سورج چنڊ ۽ باهه ۾ تيج به اهو آتما آهي.

شلوڪ ١٣

زير زمين ۽ زمين مٿان
نڪرندڙ شين جي اتپتي.

ڌرتيءَ ۾ پرويش ڪري مان سڀني ڌاتن کي پشت (آڌار) ڏيان ٿو ۽ چندرما ۾ رس بڻجي سڀني ٻوٽين وغيره کي وڌايان ٿو.

* * * *

آتما زمين ۾ پرويش ڪري ڌاتن وغيره کي سهارو بخشي ٿي يعني پيدا ڪري ٿي ۽ چندرما ۾ امرت رس

اَهڙي پرماتما جي ڄاڻ، اِنسان لاءِ پرم گيان آهي جنهنکي ويدانت ۾ ”پرشوتم گيان“ چئبو آهي ۽ صوفي انهيءَ کي ”علم ذات پاڪ يا علم هستي بحت“ چون ٿا. جڏهن ڪيول گيان ئي گيان باقي رهيٿو تڏهن ڄاڻندڙ ۽ ڄاڻ ٻئي گم ٿي وڃن ٿا. تنهن وقت جگياسوءَ جو پاڻ نٿو رهي، هوُ خود خدائيءَ واريءَ خماريءَ ۾ رهيٿو ۽ اَهڙيءَ حالت ۾ گياتا - گيان - گييه (عالم - علم - معلوم) جي ڄاڻ کان مٿي چڙهي وڃيٿو. جيسين ترپٽيءَ جي ڄاڻ رهيس ٿي، تيسين سمجهڻ کپي تہ پرماتما ۾ ايڪ ميڪ نہ ٿيو آهي. اها ترپٽي پرماتما جو پرتبمب آهي.

شلوڪ ١٨

پرماتما جي وڏائي.

چاڪاڻ تہ ناسونت ۽ اَبناسي ٻنهي اَکون کان مان مٿي آهيان ۽ سيني کان اُتم آهيان، تنهنڪري لوڪن ۾ ۽ ويدن ۾ پرشوتم نالي سان مشهور آهيان.

شلوڪ ١٩

گيانوانن جي ورتي (حالت).

هي اَرجن! جو گيانوان مونکي پرشوتم ڪري ڄاڻي ٿو، سو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو ۽ هر ڪرم ۾ منهنجي اُپاسنا ڪريٿو.

* * * *

جڏهن اِنسان سخت محنت بعد گيان حاصل ڪري

شلوڪ ١٦

پرش ۽ پرڪرتيءَ جي پيٽ.

جيون ۾ ٻن قسمن جي هستي رهيٿي:- هڪ اَصلي (آتما) - جا ناس رهت آهي ۽ ٻي نقلي - جا پنوء پرڪرتيءَ جي ٺاهيل آهي يعني ناسونت ديهہ.

* * * *

جو ڪجهہ اندرين ۽ ٻڌيءَ دواران ڏسجي ۽ محسوس ڪجي ٿو، تن ۾ ڦيرگهير سدائين آهي ئي آهي. اهي سڀ پرڪرتيءَ جا رچيل ۽ سمي پائي ناس ٿيندڙ آهن. جا هستي ڦيرگهير رهت ۽ اَبناسي آهي ۽ سدائين پرڪاش روپ آهي، سا اَصلي هستي يعني آتما آهي. هر شيءِ ۾ اهي ٻئي هستيون رهن ٿيون. اَبناسي ۽ ناسونت. ٻن هستين جو هڪ هنڌ ۽ ساڳئي وقت هجڻ سمجهہ ۾ آڻڻ مشڪل آهي، پر اَڀياس ۽ محنت دوارا جگياسو اَندر ۾ ٻئي هستيون اَنڀؤ ڪري سگهي ٿو.

شلوڪ ١٧

پرماتما آتما کان ٻہ وڌيڪ سوکيم آهي.

پرماتما ناسونت ۽ اَبناسي ٻنهي اَکرن کان گهڻو مٿي آهي؛ جو ترگڻي مايا (پرڪرتي) جي ذري ذري ۾ وياپڪ رهي سڀني جي پالنا ڪري ٿو يعني سهارو ڏيندڙ پينو آهي؛ اهو پرماتما سيم قائم آهي.

* * * *

سان سڏين ٿا، جنهنکي سهج يعني نِروِڪلپ يعني نِرٻاڻ پد بہ چئبو آهي. انهيءَ حد کي صوفي بقا باالله واري حد سڏين ٿا. انهيءَ کي جيون مڪت يا وديهہ مڪت جي نالي سان بہ ظاهر ڪيو ويو آهي. اهڙي اوستا ٻين سڀني اوستائن کان اوچي مڃي ويئي آهي.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان، "پرشوتم يوگ" جي باري ۾ شري ڪرشن ڀڳوان ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو پندرهون آڌياءُ پورو ٿيو.

پندرهين آڌياءَ جي سمالوچنا.

(سمجهاڻي)

هن آڌياءَ ۾ اهو راز آهي جنهنجي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪُل ويد رچيا ويا آهن ۽ جنهن مان سڀ علم پيدا ٿيا آهن. جنهن اِنسان اُنهيءَ ڳجهہ کي چڱيءَ طرح اِنڀوَ ڪيو آهي، تنهن ڄڻ سڀني ويدن کي ڄاتو آهي. جيو آتما ۽ جيو (ديهہ يا اسٿول سرير) پرڪرتيءَ جو هڪ عجيب ۽ غريب اسرار آهي، جنهنکي ڄاڻڻ هرهڪ اِنسان جو فرض آهي. هيءُ آڌياءُ سچن جگياسن (طالب صادق) لاءِ هڪ رهبر آهي. جيسين اِنسان پنهنجو سوڪيم اَهنڪار جو پردو دور نہ ڪيو آهي ۽ اميد ۽ خوف واري حياتي گذاري رهيو آهي، تيسين هيڪڙائيءَ جي موج ماڻي نہ سگهندو.

جگياسو جڏهن وحدت (هيڪڙائيءَ) جي درياهہ ۾

انهيءَ نام روپ رهت آتما جو اندر ۾ پرڪاش پراپت ڪري ٿو، تڏهن اهو جگياسو آتما جو هر شيءِ ۾ ديدار ڪندو رهيٿو ۽ اهڙي ديدار ۾ سدائين مڳن رهيٿو.

شلوڪ ٢٠

گيانوان لاءِ آتما جي ڄاڻ
تمام ضروري آهي.

هي اَرجن! جيڪو هن سوکيم ڳجهه کي ڄاڻي ٿو جو مون توکي ٻڌايو آهي، سو گياتا ۽ گيان يعني ڄاڻندڙ ۽ ڄاڻ (عالم ۽ علم) جي منزل کان پار ٿي ويٿو يعني پوءِ باقي اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانه ٿي رهي جنهن جي ڪرڻ جي ڪيس ڪا لوڙ ٿئي.

* * * *

هن اَڌياءَ ۾ جن به اندروني حالتن (انڀؤ) جو بيان ڪيل آهي، انهن کي غيبي اسرار سمجهڻ کپي. جڏهن اِنسان اُنهن ڳجهن جي سمجهڻ جي لائق ٿئي ٿو، تڏهن ڪيس گيانوان (عارف) چئجي ٿو. انهيءَ حد تي ڪيس نه ڪجهه ڪرڻ جي ۽ نه ڳجهه ڄاڻڻ جي اِڇا رهي ٿي. هو سدائين نام روپ رهت آتما ۾ مڳن رهيٿو، بلڪ ايڪ ميڪ ٿي ويٿو، پوءِ ڇا ڪري ۽ ڪير ڪري؟

"رانجهن آيو ڪُلهي بهار-
ڪيرُ ڪَتي هاڻي ڪير ڪَمائي."

(ساءِ قطب علي شاه)

سنت فقير انهيءَ ڄاڻ (گيان) کي پرم پد جي نالي

نقشو آڌياءُ سورهون

نمبر آڌياءُ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءُ	صوفياڻي سمجهاڻي منزل	بيان
١٦	٢٤	ديو، دئيت ۽ اسُرُ سمپتي يوگ يعني ديوتائن ۽ دئيتن جي لڇڻن جو ورنن	شريعت	پاڪ فعل يعني سنا ڳڻ (لڇڻ)

تاتپرج آڌياءَ جو

پرڪرتيءَ جي ڳڻن (ستو-رجو-تمو) جي گهٽاوڌيءَ ڪري جيون ۾ خراب ۽ سنا ڳڻ (ڪرم) پيدا ٿين ٿا. ڪرم سنا يا خراب ٻئي بندن جو ڪارڻ آهن، آتما جي ساکياتڪار لاءِ انهن ٻنهي جو ترڪ ضروري آهي. سنا يا ٻڇڙا ڳڻ (عادتون) مٿين ڳڻن (ستو-رجو-تمو) جي گهٽ وڌ جي ميلاپ ڪري ٿين ٿا.

مختصر سمجهاڻي آڌياءَ جي

(باطني معنيٰ)

جيڪي جيوَ ستوڳڻ ۾ سرس رهن ٿا، تن لاءِ آهر ياؤ

ٻيون هٽي ٿو ۽ موج ماڻي ٿو، تڏهن ڪيس ڄاڻ پوي ٿي ته آتما ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي ۽ هيءُ جيڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو درياهه ۾ مثل ٻُڊِبُدَن ۽ لهرن جي آهي، جن جي اَصلي صورت اهوئي پاڻي آهي. سيئي سنتن فقيرن پنهنجي پنهنجي نموني ۽ پنهنجن اکرن ۽ ٻوليءَ ۾ ساڳي ڳالهه ظاهر ڪئي آهي.

محويت (فنائي) حاصل ڪرڻ لاءِ جگياسوءَ کي شروع ۾ پراڻايام جي محنت ضروري آهي؛ جنهنجي ڪرڻ سان جگياسوءَ جي اندر ۾ اڪير ۽ اُمنگ ۽ پريم (عشق حقيقي) پيدا ٿئي ٿو، جنهنجي شروعاتي نشاني اها آهي، ته جگياسوءَ کي پراڻايام ڪرڻ سان آرام ۽ آنند اچي ٿو. جيئن اها وڌيڪ محنت ڪندو هلندو، تيئن اچا ٻه وڌيڪ محنت ڪرڻ جي اندر ۾ ڪشش ٿيندي رهندي ۽ سمي پائي آدم ۾ لين ٿي ويندو.

طالب صادق (سچا جگياسو) انهيءَ حد تي رسي ڪو مات ڪري ڪونه وهندا آهن. هو سدائين آتما ۾ وڌيڪ وڌيڪ گهڙي وڃڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن.

١- سرتيون منهنجي ساهه کي ڏور وڌي ڏاهي،
٢- جيڏيون هن جهان ۾ ڪنهن رمز وڌو راهي،
٣- قطب جان جان ٿو ساهي-تان ڪاهيو پوي ڪُنَ ۾.

آڌياءُ سورهون - شلوڪ ٢٤

"ديو اسر سمپتي يوگ" (ليکڻ)

شلوڪ ١-٢-٣

ديوتائن جا گڻ.

(١) نرڀئتا، هردي جي شدتا، گيان ۽ يوگ ۾ مڪمتائي، دان، اندرين جو روڪڻ، نيتيءَ انوسار رهڻي، تپسيا، وهنوار ۾ سودو.
(٢) سڀني جو خير منائڻ، سچائي، بردباري، ڪنهن جي عيب جوئي نه ڪرڻ، سدائين آنند ۽ شانتيءَ ۾ رهڻ، رحمدلي، ڪفايت ۽ قناعت، حياءُ ۽ شرم.
(٣) تيج، کميا، ڌيرج، پوترتا، صلح پسند، مانَ ۽ اپمان کان مٿي؛ هي ارجن! اهي گڻ ديوتائن جا آهن. جي انسان انهن گڻن وارا جنم تا، سي ديوتا سروپ آهن.

شلوڪ ٤

راڪسي گڻ.

هي ارجن! فريب (دوکو)، هٺ، وڏائــي، ڪروڌ، ڪنورتا، اگيانتا، اهي گڻ راڪسن جا آهن. جي انسان انهن گڻن وارا جمن تا، سي راڪس سروپ آهن.

ڪيڻ آسان آهي ۽ جيڪي جيوُ رجو ۽ تمو گڻ ۾ سرس
آهن، تنڪان ستو گڻ جي ورتڻ ڏاڍي ڏکي تي سگهي
ٿي؛ انهيءَ ڪري رجي ۽ تمي گڻ وارن لاءِ تمام ضروري
آهي، تہ هو ڀڪتي پاٺ ۾ سٺا لڇڻ پيدا ڪن، جيئن
سندن هردو (قلب) پوتر ٿي ستوگڻي بڻجي، جنهن کان
پوءِ هو آتم گيان جون سوکيم ڳالهيون سمجهي سگهندا.
تنهنجي معني جيوُ ڀڪتي پنهنجي خودي وڃائڻ جون
ڪوششون ڪري. ستي - رجي ۽ تمي گـڻ جي گهٽ وڌ
ٿيڻ تي اِنسان نيڪ يا بد بڻجي ٿو. ستي گڻ جي وڌڻ
۽ رجي ۽ تمي گڻن جي گهٽجڻ ڪري سٺا لڇڻ ۽ اُتم
ڪرم پيدا ٿين ٿا. ستي گڻ جي گهٽجڻ ۽ رجي ۽ تمي
گڻن جي وڌڻ ڪري جيوَ کان بڇڙا ڪرم ٿين ٿا. انهيءَ
ڪري جيوُ پنهنجي سڀاوَ موجب خراب يا سٺا گڻ ظاهر
ڪري ٿو. سٺا ڪرم دل کي بلند، روح کي راحت ۽
دل کي روشن ڪري آتما جـي گيان وارو پاسو سولو
بڻائي ڏين ٿا. بڇڙا ڪرم هيٺ اونـداهي رستي تي
ڪيرائي آتم گيان کان پري رکن ٿا. سرگ يا نرڪ دل جي
حالت کي چئجي ٿو. آتما جو ساکياتڪار خودي ۽ اَهم
ڀاوُ جي وڃائڻ کانسواءِ پراپت نہ ٿيندو. هن راهہ ۾ خوف
۽ اميد کان آجو ٿي رهڻ تمام ضروري آهي.

اختيار ڪري ظاهر ڏسڻ ۾ اچيٿو.

*　　　*　　　*　　　*

اهو وچار ناستڪن جو آهي جي پرماتما ۾ اعتبار نٿا رکن ۽ چون ٿا تہ سرشٽيءَ جي ڪن جزن جي ميلاپ ڪري هيءُ جڳت پيدا ٿئي ٿو ۽ سمي پائي انهن جزن جي الڳ ٿيڻ ڪري ناس ٿئي ٿو.

(٩) جي منش اهڙي خيال جا غلام آهن سي آتم گهاتي آهن. اهڙا جيو اگياني، ڪکرمي ۽ ٻين جي ناس ڪرڻ لاءِ جمن ٿا.

(١٠) اهي حرص حواس (نفساني خواهشين) ۾ ڦاٿا رهن ٿا، جنهجي ڪڏهن بہ پورت نٿي ٿئي؛ ٺڳي دوکيبازي، اجائي وڏائي ۽ ڪروڌ ڪندا رهنٿا ۽ اگيانتا جي ڪري ڪرسٽي هلي ڪکرمي حياتي گذارين ٿا.

(١١) اهي اهڙين چنتائن ۾ جڪڙيا رهن ٿا جو انهن جو عقل گم ٿي وڃيٿو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين انهن چنتائن ۾ مبتلا رهن ٿا ۽ وشيہ ڀوڳن کي پنهنجي حياتيءَ جو مقصد ڄاڻي انهن ۾ غلطان رهنٿا.

(١٢) اهي سوين آشائن جي ڦاسين ۾ ڦاسي، ڪام ۽ ڪروڌ جي وس ٿي، وشيہ ڀوڳن جي ماڻڻ لاءِ انيڪ ڪنياءِ ڪري ڌن پدارٿ ڪٺي ڪرڻ ۾ لڳا رهن ٿا.

(١٣) هو ائين پيا سمجهن تہ اڄ مون هي هٿ ڪيو، سڀاڻي هو هٿ ڪندس، هيءُ سڀ ڌن

شلوڪ ٥

ديوتائن ۽ راڪسي گڻن جو اثر.

ديوتائن جا گڻ ڪرم ڪان آجو ڪندا (مڪتي ڏين ٿا). راڪسي گڻ (شيطاني صفت) ٻنڌن جو ڪارڻ بڻجن ٿا. هي ارجن! تون ڪا به چنتا نه ڪر، تنهنجو جنم ديوتائن جي گڻن وارو آهي.

شلوڪ ٦

انسان ٻن قسمن جا آهن.

هن دنيا ۾ ٻن قسمن جا منش اُپايل آهن. هڪڙا ديوتائن جي گڻن وارا (فرشتا) ۽ ٻيا راڪسي سڀاءَ وارا (شيطان). ديوتائن جي گڻن جو وچور وار احوال توکي ٻڌايو آهي. هاڻي راڪسي سڀاءَ وارن جو احوال توکي ٻڌايان ٿو.

شلوڪ ٧ کان ١٨

راڪسي سڀاءَ وارا انسان.

(٧) راڪسي سڀاءَ وارن ماڻهن کي اها ٻوجهه ڪانهي ته ڪهڙا ڪرم ڪرڻ لازمي آهن ۽ ڪهڙا ڪرم لازمي نه آهن، تنهنڪري اهڙن ماڻهن ۾ پوترتائي، شڀ ڪرم ۽ سوڌائي نٿي رهي.

(٨) اهي ائين سمجهن ٿا ته هن ناسونت سرشٽيءَ جو ڪوبه آڌار ڪونهي ۽ جو ڪجهه ڏسڻ ۾ اچيٿو سو ڪن جڙن جي ميلاپ ٿيڻ ڪري صورت

شلوڪ ١٩

راڪسي گڻن ڪري اِنسان
نيچ جوڻيوُن پائي ٿو.

انهن ڪڪرمي، بي رحم، نندڪ منشن کي نيچ راڪسي جوڻين ۾ ڦٽو ڪريان ٿو.

* * * *

ستين شلوڪ کان اُڻويهين شلوڪ تائين انهن منشن جو ذڪر ڪيل آهي جي راڪسي گڻن وارا آهن. جي گهٽ بڌيءَ هئڻ سبب پاڻ کي يعني آتما کي ۽ سرشٽيءَ کي ڀيائيءَ جي نظر سان ڏسن ٿا ۽ مان ۽ منهنجو سمجهي ٻين کي ڏک ڏين ٿا، سي پاڻ وڌيڪ پاپ جا ڀاڱي ٻڻجن ٿا. اهڙيءَ طرح نيچ کان نيچ جوڻ ڀوڳيندا رهندا.

شلوڪ ٢٠

نيچ جوڻ مان موڪش پائڻ مشڪل آهي.

هي ارجن! اهي نيچ بڌيءَ راڪسي (تامسي) جنم وري پائيندي بہ، مونکي ملڻ جي ڪوشش نٿا ڪن، جنهنڪري نيچ گتيءَ کي رسن ٿا.

* * * *

جو جيوُ اَگيانتا ۽ ڪڪرمن ڪري راڪس ٻڻجي ٿو، تنهنجي اَگيانتا دور نٿي ٿئي. اهڙو جيوُ پرڪرتيءَ جي نيت انوسار وري وري راڪش جي گهر جنم وٺي ٿو. تنهنڪري جيوَ تي لازمي آهي تہ رجي ۽ تمي گڻ

ڀدارٿ منهنجو آهي ۽ هن ڪان ٻوءِ به منهنجو ئي رهندو.

(١٤) مان فلاڻي دشمن کي ته ماريو ۽ باقي شترن کي به ماري پورو ڪندس. مان راڄ ڪريان ٿو، دنيوي سک سهنج مان ئي ڀوڳيان ٿو، هر نموني سکي، بلوان ۽ آرام ۾ حياتي گهاريان ٿو.

(١٥) مان ڌنوان ۽ اوچي ڪل وارو آهيان، منهنجي برابر ٻيو ڪير ٿي سگهندو، مان يگيه ڪندس، دان ڪندس ۽ سک آرام جي حياتي گذاريندس. اهڙي قسم جا اگيانتا وارا خيال جيو کي ڪم عقل بڻائين ٿا.

(١٦) جي انيڪ وهمن ۾ ڦاٿل ۽ اگيانتا ۾ ٻُب آهن ۽ عيش عشرت ۾ لپٽيل آهن سي اپوتر جيوَ نرڪ ۾ پون ٿا.

* * * *

ڪم عقلي ۽ غفلت جي ڪري برا ڪم ٿين ٿا، جنجو ڦل اگرو ٿئي ٿو ۽ جيوُ سزا جو ڀاڳي بڻجي ٿو.

(١٧) جي پنهنجي وڏائي، ڪنورتا ۽ مايا جي اهنڪار جي نشي ۾ مڪر (پاکنڊ) ڪري نيتي جي خلاف پنهنجي ناموس خاطر يگيه وغيره ڪن ٿا.

(١٨) ۽ خوديءَ، سرڪ بل ۽ ڪام ڪروڌ سان پريت رکي، آتما جا هڪ آهي ۽ سڀني ۾ وياپڪ رهيتي، تنهنکي جدا ۽ الڳ سمجهي دويش ڀاؤ، ڪن ٿا،

شلوڪ ٢٣

اَگياني منش پرم گتي نٿو پائي.

جو اِنسان شاستر نيتيءَ جي ورڌ هلي، پنهنجي من جي چوڻ تي هلي ٿو، سو پرم گتيءَ کي نٿو پهچي ۽ آرام ۽ آنند کان محروم رهي ٿو.

شلوڪ ٢٤

شاستر انوسار ڪرم ڪرڻ سُٺو آهي.

تنهنڪري تو کي شاستر وڌيءَ انوسار جيڪي ڪرڻ يوگيه ڪرم آهن، سي ڪرڻ گهرجن ۽ جي نه ڪرڻ يوگيه ڪرم آهن تن جو تياڳ ڪرڻ واجب آهي.

*　　*　　*　　*

شاستر ن ۾ يوگيه ۽ ايوگيه ڪرم، ڀلي چڱيءَ طرح نِرنئه ڪيل آهن ۽ هدايت ڪيل آهي ته يوگيه ڪرم ڪرڻ هر اِنسان جو فرض آهي ۽ اَيوگيه ڪرم تياڳڻ لازمي آهن. ڪرڻ يوگيه ڪرم انهن کي چيو ويو آهي جي ديوتائن جا گڻ آهن (گيتا ۾ پڻ ڏيکاريل آهن) ۽ ايوگيه ڪرم راڪسن جا ڏيکاريا ويا آهن. انهن جو ڪرڻ اِنسان لاءِ اَجوگ مڃيو ويو آهي.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان "ديو اَسُر سَمپت يوگ" جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو سورهون اڌيائ پورو ٿيو.

ڪان پاڻ کي ٻري رکي، گهڻو سمون سٺي گڻ ۽ گهاري، تہ موکش کي ويجهو پوندو هلي.

شلوڪ ٢١

ترشنا، ڪروڌ ۽ لوڀ ڌارڻ
ڪري راڪسي سڀاءُ ٿئجي ٿو.

ترشنا، ڪروڌ ۽ لوڀ نرڪ وڃڻ لاءِ ٽي دروازا آهن، جن جي دوارن منش جو ناس ٿئي ٿو، تنهنڪري انسان لاءِ لازمي آهي تہ انهن ٽنهي جو تياڳ ڪري.

* * * *

جيڪڏهن ترشنا، ڪروڌ ۽ لوڀ نرڪ ۾ نيندڙ آهن تہ جن انسان ۾ اهي گڻ موجود آهن، سي اوس نرڪ جا ڀاڳي ٿيندا.

شلوڪ ٢٢

ترشنا، ڪروڌ ۽ لوڀ ۾
قاسڻ ناداني آهي.

هي ارجن! جو انسان ٽمي گڻ جي هنن ٽنهي دروازن کان پاڻ بچائي پنهنجي اُنتيءَ لاءِ ڪوشش ڪريٿو، سو اُتم پدوي حاصل ڪريٿو.

* * * *

جو منش خراب لڇڻن کان پاڻ بچائي آتم اُنتيءَ لاءِ جهد ڪندو رهيٿو، سو آتم آنند جي اوچيءَ منزل کي رسي ٿو.

نقشو آڌياءُ سترهون

نمبر آڌياءَ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءَ	صوفيانِي سمجهاڻي	
			منزل	بيان
١٧	٢٨	شـــرڌا وَ يـــاڳ يوڳ	طريقت	ايمان - صدق (شرڌا - وشواس)

تاتپرج آڌياءَ جو

چڱا لڇڻ پيدا ڪرڻ لاءِ اُتم درجي جي رهڻي - ڪاڌو - شيوا - محنت - دان ۽ وشواس يعني صدق تمام ضروري آهي.

مختصر سمجهاڻي آڌياءَ جي

(باطني معني)

سهڻن لڇڻن پيدا ڪرڻ لاءِ جيو کي پنجن هدايتن تي غرور ڌيان ڏيڻ کپي، جهڙوڪ ١- ڪاڌو ٢- شيوا ٣- محنت ۴- خيرات ٥- ايمان. انهي پنجن ئي هدايتن جا ٽي ٽي درجا آهـــن. ١- اوچو ٢- وچولو ٣- گهٽ ؛ جنهنکي ساتوڪي - راجسي ۽ تامسي چئجي ٿو. ساتوڪي ڪـاڌو - شيوا - محنت - خـيـرات ۽ ايمان واري ڪـ-ي

سورهين اڌياءَ جي سمالوچنا.

(سمجهاڻي)

نيڪ نيت ۽ شڀ ڪرم منش جي دل کي آنند ڏين ٿا ۽ هردي کي روشن ڪن ٿا، جنهن ڪانپوءِ هو اوچي منزل کي رسي ٿو. بدنيت ۽ ڪُڪرم جيو جي دل کي ڪارو ۽ نيچ خيالي بڻائي اوراهه ۾ وجهن ٿا. گيانوان خوف ۽ اُميد يعني ڀوَ ۽ آسري کان پاڻ ڇڏي، سچ پروڙي يعني سڀ ۾ آتما (ذات حق) جو ديدار ڪري ۽ سڀ آتما جو پسارو سمجهي، ايوڳيه ڪرمن کان ڪنارو ڪن ٿا.

اَڌيايءُ سترهون - شلوڪ ٢٨
”شرڌا ترِي وِڀاڳ يوڳ“
(شرڌا - ويساهه - صدق)

شلوڪ ١

شرڌا ٽِي پرڪار.

اَرجن سري ڪرشن ڀڳوان کان پڇيو:-

هي سوامي! جو شرڌاوان اِنسان شاسترن جي وڌيءَ اَنوسار رهڻي نه ٿو رکي، تنهنکي ساتوڪي، راجسي يا تامسي چئبو؟

شلوڪ ٢

شرڌا ٽن قسمن جي آهي.

سري ڪرشن ڀڳوان اَرجن کي جواب ڏنو:-
هي اَرجن! شرڌا اِنساني سڀاءُ آهي ۽ انهيءَ جا ٽي قسم آهن: ستوگڻي شرڌا، رجوگڻي ۽ تموگڻي شرڌا. هاڻي انهن جو احوال ٻڌ.

شلوڪ ٣

شرڌا جيو جي سڀاوَ موجب ٿئي ٿي.

هي اَرجن! هرهڪ اِنسان جي شرڌا سندس سڀاوَ

ساتوڪي سڀاءَ وارو چئجي ٿو. اهڙيءَ طرح رجي ۽ تمي گڻن وارا پنهنجي پنهنجي سڀاءَ ۾ قائم رهي رجوگڻي ۽ تموگڻي ڪوٺجن ٿا. ستي گڻيءَ کي ستي گڻ جا ڪرم ڪرڻ گهرجن ۽ انهيءَ کي رجي ۽ تمي گڻن کان پاسو ڪرڻ تمام ضروري آهي. انهيءَ ڪرڻ سان جيو ۾ سوکيمتا وڌندي ويندي ۽ آتما جو ساڪياتڪار ڪري گيان پراپت ڪندو. جيسين تائين جگياسو ٻري ۽ ڀلي ڪم جي ڄاڻ رکي ٿو، تيسين سندس اختيار آهي يعني سندس لاءِ لازمي آهي ته ڀلا ڪرم ڪندو رهي جنهن کي "ست" چون ٿا يعني جگياسوءَ لاءِ ست ڪرم ڪرڻ ضروري آهي. هيءَ ڄاڻ استولتا (جُزُ) سان لاڳو آهي. جتي ڌرم ۽ ڪرم (شريعت ۽ طريقت) لاڳو آهن. جڏهن جيو، آتما يعني ڪل ۾ محو ٿي وڃي ٿو، تڏهن ڀلا ۽ ٻرا ڪرم جي ٻه ڪري ٿو، سي سڀ قدرت جي طرف کان (جبر قدرت) مڃي ٿو، جنهنڪري ڪيس ڪوبه ليپ نٿو لڳي. انهيءَ کي تتو گيان چئجي ٿو، اهو سڄ پد جو احوال آهي. جيو ۽ آتما ٻنهي تان جڏهن نظر کڄي وڃي ٿي يعني جڏهن پاڻ ٻڻجي ٻيهي ٿو، تڏهن ڪرم جي قل يعني نتيجي کان آزاد ٿيڻ بعد جو ڪرم ڪري ٿو، انهيءَ کي نه قدرتي ڪرم (جبر قدرت) چئجي ٿو ۽ نه پنهنجي اهم ڀاؤ (اختيار) وارو ڪرم چئجي ٿو يعني سوچ سمجهه ۽ ڌرم ڪرم کان ٻاهر آهي. اهو نه ڪرمي (اوم روپ) ليکيو وڃي ٿو. اهڙي جيو کان ڪل شاستر ۽ ڌرم هستي ڀائين ٿا. اهڙو جيوُ سڀني ٻنڌن کان آزاد ۽ خود آتما ٻڻجي ٿو. انهيءَ حد کي گيان (معرفت) چئجي ٿو.

شلوڪ ٥-٦

تمي گڻ واري جو نشچو.

جي ٻي سمجهه شاسترن جي سکيا اُلنگهن ڪري ڪٺن تپ ڪري اندر ۾ مڪر ۽ اهنڪار رکندڙ آهن ۽ وشين ڀوڳن ۾ مبتلا آهن ۽ سرير کي ڪشٽ ڏين ٿا جنهن ۾ مان يعني آتما رهان ٿو، سي جيوَ تمو گڻي سمجهه.

شلوڪ ٧

هر هڪ ڳالهه ۾ ٽي گڻ موجود آهن.

کاڌو، يگيه، تپ ۽ دان به ٽن ٽن قسمن (گڻن) جا آهن. انهن ۾ جو تفاوت آهي سو تون سمجهه.

* * * *

جهڙيءَ طرح سڀاءُ ٽن قسمن جا ٿين ٿا، تهڙيءَ طرح کاڌو، يگيه، تپ ۽ دان به ٽن پرڪارن جا ٿين ٿا يعني ستي، رجي ۽ تمي گڻي ٿين ٿا. جيوُ جهڙي جهڙي سڀاءُ جو ٿئي ٿو، اهڙي نموني جو کاڌو، يگيه، تپ ۽ دان ڪري ٿو.

شلوڪ ٨

ستو گڻي کاڌو.

جي کاڌا عمر- ٻيرج- صحت- سک ۽ آنند وڌائين ٿا؛ جي سوادي ۽ دلپسند آهن، سي ستو گڻي منش کي وڻندڙ ٿين ٿا.

موجب رهي ٿي. هرهڪ اِنسان جو سڀاءُ اهڙوئي بڻيو رهي ٿو، جهڙي سندس شردا رهي ٿي؛ تنهن ڪري جهڙي اِنسان جي شردا آهي تهڙوئي جيوُ بڻيو رهي ٿو.

*　　*　　*　　*

سڀاءُ ترگڻي مايا جو نالو آهي جو سڀني ماڻهن کي پنهنجي ماتا پتا کان ورثي ۾ ملي ٿو؛ تنهن کانپوءِ جيئن جيوُ وڌندو هلي ٿو ۽ جهڙي جهڙي ڪيس صحبت ملي ٿي، تهڙو سندس سڀاءُ بڻجندو هلي ٿو. صحبت جو ڏاڍو اَثر ٿئي ٿو.

"تُخمين تاثير - صُحبتي اَثر."

هرهڪ اِنسان کي ڪانه ڪا شردا آهيئي آهي ۽ جهڙي جهڙي جيوَ جي شردا، تهڙي سندس شخصيت رهي ٿي.

شلوڪ ۴

ٽن گڻن جي پوڄا.

ستوگڻي اِنسان ديوتائن کي، رجوگڻي يڪشن ۽ راڪسن کي ۽ تموگڻي ڀوتن ۽ پريتن کي پوڄين ٿا.

*　　*　　*　　*

اُتم پرش ديوتائن جي پوڄا ڪن ٿا ۽ سڪرم ڪن ٿا، وچولي درجي وارا منش يڪشن ۽ راڪسن جي پوڄا ڪري پنهنجا دنيوي سوارٿ (ڪم) پوري ڪرڻ خاطر ٻين کي نقصان رسائين ٿا. نيچ لوڪ ڀوتن پريتن جي پوڄا ڪري ڪڪرم ڪن ٿا ۽ نيچ گتيءَ کي پائين ٿا.

جو يگيه ٻنا آهوتيءَ، ٻنا منترن ۽ ٻنا موکيا ۽ ٻنا ڀاونا ۽ ٻي طريقي ڪيو وڃي ٿو، تنهنکي شاستر تموگڻي چون ٿا.

شلوڪ ١٤

سريرڪ تپ يعني جسماني زهد

ديوتا، برهمڻ، گورو ۽ سنتن فقيرن جي ٽهل شيوا ڪرڻ، برهمچريه، پوترتائي ۽ صفائيءَ سان رهڻ، سڪرم ۽ آتم اڀياس سان شوق رکڻ ۽ ڪنهنکي ڀي نه ڏکوئڻ، سريرڪ تپ آهي.

شلوڪ ١٥

(واڻي يعني زبان جو تپ (ذڪر جلي)

ميل ميلاپ وارو ٻولڻ، سچائيءَ ۽ ميٺاج وارا اکر چوڻ، سڀني جي ڀلي ڪندڙ وچن وات مان ڪڍڻ ۽ زبان سان منترن کي اُچارڻ تنهنکي واڻي يعني زبان جو تپ چئجي ٿو.

شلوڪ ١٦

خيالي يعني من جو تپ (زهد قلبي)

سنتوش ڌارڻ، ڪوملتا ۽ ٻرد باريءَ کان ڪم وٺڻ، اندرين تي ضابطو رکڻ ۽ من کي شدّ ڪرڻ ۾ لڳي رهڻ کي من جو تپ چئبو آهي.

شلوڪ ١٧

ستوگڻي تپ

شلوڪ ٩

رجوگڻي ڪاڌو.

جي ڪاڌا ڪؤڙا - کٽا - کارا - چھرا - اُپوڳا ۽ ڄاڻ
پيدا ڪندڙ آھن ۽ جي دک شوڪ ۽ بيماريءَ
جو ڪارڻ بڻجن ٿا، سي رجي گڻ وارن کي وڻن ٿا.

شلوڪ ١٠

تمو گڻي ڪاڌو.

جي ڪاڌا رکيل، پاروٿا، بي سوادي، رس نڪتل،
جوٺا ۽ اَپوتر آھن، سي تامسي لوڪن کي پسند
پوندا آھن.

شلوڪ ١١

ستو گڻي يگيه

جنھن يگيه (ڪرم) جي ڦل (نتيجي) جي اُميد
نه رکي ۽ فرض سمجھي وڌيءَ (طريقي) اَنوسار
ڪيو وڃي ٿو، سو ستو گڻي آھي.

شلوڪ ١٢

رجوگڻي يگيه

جو يگيه اڇا سھت، ڪوڙي ڀاونا ۽ ديکاديکي
ڪري ڪجي ٿو، ھي ارجن! تنھنکي رجوگڻي
ڪري ڄاڻ.

شلوڪ ١٣

تموگڻي يگيه

اِچا رکي، ۽ ٻي ڏليو (لاچاري) ڪجي ٿو، سو رجوگڻي آهي.

شلوڪ ٢٢

تموگڻي دان

جو دان اڻوڳيہ موقعي تي ۽ اڻپاتر کي ڏنو وڃيٿو ۽ نراسائيءَ سان ڪيو وڃيٿو، سو تموگڻي آهي.

شلوڪ ٢٣

برهم ويچار يعني ذات حق جو تصور.

اوائل ۾ برهم ويچار "اوم تت ست" منتر جي ڌيان ڪرڻ سان ڪيو ويندو هو ۽ انهن تن پدن مان برهمڻ، ويد ۽ يگيہ رچيا ويا.

* * * *

اهو برهم، جو گيان جو پنبدار آهي ۽ گياتا - گيان - گييہ (عالم - علم - معلوم) ٽنهي گڻن ۾ وياپڪ رهيٿو، تنهن ذاتهن "اوم تت ست" منتر جو اشارو آهي. انهيءَ منتر جي ٻل سان برهمڻ، ويد ۽ يگيہ رچيا ويا آهن. "اوم" اکر انهيءَ نراڪار برهم (آتما - ذات پاڪ) جو سرگڻي سروپ آهي. صوفين "الله" اکر ذات پاڪ جي صفاتي صورت مڃي آهي. "تت" اکر جي معني غيبي شڪتيون ۽ "ست" اکر جو اشارو ظاهري ڳالهين ڏانهن آهي يعني آتما ظاهر باطون رهيٿي.

شلوڪ ٢٤

"ॐ" (اوم) يعني "الله"

مٿين ٽن قسمن جي تپن مان ڪنهن به نموني جو تپ ڪرڻ، جنهن ۾ ڦل جي اِڇا نه هجي، سو ساتوڪي تپ چئجي ٿو.

شلوڪ ١٨

رجوگڻي تپ

جو تپ پنهنجي نالي، ناموس ۽ پاڻ پوڄائڻ واسطي ڍونگ سان ڪيو وڃي ٿو، سو ٿوري وقت ۾ ناس ٿي وڃي ٿو. اهڙي تپ کي شاستر رجوگڻي تپ چون ٿا.

شلوڪ ١٩

تموگڻي تپ

جو تپ مورکتا ڪري، پاڻ کي ڪشٽ ڏيئي، ٻين کي دک پهچائڻ لاءِ ڪجي ٿو، تنهنکي تموگڻي چئجي ٿو.

شلوڪ ٢٠

ستوگڻي دان

دان ڪرڻ لازمي سمجهي ۽ اجوري جي ڪا به اميد نه رکي، سمي ۽ پاتر جو ويچار ڪري، جو دان ڪيو وڃي ٿو، سو ستوگڻي دان سڏجي ٿو.

شلوڪ ٢١

رجوگڻي دان

جو دان اُجوري جي اُميد سان، اندر ۾ ڦل جي

هي ارجن! ”ست“ جو اکر نيڪ ڪرمن ۽ سراهيءَ
جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

شلوڪ ٢٧

ياونا جو پرگهٽ ٿيڻ
”ست“ اکر سان ٿئي ٿو.

شڀ ڪرم (يگيہ، تپ ۽ دان وغيره) ۾ استرتا ۽
ويساهہ سان انهنجو ڪرڻ، تنهنکي ست چئجيٿو.

* * * *

ست يعني حق مان ساري سرشٽي پيدا ٿئي ٿي ۽ انهيءَ جي ڪري ساري سرشٽي استت آهي، تنهن ڪري يگيہ، تپ، وڌين ۽ ويدن جي اُتپتي ست مان ٿي آهي ۽ ياونا ۽ ويساهہ انهيءَ ست يعني حق مان ٿيو آهي.

شلوڪ ٢٨

شرڌا ۽ ياونا ڪانسواءِ يگيہ نشڦل آهي

جو يگيہ، دان ۽ تپ (زهد) شرڌا رهت ڪيو
وڃيٿو، سو استت (نشڦل) چئجي ٿو. انهيءَ ڪاريہ
جو نہ هن لوڪ ۾ ۽ نہ پرلوڪ ۾ ڦل مليٿو.

* * * *

ست ۽ استت نہ سمجهڻ، شرڌا جي ڪوتاهيءَ ڪري ٿئي ٿو ۽ اهو نيچ ليکيو ويو آهي؛ تنهنڪري جو ڪاريہ بنا شرڌا ڪيو وڃيٿو، سو پڻ نيچ ڪاريہ مڃيو ويو آهي.

جو تصور يعني ڌيان

انهيءَ ڪري گياني هميشه "اوم" جي اکر سان يگيه، دان ۽ تپ وڌيءَ انوسار شروع ڪندا آهن. اهڙي هدايت ويدن ۾ پڻ ڪيل آهي.

*　*　*　*

گيانوان جڏهن به ڪو ڪاريه شروع ڪندا آهن ته هميشه زبان سان "اوم تت ست" جو شبد چئي پوءِ ڪاريه شروع ڪندا آهن ۽ پنهنجو ڌيان آتما ۾ قائم رکندا آهن جو "اوم" اکر ۾ سمايو پيو آهي. انهيءَ ڪرڻ سان جگياسو هر وگهن کان آجو رهيٿو ۽ ڪاريه سک سمپتيءَ سان سماپت ٿئي ٿو. اهڙي تصور ڪرڻ سان جيوُ سو ڪيم اهنڪار کان به آزاد رهيٿو ۽ اندر جو سک ۽ آنند ماڻيٿو.

شلوڪ ٢٥

تت جو ڌيان

مڪتي چاهيندڙ جگياسو "تت" اکر جو زبان سان اُچارڻ ڪندا رهندا، ۽ نتيجي جي اُميد (ڦل جي اِڇا) ڇڏي يگيه، دان ۽ تپ ڪرڻ جون جدا جدا وڌيون ڪندا رهندا آهن.

*　*　*　*

جڏهن گيانوان ڪو به ڪاريه شروع ڪندو آهي ته پهريائين "اوم تت ست" چئي پوءِ شروع ڪندو آهي ۽ سندس ڌيان تت اکر جي معنيٰ تي هوندو آهي.

شلوڪ ٢٦

ست جو ڌيان

نقشو آڌياءُ ارڙهون

نمبر آڌياءُ	نمبر شلوڪ	نالو آڌياءُ	صوفياڻي سمجهاڻي: منزل	صوفياڻي سمجهاڻي: بيان
١٨	٧٨	موکش سنياس يوگ	حقيقت ۽ معرفت يعني گيان-وگيان	آتما جي ميلاپ جو خمار يعني ست سروپ ۾ اسٿتي

تاتپرج آڌياءُ جو

سوچ ويچار سان ڪرم ڪرڻ يعني پنهنجو اُهم ڀاؤ ڏاري ڪرم ڪرڻ يا قدرت جي طرفان اوچتو ڪرم جو ٻڌجڻ، ٻئي آتما تي اگيانتا جو پردو آهن. سنياسي جن پنهنجو آپو وڃايو آهي، سي اهڙي نموني مڃين ٿا. يوگي پرش انهن ڪرمن کي هيڪڙائيءَ واري نظر سان ڏسن ٿا ۽ وٺڻ ۽ ڇڏڻ (گرهڻ ۽ تياڳ) هنن لاءِ ساڳي ڳالهه آهي يعني سمدرشيءَ تي رهن ٿا. برهمچاريءَ (طالب) جي اسٿتي ڪرم ترپتيءَ ۾ آهي ۽ يوگيءَ جي اسٿتي ڪرم ۽ گيان کان مٿي آهي. انهيءَ مقصد کي پراپت ڪرڻ هر انسان جو فرض آهي ۽ انهيءَ حد تي پهچڻ لاءِ سمتا يوگ ۾ استت رهڻ ضروري آهي.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان، ”شرڌا تري وڀاڳ يوگ“ جي باري ۾ شري ڪرشن ڀڳوان ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو سترهون آڌياءُ پورو ٿيو.

سترهين آڌياءَ جي سماالوچنا.
(سمجهاڻي)

هرهڪ اِنسان کي ڪنهنجو نه ڪنهنجو ڀروسو (ايمان) يا ويساه) ضرور رهي ٿو. جنهنجو جهڙو عقيدو ٿي وڃي ٿو، تنهنکي هو پنهنجي خيال موجب نيڪ ۽ سمرٿ سمجهي ٿو. پر ڀروسو يا ايمان اهو سمرٿ آهي جو ستيعني آتما (ذات حق) ڏانهن ڇڪي هلي، جنهن مان ويساه وڌندو هلي. اهو تڏهن ٿيندو، جڏهن ست اسٽ جي چڱيءَ طرح پروڙ پئجي سگهندي؛ ٻيءَ طرح ناممڪن آهي. جن ست اسٽ نه ڄاتو آهي تنجو ويساه يعني ڀروسو سمرٿ نه آهي. اِنسان اسٽ تي گهڻو ڀروسو رکن ٿا، تنهن ڪري ان اسٽرتا، گمانن ۽ شڪن جا شڪار بڻجي پون ٿا ۽ ڀٽڪندا رهن ٿا. جڏهن جگياسوءَ کي ست اسٽ جي ٻوجهه پوي ٿي، تڏهن سندس اندر جا سڀ شڪ گمان ناس ٿي وڃن ٿا ۽ سندس ڀروسو سمرٿ بڻجي پوي ٿو. هو آتما کي يعني ست ڄاڻي ٿو ۽ پرڪرتيءَ يعني سرشٽيءَ کي اسٽ ڄاڻي، ٿو.

روپ ٽرپٽي (گياتا - گيان - گييہ) اٿئي ٿي پنهنجو پاڻکي ڏسي (ڄاڻي) ٿي ۽ ڪرمن روپي ٽرپٽيءَ کي پنهنجي ڄاڻ روپي آرسيءَ ۾ پاڇي مثل ڏسي ٿي. ڄاڻ روپي ٽرپٽي مٿين ڪرمن سان واسطو نٿي رکي. مٿيان ڪرم، ڪرمن روپي ٽرپٽيءَ ۾ ٽين ٿا، جنجي ٽيڻ (ٻڌجڻ) لاءِ پنجن شين جي موجودگي ضروري آهي. ١. جسم ٢. اهنڪار (خودي) ٣. ڪرم اندريون ٤. من (ٻڌي) ۽ ٥. وياپڪ نت (طاقت جنهنکي آتما يا ذات حق چئجي ٿو). جي انسان ڪرم کي پنهنجي وس سمجهن ٿا، سي ڪرم روپي ٽرپٽيءَ جا ساکي آهن ۽ جي انسان ڪرم کي قدرت جي زور (جبر قدرت) کان ٿيل ڄاڻن ٿا، سي گيان روپي ٽرپٽيءَ جا ساکي آهن. جي جگياسو اختياري ۽ جبري ڪمن کي سمتا جي نظر سان ڏسن ٿا، تنجو گيان ٻنهي ٽرپٽين کان مٿي آهي. ٽنهي لوڪن جي پيدائي ٽن گڻن کان ٿئي ٿي. انهن گڻن جي موافق ميلاپ ڪري ڪرمن جي فرق ٿيڻ سان، انسان جا چار ورن (فرقا) قائم ڪيا ويا آهن. ١. برهمڻ ٢. کتري ٣. وئش ۽ ٤. شودر. هرهڪ ورن لاءِ سندس قابليت موجب ڪم مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ جو ڪرم رٿيو ويو آهي تنهنجي پورائي ڪرڻ سندس فرض آهي. عقل انوسار جو انسان لاءِ ورن موجب ڪرم مقرر آهي، سو آتمڪ خيال کان ڌرم آهي يعني ڪرم ڪرڻ ڌرم آهي. طالب پنهنجي جسماني خوديءَ کي فرض ادائيءَ ۾ لين ڪري، ڪرم جي ٽرپٽيءَ کان گهڻو مٿي چڙهي، آتم گيان يعني حقيقت جي ڄاڻ جو ماهر ٿئي ٿو. تنهن بعد ورات روپ (سڀ

مختصر سمجهاڻي اَڌياءَ جي

(باطني معنيٰ)

جسماني خوديءَ جي ڄاڻ (اهم ڀاوُ) رکي جي ڪرم ڪجن ٿا، اُنهن کي اَهنڪاري ڪرم (فعل اختياري) چئجي ٿو. جيڪي ڪرم تڪليف کان بچڻ لاءِ يا مورکتا جي ڪري نٿا ڪجن يعني ڇڏيا وڃن ٿا تہ اهڙو ترڪ ڪوڙو آهي؛ ڇو تہ نتيجي سان دلي سنبنڌ قائم رهيٿو؛ يعني اهو ڪم ڪرڻ نٿو وڻيس يا ڏکيائي ٿو محسوس ڪري. پاڻکي ورات روپ (سڀ ۾ مان آهيان) ڄاڻي ڪيل ڪم قدرت جو زور (جبر قدرت) ثابت ڪن ٿا. اُنهيءَ ڪري سنياسي (تارڪ) انهن ڪرمن کي اُتپتيءَ جي ٽن گڻن کان ڄاڻي، اُهي اختياري يا-جبري ڪرم فرض ادائيءَ طور ڪريٿو يعني سنياسي مٿين ڪرمن کي نراِڇت ٿي ڪريٿو. اصلي معنيٰ ترڪ جي اها آهي تہ ڦل جي اِڇا نہ رکي. يوگي يعني سالڪ جي نظر ۾ ٻنهي قسمن جا ڪرم هڪجهڙا آهن يعني هيڪڙائيءَ جي نظر سان ڏسي ٿو، تنهنڪري ڪيس تياڳڻ ۽ گرهڻ جي ضرورت نٿي رهي. يوگي آتم گيان ۾ هميشہ مست رهي ٿو ۽ چڱن ڪرمن ۾ نہ خوش ٿو ٿئي، نڪي بڇڙن ڪمن لاءِ ڪيس ڌڪار آهي. سمتا يعني هيڪڙائي نظر ۾ رکي، هو هميشہ بيپرواهہ رهيٿو. آتم گيان ڀرياءِ ترپٽيءَ (ستو-رجو-تمو) جي ميلاپ سان ڄاڻ روپي ترپٽي بڻجي گياتا-گيان-گييہ؛ عالم- علم- معلوم جي صورت اختيار ڪريٿو. ان ڪانپوءِ اِنسان جي دل، زبان ۽ سرير سان سڀ ڪم، ڪرم روپ ترپٽيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا. ڄاڻ

اَڌيائ ارڙهون-شلوڪ ٧٨
”موڪش سنياس يوگ“

شلوڪ ١

سنياس ۽ تياڳ.

شري ڪرشن ڀڳوان کان اَرجن سوال پڇيو:-
هي مهاباهو! هي هرشڪيش (ڪرشن)! هي ڪيشي راڪس کي ناس ڪندڙ! مهرباني ڪري مونکي سنياس ۽ تياڳ جو مطلب جدا جدا ڪري چٽيءَ طرح سمجهايو.

*　*　*　*

سنياس ۽ تياڳ جي معنيٰ لڳ ڀڳ ساڳي آهي، پر انهن ٻنهي اکرن ۾ جو سوکيم تفاوت آهي، سو اَرجن شري ڪرشن ڀڳوان کان پڇي ٿو.

شلوڪ ٢-٣

سنياس ۽ تياڳ ۾ فرق.

جو ڪرم ترشنا (خواهش) جي پٺيان ڪيو وڃي ٿو، تنهنجي نه ڪرڻ کي سنياس چون ٿا ۽ سيڌي ڪرمن جي ڦل جي ترڪ کي سياڻا لوڪ تياڳ چون ٿا.

*　*　*　*

ڪرمن ڪرڻ جي خواهش نه ڪرڻ سنياس آهي ۽

ٻ مان آهيان) واري ڀاونا کي گيان اگنيءَ ۾ جلائي گيان روپ ترپتيءَ کان لنگهي وڃيٿو ۽ فنا ۽ بقا کان مٿي چڙهي وڃي ٿو. اها ترِيا اليت يا وديهه مڪت اوستا آهي جنهنکي صوفي بقابا الله چون ٿا ۽ شري ڪرشن ڀڳوان جو ڌام آهي.

جي رنگَ رتا رام جي - تن ڪالهه ڇڏي ڪاشي،
ويٺي وسري تَنِ کون - چِئَون چوراسي،
لنگهي پيا لاهوت کون - اوڏو اَبناسي،
الامڪان مُراد چوي - ٿيا وَحدت جا واسي،
سي سنمک سنياسي - وڃي نانگا گڏيا ناٿ کي.

هرديءَ کي شڌ ڪنڌا، تنهنڪري شڀ ڪرم، دان ۽ تپ جيوَ لاءِ لازمي آهن. انهن کي ڇڏڻ نه گهرجي.

شلوڪ ٦

تياڳ مان ويراڳ پيدا ٿئي ٿو.

هي ارجن! اهي ڪرم دلي سنبنڌ (موهه) ۽ ڦل جي اميد کي ڇڏي ڪرڻ گهرجن، ڇو ته اهو سڀ کان اعليٰ اصول آهي ۽ اهو منهنجو پڪو نسچو آهي.

شلوڪ ٧

تمو گڻي تياڳ.

لازمي ڪرمن جو نه ڪرڻ مناسب نه آهي. اگيان وس ٿي انهن جو نه ڪرڻ تمو گڻي ڇيو ويندو.

* * * *

اگيانتا يا سستيءَ جي ڪري جو لازمي ڪرم نٿو ڪجي، تنهنجو نتيجو خراب ٿو ٿئي.

شلوڪ ٨

رجو گڻي تياڳ.

جو منش لازمي ڪرم کي ڏکدائي ۽ ڏکيو سمجهي تڪليف کان بچڻ لاءِ نٿو ڪري، سو خود مطلبي تياڳي آهي. اهڙي کي تياڳ ڪرڻ جو ڦل پراپت نٿو ٿئي.

* * * *

ڪرمن جي نتيجي (ڦل) تان خيال ڪڍي ڇڏڻ تياڳ آهي. سنياسي ڪرمن ڪرڻ جي خواهش کي روڪين ٿا ۽ تياڳي ڪرم ڪن ٿا، پر اُنجي ڦل (نتيجي) جي اِڇا نٿا رکن.

(٣) ڪي ويچاروان ڪرمن کي دوشوان (Evil) ڄاڻائي، ڪرمن نہ ڪرڻ جي هدايت ڪنٿا. ٻين جو وري ويچار آهي تہ يگيہ، دان ۽ تپ جا ڪرم نہ تياڳڻ کپن.

* * * *

سنياسي ڪرمن کي آتما ۽ جيون جي وچ ۾ پردو سمجهن ٿا، تنهنڪري ڪرم ڪرڻ ڇڏي ڏين ٿا. تياڳي ڪرمن کي آتما مان پيدا ٿيندڙ ڄاڻي، پنهنجو آپو ڪيدي، ڦل جي اِڇا نہ رکي، ڪرم ڪندا رهن ٿا.

شلوڪ ٤

تياڳ ٽن قسمن جا آهن.

هي اَرجن! انهن (سنياس ۽ تياڳ) مان تياڳ جي باري ۾ منهنجو اُنيؤ ٻڌ. هي سوروير! تياڳ ٽن پرڪارن جو ٿيندو آهي.

* * * *

نوٽ:- شري ڪرشن ڀڳوان سنياس کان تياڳ کي وڌيڪ مهرائپي ڏني آهي.

شلوڪ ٥

ڪرم نہ ڪرڻ تياڳ نہ آهي.

يگيہ (شڀ ڪرم)، دان ۽ تپ، ويچاروان جي

وارن صاحبن جي اسٿتي اها رهيٿي جنهن ۾ نہ پلو آهي ۽ نہ پرو. هو سدائين پنهنجي آتما جو ڀاڳتي پرڀاؤ جاڻن ٿا. ذات حق کان سواءِ اهڙن کي ٻيو ڪجهہ ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي.

شلوڪ ۱۱

ڪرمن جو تياڳ، ناممڪن آهي. ڦل يعني
نتيجي جي اِڇا نہ رکڻ تياڳ آهي.

اِنسان کان ڪرم جو تياڳ، بنهہ ٿي نٿو سگهي،
تنهنڪري جو اِنسان ڪرم جي ڦل کي تياڳي
ٿو، سو تياڳي يعني تارڪ آهي.

*　　*　　*　　*

جيسين هيءَ پنج تتو سرير آهي، تيسين ڪو نہ ڪو ڪم ضرور ڪندو رهندو؛ تنهنڪري جيو کان ڪرم تياڳجي نہ سگهندو. باقي جي ڪرم جي ڦل ۾ خيال نہ اَٽڪايائين يعني ڪرم جي ڦل جي اَندر ۾ ڪا بہ اُميد نہ رکيائين، تہ ڄڻ ڪرم جو تياڳ ڪيائين.

شلوڪ ۱۲

تياڳي ۽ اَتياڳيءَ ۾ فرق.

جي اِنسان تياڳي نہ آهن، انهن کي مرڻ بعد
سندن ڀلا، برا ۽ وچولا ڪرم ڦل جي صورت
وٺي اَچيان اَچن ٿا؛ پر تياڳي پرش لاءِ ڪرم ڪا بہ
معنيٰ نٿا رکن.

*　　*　　*　　*

جي جيو تياڳ جي سچي معنيٰ نٿا جاڻن، سي

جو شخص فقط بت پرستيءَ جي خيال کان لازمي
ڪرم ڪرڻ کان ٽٽائي ٿو، انهيءَ کي آهڙي ترڪ ڪرڻ
مان ڪوبہ لاڀ حاصل نٿو ٿئي.

شلوڪ ٩

ستو گڻي تياڳ.

هي ارجن! لازمي ڪرمن کي پنهنجو فرض ڄاڻي
ڪرڻ ۽ انهي ڦل جي اميد نہ رکڻ سچو ترڪ
مڃيو ويو آهي.

*　　*　　*　　*

اگيانتا جي ڪري يا بت پرستيءَ جي خيال کان
جي لازمي ڪم ٽٽا ڪجن، سا اسان جي سخت ڀل
آهي. لازمي ڪمن کي فرض سمجهي ڪرڻ ۽ انهي
نتيجي جو ويچار نہ رکڻ، سچو تياڳ آهي. ڪوبہ
گيانوان لازمي ڪمن جي تياڳ لاءِ هدايت ڪونہ ٿو
ڪري، پر انهن ۾ موهہ رکڻ کان منع ڪري ٿو.

شلوڪ ١٠

ستو گڻي تياڳيءَ جي مهما.

ساتوڪ ۽ ٻڌوان تياڳي، جنهنجا وهم سڀ دور
ٿي ويا آهن، سو شڀ ڪرمن ۾ چاهہ نٿو رکي ۽
ٻرن ڪرمن کان منهن نٿو موڙي.

*　　*　　*　　*

شڀ ڪرمن سان پريت ۽ ٻرن ڪرمن لاءِ ڌڪار
ڌڪاري ٿو تہ جيو کي اڃا موهہ ممت آهي. هيڪڙائيءَ

انسان جو بہ ڪم ڪري ٿو، ڀلو هجي يا ٻرو، سرير سان، ڪري يا زبان (واڻيءَ) سان، چاهي دل (خيال) سان ڪري، انهن سڀني جا اهي پنج ڪارڻ ٿين ٿا.

شلوڪ ١٦

آتما اڪرتا آهي.

اُنهيءَ هوندي بہ، مَند ٻُڌ لوڪ پنهنجي ڪم عقليءَ ڪري آتما کي ڪم ڪندڙ ڄاڻن ٿا. اهڙا ڪوتيءَ ٻڌيءَ وارا ماڻهو آتما کي يٿارٿ نٿا ڄاڻن.

شلوڪ ١٧

تياڳي پرڪرتيءَ کان وڏو (اُتم) آهي.

جو پاڻ کي ڪنهن بہ ڪم جو ڪندڙ نٿو ڄاڻي، جنهنجي ٻڌي نرمل رهي ٿي، اهڙو جيوُ جيڪڏهن سڀني منشن کي ماري بہ، تڏهن بہ نہ هو ماري ٿو ۽ نہ مٿس ڪو ڏوهہ آهي.

*　　*　　*　　*

جو انسان پاڻ کي ڪنهنجو بہ ڪرتا نٿو سمجهي ۽ جنهنجي ٻڌي روشن آهي ۽ جو آتما کي ذري پرزي وياپڪ ڏسي ٿو، سو ڀلا ڪنهن کي ماريندو. جڏهن مان ۽ منهنجو رهيو ئي ڪونہ، سڀ ڪو آتمائي رهي، تہ پنهنجو هجڻ يعني اَهنڪار گم ٿي ويو. جڏهن خودي ناس ٿي وئي، تڏهن باقي ڇا رهيو. بيائي تڏهن ٿي پاسي، جڏهن پنهنجي هستي يعني اَهنڪار قائم آهي.

ڪرم جي ڦل جي اُميد رکندا ۽ ڀلو ٻرو انهن کي ڀاسي ٿو. تياڳي پرش ڪرم توڙي ڪرم جي نتيجي کي تيج ڄاڻن ٿا ۽ پرڪرتيءَ جو کيل سمجهي ساکي ٿي آتم آنند ۾ رهندا.

شلوڪ ١٣

ڪرمن جي ٻاري ۾
سانکيه يوگ جا اصول.

هي اَرجن! هاڻي مان توکي اهي پنج ڪارڻ ٻڌايانٿو جي سانکيه مت ۾ ڄاڻايل آهن. انهن جي دواران سڀ ڪرم سڌ ٿين ٿا.

شلوڪ ١٤

ڪرمن جا پنج ڪارڻ.

ديس - ڪرتا - ڪارڻ - من - آتم ستا، اهي ڪرمن سڌ ٿيڻ جا پنج ڪارڻ آهن. ١- ديس - معنيٰ جاءِ يا هنڌ. ٢- ڪرتا - هت هنجي معنيٰ اَهنڪار يا خودي آهي. ٣- ڪارڻ - جنهنجو اِشارو ڪرم اِندرين ۽ گيان اِندرين ڏانهن آهي. ٤- من - جنهنجو اِشارو تن ماترائن ڏانهن آهي يعني اِندرين جي گڏن ڏانهن. ٥- آتم ستا - جا سرو وياپڪ آهي جنهنجي ستتا جي ٻل سان سڀ ڪرم ٿين ٿا.

شلوڪ ١٥

ڪرم پنجن ئي ڪارڻن جي
ڪري ٿيڻن ٿا.

ڏسجي ٿي، اها اتم درجي جي ڄاڻ (گيان) آهي
يعني ستوگڻي گيان آهي.

شلوڪ ٢١

رجوگڻي گيان.

جنهن ڄاڻ (گيان) سان آتما سڀني ۾ جدا جدا ۽ بيشمار ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سو گيان رجوگڻي يعني وچولي درجي جو ڄاڻ.

شلوڪ ٢٢

تموگڻي گيان.

جنهن ڄاڻ (گيان) سان فقط ڪنهن ۾ هڪ ڪي بنا سمجهه جي پرميشور (آتما) ڄاڻي ڇڏي ٿو، سو غلط رستو آهي، جنهنکي تموگڻي چئجي ٿو.

شلوڪ ٢٣

ستوگڻي ڪرم.

جو ڪرم جي ڦل (نتيجي) جي اڇا تياڳي، لازمي ڪرمن کي ڀلو ٻرو نه ڄاڻي، نرموهه ٿي ڪري ٿو، اهو ستوگڻي ڪرم چئجي ٿو.

شلوڪ ٢٤

رجوگڻي ڪرم.

اڇا ۽ اهنڪار سميت، مغروريءَ سان ۽ تڪليف محسوس ڪري، جو انسان ڪرم ڪري ٿو، سو رجوگڻي آهي.

شلوڪ ١٨

ڄاڻ ۽ ڄاڻڻ جوڳي وستو.

گياتا - گيان - گييہ (ڄاڻندڙ - ڄاڻ - ڄاڻڻ جوڳي وستو؛ عالم، علم - معلوم) ٽيئي ڪرم جو ڪارڻ آهن، ڪرم جو ڪندڙ، ڪرم جو بڻجڻ ۽ جنهن سان ڪرم بڻجي؛ انهن ٽنهي جي ميلاپ سان ڪرم سڌ ٿئي ٿو يعني بڻجي ٿو.

* * * *

آتما (ذات حق) جا پاڻ ئي گياتا - گيان ۽ گييہ آهي ۽ سرو پرڪار وياپڪ آهي، سائي جيو جي معرفت سڀ ڪرم ڪرائي ٿي. اگر آتما سرير ۾ چيتن صورت نہ ڌاري وياپڪ رهي، نہ سرير جيڪر مئت هجي ۽ ڪنهن ۾ ڪم ڪرڻ جي سمرٿ نہ رهي.

شلوڪ ١٩

گيان، ڪرم ۽ ڪرتا يعني ڄاڻ، ڪم
۽ ڪم جو ڪندڙ، ٽن پرڪارن جا آهن.

سانکيہ شاستر ۾ ڄاڻ، ڪرم ۽ ڪرم جو ڪندڙ اهي ٽن گڻن موجب ٽن پرڪارن جا ڄاڻايل آهن. اهي تون سمجهي وٺ.

شلوڪ ٢٠

ستو گڻي گيان.

جنهن ڄاڻ (گيان) جي معرفت سڀني پراڻين ۾ يعني گهٽائيءَ ۾ هڪ ئي اَبناسي آتما وياپڪ

شلوڪ ٢٩

ٻڌي ۽ ڌيرج جا ٽي قسم.

هي ارجن! مان ٻڌيءَ ۽ ڌيرج جا ٽي قسم جي ظاهري گڻن انوسار مهيا ويا آهن، تنهجو توکي جدا جدا وستار سان بيان ٻڌايان ٿو.

شلوڪ ٣٠

ستو گڻي ٻڌي.

هي ارجن! جا ٻڌي پرورتي ۽ نورتي، موکش ۽ بندن، ڀؤ ۽ نريڀئہ جو ڀيد ڄاڻي ٿي، سا ساتوڪ ٻڌي آهي.

شلوڪ ٣١

رجوگڻي ٻڌي

هي ارجن! جا ٻڌي ڌرم ۽ اڌرم، پرورتي ۽ نورتيءَ جي ڀيد کي ٺيڪ سمجهي سا رجوگڻي ٻڌي آهي.

شلوڪ ٣٢

تموگڻي ٻڌي.

هي ارجن! جا ٻڌي اندڪار (اگيانتا) جي ڪري اڌرم کي ڌرم سمجهي ٿي ۽ سڀني ڳالهين کي ابتوئي ڏسي ٿي، سا تموگڻي ٻڌي آهي.

شلوڪ ٣٣

ستو گڻي ڌارج.

شلوڪ ٢٥

تمو گڻي ڪرم.

جو ڪرم بنا ڪنهن سوچ ويچار، موهه سهت، ٻين کي نقصان پهچائڻ جي ارادي سان ۽ پنهنجي وت (طاقت) جي ويچار بنا ڪجي ٿو، سو تمو گڻي آهي.

شلوڪ ٢٦

ستو گڻي ڪرتا.

جو ڪم جو ڪندڙ (جگياسو) موهه ۽ اهنڪار کان آزاد آهي، جنهن ۾ خيال جي مضبوطائي ۽ همت آهي، جو سڦلتا ۽ نشڦلتا ۾ سمان رهي ٿو، سو ستوگڻي ڪرتا آهي.

شلوڪ ٢٧

رجو گڻي ڪرتا.

جو ڪرتا محتاج ۽ ڪرم جي نتيجي جي اڇا ڌاريندڙ آهي ۽ لوڀي، بي رحم ۽ ناپاڪ آهي ۽ جو خوشي ۽ غم ڪريٿو، سو وچولي درجي جو يعني رجو گڻي ڪرتا آهي.

شلوڪ ٢٨

تموگڻي ڪرتا

جو ڪرتا ڪم عقل - بي طريقي - ضدي - بيوفائي - نيچ - چنتائن ۽ وهمن ۾ قائل آهي، سو تموگڻي ڪرتا آهي.

شلوڪ ۳۳ ۾ منَ، پران ۽ اندرين کي ڌيرج سان وس ڪرڻ جي هدايت ڏنل آهي. انهيءَ لي ثابت قدم رهڻ سان سک ۽ آرام ملي ٿو. ڀوريائين جگياسوءَ کي ڪافي مشڪلاتون درپيش اچن ٿيون، پر جڏهن ڌيرج سان انهن کي وس ڪرڻ ۾ جگياسو فتحياب ٿئي ٿو، تڏهن ڪيس اندر ۾ هڪ عجيب قسم جي آنند بخش خماري پيدا ٿئي ٿي، جنهنکي ساتوڪ سک چئجي ٿو.

شلوڪ ۳۸

رجو گڻي سک.

جو سک وشين ۽ اندرين جي ميلاپ ڪري
ڀوريائين امرت جهڙو پر پڇاڙيءَ ۾ وک جهڙو
ثابت ٿئي ٿو، سو رجو گڻي سک آهي.

* * * *

سڀڪ آرام ۽ دنيا جي خوشي سڀ سک نٿا ڏيئي سگهن، جو اهي ڪن پل جناءِ ڪن ٿا ۽ ناسونت آهن. انهن سکن جي پڇاڙي دک آهي، مگر سنساري ماڻهو اهڙي سک کي اُتم سمجهن ٿا.

شلوڪ ۳۹

تمو گڻي سک.

جو سک شروع ۽ پڇاڙيءَ ۾ انسان کي غافل
ڪري. رکي ٿو ۽ ننڊ، سستي ۽ عيش عشرت
مان پيدا ٿئي ٿو، سو تمو گڻي سک آهي.

شلوڪ ۴۰

ترگڻي مايا مان سرشٽيءَ جي اُتپتي.

هي ارجن! جنهن سچي ڌيرج سان پنهنجي پران ۽ اندرين کي محنت ذريعي وس ڪيو آهي، سو ستوگڻي ڌيرج آهي.

شلوڪ ٣٤

رجوگڻي ڌيرج.

هي ارجن! جنهن ڌيرج جي وسيلي مڙس پنهنجي دلي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ڌرم، ڪرم ۽ اَرٿ کي لڳي ٿو، سو ڌيرج رجوگڻي آهي.

شلوڪ ٣٥

تموگڻي ڌيرج.

هي ارجن! جنهنجو ڌيرج ڪچو آهي، جنهنڪري ننڊ، ڀپ، نراسائــي ۽ هٺ نٿو ڇڏائجيس، سو تموگڻي ڌيرج آهي.

شلوڪ ٣٦-٤٧

ستوگڻي سک.

(٣٦) هي ارجن! هاڻي تون مونکان ٽن پرڪارن جي سکن جو حال ٻڌ. جو سک محنت ڪرڻ سان پراپت ٿئي ٿو ۽ دک کي نورت ڪري ٿو، (٣٧) جو سک شروع ۾ زهر جهڙو آهي، پر پڇاڙيءَ ۾ امرت جهڙو آهي ۽ اهو آتم گيان جي خوشيءَ مان اُٿي ٿئي ٿو، سو ساتوڪ سک چئجي ٿو.

* * * *

لڙائيءَ کان منهن نہ موڙڻ -- دان ڪرڻ -- راڄ ڪرڻ، اهي کتريءَ جا ڪرم آهن.

شلوڪ ٤٤

ونش ۽ شودر جا گڻ.

کيتي ڪرڻ -- چوپايو مال ڌارڻ ۽ واپار ونشن جا ڪرم آهن ۽ مٿين ٽن ورنن جي ٽهل ڪرڻ شودرن جو ڪرتويہ آهي.

شلوڪ ٤٥

پنهنجي لازمي ڪرمن ڪرڻ سان
جيوُ سڌيءَ کي پراپت ڪري ٿو.

اِنسان پنهنجي فرض اَدائي چڱيءَ طرح ڪرڻ سان سڌيءَ کي پراپت ڪري سگهي ٿو. پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ سان جيوُ ڪهڙيءَ طرح سڌتا کي رسي ٿو، سو ٻڌ.

شلوڪ ٤٦

سڌتا کي حاصل ڪرڻ جو طريقو.

جنهن پرماتما کان سڀني جيون جي اُتپتي ٿيل آهي ۽ جو ساريءَ سرشٽيءَ ۾ وياپي رهيو آهي، تنهنکي جو اِنسان پنهنجي سوڀاءُ ڪمن دوارا راضي ڪري ٿو، سو سڌتا پراپت ڪري ٿو.

شلوڪ ٤٧

ورن اَنوسار سوڀاءُ ڪم ٻين ورنن
جي ڪمن کان گهڻو بهتر آهي.

زمين، آسمان ۽ ديوتائن ۾ اهڙو ڪو به ڪونهي
جو سرشٽيءَ جي ترگڻي مايا کان ڇٽل هجي.

*　　*　　*　　*

ائين برابر آهي ته ترگڻي مايا کان ڪو به ڇٽل نه آهي، پر ستگورو پنهنجي صادق ششن کي آتما ۾ دائما محو رهڻ جو ڳجهو ڏس ڏيئي ستي، رجي ۽ تمي گڻ جي حد کان گهڻو مٿاهين حد تي رسائين ٿا. شري ڪرشن ڀڳوان ارجن کي به اهڙوئي گيتا ۾ ڏس ڏنو آهي ۽ هدايت ڪئي آهي ته سدائين آتما (ذات حق) ۾ محو رهي، بي پرواهه ٿي، دنيا ۾ وچرندو رهه.

شلوڪ ٤١

ترگڻي مايا کان ڇٽڻ
ورنن جي پيدائش.

هي ارجن! برهمڻ، کتري، ونش ۽ شودرن جا ڪرم پرڪرتيءَ جي گڻن موجب ورهايل آهن.

شلوڪ ٤٢

برهمڻ جا گڻ.

من ۽ اندرين جو روڪڻ -- تپ ڪرڻ -- پوترتائي -- رحمدلي -- سوڌائي -- وديا -- گيان ۽ پرماتما ۾ پورن وشواس، اهي برهمڻ جا ڪرم آهن.

شلوڪ ٤٣

کتريءَ جا گڻ.

سورمتا -- جوش -- ڌيرج -- قرٻانـــي (چستي) --

هر انسان پنهنجي من کي وس ڪري مڪتي حاصل ڪري سگهي ٿو.

شلوڪ ٥٠

ڪرمن کان آزاد ٿيڻ ئي
آتما ۾ لين ٿيڻ آهي.

هي ارجن! انسان سڌ ٿا ڪي حاصل ڪري جهڙيءَ طرح برهم ۾ لين ٿي وڃي ٿو ۽ آتم گيان ۾ ماهر ٿئي ٿو، تنهنجو مختصر احوال تون ٻڌ.

* * * *

ٻڌي، اهنڪار جي بوجي ڪري عيبدار ٿي پوي ٿي. اهنڪار روپي عيب کي دور ڪرڻ سان ٻڌي روشن ٿئي ٿي، جنهنڪري برهم ۾ لين ٿيڻ چئجي ٿو.

شلوڪ ٥١-٥٢-٥٣

آتما ۾ لين ٿيڻ جو طريقو.

(٥١) جو پنهنجيءَ ٻڌيءَ کي اهنڪار روپي عيب کان شڌ ڪري، من کي آهستي آهستي وس ۾ آڻي، شبد (ٻاهريان آواز) ۽ ٻين وشين کي تياڳي، پيار ۽ ڌڪار کي ڇڏي.

(٥٢) ايڪانت ۾ رهي، ٿورو کاڌو کائي، زبان (وائي)- من- سرير (اندريون) وس ڪري سدائين ڌيان (تصور) ۾ مشغول رهي پريم ۽ آنند ۾ مست رهي ٿو يعني عشق حقيقيءَ ۾ رهيٿو،

(٥٣) سو خودي وڏائي- خواهش- ڪروڌ- ممتا

پنهنجي ورن موجب سونپيل ڪم ڀوريءَ طرح
نہ ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي، تنهن ڪان جو ٻئي
ورن وارو سونپيل ڪم پوريءَ طرح ڪرڻ.
پنهنجي ورن انوسار سونپيل ڪم سچائيءَ سان
ڪرڻ ۾ ڪو پاپ نٿو لڳي.

* * * *

جو پنهنجو ڌرم (سونپيل ڪم) ڇڏي ٻئي جو اختيار
ٿو ڪري، سو قدرت جي نيمن جو النگهن ٿو ڪري.
اهڙو منش پاپ جو ڀاڳي بڻجي ٿو.

شلوڪ ۴۸

فرضي ڪم ڪرڻ لازمي آهي.

هي ارجن! جنهنجو جيڪو ڌرم (ورن) آهي،
ڀاهي کهڙو بہ نيچ هجي، تنهنکي ڇڏڻ لازمي
نہ آهي، ڇو تہ سڀني ڌرمن ۾ ڪو نہ ڪو عيب
آهي ئي آهي، جهڙو باهہ ۾ دونهون.

شلوڪ ۴۹

ڪرم قدرت جو گڻ آهي؛ آتما
سڀني ڪرمن ڪان نياري آهي.

جنهن سڀ مان موهہ ڪڍي پنهنجي من کي
وس ۾ رکيو آهي؛ جنهن سڀني خواهشن جو تياڳ
ڪيو آهي، سو سنياسي سڀني ڪرمن ڪان آزاد
ٿي مڪتي پائي ٿو.

* * * *

لهرون بند ٿي وڃن ٿيون ته سورج جو پرتبنب به سمنڊ ۾ اُسترڻ ڏسڻ ۾ اچيٿو. انهيءَ جي معنيٰ ته هن سرير روپي سمنڊ ۾ سنڪلپ وڪلپ روپي لهرون پيدا ٿين ٿيون، جنهنڪري آتما روپي سورج جو چٽيءَ طرح درشن نٿا ڪري سگهون. جڏهن پنهنجا سنڪلپ وڪلپ بند رکنداسون، تڏهن آتما جو ديدار ڪري سگهنداسون. سنڪلپن جو روڪڻ سخت محنت پڄاڻان ٿي سگهندو، ٻيءَ طرح ناممڪن آهي. اهڙين خاص محنت جا ڏس، پورن ستگوروءَ کانسواءِ ٻيو ڪو ڏئي نه سگهندو ۽ انهيءَ جگياسوءَ کي اهڙا طريقا پورن ستگورو ڏسيندا آهن، جي سچا پڪا اڌڪاري هوندا آهن. ٻيءَ حالت ۾ پورن ستگورو جگياسوءَ جو انتهڪرڻ جاچي پهريائين هلڪيون محنتون ڪرائيندا آهن.

شلوڪ ٥٥

اهڙو جگياسو پنهنجي سچي پريم جي وسيلي مونکي
(آتما) چڱيءَ طرح ڄاڻي وٺي ٿو ۽ مونکي چڱيءَ
طرح ڄاڻي ڪري، مون ۾ لين ٿي وڃي ٿو يعني
مون سان هڪ ٿي وڃيٿو.

* * * *

جڏهن جگياسو محنت رستي آتما کي ڄاڻي وٺي ٿو، تڏهن سندس اندر ۾ آتما جو پرڪاش ظاهر ٿئي ٿو ۽ منجهس آتم درشن لاءِ پريم پيدا ٿئي ٿو؛ جنهنڪان پوءِ جگياسو پنهنجي تيج هستي ڪل هستيءَ جي تيج (پرڪاش)

ڪان آزاد ٿي آتما ۾ لين ٿي ويندو.

* * * *

آتما ۾ لين ٿيڻ جو طريقو مٿين شلوڪن ۾ مختصر ڏنو ويو آهي. جڏهن جگياسو اندرين ۽ پرانن کي روڪڻ جي محنت ڪري ٿو، جنهنکي صوفي دم حبس چوندا، تڏهن ٻاهريائين اندرين جي وشيه ڀوڳن تان سندس خيال کڄي ويندو. جيئن جيئن انهيءَ اڀياس ۾ گهرو ٿيندو ويندو، تيئن ڪيس اندر ۾ آنند حاصل ٿيندو رهي ٿو ۽ آتما جو وڌيڪ ڌيان يعني تصور ڪندو رهي ٿو، جنهنڪانپوءِ سندس انيؤ کلي پوندو ۽ آتما جو درشن نصيب ٿئيس ٿو، جنهن ۾ رات ڏينهن - هلندي - چلندي - کائيندي - سمهندي غرق رهي ٿو يعني گم رهندو.

شلوڪ ٥٤

برهم ۾ لين ٿيڻ بعد انسان جي حالت.

جو ماڻهو آتما (جنهنکي صوفي واجب الوجود به سڏين ٿا) ۾ لين ٿي آنند حاصل ڪري ٿو، سو نريڇ ٿي ڪنهنجو به آسرو نٿو وٺي ۽ ساريءَ سرشٽيءَ ۾ هڪ آتمائي ڏسي پسي ٿو. اهڙي جيو جي دل ۾ منهنجي لاءِ سچو پريم آهي.

* * * *

سرشٽي هڪ سمنڊ جي مثل آهي ۽ ڪرم انهيءَ سمنڊ ۾ لهرن مثل پيدا ٿين ٿا. آتما مثل سورج جي آهي جنهنجو پرتبنب (عڪس) سمنڊ ۾ پوي ٿو ۽ لهرن جي چرپر ڪري سورج ۾ به چرپر ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جڏهن

تون منهنجو ڌيان (تصور) ڪري منهنجي ڪرپا سان سڀني ڏکن کان ڇوٽڪارو پائيندين؛ پر جي تون اهنڪار وچان منهنجي ڳالهه نه ٻڌندين ته ناس ٿي ويندين.

* * * *

آتما جي ڌيان (ڀڳتي يا تصور) قائم رکڻ سان مڪتي (نجات) ملي ٿي. اهنڪار يا خودي قائم رکڻ سان جيوُ وَهمن جي ڦاسيءَ ۾ ٻڌجي ٿو.

شلوڪ ٥٩

جيسين پريم ۾ پاڻ نه پلايو آهي،
تيسين ڪرمن جو ڪندڙ پاڻکي ڄاڻجي ٿو.

اَهنڪار ۽ خوديءَ جي ڪري جي تون چوين ته مان لڙائي نه ڪندس، ته تون ڀليل آهين، ڇو ته قدرت تنهنجي ورن جي سڀاوَ موجب توکان لڙائي ضرور ڪرائيندي.

* * * *

اَرجن جو جنگ ڪرڻ کان اِنڪاري ٿيڻ ۽ اَهنڪار وچان پاڻکي جنگ ڪندڙ سمجهڻ، اها سندس اَگيانتا هئي. قدرت کي جيڪي ڪم جنهن مان وٺڻا آهن، سي ضروري وٺندي رهندي؛ چاهي اسين قدرت سان ساٿ ڏيئي خوشيءَ سان ڪريون يا رنج سان. خوشيءَ سان ڪنداسين ته اسانجو آتمڪ واڌارو ٿيندو، ٻيءَ حالت ۾ پوئتي پوندا وينداسين.

۾ فنا ڪري ڇڏي ٿو. انهيءَ حد کي صوفي فنافي الله جي حد چوندا آهن.

شلوڪ ٥٦

آتما ۾ سمائجڻ (وصال ذات).

جو منهنجي شرن ۾ اچيٿو، سو سڀئي ڪرم ڪندي به منهنجيءَ ڪرپا سان ابناسي پد کي رسي ٿو.

شلوڪ ٥٧

آتما ۾ لينتا حاصل ڪرڻ لاءِ پريما ڀڳتيءَ جي سخت ضرورت آهي.

تون پنهنجا سڀ ڪرم دل وجان سان منهنجي حوالي ڪر، يعني سڀ ڪرم مونکي ارپڻ ڪري منهنجوئي جگياسو (طالب) ٿي رهه ۽ گيان (معرفت) جي ذريعي سدائين منهنجي ڌيان (تصور) ۾ مشغول رهه.

* * * *

پنهنجي ڪرتاپڻي جي اهنڪار جي مٽائڻ سان آتما ۾ لينتا حاصل ٿئي ٿي، يعني فنافي الله جي منزل کي طالب رسي ٿو، جنهن ڪانپوءِ کيس اهو آتم گيان پراپت ٿئي ٿو، جنهن ۾ سندس آتما جو ڌيان ڪڏهن به نٿو ٽٽي. صوفي انهيءَ کي بقا بالله جي منزل چوندا آهن.

شلوڪ ٥٨

پريما ڀڳتيءَ جي بل سان انترمکتا حاصل ٿئي ٿي.

شلوڪ ٦٣

اڀياس دوارا ڪوچ ڪرڻ
سان تسلي ملي ٿي.

هيءَ ٻلڪل لڪل آتم گيان جو ڳجهه، مون توکي ٻڌايو آهي. ڀر ڀائين تون اُنهيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهه، پوءِ جيئن تنهنجي مرضي ٿئي تيئن ڪج.

* * * *

آتم گيان جي ڳجهه، کي سمجهڻ لاءِ شري ڪرشن ڀڳوان هن موقعي تي اَرجن کي هدايت ڪئي آهي، پر اها هدايت سڀني آتم جگياسن لاءِ سمجهڻ گهرجي. جو جگياسو هيءُ سوکيم راز ڄاڻي ثابت قدم رهندو، سو لازمي ڪرم ڪندي بيشڪ منزل مقصد (مڪت پد) تي پهچي ٿو.

شلوڪ ٦٤

آتم گيان پراپت ڪرڻ جو
سولو ۽ سنو طريقو.

هاڻي تون منهنجن آتم وچنن کي ٻڌ، جي چڱيءَ طرح سمجهڻ يوگيه آهن. مان توکي اهي وچن انهيءَ ڪري ٻڌايان ٿو، جو تون منهنجو سچو متر آهين. تنهنجي ڀلي لاءِ مان توکي وري ٻڌايان ٿو.

شلوڪ ٦٥

سوچ (فڪر)، ڀڳتي (عشق) ۽ نيتي (فدا)

مون ۾ ڌيان لڳاءِ يعني منهنجوئي اَندر ۾ فڪر

شلوڪ ٦٠

پريما ڀڳتي (علم حقيقت يعني عشق)
ڪرمن جو ٻڌڻ قدرت کان ثابت ڪريٿي.

هي ارجن! جو ڪم تون موه ۽ اگيانتا سبب
ڪرڻ کان انڪار ٿو ڪرين، سو ڪرم توکي سڀاو
انوسار مجبوريءَ ڪرڻو پوندو.

* * * *

هيءُ شلوڪ ڏيکاري ٿو ته موه ۽ ممت ڪري طالب
يعني جگياسوءَ کي ڪيترين مشڪلاتن درپيش اچن
ٿيون پنهنجي واڌاري ۽ آتمڪ اُنتي ڪرڻ ۾، پر جا
ڳالهه قدرت جي طرفان ٻاب ۾ ٻڌي پيئي آهي، سا
اوس ٻڌڻي آهي، تنهن ڪري سنت فقير رب جي رضا تي
راضي رهڻ جي هميشه هدايت ڪندا آهن؛ يعني قدرت
جي طرفان جيڪي سهج سڀاو ٻڌجي اچي، تنهن کي هرڪ
سان انگيڪار ڪري آنند ۾ رهجي. انهيءَ کي صوفي
فعل جبرِ ۽ چون ٿا.

شلوڪ ٦١

آتما مايا بل سان سڀ ڪرم ڪرائي ٿي.

هي ارجن! آتما سڀني جي هردي ۾ قائم رهي انهن
کي پنهنجي مايا بل سان ڦيرائيندي رهي ٿي.

شلوڪ ٦٢

آتما جي ڪوج اندر ۾ ڪرڻ گهرجي.

هي ارجن! تون هر پرڪار آتما جي شرن (آسرو)
۾ اچ، ڇو ته انهيءَ جي ڪرپا سان تون پرم آنند
پد پائي سگهندين.

شلوڪ ٦٧

اَن اڌڪاريءَ کي گيان ٻڌائڻ نہ گهرجي

جو ماڻهو اپياس رهت آهي، جنهنجي مون ۾ (آتما ـ ذات حق) شرڌا نہ آهي، جنهنجو مون ۾ ويساهہ نہ آهي ۽ جو منهنجي گلا ڪريٿو، تنهنکي هيءُ راز (ڳجهہ) اصل نہ ٻڌائڻ گهرجي.

*　*　*　*

جو منش اگيانتا ڪري پنڪي رهيو آهي تنهنکي اهڙو امرت ڪيئن پراپت ٿي سگهندو؟

شلوڪ ٦٨

اڌڪاري جيون کي گيان
ٻڌائڻ ضروري آهي

جو هيءُ گيان منهنجي پريمي جگياسين کي ٻڌائيندو، سو منهنجي پريما ڀڳتيءَ (عشق حقيقي) جي ٻل سان بيشڪ مون ۾ لين ٿي ويندو.

*　*　*　*

جو جگياسو سمجهدار ۽ خواهشمند آهي ۽ هن گيان حاصل ڪرڻ جي چاهہ اٿس، اهڙي جيو سان هن راز کولڻ ۾ ڪوبہ هرج نہ آهي.

شلوڪ ٦٩

اَڌڪارين کي جيڪو هيءُ
راز (گيان) سمجهائي ٿو، سو
پرميشور جو پيارو آهي.

ڪر؛ منهنجو جڳياسو ٿيءُ، پنهنجا سڀ ڪرم منهنجي حوالي ڪر يعني منهنجي سپرد يا آرپڻ ڪر ۽ سدائين منهنجو چتون ڪر. هي منهنجا پريتم! مان توکي سچ ٿو ٻڌايان ته جي تون منهنجي چوڻيءَ موجب رهڻي رکندين ته ضرور مون ۾ لين ٿي ويندين يعني مان توکي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندس.

سلوڪ ٦٦

وهمن دور ڪرڻ سان آتم
ساکياتڪار ٿئي ٿو.

تون ٻيا سڀ وهم ويچار ڇڏي مون هڪ (آتما) جو اپياسي ٿي رهه. مان توکي سڀني گناهن (ڪرم ٻنڌنن) کان ضرور آزاد (مڪت) ڪندس.

* * * *

شري مد ڀڳوت گيتا جي ساري سکيا (رهڻي ڪوڙي ڪڻي) هن شلوڪ ۾ سمايل آهي. شروع کان وٺي پڇاڙيءَ تائين جڳياسوءَ کي ڪهڙي رهڻي رکڻ گهرجي، جنهنڪري ڪيس مڪتي حاصل ٿي سگهي ٿي، سا سمجهايل آهي. ٻئي اَڌياءَ جي يارهين شلوڪ ۾ به انهيءَ باري ۾ هدايت ڪيل آهي. سمجهدار جڳياسن لاءِ هيءُ اشارو ڪافي آهي. بي سمجهه ڀل ڀيا ويد شاستر پڙهن ۽ يوگ (زهد) ڪندا رهن، ته به هن راز کي نه سمجهي سگهندا.

سان هيءُ شاستر پڙهي آتم اَڀياس ۾ ثابت قدم رهندو ايندو، تڏهن اُنهيءَ ذريعي اَڀياس جي مدد سان وڌيڪ وڌيڪ راز سمجهندو هلندو ۽ عشق حقيقيءَ جي مدد سان پنهنجي منزل مقصود (مڪت پد) کي پهچندو.

شلوڪ ٧١

شڀ ڪرمن وارو هيءُ راهه
اختيار ڪري سگهي ٿو.

جو اِنسان گهٽي ويساهه ۽ بي ريائيءَ سان هن (شاستر) کي ٻڌندو ۽ ويچاريندو، اهو بہ اَشڀ ڪرم تياڳي شڀ ڪرمي بڻجي پوندو ۽ ديو لوڪ ۾ ويندو.

* * * *

صحبت ۽ ويساهه کي وڏي طاقت آهي. جيوَ جا کهڙا بہ ڪرم هجن، پر جي ايمان وارو آهي ۽ صحبت چڱي اَٿس تہ اَوس اهي اَشڀ ڪرم ڇڏي شڀ ڪرم اختيار ڪندو. تنهنڪري جيوُ پنهنجي ڀلي منائڻ خاطر ستسنگ ۽ ڪاملن جي صحبت اختيار ڪري.

شلوڪ ٧٢

شري ڪرشن ڀڳوان
جو اَرجن کي سوال.

هي اَرجن! هيءُ تو ايڪاگر چت سان ٻڌو يا نہ؟
تنهنجي اَگيانتا ۽ موهه ناس ٿيو يا نہ؟

جو اَڌڪارين کي منهنجو راز سلي ٿو، انهن کي مون کان وڌيڪ پيو ڪو به پيارو ڪونهي ۽ نه ساريءَ سرشٽيءَ ۾ مونکي انهن کان وڌيڪ ڪو پيارو آهي.

* * * *

اهو پرميشور جو چوڻ آهي ته جيڪو هيءُ آتم گيان اَڌڪاري جيون کي ڏيندو رهيٿو، سو مونکي سڀني کان وڌيڪ پيارو لڳي ٿو. آتم گيان پنج تتي سرير ۾ اهڙي نموني سمايو رهيٿو جهڙي نموني ڪپڙيءَ ۾ سمنڊ.
اهڙي وستو سواءِ اُڪير ۽ آپياس جي پراپت ٿيڻ ناممڪن آهي، چاهي لک حيلا ڪجن. اهڙي اُملهه وستوءَ کي حياتيءَ ۾ پراپت نه ڪرڻ ڪم نصيبي آهي.

شلوڪ ٧٠

آپياسي پرش پرماتما (حق) کي
پنهنجو پريتم سمجهڻ لڳي ٿو.

جو شخص اُسان ٻنهي جي وچ ۾ سوال جواب جو آپياس ڪندو، جنهن مان گيان پيدا ٿئي ٿو، سو انهيءَ رستي مونکي پائي سگهي ٿو؛ اهو منهنجو وچن آهي.

* * * *

هن شلوڪ جو اصلي مطلب ته اُڪرن ۾ سمجهائڻ مشڪل آهي، سواءِ پنهنجي آپياس ۽ اُنڀوُ يا گور ڪرپا جي ٻيا ڪي اکر ورنن ڪري نه سگهندا. فقط اهو چئي سگهبو، ته جڏهن سچو جگياسو (طالب صادق) پريم ڀاوَ

(٧٧) هي راجن! شري ڪرشن مهراج جي سهڻي صورت جي بار بار ڌيان ڪرڻ سان مونکي اندر ۾ ڏاڍو آنند ٿو اچي ۽ خوشي ٿي ٿئيم.

(٧٨) جنهن هند (پاسي) پورن پرش شري ڪرشن ڀڳوان ۽ ڌنش ڌاري ارجن آهي، مونکي خاطري آهي ته انهيءَ هند جيت - مرتبو - سمپتي ۽ نيتي آهي.

شري مد ڀڳوت گيتا جي گپت گيان ”موڪش سنياس يوگ“ جي باري ۾ شري ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ سوال جواب وارو ارڙهون ادڌياءُ پورو ٿيو.

ارڙهين ادڌياءَ جي سمالوچنا.
(سمجهاڻي)

اهو ته عالم آشڪار آهي ته شري مد ڀڳوت گيتا آتم گيان جي لحاظ کان سڀني ويدن جو سار آهي، جا شري ڪرشن ڀڳوان ارجن کي مهاڀارت وقت ٻڌائي سندس اگيانتا دور ڪئي. ساريءَ گيتا جو سار ارڙهين ادڌياءَ ۾ اچي ٿو وڃي ۽ ارڙهين ادڌياءَ جو سمورو تت سندس ٦٥ ۽ ٦٦ شلوڪ ۾ سمايو پيو آهي.

جيڪڏهن طالب صادق آهي ۽ تيز فهم آهي ته ارجن وانگر پنهنجي مرشد واري هام هٿ ڪري وڃي پنهنجو سچو ماڳ (منزل) ماڻيندو. جنهن جگياسوءَ ۾

شلوڪ ٧٣

ارجن جو شري ڪرشن
ڀڳوان کي جواب.

هي اچت! اوهانجي ڪرپا سان منهنجو موهه ناس ٿي ويو ۽ مون پنهنجو پاڻ سڃاتو. مونکي آنند پراپت ٿيو ۽ منهنجا سڀ وهم ۽ سنسا دور ٿيا. هاڻي اوهان جيڪا آگيا ڪندا سا مان ڪندس.

شلوڪ ٧٤ کان ٧٨

سنجيه جو راجا ڌرتراشٽر
کي سمورو احوال ڏيڻ.

سنجيه چيو:-

(٧٤) انهيءَ ريت شري ڪرشن ڀڳوان ۽ ارجن جي وچ جا تعجب ۾ وجهندڙ ۽ وارن کي ڪنڊي ڪرڻ واري گفتگو ٿي، سا مون ٻڌي.

(٧٥) هي راجا ڌرتراشٽر! مون وياس مهراج جي ڪرپا سان انهيءَ نهايت ڳجهي گيان کي ٻڌو، جو شري ڪرشن ڀڳوان پنهنجي مکاربند مان ارجن کي ٻڌايو.

(٧٦) انهيءَ تعجب ۾ وجهندڙ گفتگو جو هرگهڙيءَ اندر ۾ ويچار ڪري من ۾ گدگد پيو ٿيان.

اُمنگ ۾ اُڪير آهي، سو جلد وڃي پنهنجي منزل مقصد تي پهچندو. جنهن جي دل ۾ آتش عشق جي آهي ئي ڪانه، تنهن لاءِ آتم گيان بيڪار آهي، ڇو ته اهڙي جيءَ جي ورتي سوڪيمتا ڏانهن خير ڪي ورندي.

جنهن اِنسان جي دل ۾ عشق جي ڪا چڻنگ به آهي، سا صحبت ۾ اپياس جي ڦوڪڻيءَ سان ڪيڏي مهل به ٻري پئيٺ مچي سگهي ٿو.